غلامن جو بيڙو



غلامن جو ٻيڙو

(SLAVE SHIP)

مصنف : ايرڪ ڪارڊر

(ERIC CORDER)

سنڌيڪار: دوست محمد ٻلي

نيو فيلڊس پبليڪيشنس

لنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ .

1996ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر ستاويهه

ڇپائيندڙ نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

ڇپيندڙ نيو فيمس پرنٽنگ پريس،
هوم اسٽيڊ هال چاڙهي، حيدرآباد.

پهريون ايڊيشن مارچ 1982ع

ٻيو ايڊيشن سيپٽمبر 1996ع

قيمت -/65 رپيا

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

GHULAMUN-JO- BERO. (Slave Ship) Novel By. ERIC CORDER.Translate in Sindhi by DOOST MOHAMMAD BHATTI. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammad, Hyderabad Sindh. Pakistan. First Edition March 1982. Second Edition September 1996. Price Per Copy Rs. 65/-
Book No. 27

پيش لفظ

هي هڪ بهترين ناول (Slave Ship) جو سنڌي ترجمو آهي جنهن ۾ هڪ سٺي ناول جون سڀ خوبيون شامل آهن. ڪي ناول سادا ٿيندا آهن جن ۾ هڪ هيرو ۽ هيروئن جو ڪردار ڏيکاريو ويندو آهي. ڪي ناول اهڙا هوندا آهن جن ۾ هيرو ۽ هيروئن کان علاوه هڪڙي رقيب جو ڪردار به شامل هوندو آهي ۽ اهڙا ناول ڪجهه دلچسپ هوندا آهن مگر هڪڙي بهترين ناول جي خاصيت اها هوندي آهي جو ان ۾ هڪ کان وڌيڪ قصا هوندا آهن جيڪي هڪڙي گول دائري ۾ ڦري گهري آخر هڪڙي هنڌ اچي گڏبا آهن ۽ اختتام تي پهچندا آهن جنهن ڪري ان ۾ دلچسپي تمام گهڻي وڌي ويندي آهي. هن ناول ۾ به قصو اهڙي طرح سان ترتيب ڏنل آهي ۽ وقت جي سٽاءَ مطابق قصو حقيقت پسندي تي ٻڌل آهي.

جڏهن هي ناول مون ترجمي ڪرڻ لاءِ هٿ ۾ کنيو ته ٻه ٽي صفحا پڙهڻ کان پوءِ دلچسپي ايتري قدر وڌي وئي جو ترجمي ڪرڻ کان اڳ دل چاهيو ته بهترين ناول کي سان ٻاڻ پڙهي پورو ڪريان. پوري پڙهڻ کان پوءِ محسوس ڪيم ته هيڙي ناول جو سنڌي ۾ ترجمو ڪري هڪ عدد ناول جو سنڌي ۾ اضافو ڪرڻ گهرجي.

اميد ته پڙهندڙن کي هي ناول پسند ايندو ۽ جيئن ته هن ناول جي قصي ۾ اها به خاصيت آهي ته سڄو ڪتاب پڙهي وڃڻ کان پوءِ چند سوچون دل تي تري اينديون ۽ هڪڙو ناول نويس ڪئين ئي قصا ۽ پلاٽ به تخليق ڪري سگهندو.

سنڌيڪار: دوست محمد پلي

ڳوٺ کان ڪجهه پري، اوسائي آڏو ڪوڪچين جي چڙين مان ٺهيل لانديءَ ۾ ٻيش جي تڏي تي ستو پيو هو. اچانڪ سندس ڪن تي ڪنهن ٻنگايل ڪتي جي اوناڙ جهڙو آواز پيو. آڏو ڪي جي اک کلي وئي ۽ تڏي تي ويٺي هيڏانهن هوڏانهن ڪنائڻ لڳو. ڪجهه دير کان پوءِ وري ٻي اوناڙ ٿي. ساڳيو آواز ٻيلي کان ٻڌڻ ۾ آيو. ڪو ٻار مدد لاءِ ڪيس اهڙو آواز ڏئي رهيو هو. "خير ڪونهي." هن کي ڪتڪو ٿيڻ لڳو. يڪدم ٽپ ڏئي اٿيو ۽ لانديءَ جي ڪنڊ ۾ ٽنگيل تلوار کڻي ائين جنهن جو هٿيو سونو هو ۽ ٻه ڌارون هئس. "نه، رکي تلوار شايد ڪم نه ڏئي. الائي ڇا آهي، ڏنڊا ٻه کڻڻ کپن. شڪار ڳڻڻ جو هجي ته ٻه هٿيار شينهن جا ڪڍجن" اها سوچ ڪري، سڄي هٿ ۾ تلوار کنيائين ۽ کٻي هٿ ۾ ٻه وڏا ڏنڊا کڻي جهنگ ڏانهن ڀڳو - جتان آواز ٻڌڻ ۾ آيو هوس.

چانڊوڪي رات هئي. چنڊ الهندي طرف 1350 ڊگرين تي بيٺو هو. آسمان ۾ جهڙ هو ۽ وڏا وڏا ڪڪر هوا ۾ اڏامندا ٿي ويا. ڪڪر چنڊ جي اڳيان ٿي آيا ته روشني جهڪي ٿي ٿي ۽ وري هٽي ٿي ويا ته چانڊوڪي وڌي ٿي وئي. ڪجهه اڳيرو ويو ته پري کان باهه جا شعلا ڏسڻ ۾ آيس.

"باهه"! آڏو ڪي کان بي اختيار دانهن نڪري وئي.

ٿوري دير لاءِ اتي ئي ھٻڪي بيھي رھيو.

”اوڪمفو ڪنويو جا جهڳا پيا سڙن“!

پيڙو اوڪمفو ڪنويو، اشانٽي قبيلي جي شيدين جو پيرو مڙس هو. آبوڪو هن قبيلي جو اوسائي يعني اڳ سردار هو. اشانٽي قبيلي جا شيدي ڏاڍا بهادر، ويڙهو ۽ آزادي پسند هئا. سگهارا سهنجا به هئا ته ٻين شيدين کان وڌيڪ خطرناڪ به هئا. ايڪي ۽ ٻڌيءَ ۾ ٻيو ڪوبه سندن مٽ ڪونه هو. قبيلي جا سڀ شيدي آبوڪي جي تمام گهڻي عزت ڪندا هئا. لڙائي جهيڙي جي حالت ۾ هن جو حڪم ڪمانڊر جو حڪم سمجهندا هئا. ڪنهن به قبيلي کي جرئت ڪانه ٿيندي هئي جو هن ڪري ڪن ڏي اک کڻي نهاري سگهي. ڪنويو جا ڪئين پٽ، پاڻيا ، پاڻيجا ۽ پوٽا ڏهٽا هئا. سڄو ڳوٺ هن جو پنهنجو ڳوٺ هو. جنهن ۾ ننڍا، وڏا، مرد ۽ عورتون، ڪل ٿي سؤ کن ماڻهو هئا. سڀ طاقتور، ڏاڍا مڙس ۽ دلير شيدي هئا. پهرين ته آبوڪي کي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي آئي ته اشانٽين جي گهرن کي باهه ڪير ڏيندو. هتي ڪوبه اهڙو قبيلو ڪونهي جنهن کي ڪٿي ڪٿي جو ستل شينهن کي گهر وڃي اچي للڪاري. جيتوڻيڪ پنهنجي علائقي کان تمام پري، ڳوٺ ٻڏي اچي ويٺا هئا، تنهن هوندي به هنن جو دٻدٻو ۽ ڌاڪو ڏيهان ڏيهه مشهور هو. ”ڪيڏو ڪنهن جو حملو ته هرگز ٿي نٿو سگهي.“ آبوڪي کي خيال آيو ته شايد ڪن غلامن بغاوت ڪئي هوندي ۽ پيڇو جي خيال کان هي حرڪت ڪئي هونداڻون. پر اها به اڻ ٿيڻي ڳالهه آهي. اسان

جا غلام اهڙا نہ آهن. هو پاڻ کي غلام نٿا سمجهن. هو تہ اسان جي گهر جا ڀاتي آهن ۽ اسان جا وفادار غلام آهن- آهي باهہ ڪيئن ڏيندا.

باهہ جي سوجهري تي هن ڏٺو تہ مار! وڏي ويڙهہ لڳي پئي آهي. سڄي ڳوٺ تي گهيرو ٿي ويو آهي. لانڍيون ۽ ۽ چوُنرا جهڙ جهڙ ڪريو پيا سڙن ۽ ٻٽ، ٿي پيا ڪون. ڏاڍي مار ماران لڳي پئي آهي. هاڻ آبوڪي جو ڪاوڙ ۾ رت ٽهڪڻ لڳو. چيائين ”جنهن ڏ. اسان جي ڪکن جي بي عزتي ڪئي هوندي تنهنکي چيٽي جيڏا داڻا ڪري ڇڏينداسين نہ رڳو سندن اهل اولاد تباهہ ڪري ڇڏينداسين، ٻر سندن روادارن کي بہ پڄي ڇڏينداسين. اسين هنن جو ٻچو ٻچو جهلي ڪهي ڇڏينداسين ۽ سندن رنو وڪٽي تين وال ڪري ڇڏينداسين. سندن ڳوٺن کي جلائي ڪاري ۽ وارا ڪک وڃي ڇڏينداسين.“

آهي ڇوهہ چنديندو پڄندو ويو. جڏهن ويجهو پهتو تہ دشمن سڃاتائين- جيڪي فتني قبيلي جا ڏاڙيل شيدي هئا. تعداد ۾ بہ تمام گهڻا هئا ۽ هٿيار بہ گهڻا هئن. فتني بہ ڪانئج قسم جا شيدي هئا ۽ اٺاٽتين سان منهن ڏيڻ جهڙا هئا. آبوڪي وري بہ دل ۾ سوچيو ”فتنتين اسان تي ڇو حملو ڪيو؟ ٻولي ٻاڻي، وطني ماڻهو، جهڙيون ريتون رسمون هنن جون تهڙيون اسان جون. هنن ڇو حملو ڪيو؟ متان اسان کي جهلي، غلام بنائي وڪڻڻ جي نيت سان تہ نہ آيا آهن. پر اٿين بہ ڪيئن هوندو. ٻاٽر ٻاٽرن جا دشمن ڪيئن ٿيندا.“

جڏهن بلڪل ويجهو پهتو تہ ڏٺائين تہ هڪڙي فتني

سندن هڪڙي همراهه کي پستول سان فائر ڪري ماري وڌو. ۽ اشانتي اونڌو منهن پر وڃي ڪريو. هاڻ آبوڪو آپي ڪان نڪري ويو ۽ سمجهي ويو ته وڏي ڪا رڌو ڇاڻ تي آهي ۽ اجا به ٿيندي.

آبوڪو ڪرڙ وڏو لمبو ۽ جاٺو جوان هو. قبيلي جو اوسائي هو ۽ پيلي جو بي تاج بادشاهه هو. يڪدم ڏڦو هٿ ۾ ڪري نڪاءِ ڪيائين پستول واري کي ته ڏڦو پاسراٽي ڪاڻ مٿي پٺي پاسي ڪلهي ڪان پار نڪري ويو ۽ پستول وارو ٻل ڪائي وڃي ڪريو ۽ ڪلهي ڪان رت جا ڦوهارا وهڻ لڳس. ڏڦو ڇڪي ڪڍي وري هڪڙي ٿلهي فنٽي تي لوهه ڪيائين. انهي کي نڪاءِ ڪيائين پيٽ ۾ ته پيٽ دهل وانگر نڪاءِ ڏئي ڦاٽي پيس ۽ وڃي ڪريو. وري ٽئي تي حملو ڪيائين - انهي کي به اڪ مان مٿاڻي ڪپراٽي ڪاڻ آروپار لنگهائي ڏنائين. فنٽين وٽ لوهه جا مترڪا، پستول، بارود پرڻ واريون اصلي بندوقون چمڙي جا هنٽر ۽ ٻيا هٿيار هئا. جيستائين آبوڪي ڏڦو ڇڪي ڪڍيو تيستائين ڪيٺن زنئتي مٿس ڪتن وانگر چڙهي ويا ۽ ايترا ته ڌڪ هيناڻونس جو نيٺ ڪري پيو. مٿي ۾ ڏاڍا ڌڪ اڳس ۽ چيلهه ۾ به ڏاڍو خراب ڌڪ لڳو هوس. پر وري به هن کي چنڊي اٿي ويو. پر ڌڪن ڪان مغز کي چڪر اچي ويس ۽ وري ڪري پيو. پوءِ ڪرڻي ڪرڻي به ڪنهن کي مڪ، ڪنهن کي لت ڪنهن کي چڪ پئي هنيائين. هڪڙي فنٽي جو هٿ سندس وات ۾ اچي ويو. آبوڪي سندس چار ئي آڱريون

ڙڪي ڪائي ويو. هڪڙي جي ڏاڍن ۾ هٿ وجهي وٺي جو ڇڪيائين ته واڇون ڪنڌ تائين چيري ڇڏيائينس. فنٽين به ڏکن جا وسڪارا ڀڏي ڏنس. ٻٽ هو صفا ساٿو ٿي پيو ۽ پوءِ ڪيس ڪيترا ڏڪ لڳا سا خبر نه رهيس.

اوچتو ڪنهن سندس اگهاڙي ران تي ٺپڪي هڻندي چيس ”آڊوڪو! آڊوڪو!! آڊوڪو اٿي، همت ڪر“ آڊوڪي کي هوش آيو ۽ اک کوليائين. سندس وڏو پياءُ بيسو ۽ ٻه وفادار غلام مٿان بيٺا هئا. سڄا رت مان وهنتا پيا هئا. پر ۾ ڪٿين فٽنتي ڦٽڪيا پئي ۽ ڪٿين مري ٿڌا ٿي ويا هئا. هڪڙي فٽنتي جي پٺن مان رت جا گرم گرم ڦڙا اڏامي هن جي منهن تي پئي لڳا. آڊوڪي وري به اٿي لوڏو ڇڄائي دشمن تي ٻيهر جاهه ڪئي ۽ ڪيترن کي ماري وڌائين. اوچتو ڪا شيءِ ڪينهوڙي وانگر گڙڪندي هن جي پيرن ۾ اچي لڳي. ڏٺائين ته او ڪمفو ڪنوبو جي منڍي هئي جنهن ۾ ڏڦن جا ڪيٽن ڏک لڳل هئا ۽ اکين جا دوڏا ڦاٽا پيا هئا. اڃا منڍيءَ ۾ ڪجهه ساهه هو. هڪ دفعو وات کليو، وري ڀڪوڙجي ويو ۽ پوءِ هميشه لاءِ ڀڪوڙجي ويو. ”اوڪمفو! آڊوڪي دانهن ڪئي. ويچارو ٻيڙو مري ويو. اشانتين جو پريو مڙس خدا کي پيارو ٿي ويو.“ آڊوڪو ڪجهه دير لاءِ ويچار ۾ پئجي ويو. پوءِ وري گهرن ڏانهن ويو جتي ڏٺائين ته سندس پيءُ هڪڙي تمام ڳري تلوار هٿ ۾ ڪئيو پئي گهمائي ۽ هڪڙي فٽنتي کيس جهلڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. پيءُ جي همت ۽ مردانگي ڏسي آڊوڪو خوش ٿيڻ لڳو ۽

دل ۾ چيائين”اشانتي سگهي لڳين ڪڏهن به گرفتار نه ٿيندا.
پوءِ به جي جهلبا ته فقط چند جهلبا بيا سڀ اتي ئي وڙهندي
وڙهندي مري کپي ويندا.“ آبوڪي وڏي انهي ڪي به اهڙو
ڏڪو هنيو جو وات مان مٽي مٿي ۾ هليو ويس ۽ هو وڃي
ڪريو. آبوڪي ۾ هاڻ جهلو ڪونه هو سو جهڙو ئي ڏڪو
چڪي ڪڍيائين تهڙو لوڏو اچي ويس. ڏڪي مان هٿ نڪري
ويس ۽ ڪري پيو. ڏڪو فنٽي جي مٿي ۾ ئي ڦاٿو پيو هو.
پوءِ وري تلوار هٿ ۾ ڪري هڪڙي وڻ کي ٽيڪ ڏئي
بيهي رهيو. هڪڙي فنٽي مٿس حملو ڪيو ته پر ۾ آبوڪي
جو ننڍڙو پنجن سالن جو پٽ بيٺو هو جنهن کي سندن رسم
مطابق خنجر چيلهه سان ٻڌل هو ۽ سو ڪڍي انهي حملي
ڪندڙ تي وار ڪيائين، پر هن اوچتو ڏسي ورتس ۽ اهڙي
ته زور سان اهتي ٺڦ هنيائينس جو وات مان رت اچي ويس
۽ پري وڃي ڪريو. آبوڪي ۾ هاڻ وڌيڪ همت ڪانه
رهي هئي. سندس جڳهه تي پيو ڪو هجي ها ته ڪڏهوڪو
مري وڃي ها. ڪيس پيٽ ۾ ڪئين ٽڏا لڳل هئا. چيلهه واري
ڏڪ ڪان ٻڪي ڦسي پئي هيس ۽ مٿي ۾ به ڪاپاري ڏڪ
لڳو هئس. نيٺ ڪري پيو. وري جڏهن اک کليس ته پاڻ کي
مضبوط لوهي هٿڪڙين ۾ ۽ زنجيرن ۾ ٻڌل ڏٺائين. جهيڙو
ختم ٿي چڪو هو. سڀ ماڻهو ڀڄي چڪا هئا.

پنيرڪي جو وقت هو. ڪئين اشانتي ۽ فنٽي مئا پيا
هئا. فنٽين تي وڏيون ڏاهيون ڪوتيون ۽ مردن کي ٽنگن کان
گهلي انهن ۾ اڇلائي مٿان مٽي ورائي ڍڪي ڇڏيو. پوءِ

هن زخمي ۽ ثابت جهايل قيدين کي جدا جدا ڪري ڇڏيو؛ چاڪاڻ ته واپاري زخمي قيدي نه وٺندا هئا. سڀ مرد، عورتون، ۽ ٻار قابو ٿي ويا.

آڊوڪو هڪ ته نالي وارو جوان هو ٻيو ته قبيلي جو اوسائي هو- سو هن کي پنهنجا ڏک وسري ويا ۽ نهايت فڪر ۾ پئجي ويو. پيرن ۾ ڏانڊا ٻيڙي اهڙي ته ڏکي لڳل هئس جو مُڙيا پئي پڳس. سندس پروسي جهڙا سڀ جوان گهه و ڪري مري ويا هئا ۽ هو انهيءَ فڪر ۾ هيڪاري ڪومائجي ويو ۽ ڪنڌ هيٺ ڪريو ڇڏيو ويٺو هو. چند فتنتي آڊوڪي جي پيءَ کي ڪنڌ کان جهلي هن جي اڳيان وٺي آيا. ڪمانڊر مٿان بيٺو هو تنهن حڪم ڪيس ته ڪنڌ هيٺ ڪري گوڏا اوندا ڪري ويهه. هو ڏکن کان چور ٿيو پيو هو- پر بجاءِ ڪمانڊر جي حڪم مڃڻ جي ٽڪ ڪيئي هن جي منهن ۾ هٿي ڪيايئين. ڪمانڊر ڏڪ آگهندي حڪم ڪيو ته ”ماريو ڪٽي ڪي.“ هن جو ايترو چوڻ ۽ هڪڙي فتنتي ٻه ٿي قدم پوئتي هٽي تلوار اڀي ڪري ٻوڙي ڏڪاءَ جو ڪيس ڪنڌ ۾ ته منڍي آڊوڪي جي پيرن ۾ اچي ڪري. ٻئي فتنتي وري جو منڍيءَ کي ٿڏو هنيو ته ٻري وڃي ڪري. آڊوڪي جو بت ڏکي ويو. آڊوڪي جو پيءُ جواني ۾ آڊوڪي کان به وڌيڪ بهادر هو. جيتوڻيڪ هن وقت هو پوڙهو ٿي چڪو هو ته به منهن ۾ اهائي رونق ۽ ڏيا هئس. هن به تمام گهڻا دشمن ماريا هئا. ڪمانڊر کي به هن تي تمام گهڻي ڪاوڙ هئي. آڊوڪو بيوس هو. ڪجهه ٿي ڪري

سگهيو. ٽڏو شڪار پري مرحوم پيءُ لاءِ دل ڏي دل ۾ دعا گهريائين. هاڻ هن کي اونگهه ۽ ٻنڪيون چڙهي ويون ۽ ننڊ سر همت اچي وئي. دل ۾ چيائين "افسوس! ويچارو ٻڍڙو اوڪفو ڪنويو به مري ويو. بابو به مري ويو. قبيلي جا وڏا ۽ ڪڙم قبيلي جا ابا- مري ويا. بابا (اوسائي) چگو مڙس- اڄ اسان سان ڪونهي. پيا به الائي ڪهڙا ڪهڙا مئا- ڪهڙا بچيا! هاڻ ڇا ڪجي؟ نه، اسان کي همت هارڻ نه گهرجي- ڪجهه نه ڪجهه ضرور ڪرڻ کپي."

صلح ۽ امن واري حالت ۾ آڊوڪو ناريل، ڏونگهيون ۽ تيل وڪڻندو هو ۽ تمام سکيو وقت گذاريندو هو. جهيڙي جي حالت ۾ اشانٽين جي اڳوائي ڪندو هو. آڊوڪي سوچيو ته هن وقت اسان کي بزرگ اوسائي جي سخت ضرورت آهي- ڪونه ڪو اڳواڻ کپي. ڇاڪاڻ ته باقي جيڪي ٿورا گهڻا بچيا آهن- تن جي حياتين بچائڻ جي ضرورت آهي. هاڻي جوش ڪم نه ڏيندو. هاڻ اسان کي موقعي جي ضرورت آهي. جي تڪڙ ڪنداسين ته جيڪي بچيا آهن سي سڀ مارجي ويندا. نيٺ ماٺ ڪيائين.

فرنگين هاڻ هنن تي چهبڪ هڻڻ شروع ڪيا. "اٿو- اٿو - هلو - جلدي ڪريو." هڪڙي فرنگي آڊوڪي کي بندوق جي بٽ سان پٺن ۾ چهبڪ ڏيندي چيو "هلو- هلو" سڀ قيدي اٿيا ۽ هلڻ لڳا. مردن کي ٻنهي هٿن ۾ هٿڪڙيون ۽ پيرن ۾ ڏنڊا پيل هئا. هٿڪڙين ۾ لوهه جا گول ڇلا پيل هئا جن ۾ ڏڪي لوهي سنگهر پيل هئي ۽ سڀ ان ۾ قابو

ٽيل هئا. عورتون ٻه ٻه گڏ ٻڌل هيون هڪڙي هٿڪڙي ۾
هڪڙيءَ جي ساڄي ٻانهن ٻي جي کاٻي ٻانهن ٻڌي وئي هئي.
ننڍڙن ٻارن کي ڳچين ۾ نوڙها ٻڌل هئا ۽ نوڙها وري هڪڙي
ٻڪي واجهه ۾ ٻڌل هئا. آڏوڪو هلندي هلندي خيال ڪندو
ويو ته هن حالت ۾ حملو ڪرڻ ٺيڪ نه ٿيندو. ٽڪر ڪرڻ
سان اٿلندو نقصان ٿيندو. تنهن ڪري وقت جو انتظار ڪرڻ
گهرجي. ڪٿي نه ڪٿي ضرور اهڙو موقعو ملي ويندو.

فنٽين قيدي ڳڻيا ته ٽياسي هئا جن ۾ ڏيڍ درجن کن ٻار
هئا ۽ ٻيا مرد ۽ عورتون هيون. ٽن سون مان فقط ٽياسي ماڻهو
گرفتار ٿيل ڏسي آڏوڪو فخر ڪرڻ لڳو ته اشانتي غلام
هرگز ٿي نه سگهن. گهڻو ڪري سڀ مري کپي ويا هوندا.
جيئن ته اهو حملو ستن رات جي وڳڙي ۾ ٿيو هو. تنهنڪري
جيڪي ٻه عورتون گرفتار ٿيون هيون سي صفا اگهاڙيون
هيون. آڏوڪي زالن ۾ ڏٺو مگر ڪيس انهن ۾ پنهنجون ٻئي
زالون ڏسڻ ۾ نه آيون. هن ڀهرين خيال ڪيو ته ٻيا ٻه ڪئين
غلام جهنگ ۾ ڀڄي ويا هوندا. شايد هو ٻه جان بچائي ڪنهن
پاسي منهن ڪري ڀڄي ويون هونديون. مگر نه. هو اهڙيون
عورتون نه هيون جيڪي هن حالت ۾ ٻچا، ٻائر ۽ ٻاتي ڇڏي
ڀڄي وڃن. ائين هرگز نٿو ٿي سگهي. هو ڀڄڻ واريون نه
هيون. ضرور لڙائي ڪندي دشمن هٿان مارجي ويون
هونديون. سندس وڏي زال ايما هڪ بهادر عورت هئي. مڙس
جو مٽ هئي. ٻن ٻارن جي ماءُ هئي ۽ مڙس سان تمام گهڻي
محبت هيس. ڪٽنب جي ڀاتين کي ههڙي مصيبت ۾ ڇڏي

ڀڄڻ واري هرگز ڪانه هئي. سندس ننڍي زال ٽولي به گهٽ ڪانه هئي. هڪ جيڏين ۾ سرتين ۾ اوچو ڳاٽ ڪري هلندي هئي. ڏک سک ۾ سدائين پئي ڪاندي ۽ مسڪرائيندي هئي. ٽولي کي هڪڙي ڌيءَ هئي - ننڍڙي ليونا. ٽولي به يقيناً مري وئي هوندي . آبوڪي ننڍڙن ٻارن ڏي ڏٺو . سڀ ٻڪرين جي ڦرن وانگر ٽنڊيا پيا هئا . واجهه جي ڇيڙي ۾ سندس پنجن سالن جو ننڍڙو پٽ ٽولو بيٺل هو . سندس گڏ جيڪا ننڍڙي ٻارڙي بيٺل هئي جنهن جو هڪڙو هٿ ٽولي جي ٻانهن ۾ هو ۽ ٻئي هٿ، جو آڱوٺو وات ۾ وجهي چوسيائين پئي، سا آبوڪي جي ننڍڙي ڌيءَ ليونا هئي. سندس ڳچيءَ ۾ رسو ڏسي آبوڪي جي اکين ۾ پاڻي تري آيو . پٺ ڏي ڏٺائين - ته هر جي منهن ۾ جوش ۽ جلال ڪان ڏاڍو شور ڏسڻ ۾ آيس - آبوڪو کيس ڏسي وري فخر ڪرڻ لڳو ۽ خوش ٿيڻ لڳو ته اشانٽي بادشاهه آهن. ننڍا وڏا سڀ شينهن آهن. سڄي قافلي ۾ ننڍي ۾ ننڍي قيدياڻي ليانو هئي. آبوڪي کيس ٻيهر ڏٺو "ليانو! منهنجي پياري." سوچيائين ته هنن ظالمن ليانو کي ڇو جهليو آهي . هن جو کين ڇا ملندو . شايد منهن رحم اچي ويو هوندن ۽ مارڻ بدران جيئرو جهلي ورتو اٿن. مگر نه، هو وڏا ظالم آهن. هنن کي رحم اچي نٿو سگهي. شايد سندس صحت ستي ڏسي کيس جهليو اٿن ته هر جو به ڪجهه نه ڪجهه ملي ويندو. هاڻ آبوڪي ٻيا ٻار ب ڏٺا - پر انهن ۾ سندس ٻه وڏا ٻار ڪين هئا . رات جو سڀ ٻارڙا گهري ننڊ ۾ ستل هئا ۽ گهڻو ڪري سڀ ٻار ستي

ستي ننڍ ۾ ئي سڙي باهه جو اجل ٿي ويا هئا. آڏوڪي ٻيا قيدي به ساريا ۽ ڏٻرائين ته سندس گهرجي ستن ڀاتين مان ٽي هئا چار ڪين هئا. ٻئس جي ڪٽنب مان فقط ٽيرنهن ڄڻا هئا ٻيا ڪين هئا.

قيدين جو قافلو ڏکڻ طرف هلندو پئي ويو ۽ هنن تي سخت پهرو هو. قيدين کي خبر هئي ته جي هنن کي ٿورڙي به وارڪائي ملي ته حملو ڪندي دير نه ڪندا. جيتوڻيڪ سڀ اشانتي مضبوط ٻڌل هئا تنهن هوندي به پهريدار هنن کان پري پري پئي هليا ته متان اوچتو چڙهي نه وڃن. آڏوڪو به هر وقت موقعي جي تلاش ۾ هو. مگر اهڙا ڪيس ڪو وجهه ڪونه ٿي مليو.

سج پهر سوا متي چڙهيو. قافلي کي داهي (منزل) ڪرڻ جو حڪم مليو. سڀ ويهي رهيا. زالن کي حڪم ٿيو ته ڪاٺيون ميڙي اچو. ڪاٺيون آيون، باهه ٻري، قيدين کي ملي جون ڪچيون ڏريون ۽ ڪي وليون اڇلائي باهه ۾ وڌيون. اڌ پڪيون ڪري ڪڍي اول پاڻ کاڌائون ۽ پوءِ وري قيدين جي اڳيان اڇلايائون. قيدين به ٿورو گهڻو انهن مان کاڌو ۽ باقي جيڪي بچيون سي ورائي به قيدين کنيون. ٿوري دير آرام ڪيائون. ڏريون کائيندي قيدين آهستي هڪ ٻئي ۾ ڳالهايو ۽ ڪجهه اکرن ۾ پڻ پڻ ڪري صلاحون ڪرڻ لڳا. ٻيسو چيو ”ادا، هاڻ ٻڌاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟“ آڏوڪي هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو ته پهريدار هنن کان ڪجهه پريرو هئا.

”هٿيار آهن؟“

”نه“

”ڪنهن جي هٿڪڙي ڇڄڻ جهڙي آهي؟“

”نه سڀ مضبوط جڪڙيل آهن“

”پلا ڪنهن کي وڏيڪ زخم ته نه رسيا آهن؟“

”ها، اوڪمفو ڪنويو جي ڏيءُ کي خراب ڏڪ لڳل آهي.“

”ڪٿي ڏڪ لڳو اٿس؟“

”ڦڦڙن ۾ بندوق جو ڪنداخ لڳو اٿس ۽ رت وات مان اڃان بند نٿو ٿيئس.“

”مارا پوه“؟

”دشمنن اکيان دل ڏاڍي ڪندي رت جا ڍڪ پرينڊي وجي.“

”سنڀس سنڀال ڪريو ۽ همت ٻڌرايوس.“

آبروڪي کي ڏاڍي ڪاوڙ هئي ۽ دل ۾ پئي سوچيائين ته رڳو ڪو وجهه ملي ته هنن بدمعاشن کون هڏيون پڃي ڇڏيندا سين. هن وقت هنن سڀني جي ذميواري مون تي آهي ـ مان هنن جو اوسائي آهيان. مگر افسوس جو ڪا واهه ڪانهي. ڪم جهڙا سڀ مرد مري ويا. پوه مري ويلن لاءِ دعا گهريائين ۽ قيدين کي صبر ڪرڻ جي هدايت ڪيائين. ۽ چيائين، ”مان انهي ڳالهه ۾ اشد راضي آهيان ته اوهين پنهنجو ڪو پيو اوسائي چونڊي وٺو ـ مان به انهي جو حڪم مڃڻ لاءِ تيار آهيان. جنهن ۾ سڀ راضي، تنهن ۾ مان به

راضي آهيان- چاڪاڻ ته اڄ اسان جي زندگي ۽ موت جو سوال آهي.“ ڪنهن به ڪو جواب نه ڏنو ۽ سڀئي هن جي منهن ۾ ڏسڻ لڳا- جنهن مان هن محسوس ڪيو ته سڀني جي مرضي آهي ته مان ئي سندن اڳواڻ هجان.

عام طرح سؤ سوا قيدين لاءِ ڏهه ٻارنهن پهريدار ڪافي هئا. پر جيئن ته اشانتي وڏا خطرناڪ ماڻهو هئا تنهن ڪري ھنجويهه پهريدار هر وقت هنن ٻيءِ چوڪاري هٿيار ڪنيو پئي هليا ته متان ڪٿي هٿڪڙين ۽ سنگهرن سوڌائي نه حملو ڪري ڏين. فئنٽين ڪي هي حملو ڏاڍو مهانگو پيو هو- گهڻو ڪري سڀ فئنٽي مري ويا هئا- فقط ٢٥-٣٠ وڃي سلامت بچيا هئا- سي به ٻڌل هئا. مگر هنن کي هيسائڻ خاطر بي گناهه به ڏنيا ۽ چهبڪ هلندا ئي ويا. سندن هٿن ۾ سونيون منڊيون ۽ ڳچين ۾ ڳرا سونا هار پيل هئا جيڪي سڀ هنن اشانتين ڪان ڪسيا هئا. ڪين اهي به خيال پئي آيا ته جي اتفاق سان هنن قيدين ڪو حملو ڪيو ته لاچار پڇتو به ٻوڏو.

هلندي هلندي هڪڙي پهريدار هڪڙي اشانتي کي گار ڏني. قيدي به گار ڏئي مٿس اوهه ڪئي- ۽ر آدوڪي جو هٿ پنجي ويس ۽ چڪي ورتائينس. ”خبردار، ماٺ ڪري هل. في الحال ڪاٻه ڳالهه نه ڪر- ۽ زبان کي بند رک. اها ڳالهه ڀاڻ لاءِ سٺي نه ٿيندي.“ فئنٽين جي ڪمانڊر آدوڪي کي چيو ”سمجهاءِ پنهنجن ماڻهن کي، نه ته انهن سڀني جي سزا توکي ڏني ويندي.“ آدوڪو سمجهي ويو ته هي به ٻڌن ٿا- پر هٿيار نهايت خطرناڪ اٿن- ڪجهه به ڪنداسين

۽ سڀني کي ماري ڇڏيندا. قيدين کي چيائين ”جيڪڏهن هن حالت ۾ هنن تي حملو ڪنداسين يا ڪا بہ حرڪت ڪنداسين تہ هي اچا بہ وڌيڪ سختي ڪندا ۽ پوءِ پاڻ کي ڪو وجهہ ڪونہ ملندو. تنهن ڪري مهرباني ڪري صبر کان ڪم وٺو ۽ موقعي جو انتظار ڪريو. مان پاڻهي اوهان کي حڪم ڏيندس.“

قافلو هلندو ويو. جڏهن فتشي اشانتين جي علائقي کي ويجهو پهتا تہ اوپر طرف مڙڻ جو حڪم ٿيو ۽ وڌيڪ مار هٿن بند ٿي وئي. آپوڪو بہ اکيون ڦيرائڻ لڳو ۽ سمجهائين تہ هاڻ همت ڪرڻ گهرجي. فتشي بہ سندس ارادي کي سمجهي ويا ۽ پوءِ يڪدم اچي هن کي مارڻ شروع ڪيائون ۽ مرڻ وارا ڏڪ هڻي منجهو ڪرڻ لڳس. آپوڪي جي وڏي پاڻ بيسوءِ کان وڌيڪ ڏنو نہ ٿيو. تنهن يڪدم الرڪٽي هڪڙي فتشي تي، تہ ساڻس گڏ ٻڌل ٻيا قيدي ڪري پيا ۽ هو انهن کي گهليندو ويو. هن جو هٿ هڪڙي پهريدار جي ڳلي ۾ پئجي ويو. وٺي جو سٽ ڏنائينس تہ پهريدار پيرن ۾ اچي ڪريس. بيسو ٽڪاءُ ڪمس ڪاڏي ۾ لڪر. هاڻ هٿڪڙيون وڏي مٿي ۾ ٿي هنيائينس تہ اوچتو ٻئي پهريدار اهڙو تہ زور سان مٿي ۾ مترڪر هنيس جو گهوماٽي کائي وڃي ڪريو. اينري ۾ سڀ قيدي وڙهڻ لاءِ اٿي وڌيا. پهريدارن بہ پريرو هٽي بندوقون ۽ پستول سڌا ڪيا ۽ ٽنگرن تي آڱريون رکي ڪمانڊر جي حڪم جو انتظار ڪرڻ لڳا. ڪمانڊر رڙ ڪري قيدين ني چيو ”خبردار! اٿي وڌڻ جي ڪوشش

نه ڪجهُ نه ته سڀ مري ويندا.“ آدوڪي ڏٺو ته اجهو ٽا
فائر ڪن- لاچار صبر ڪري وري به قيدين کي حملي ڪرڻ
کان منع ڪيائين ۽ ٽڏو شوڪارو پري ٿي ٿي. قدم پوئتي هٽڻ
لاءِ چيائين ۽ حملو ٽري ويو. پهريدارن بيسوءَ کي کولي ٻاهر
ڪڍيو ۽ ڪنپڙائين کان جهلي پر پرو وٺي ويس . ڪمانڊر
حڪم ڪيو ته ماريوس. هڪڙو پهريدار چمڙ جو هنٽر کڻي
هن جي ويجهو آيو. ”هڪ ٻه ڪري ٽاهه. نهن ڦٽڪا پٺن تي
هڻيائينس جن بيسو جي پٺن تان پيرا لاهي ڇڏيا. بيسو وات مان
ٻڙڪ به نه ڪڍي- پر جڏهن واپس وٺيو پئي آيس ته سندس
لنگون رڦيون پئي. وري اچي پنهنجي مان گڏ ٻڌائونس. آدوڪي
کي ٻاهه وٺي وئي- پر مجبور هو- ڪجهه به نه ڪري سگهيو.
بيسو اهو ٻيو پيرو حرڪت ڪئي هئي جنهن جي نتيجي ۾
ٻاڻ ته مار کاڌائين ٿي پر ٻين بي گناهن کي به لتيون ۽ هنٽر
ٿي لڳا. ٿوري دير کان پوءِ ڦلنلي ڪمانڊر اعلان ڪيو ته
جيڪڏهن ٻيهر ڪابه حرڪت ڪئي اٿو ته ياد رکجو ،
هڪڙي هڪڙي کي چيچلائي ماريو ويندو. سڀني ڪٽي مات ڪئي
۽ اڪيتي هلڻ لڳا. آدوڪي خيال ڪيو ته اڄ رات ڪنهن
وقت سمنڊ جي ڪناري تي پهچي ويندا سين . جڏهن اتي
پهتاسين ته پوءِ ٿياسين پڪا غلام. پوءِ ڀي ڪابه واهه نه رهندي.
اها به خبر ناهي ته پهچڻ شرط غوراب ۾ چڙهنداسين يا ٻاهر ڪن
۾ رکيا ويندا سين جيستائين غوراب اچن. بهرحال ٺاڙ ڳالهه
هٿن مان ڇڏائيندي وڃي . آدوڪي جي دل اچا ته پر اميد
هئي ته غورابن ۾ چڙهڻ کان اڳ ضرور موقعو ملندو سندس

دل ۾ان اچا ته اهائي صدا ٿي آئي ”اچا ترس.“

سج لهڻ وارو هو. قافلو هڪڙي پاڻيءَ جي وهڪڙي تي اچي پهتو. هنن کي ڏاڍي اڃ هئي. رستي تي وڻن جا ساوا پن چٻاڙيندا چپ آلا ڪندا ٿي آيا - سو يڪدم پاڻيءَ جي مٿان، سڀ مرد عورتون ۽ ٻار اونڌا ٿي گوڏا کوڙي ڪري پيا ۽ ڍوڙن وانگر منهن وجهي پاڻي پيئڻ لڳا. پاڻي تمام ٿڌو ۽ مٺو هو. سڀني ٻي ڍؤ ڪيو. ڪمانڊر حڪم ڪيو ته هلو. رات پنجي چڪي هئي. ٻه ٽي ڪلاڪ پنڌ ڪيائون ته هڪڙي هنڌ ترسڻ جو حڪم ٿيو. آڊوڪي دل ۾ چيو اڄوڪي رات آخري رات آهي. اڄ رات به ڪجهه نه ٿيو ته پوءِ وري موقعو ملڻ يا نصيب. پهريدارن کي به شڪ پيو ته متان اڄ رات ڪا حرڪت ڪن. سي ه بلڪل هوشياريءَ سان پهري تي بيهي ويا. آڊوڪي ڏٺو ته جي ڪجهه ٿيو ته آڏيءَ رات کان پوءِ ٿي سگهندو. سنجهي مان ڪو وجهه ڪونه ملندو. تنهن ڪري في الحال سڀني کي مات ڪري سمهي رهڻ کپي. پوءِ هو به مات ڪري سمهي رهيو.

ٻن ٽن ڪلاڪن کان پوءِ آڊوڪي جي اک کلي. سور کان سندس هڏ هڏ چور ٿي پيو هو. انهي هوندي به هاڻ هن پاڻ ۾ ڪجهه تازگي محسوس ڪئي ۽ اٿي ويٺو. پهريدارن کي ڏٺائين ته ڪي ستا پيا هئا - ڪن جوا پئي ڪئي. ٻن هنڌن تي باهه پئي ٻري. ٻه ٽي پهريدار بندوقن ۽ پستولن سان قيدين جي متان پئي ڦريا. گهاٽن وڻن مان چانڊوڪيءَ جا ڪرڻا قيدين جي مٿان پئي پيا. ڪار ڪڻڇين آسمان ۾

ٽيئي ٽيئي ڀڄي ڪڍيو. آبڙوڪي ٻانهن مٿي ڪري آرس ڀڳي- وري هٿ ڪڙين کي لوڏي ڏٺائين ته جي ڪنهن کي پري هٽيون ته ڀڪ سان مري ويندو. پوءِ اٿي اول خدا جي ساراهه ڪيائين پوءِ هڪڙي ديوتا جو نالو وٺي انهن جو ذڪر ڪيائين ۽ پوءِ سندس دل کي سڪون اچي ويو. عورتن مان هڪڙيءَ جون دانهون ٻڌڻ ۾ آيس- هن سوچيو ته ڪنوبو جي ڏي هوندي جنهن جو ڦڦڙ ڦاٽي پيو آهي شايد اها پئي دانهون ڪري. نه - ٻن ڇٽين جو آواز هو. ٻنهي اوڪارا پئي ڪيا. ننڍڙا ٻار به ننڊ ۾ وڦليا پئي. ڪن پوڙهن جو به آواز هو پر سمجهه ۾ نٿي آيو. انهن جي به رڳو ڀڻ ڀڻ ٻڌڻ ۾ پئي آئي. ايتري ۾ هڪڙو پهريدار عورتن ڏي پچندو ويو. پهريدار وري ڪمانڊر کي سڏ ڪيو. ڪمانڊر ۽ به پهريدار به عورتن ڏي پچندا ويا. آبڙوڪي ڏٺو ته هو ٻن عورتن کي ڏنڊا هڻندا، ٻانهن کان ڇڪيندا ٻاهر وٺي آيا. ”ٽپي، مٿي؛ هن ڪتين مٿي ڪائي خود - ڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.“ ڪمانڊر جي واتان اهي لفظ آبڙوڪي ٻڌا. ڪمانڊر هڪڙي عورت کي زور سان پيٽ ۾ لت هڻي ڪيڏي. ڪمانڊر پهريدار کي ڪجهه چيو جيڪو ڊوڙي ويو ۽ ٻاهه جي پر ۾ پيل هڪڙي ڳوٿري کڻي آيو ۽ ڪمانڊر کي آڻي ڏنائين. ڪمانڊر ڳوٿريءَ مان ڪا شيءِ ڪڍي پهرين هڪڙيءَ عورت جو زوري وات پٽي سندس وات ۾ وڌي ۽ مٿان هٿ ڏئي هن جو وات بند ڪيائين. عورت کيت ڏني وري ساڳي طرح ٻيءَ کي ڪارايائين. ٿوري دير کان پوءِ

هنن ٻنهي ڄڻين کي دست شروع ٿي ويا ۽ ويهي ويهي ساڻيون ٿي پيون. هنن جا پيٽ بلڪل خالي ٿي ويا. پوءِ ٻنهي کي واپس وٺي وڃي ٻين عورتن سان گڏ ويهاريائون.

صبوح ٽيون وارو هو. ڪمانڊر اعلان ڪري سڀني قيدين کي هدايو ”اڄ اوهان سڀني جو پاڻي بلڪل بند آهي.“ ڪمانڊر کي شڪ پئجي ويو ته هاڻ هي قيدي ڪنهن به طرح خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا. قافلي کي اڳتي هلڻ جو حڪم ٿيو. رستي تي ٽي نهرون پار ڪيائون مگر ڪنهن به هنن کي پاڻي پيئڻ نه ڏنو ويو. اڌ ڏينهن پنڌ ڪرڻ کان پوءِ هڪڙي قيدي زور سان رڙ ڪئي. پهريدار هن ڏانهن ڀڄو. آڏوڪي مڙي ڏٺو ته پهريدار زمين تي لٽين جا ڏڪ پيو هڻي. پوءِ پهريدار تلوار جي نوڪ سان پيٽ تان هڪڙي نانگ کي کڻي مٿي اڇو ڪيو. نانگ قيديءَ کي ڏنگي ودو هو. ڪمانڊر وڏي آيو ۽ چيلهه مان ڪرپان ڪڍي قيديءَ کي ڏنگ واري جڳهه تي منڊيٽڙي وانگر چهڪ ڏنو. قيديءَ کان وري رڙ نڪري وئي ۽ ڪمانڊر رسي جو ٽڪر ڪڍي قيديءَ کي گوڏي جي مٿان زور سان ٽي چار وٽ ڏئي ٻڌو ته جيئن زهر مٿي نه چڙهي. وري اڳتي هلڻ لڳا ۽ قيدين کي سٽيندا ڪٽيندا اڳتي هلندا ويا. ڏنگيل قيدي جي منهن جي رونق ٻگڙندي وئي ۽ نماڻيون اکيون ڪري آڏوڪي ڏي ڏسڻ لڳو. آڏوڪي اکين جي اشاري سان چيس، ”پرواهه نه ڪر، همت ٻڌ“ قيدي وري آڏوڪي کي ڏٺو ۽ مسڪرائي اڳتي هلڻ لڳو. ڪلاڪ کن پنڌ ڪيائون ته

حڪم ٿيو تہ اٿي ترسو. سڀ بيٺا رهيا. ويهڻ جو حڪم ٿيو. ويهي رهيا. پوءِ ڪالهوڪيون بچيل ٽڪريون ۽ گاهہ. هنن جي اڳيان اڇلي وڌائون. قيدين ڪجهہ ڦريون ۽ واڻيون ڪاڏيون. ڪين آڇ تمام گهٽي هئي. اڄ پنڌ بہ تمام گهڻو ڪيو هئائون ۽ ڏاڍا ٿڪجي پيا هئا. مگر فئنتين جو خيال هو تہ ڪنهن بہ طرح رات پيٽ ۾ ڪناري تي پهچڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. ڪجهہ دير کان پوءِ وري هلڻ شروع ڪيائون. پر هاڻ فئنتين هنن کي تکو تکو هلڻ لاءِ ڏاڍو ماريو. ڏنگيل قيدي جي حالت تمام خراب هئي ۽ هو هلڻ کان لاچار هو مگر موچڙن جي ٻاهہ کان منڊڪائيندو هلندو ويو. ڪلاڪ کن کان پوءِ هن کي چڪر اچڻ لڳا ۽ هو هلڻ کان صفا بس ٿي ويو. هن جي ڪري ٻين کي بہ ڏنڊا پئي لڳا. جيڪي تکا هلي نٿي سگهيا. آخر ۾ وارن قيدين کيس ٻانهن کان جهلي سهارو ڏئي هلايو پر ٿوري دير کان پوءِ هن صفا هلڻ ڇڏي ڏنو. وات، نڪ ۽ اکين مان رت پئي آيس. پهريدار سندس هيءَ حالت ڏسي ڪمانڊر کي سڏ ڪيو. ڪمانڊر آيو ۽ هن کي ڏسي تلوار ڪڍيائين ۽ هن جون ٻئي ٻانهون هٿڪڙي کان ٿورو مٿان مچو ڏئي وڍي ڇڏيائين. ٻانهون هٿڪڙيءَ ۾ ڦاٿيون پيون هيون ۽ قيدي هيٺ ڪريو. ٻين کي حڪم ٿيو تہ هلو. آبوڪي دل ۾ چيو تہ، ”هاڻ جيئڻ جو ڪو مطلب ڪونهي. انهيءَ کان موت بهتر آهي. وڌيڪ ڇا لاءِ جيئون.“ بيسو ڏي ڏٺائين. کيس شڪ پيو تہ بيسو وري پهريدارن سان وڙهندو ۽ پوءِ امان کي بہ وڙهڻو پئي

پنجي ويندو - پوءِ ڪٿي قسمت. ٻيو هاڻ صبر ۾ هو. آبوڪي جي دل ۾ حملي جو ارادو هو - پر وري ٻه سان ڪري هلڻ لڳو. ته پهريءَ ڏاري قافلو هڪڙي درياهه جي ڪپ تي پهتو. ڏاڪرو زمين هئي. درياءَ جو پيٽ ڪافي ويڪرو به هو ۽ پاڻي به اونهو هو. تک به تمام گهڻي هئي. پاڻيءَ جون ڇوليون پٿر جي وڏين ڇپن سان ٽڪرائجي تمام گهڻو شور برپا ڪري رهيون هيون. وڏا وڏا ڪل وڻ ۽ ڪاٺ پاڻي ۾ تمام تيزيءَ سان لڙهندا پئي ويا. ڪمانڊر سوچيو ته هتان درياءَ پار ڪرڻ ۾ وڏو نقصان ٿيندو ۽ ڪيئين قيدي توري پهريدار لڙهي ويندا. تنهن ڪري هن قافلي کي اوڀارو هلڻ لاءِ حڪم ڪيو. ميل کن اوڀارا ويا ته هڪڙي اهڙي هنڌ اچي پهتا جتان درياءَ جو پاڻي ڏنگهو هو. ڪٿي به گوڏي ۽ سٿر کان مٿي ڪونه هو. مگر هتي به پاڻيءَ ۾ تک تمام گهڻي هئي. ڪمانڊر قيدين کي هتان پار اڪارڻ لاءِ حڪم ڏنو. پهرين عورتن کي ٻانهن کان جهلي پار اڪارڻ لاءِ پاڻيءَ ۾ لاٿائون. پٺيان مرد به هلڻ لڳا. پاڻيءَ ۾ قيدين جا پير ڪسڪندا ويا ۽ ڪيترائي ڪري پيا. پر وري ڪين ڏڪ هئي اٿاري اڳتي وڌايو ويو. ٻارن جي ڪڇين مان ڏوڙها ڪوليا ويا ۽ هنن کي هٿن کان جهلي پاڻيءَ مان هلڻ شروع ڪيائون. آبوڪو به هي ڪناري کي ويجهو وڃي پهتو هو. دن پوئتي مڙي ڏٺو ته هڪڙي پهريدار ننڍڙي ليانو کي ڪلهي تي کڻي درياءَ پار ڪرڻ شروع ڪيو هو ۽ ٻيا ٻار ليانو کي پهريدار جي ڪلهي تي ڏسي کلڻ لڳا. ليانو ٻارن

ڪي ڪلندو ڏسي پاڻ بہ کلڻ لڳي. ڏسندي ڏسندي اهو پهريدار اوچتو ڪري پيو ۽ پاڻيءَ مٿان چڙهي ويس. ٿوري دير ۾ پهريدار پاڻيءَ مان اٿيو ۽ مٿو ڇنڊڻ لڳو. مگر هاڻ ليانو سندس ڪلهي تي ڪانہ هئي.

”او هوءَ لڙهندي وڃي- جهليوس جهليوس ڪمانڊر چيو ۽ هڪڙو پهريدار سندس پٺيان ڀڳو. ليانو جون ٽلهڙيون ڇنگيون ۽ ٻانهون ڪنهن مهل پاڻيءَ کان ٻاهر ٿي نڪتيون تہ ڪنهن مهل گم ٿي ويون ٿي. پهريدار ڪيس وڃي رسيو ۽ جهلياڻينس پر هو ڪري پيو ۽ ليانو سندس هٿن مان نڪري وئي. ليانو تمام تيزيءَ سان اڳتي لڙهندي وئي ۽ جئين پوءِ تيئن پهريدار کان پري نڪرندي وئي. آخر هڪڙي وڏي ڇپ سان وڃي لڳي- ڇولي مٿان چڙهي ويس ۽ پوءِ وري ڏسڻ ۾ ڪانہ آئي. پهريدار ٿڪي ٽٽي ٻاهر نڪري آيو ۽ ٺڏو شوڪارو ڀري چيائين ”ڇوري لڙي وئي.“ آبوڪي هي منظر ڏسي اکيون ڪٽي بند ڪيون.

درياءَ اڪري وري سيڻي ٻارن کي رسا ٻڌي قابو ڪري اڳتي هليا. ڪلاڪن کان پوءِ ٻيلي جي حد ختم ٿيڻ لڳي ۽ گهاٽن وڻن جو سلسلو ختم ٿيڻ وارو هو. هاڻ ڪٿي ڪٿي ايڪڙ ٻيڪڙ وڻ ڏسڻ ۾ آيا ٿي. اڳيان ڳاڙهي واري ۽ سمنڊ هو ۽ مٿي نيرو آسمان هو. سمنڊ ڏسي پهريدار ڏاڍا خوش ٿيا. ٽينگ ٽپا ڏيڻ لڳا ۽ هڪ ٻئي سان تاڙيون ملائڻ لڳا. ٻيلي جو ڪنارو ڏئي اڳتي وڌندا پئي ويا. آبوڪي ڏٺو تہ پويان سمنڊ ۾ وڏا ۽ اڇا بريڪر (پوپا) ڏسڻ ۾ اچي

رهيا هئا. جتي ٻه وڏا غوراب بيٺا هئا. غورابن جي وچ مان تمام ٻري ٽيو غوارب پڻ ڏسڻ ۾ اچي رهيو هو. ڪناري تي ڪاٺ جون جايون ۽ تمام گهٽا ٽنبو ڪتل ڏسڻ ۾ پئي آيا. پهريدارن هاڻ وري قيدين تي هنٽر وسائڻ شروع ڪيا. ”هلو- هلو- جلدي ڪريو.“ هڪڙي پهريدار هوائي فائر ڪيو. آڏوڪي جا قدم اڳتي وڌڻ کان جواب ڏئي چڪا هئا- جنهن تي هن کي پهريدارن تمام گهٽو ماريو ۽ ماري ماري بيهوش ڪري وڌائونس. بيهر جڏهن هن جي اک کلي ته هن کي ٽي شخص ڏسڻ ۾ آيا جيڪي ٽنبن مان نڪري ٽلندا ٽلندا هنن سان ملڻ لاء آيا هئا. انهن ۾ هڪڙي جو رنگ پورو هو ۽ ٻه چٽا جيڪي هن سان گڏ هئا سي لمبا. چوڙا ۽ باڙي بلدر شبدي هئا، جن جي هٿن ۾ چمڙي جا هنٽر هئا. ٻه ٻيا شخص ڏنائين جيڪي هڪڙي ٽوب کي سمنڊ جي ڪناري کان ڇڪي هنن ڏي پئي آيا. ٽوب جو منهن سمونڊ ڏي هو.

قافلو بندرگاه تي اچي پهتو- فتنتبن قيدين جو سودو ڳجهن اکرن ۾ ڪپتان هارينبي ۽ سان نبيري ورتو. ٽوب وٽان نائب ڪپتان نمبر پهريون (مسٽر مردس) هارينبي جي اڳيان ٽوپي هٿ ۾ ڪري اچي بيٺو ۽ چيائين ”اسان کي ڪناري وٽان سنگل مليو هو.“

”ٺيڪ آهي، پلا ٻڌايو چوڪي ڏيندڙ فرگيٽ ڪهڙي پاسي وئي؟“

”فرگيٽ آهستي آهستي ويجهي پئي اچي“ مردس چيو. فرگيٽ، جي ويجهو اچڻ جو ٻڌي ڪپتان جي منهن ۾ گهنڊ

پڄجي ويو. ساموندي ڪناري تي چوڪي ڏيندڙ برطانيه جي
اها فرگيٽ، تي ڏينهن اڳ هتي هنن وٽ آئي هئي ۽ پورچوگيزن
جي جهاز جي تلاشي وٺي ، وري واپس سمنڊ ۾ هلي وئي
هئي. اها فرگيٽ ڏينهن جو ٻئي پاسي هلي ويندي هئي ۽
رات جو وري هنن جي جهاز جي ويجهو اچي بيهندي هئي
ته جيئن رات جي اونداهيءَ ۾ هي، غلام ڪٿي ڀڄي نه وڃن.
اهڙي طرح فجر جو وري پري نڪري ويندي هئي. هارينبيءَ
کي فرگيٽ جي ڪا پرواهه ڪانه هئي ڇاڪاڻ ته فرگيٽ
جو عملوگدڙ ڀيڪيءَ ڪان وڌيڪ ٻيو ڪجهه به ڪري نٿي
سگهيو. هن مهل جيئن ته هارينبيءَ غلام خريد ڪري ورتا
هئا، تنهن ڪري سندس مرضي اها هئي ته، فرگيٽ ويجهو
نه اچي ته سٺو. انهيءَ ڪري ڪيس ڪاوڙ پئي آئي.
”مسٽر مرڊس! خلاصيءَ کي چئو ته ننڍي ٻيڙي ڪناري
تي ڪاهي اچي، مان جهاز تي اچڻ ٿو چاهيان.“
”حاضر صاحب.“ نائب ڪپتان جواب ڏنو . هارينبي
جي هٿ ۾ شراب جي بوتل هئي- جنهن مان آخري ڍُڪ
پري، رومال سان چپ اگهي، سرجن واڪس ۽ نائب سرجن
پيٽرسن کي چيائين. ”اوهان به مهرباني ڪري جهاز تي مٿي
هلي بيهو ، اتي قيدين جو معائنو ڪري مون کي
ٻڌائجو .“
”حاضر صاحب“ سرجن ڪنڌ ڌوڻي جواب ڏنو.
هارينبي وري پنهنجي نائب ڪپتان کي چيو:
”مسٽر مرڊس! هنن ڦٽين مان ٻه ماڻهو مون، سان گڏ

جهاز تي موڪل ته پنهنجي رقم وٺي اچن. تيستائين اوهين هنن کي بندوقون ڏئي ڇڏيو."

"حاضر صاحب! مگر ڇا فرگيٽ سان مقابلي ڪرڻ جو ارادو آهي؟" ڪپتان ڪو جواب نه ڏنو. مربس وري چيو "جيڪڏهن اوهان جو خيال هجي ته اسين هنن کي منٽن ۾ توڏي جو موڏو ڏيکاري سگهون ٿا. هنن وٽ آهي به ڇا، فقط ٻه بندوقون ۽ معمولي عملو - اسين هنن جي فرگيٽ کي هڪڙيئي ڌڪ سان ٽڪر ٽڪر ڪري سمونڊ جو ترو وٺرائي ڇڏينداسين."

"نه" ڪپتان چيو.

"ٺيڪ آهي صاحب، جيڪا اوهان جي مرضي."

هارينبي جي منهن تي غصي ۽ ڪاوڙ جا آثار ڏسڻ ۾ اچي رهيا هئا ۽ چاڙين کي پڪوڙڻ لڳو. هارينبي قد جو ٻڳهو، سنهياٺو ۽ رعابدار شڪل جو هو. سندس چپ سنهڙا ۽ پڪوڙيل هوندا هئا. نهايت چڙباز ماڻهو هو. عام ماڻهو هن انگريز ڪپتان کي مذهب کان ڦريل ۽ وحشي سمجهندا هئا؛ پر ائين ڪونه هو. جيتوڻيڪ هو هڪ قاتل ۽ وڏا وڏا هنگاما برپا ڪندڙ هو ته به ڪڏهن نه ايترو صبر ڪندو هو جو پلي متانئس ڪو والون ڪري ڇڏي ته ڪونه ڪڇندو هو. ڪڏهن نه معمولي ۽ عام رواجي ڳالهه تان تپي ڳاڙهو ٿي ويندو هو. تنهن ڪري عملو اڪثر هن سان ڪا ڳالهه ٻولهه نه ڪندو هو. ڪنهن کي به اها خبر نه پئجي سگهندي هئي ته هو ڪڏهن خوش ٿيندو ۽ ڪڏهن ڪاوڙجي پوندو.

ايتري ۾ ننڍي ٻيڙي ڪناري تي اچي وئي ۽ پوء پاڻ

سان ٻه ڦڦٽي اڱواڻ وٺي، ٻيڙيءَ ۾ چڙهي جهاز تي پهتو جيڪو سمونڊ ۾ وڏي پاڻيءَ ۾ بيٺو هو. پنهنجي رهڻ واري ڪئبن ۾ گهڙي، سمهڻ واري بستري جي سيرانديءَ ڪان پٽ ۾ لڱل ڏجوڙي کولي، ان مان ڳپل جيترڊون سونيون گنيون ڪيڍي ڦڦٽي اڱواڻن کي ڏنائين. اهڙائٽي غلام تمام مهانگا ۽ قيمتي هئا. هن ڪان پهرين هن ايتري رقم ۾، ”ٻيو“ قوم جا ٻه سؤ شيدي غلام خريد ڪري جهاز جي ڊيڪ ۾ بند ڪري ڇڏيا هئا.

هن جهاز جو نالو ”جيوٻيليشن“ هو ۽ گذريل اٺن سالن کان غلامن جي واپار ۾ سمونڊ ۾ پئي هليو؛ مگر مٿس ڪٿي به اهڙو نالو لکيل ڪونه هو. البته آمريڪين، اسپينن، پورچوگيزن ۽ ڊئنشن جي رجسٽري جي ڪاغذن ۾ سندس اهوئي نالو لکيل هو. هاريٺبي کي اها به خبر ڪانه هئي ته هي جهاز اصل ڪهڙي ملڪ جو آهي. جيئن ته هن جهاز تي آمريڪا جا ماڻهو ملازم هئا ۽ گنيون به آمريڪا جون هيون- تنهن مان ڪيس خبر پئي ٿي ته هي جهاز آمريڪا جو آهي. ڪيس اها به خبر هئي ته انگريز وڏا دغاباز آهن تنهن ڪري اها پڪ ڪانه هيس ته جهاز جي ڪهڙي رجسٽري سچي آهي ۽ ڪهڙي ڪوڙي آهي.

نائب ڪپتان مسٽر مرڊس جيڪا فرگيٽ کي نابود ڪري ڇڏڻ جي ڳالهه ڪئي هئي، سابه صحيح هئي. هو جيڪڏهن چاهين ها ته فرگيٽ کي وڏي آرام سان ٻوڙي ٿي سگهيا. ان وقت جيڪي ٻارنهن ڪپتان غلامن ڪٺو وارن جهازن

تي ڪم ڪندا هئا، تن سڀني ۾ هارڪنس هڪ مشهور ڪپتان هو. ڪو وقت اڳ ۾ سامونڊي ڦورو عام جام ڏسڻ ۾ ايندا رهندا هيون. ڪڏهن غلام ڪشندڙ ڪپتان پنهنجا پاڻ ۾ وڙهي پوندا هئا ته ڪڏهن سندن جهيڙا انهن سامونڊي ڦورن سان تي پوندا هئا، جيڪي اهڙن جهاز وارن کان زوري غلام کسي، کڻي وڃي ويندا هئا ۽ غلامن جي چور بازاري ڪندا هئا. برطانيه حڪومت غلامن جي واپار تي بندش وجهي ڇڏي هئي- جنهن ڪري برطانيه طرفان "هزمئجيسٽي جو آفريڪن اسڪائڊرن" غلام ڍوئيندڙ جهازن کي پڪڙيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن انهن جي فرگيٽ سان به ٽڪا ٽوڪي ٿيندي هئي؛ مگر گذريل ڏهن سالن ۾، غلام ڍوئيندڙ جهاز، لڙائي ڪرڻ ۽ سامهون ٿيڻ جي بجاءِ، ڀڄي وڃڻ کي ترجيح ڏيندا رهيا هئا؛ هنن کي خبر هئي ته برطانيه جي فرگيٽ ۽ ٻيا جهاز تمام آهستي هلندا هئا. ڀڄي وڃڻ ۾ ٻيو خاص فائدو اهو به هو ته آفريڪا جي سامونڊي ڪنارن کان غلام کڻي، جيترو به جلد برازيل، ويسٽ انڊيز، ڪيوبا يا ٽيڪساس ۾ قائم ٿيل غلامن جي وڪري جي چور اڏن تي پهچايو وڃي ها اوترو رستي ۾ غلام گهٽ مرندا هئا. ۽ ٻي هن واپار جي اٽڪل اها هئي ته جهازن ۾ جيترا ٿورا غلام کڻبا هئا اوترو وڌيڪ فائدو ٿيندو هو. پورچوگال جي يا نڪي واپارين کي هن ڌنڌي جي انهن ڳالهين جي خبر هئي. هو وڏا ظالم ۽ لالچي واپاري هئا ۽ سندن دين ايمان فقط نفعو ۽ فائدو هو. انهي ڪري هن ڌنڌي تي هاڻ خاص قسم جا ننڍا ۽ تيز رفتار جهاز ڪم

آندا ويندا هئا. جن کي ”ڪلپر“ چيو ويندو هو. انهن ڪلپرن
کان سواءِ ٻيا وڏا غوراب به هلندا هئا جن مان ڪوئلن جي.
دونهين جي ڌپ هيٺين هوا تي ٻيڙن جا ميل پري کان ايندي
رهندي هئي. جڏهن کان ڪلپرن غلام کڻي اچڻ وڃڻ
جو سلسلو اختيار ڪيو هو ته برطانيه به ٽي اهڙا ننڍڙا ڪلپر
خريد ڪري چوڪيءَ تي مقرر ڪيا هئا جيڪي ڪلپرن
کي جهلي انهن جي تلاشي وٺندا هئا. هنن ڪلپرن ۾ وڏا ۽
ڳرا هٿيار رکڻ جي گنجائش ڪانه هئي.

هارنبي کي ڪلپرن تي نوڪري ڪرڻ جي خواهش
ڪانه هئي جو کيس اهي هلڪڙا جهاز پسند نه هئا. هن جو
جيوبيليشن تمام سٺو جهاز هو. جنهن ۾ غلامن لاءِ ٽي طبقا
(ڊيڪ) ٺهيل هئا. اهو واپاري قسم جو، تمام وڏو جهاز هو.
هن جهڙو بهترين جهاز هن نه اڳي ڪڏهن ڏٺو هو ۽ نه ئي
اهڙي جهاز تي ڪڏهن ڪپتان ٿيو هو. جنهن وقت سٺائي
واءُ تي سڙهه اڀا ڪري هاڪاريندو هوس ته پاڻ جهڙن
ڪيترن ئي ٻين کي اک ڇنڀ ۾ ڇڏي پٺتي ويندو هو. البت
ڪلپر هن کي پهچڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. جيوبيليشن
پنهنجن هلڪن سڙهن ۽ سٺن ماڻهن سبب سمونڊ مان ائين
نڪري ويندو هو جيئن سٺي ماڻ سگهو. هارنبي جو ڪڏهن
پهريدار فرگيٽ کان پري هوندو هو ته پٺي وڃڻ کي ترجيح
ڏيندو هو. پر جي بنهه ويجهو هوندو هو ته سامهون ٿيندو
هو. هڪ ڀيري جڏهن هو هڪڙي جهاز تي نائب ڪپتان
هو، تڏهن ۽ ٻيو دفعو جڏهن هو هڪڙي جهاز تي ڪپتان

هو، تڏهن، ٻئي دفعا سنڌس جهازن کي برٽش جي آفريڪن اسڪئاڊرن جهلي ورتو هو ۽ اهي ٻئي جهاز برطانيه وارن ساڙي ڇڏيا هئا ۽ منس به تمام گهرو ڏنڊ وڌو هو ۽ جيل حوالي ڪري ڇڏيو هو. ٻي دفعي به جڏهن پڪڙجي پيو هو ته سيراليون جي پرائيز ڪورٽ منس ٽربيونل ۾ ڪيس هلائي ڪيس سزا ڏئي ڇڏي هئي. ان کان پوءِ هارينبي لڳاتار ڇهه مهينا بخار ۾ بي حال ٿيو بندرگاهه تي پيو رلندو هو. اوچتو ڪيس غلامن ڪڻڻ وارو هڪڙو جهاز ملي ويو جيڪو ڪيوبا ڏي پئي ويو. جهاز وارن، کي هڪڙي ماڻهوءَ جي به سخت ضرورت هئي.

هارينبي اهڙي ڪنهن به جهاز تي ڪپتان ٿيڻ نٿي چاهيو جنهن تي هٿيار فٽ ٿيل نه هجن. ڇاڪاڻ ته هن ٻيهر برطانيه وارن جي هٿان لٽجڻ ۽ جيل جي ڪال ڪوٺڙين ۾ وڃڻ نٿي چاهيو. ڪپتان هارينبي، پنهنجي ٻارنهن سالن جي سروس ۾ پنج دفعا مقابلا ڪيا هئا. ٻه دفعا ساموندي لٽيرن سان، ۽ ٽي دفعا هز مئجيسٽي جي آفريڪن اسڪئاڊرن سان وڙهي پيو هو. لٽيرن سان مقابلي ۾ هن ٻنهي دفعن سندن غوراب ٻوڙي ڇڏيو هو ۽ ٻئي مقابلي ۾ لٽيرن کي زبردست مار ڪيڏي هئائين.

جڏهن چار سال اڳي، هو ”جيوبيليشن“ تي ڪپتان مقرر ٿيو هو، تڏهن هن پنهنجي هٿن سان جهاز ۾ خاص هٿيار فٽ ڪرايا هئا. هن، جهاز تي ٽو بندوقون چار توبون ڇهن پائونڊن واريون، چار اٺن پائونڊن واريون ۽ هڪ هلڪي ۽

خون خوار ٽوب فٽ ڪرائي هئي، جيڪا هر وقت لوڊ ٿيل رهندي هئي. ننڍي ٽوب ٻيڪن جي وچ ۾ فٽ ٿيل هئي ۽ وڏيون ٽوبون ڇت تي اهڙي طرح فٽ ٿيل هيون جو لوهي تارن جي وسيلي ڪيبن ٻيڪ ۾ لاهي ڇڏيندا هئا ته ڪنهن کي به ڏسڻ ۾ نه اينديون هيون ۽ ضرورت وقت تارن جي وسيلي ڇڪي ٻاهر ڪڍيون وينديون هيون. ”جيو بيايشن“ تان هارينبي ڪنهن به قابلي ڪرڻ جهڙو هو؛ پر جيئن ته ڪيس پڪ هئي ته پيڇ جي حالت ۾ به، ڪير ڪيس پهچي نٿو سگهي تنهن ڪري فرگيٽ تي حملي ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندو هو.

اڳي هڪ دفعو اها ننڍي ٽوب هڪڙي اڌاڻي ملازم جي هٿان ڇٽي پئي هئي، جنهن سندس بت ڏڪائي ڇڏيو هو. انهي دفعي رات جو ڪپتان پنهنجي ڪئبن ۾ هو، ته اچانڪ ٽوب جو ڌماڪو ٿيو. هارينبي يڪدم ٽپ ڏئي پيرن ڀر اٿي ويو ۽ پستول ۽ ڪرپاڻ کڻي، اڳهاڙو ئي اڳهاڙو ٽڏي؛ هوا ۾ مٿي چڙهي ويو. سندس بستري ۾ اڳهاڙي هڪڙي غلام ڇوڪري به ستل هئي جنهن کان پڻ رڙ نڪري وئي ۽ خوف ۾ پيشاب وهي ويس. ۽ ڪپتان جون چادرون خراب ڪري ڇڏيائين. ڪپتان ٻيڪ جي ڇت تي چڙهي ڏٺو ته ٻه ٽي پهريدار خلاصي، ٻيڪ جي وچئين طبق ڏي ڀڄندا پئي ويا. هڪڙو اڌڙي ملازم ڪپتان ڏانهن ڏڪندو پئي آيو. سندس شڪل هيڊ جهڙي پيلي ٿي پئي هئي ۽ ڪپتان کي چيائين ”ص-ص-ص- صاحب! قيدي ٻيڪ مان

ائين پئي ٻاهر نڪتا جيئن ماڪوڙا ڏڙ مان نڪرندا آهن.
مون کي سواءِ توب هلائڻ جي بروقت ٻي ڪابہ واٽ ڏسڻ
۾ نہ آئي تنهن ڪري تمام لاچاري حالت ۾ مون توب جو
گولو ڇڏيو آهي." ڪپتان هن کي ڪو جواب نہ ڏنو ۽ اڳتي
هلي ڏٺائين تہ ويهارو کن غلام ٻيڙي جي ڇت تي پيا هئا،
جن ۾ ڪي مئل هئا ڪي ڦٿڪيا پئي. گوشت جا دوڪ ۽
رت، سڄي ڇت تي پکڙيو پيو هو ۽ ٻيڙي جو درڪليو پيو
هو. جيڪي بہ پهريدار ٻيڙي تي مقرر هئا سي ٻئي نشي ۾
چور هئا ۽ غلامن دروازو کولي اول انهن ٻنهي کي ماري
ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ انهن جا پستول ۽ تلوارون
بہ کنيائون ۽ لوهي تارون، هٿڪڙيون، بولٽ، ناتارون ۽ ٻيو بہ
جيڪو هٿيار ڪٽڻ جهڙو ڏٺائون سو کڻي، هاڻ جهاز جي عملي
تي حملو ڪرڻ وارا هئا تہ انهيءَ غريب ملازم لاچار توب
مان سندن خاتمو آڻي ڇڏيو هو. انهيءَ ڌماڪي ۾ هڪڙو
خلاصي بہ مري ويو هو ۽ ٻيو سخت زخمي ٿي پيو هو. پوءِ
قيدي واپس ٻيڙي ۾ هليا ويا جتي تمام گهڻو شور پئي ڪيائون.
پهريدارن ٻاهران لوهہ جي شيخن تي ٺڪ ٺڪ ڪري هنن کي
ماٺ ڪرائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ٻئي ڪئي پر هنن گوڙ بند
نہ ڪيو.

"گرم پاڻي هاردو هنن بدمعاشن جي مٿان، هونءَ هي
هيڪاري زور وٺندا ويندا. سڙندا تہ پاڻهي ماٺ ٿي ويندا."
ڪپتان هارينبي نهايت ڪاوڙ مان چيو.

"حاضر جناب، حاضر." ٻوءِ ائين ڪيو ويو ۽ قيدين ۾

ڏاڍو تپي ويو.

”پيٽرسن! تو تمام سٺو ڪيو.“ ڪئپٽن انهيءَ ملازم کي چيو جنهن توب چوري هئي. ”تو اڄ اسان سڀني کي موت جي منهن مان آزادي ڏياري آهي. ائين نه ڪرين ها ته اڄ پاڻ سڀ پورا ٿي وڃون ها.“ پيٽرسن، جڏهن ڪپتان جي خوف کان ڏڪيو پئي، تنهن کي هاڻ ڪجهه ڍڪ ٿي ساهه پيو ۽ چيائين ”صاحب، هاڻي مان اها به جانچ وٺندس ته هن بغاوت ۾ ڪنهن عملي جي ماڻهوءَ جو هٿ ته ڪونهي! جيڪڏهن ائين هوندو ته انهي جو به نالو اوهان کي ٻڌائيندس. پوءِ وڏيڪ اوهين مالڪ آهيو“ ”بلڪل ٺيڪ؛ تون بيشڪ اها به جانچ ڪر. شاباس شاباس، چڱو پيٽرسن! هاڻ خدا حافظ.“

”خدا حافظ ڪپتان!“ ڪپتان واپس ورندي هڪ: فعوري هن سان ڳالهايو ”پر، جڏهن بندرگاهه تي هلين ته مون کي ياد ڏيار جان، مان جهاز جي مالڪن کي تنهن جي هن وفاداري جي حقيقت ٻڌائيندس ۽ تو کي انعام وٺي ڏيندس. ٺيڪ آ“

”مهرباني صاحب!“

پوءِ هارينيءَ پنهنجي ڪئبن ۾ ويو جتي اها ڪاري چوري بسترن جي پنيان خوف ۾ دوڙا ڦاڙيو لڪي ويٺي هئي. ڪئپٽن جي دل ڌڙ ڌڙ پئي ڪئي ۽ ڪيس تمام گهڻو خوف ٿيو هو. اول ته غلام چوري به سمجهو ته مون کي به ماري ڇڏيندو. مگر جڏهن هن ڪيس ڏسي مرڪيو ته چوريءَ کي پڪ ٿي ته هو مون کي ڪوبه نقصان نه پهچائيندو. پوءِ هوءَ

چپ چتيندي، ٻانهون مٿي ڪريو، هن ڏي رڙهندي پئي آئي-
مگر ڪپتان ۾ هاڻ ڪابه همت نه رهي هئي. ٻيڪ مان
غلامن جون آهون ۽ دانهون ٻڌڻ ۾ اچي رهيون هيون. اهڙا
ٻه هن ڪئين واقعا ڏٺا هئا.

ڪپتان فتنتين ڪي سون ڏني، لاڪر
بند ڪيو. پوءِ فتنتي سندس ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ڪناري ڏانهن
ويا جتان وري سرجن والڪس، نائب سرجن پيٽرسن ۽ ٻيا
آفيسر ساڳي ٻيڙي ۾ چڙهي جهاز ڏي پئي آيا. ڪپتان جهاز
جي ڇت تي نهايت خوبصورت پوشاڪ ۾ بيٺو هو. هنن کي
ايندو ڏسي رمز واري کي ڏاڪڻ هيٺ لاهڻ جو حڪم ڏنائين.
سرجن ۽ آفيسر مٿي چڙهي آيا ۽ ڪپتان ڏاڪڻ مٿي کڻائي
هڪڙي پاسي رکي ڇڏي ۽ هاڻ هو سمونڊ ڏي فرگيٽ کي
ڏسڻ لڳو مگر ڪيس ڏسڻ ۾ ڪانه آئي. فجر مهل جيو بيابشن
هلڻ شروع ڪيو ۽ اٿاهه سمنڊ جي پاڻي کي چيريندو اڳتي
وڌندو ويو. ڪپتان ۽ ٻيا آفيسر پنهنجين ڪئبن ۾ هليا ويا.

ٻيڪ ي مٿان ورگل ٻن بار ناليءِ هڪڙو سبڪڙات
ٻوٻو پيرن اگهاڙو ۽ ٻئي اگهاڙو، سڙهه جهليو هڪڙي
ڪانيءَ تي ٽيڪ ڏيو بيٺو هو ۽ سمنڊ جو خوبصورت نظارو
ڏسي دل ۾ هڪڙو بهترين شعر ڳائي رهيو ته هو اوچتو سندس
پيرن ۾ هڪڙو ٽين جو ڏٻو زور سان اچي لڳو. ٻن بار ڏڪي
ويو ۽ ذري گهٽ خوف کان هيٺ ٿي ڪريو پر پاڻ سنڀالي
ورتائين. هن ڪان اُن فوٽن جي پنڌ تي جيمي اوبرين ناليءَ
هڪڙو لمبو ۽ ٿلهو خلاصي بيٺو هو جيڪو سندس هيءَ

حالت ڏمي زور زور سان لهڪ ڏئي ڪلڻ لڳو. اوبرين هن کي ڏيکارڻ لاءِ ڄاڻي واڻي ائين ڪيو هو.

"اڄا تون سيڪڙاٽ ٻوڙو آهين، هاڻ نه ڪجهه، دل جهلي ويهو آهين پر جي اڄ کان هڪ مهينو اڳي توسان هيءَ مذاق ڪجي ها ته شايد ڏپ کان مري وڃين ها" اوبرين ٻن بار کي چيو. جيتوڻيڪ ٻن بار چاهي ها ته هن کي جواب ڏئي سگهي ها مگر هن ڪيس ڪو جواب ڪونه ڏنو. هن جو ڳلو سڪي ٺڪر ٿي ويو هو ۽ هن ذري گهٽ خوف کان رنو ٿي. انهيءَ کان پوءِ اها ڳالهه سيني خلاصين ۾ پکڙجي ويئي. پوءِ سڀ ڇوڪرا هن کي ڏڄڻو سمجهي هر وقت مٿس ڪلون ۽ چٿرون ڪندا رهندا هئا ۽ هن کان نفرت ڪندا هئا.

ورگل ڊنبار جو اصلي نالو ورگل ڪٿري هو. انهيءَ نالي سان آمريڪا جا لکين هزارين ماڻهو هن کي سڃاڻندا هئا. هن کي اهوئي خوف هو ته متان جهاز جي عملي وارن مان ڪو ڪيس سڃاڻي نه وٺي. جيڪڏهن ڪو به هن کي سڃاڻي وٺي ها يا اها خبر پوي ها ته هي ڪهڙي مقصد سان ٻوهن ۾ ڀرتي ٿيو آهي ته پڪ هن کي ماري ڇڏين ها. سيني خلاصين کي فقط اهائي خبر هئي ته هيءُ هڪ نئون سيڪڙاٽ، ڏڄڻو ۽ غريب مسڪين ٻوڙو آهي. سڀ ٿي هن کي ائين تنگ ڪندا هئا جئين ڪالج يا يونيورسٽيءَ ۾ نئين آيل شاگرد کي پراڻا شاگرد تنگ ڪندا آهن. پر هتي سندن پوک مذاق هن لاءِ موت مار ثابت ٿئي ها جنهن جي هن کي خبر نه هئي. اهڙي طرح سڀ ڇوڪرا هن کي ٽيستائين تنگ ڪندا رهيا

جيڪسٽائين هو صحيح سلامت واپس بندرگاھ تي پهچي جهاز مان لهي ويو.

حقيقت ۾ ورگل ڪئري هڪڙو مشهور معروف صحافي هو، جنهن فاڪس ۽ ساڪس قومن جي ٻن رياستن کي هڪڙي سرحد تي وڙهڻ واري حقيقت کي لکي مشرقي ڪنارن وارين قومن ۾ ترٿلو پيدا ڪري ڇڏيو هو. جنهن جي لکيل جا ڪئين ذڪرا، سياستدان حوالي طور استعمال ڪندا هئا. هر هنڌ سندس لکت جي هاڪ هئي. ڪئري ڏهن سالن جي عمر کان وٺي بهترين ليکڪ هو. هن جي عظمت کان هرڪو واقف هو ۽ هرڪو سندس بيانن تي ڀروسو ڪندو هو. هو وڏو مهم جو ۽ آڪرين ۾ متو وجهڻ وارو صحافي هو. پهاڙي ماڻهن ۾ ۽ جهنگلي ٻلڻن جو شڪار ڪندڙن ۾ توڙي امڙين پين جڳهين تي بي ترڪ هليو ويندو هو. هو آمريڪا ٻيا ڀيرو لاءِ ويو هو ته جيئن اتي اسپتال واري اسڪئنڊل بابت ڪجهه لکي سگهي. تنهن کان سواءِ ١٨٣٧ع واري بلوي بابت ٻه هن جهڙي طرح وڏن ماڻهن جا پول پڌرا ڪيا هئا، تنهنڪري ٻه هي عظيم صحافي مڃيو ويندو هو.

هن پيري نيو انگلنڊ انباليشن سوسائٽي ڪيس چونڊي، بلڪل درست ڪم ڪيو هو. هن سوسائٽي جي هڪڙي شاخ بوسٽن ۾ کلي هئي، اتي مسٽر ايزراپيٽرسن آفيسر مقرر هو، تنهن هن کي سوسائٽي طرفان هن مهم لاءِ چونڊيو هو.

مسٽر ايزرا پيٽرسن ننڍي قد جو، اڌڙوٽ عمر جو انگريز هو. جيتوڻيڪ قد جو ننڍو هو پر همٿ ملائڻ وقت همٿ جو

زور ڏيندو هو ۽ هڻي کي ڪنهن به خطرناڪ ڪم لاءِ جهٽ راضي ڪري وٺندو هو. پيٽرسن اُن سان مطلب جي ڳالهه ڪئي ته ”مقصد هي آهي ته، مسٽر ڪٿري! غلامن جي واپار تي بندش جي باوجود، آفريڪا جي الهندي ڪنارن تي هي واپار زور شور سان هلي رهيو آهي. بدقسمتي جي ڳالهه اها به آهي ته هن واپار ۾ آمريڪا جي سيڙپ تمام گهڻي آهي. تنهن سان گڏ اسان جي برٽش حڪومت ۽ ٻين ڪيترن ملڪن هن واپار کي ناجائز قرار ڏئي ڇڏيو آهي، پر عملي طرح ڪجهه به نه ٿيو آهي. فقط برطانيه انهيءَ ڌنڌي کي بند ڪرڻ لاءِ معمولي قدم کنيو آهي. مسٽر ڪٿري! ڇا تون هڪ مذهبي ماڻهون نه آهين؟“

حقيقت ۾ ڪٿري مذهبي خيالن جو ماڻهو نه هو پر پيٽرسن، جيڪو ڪٽر مذهبي هو، تنهنجي دل خوش ڪرڻ لاءِ چيائين ”جناب مان به اوترو ئي مذهبي آهيان جيترو تون آهين.“

”مان پڪو مذهبي ماڻهو آهيان پر بقول مسٽر جيفرسن جي، مان ڏڄان ٿو پنهنجي ملڪ جي ماڻهن جي حالت کان، جڏهن مان سوچيان ٿو ته خدا وڏو عادل آهي.“

مسٽر ڪٿري! جئين ته اوهان کي به خبر آهي ۽ مان به محسوس ٿو ڪريان ته ماڻهن مذهب جي مطلب کي غلط سمجهو آهي. نه رڳو مذهب، بلڪ خدا جي تصور کي به غلط سمجهو آهي. جنهن ڳالهه کي اسين مذهبي حق سمجهي رهيا ٿا آئيون سا مذهب جي بي حرمتي آهي. جيڪڏهن

ٻيو ڪو ملڪ اسان تي آڪڙ ٿو اچي ڪري ته اسين لڙائي ۽ فقط لڙائي لاءِ تيار ٿي ٿا وڃون.

هن ڳالهه جو مسٽر ڪٿري تي ڪوبه اثر نه ٿيو ۽ فقط ڪنڌ سان هاڪار ڪيائين.

”مطلب فقط اهو آهي، مسٽر ڪٿري! ته غلامن جي واپار کي بند ڪرائڻ ۾ اڄ تائين برطانيه ۽ ٻين ملڪن جي وچ ۾ هزارين معاهدا ٿيا آهن. جن ۾ هر دفعي هرڪو ملڪ، ترميم، ترديد، ڦير ڦار يا سڌاري وغيره ڪرڻ کان سواءِ اڳتي نه وڌيو آهي. برٽش جو آفريڪن اسڪئاڊرن به بيوس آهي. هن عملي جي ڪنهن به آفيسر کان ڪا ڪوتاهي ٿي ٿئي ته منش ڪرا ڏنڊ وڌا ٿا وڃن، ڪيهار بند ڪيا ٿا وڃن يا ڊسمس ڪيا ٿا وڃن.

هي جيڪا خاص مجبوري آهي، سا اها آهي ته جي اهڙا جهاز پنهنجا شڪاري ڇڏائي ٿا ڇڏين ته انهن جهازن کي ڪجهه ڇني نٿو سگهجي. هو آزاد آهن ۽ پوءِ هو ڀلي ڪٿي ڪيترا به غلام ماري، ڪٿي ڊيڪن ۾ ڀري ڪٿي وڃن مگر هي آفيسر هنن جو ڪجهه نٿا بگاڙي سگهن. هو انهن جهازن جي تلاشي به نٿا وٺي سگهن ۽ سندن رجسٽري جا ڪاغذات به نٿا ڏسي سگهن. هو اهڙن جهازن کي فقط انهي صورت ۾ جهلي ٿا سگهن، جڏهن اکين سان، قيدي جهاز ۾ چڙهندي ڏسن. ”مگر ائين نه هوندو. مون کي يقين نٿو اچي“ ڪٿري چيو.

”واقعي اوهان کي يقين نه ايندو هوندو، پر اسان وٽ

اهڙي لکپڙهه جون ڪوئيون پريون پيون آهن. اوهين چاهيو ته ڏسي سگهو ٿا.

"خير، هوندو!" ڪنري ڪلهن کي مٿيرو چڪيندي چيو. وري خيال ڪيائين ته متان مسٽر جيفرسن سمجهي ته نه ٿي ٿو تنهن ڪري وري چيائين "وري به سرسري نظر سان ڏسڻ ڏيو ته ڏسي وٺان."

"جيڪا اوهان جي مرضي."

"ڀلا مان اوهان جي هن معاملي ۾ ڪهڙي مدد ڪري ٿو سگهان؟"

"اوهان ڪنهن اهڙي جهاز تي سوار ٿي وڃو، غلامن جو هڪڙو چڪر ڪٽي اچو ۽ پوءِ پنهنجا تاثرات لکي، هڪڙي ڪتاب جي صورت ۾ اسان کي ڏيو. اسين اهو ڪتاب شايع ڪرائي، عام ماڻهن ۾ ورهائينداسين."

"ڇا، هرويرو ضروري آهي ته مان ئي انهي باري ۾ ڪم ڪريان؟" ڪنري کي اها خبر هئي ته هو ڪيس ڇا جي لاءِ ٿو چوي: پر وري به هن سندس واتان ٻڌڻ ٿي چاهيو.

"ڇاڪاڻ ته اوهان ۾ ايتري صلاحيت ۽ قابليت آهي جو ماڻهو اوهان جي لکڻين کان متاثر ٿيندا. اوهين هنن جي ستل ضمير کي جاڳائي سگهو ٿا. هو بلڪل ٻوڙا ٿي چڪا آهن. لکن ۽ هزارن غلامن جون بند ڏيکن مان آهون ۽ دانهون نٿا ٻڌي سگهن؛ مگر اوهان جو آواز ٻڌي سگهندا. ڇاڪاڻ ته اوهين هنن جا پيارا آهيو. اوهان جو آواز غور سان ٻڌن ٿا. ٻي ڳالهه ته اوهان سفيد چمڙي وارا آهيو. اوهان جو آواز

هن تي اثر ڪندو.“
ڪئري ڪجهه دير انهيءَ معاملي تي سوچ ۾ لڳو ۽ خيال ڪيائين ته، مان ڪن ڪان سندس نالو ليکڪن جي لسٽ مان ڪم تي ويو آهي. انهيءَ دور ۾ هن اهڙي ڪابه حقيقت نه لکي هئي جنهن ڪان سندس نالو ٻيهر ماڻهن جي زبان تي اچي. هن کي ضرور ڪجهه نه ڪجهه اڪن گهرجي. اهڙي خيال ڪري، هن چيو:
”مسٽر جئفرسن! مون کي اوهان سان همدردي آهي. مان اهين ڪندس، مگر اهيءَ جي عيوض اوهان کي به مون سان همدردي هئڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته هن موم تي منهن جو به ڪافي خرچ تي ويندو ۽ وقت به لڳندو.“
”بلڪل، بلڪل، اوهان کي خرچ جي اوس ضرورت پوندي. اسين اوهان کي پنج هزار ڊالر في ڏينداسين. تنهن کان پوءِ اسين اوهان جي ڪتاب جون هڪ لک ڪاپيون ڇپائينداسين ۽ هر ڪاپي تي اوهان کي ڏيڍ ڊالر رائلٽي به ڏينداسين. هاڻ اوهين ٻڌايو ته اسين اوهان کي ڇا ڏينداسين.“
ڪئري في الحال ڪو جواب نه ڏنو. مگر پئسن جي ڳالهه سڀ کان وڌيڪ آهي.
”ڇا ٿا چئو مسٽر ڪئري؟ مون کي اٿي جو اٿي جواب ڏيو. جي ها ڪريو ته مان اوهان لاءِ پيا بندوبست ڪريان.“
”مون کي منظور آهي“ ڪئري جواب ڏنو.
”ٺيڪ. ڏاڍو سٺو.“ جئفرسن ڪرسيءَ تان اٿيو ۽

ڪئري جي ڪلهي تي هٿ رکي هن سان دروازي تائين آيو. ”سڀاڻي صبوح جو منهنجو نائب مسٽر هيسٽنگ اوهان وٽ ايندو، ڪاغذن تي صحيحون وٺندو ۽ وڌيڪ تفصيل اوهان کي ٻڌائيندو.“

ڪئري دل ۾ خيال ڪيو ته جيڪڏهن مسٽر پيٽرسن منهنجو دشمن نه آهي ته پوءِ هيءَ هڪ وڏي خوشي جهڙي ڳالهه ٿيندي. پوءِ ڏينهن مسٽر هيسٽنگ هن سان مليو، تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٿي ۽ مسٽر ڪئري هن کي چيو ”.گر مسٽر هيسٽنگ! هيءَ ڳالهه ٻئي ڪنهن وٽ ڪلڻ نه گهرجي.“

”اوهين بلڪل يقين رکو ڪنهن سان به نه ڪلندي. هي ڳالهه ته اوهان کي ڪٿي به ٻئي جي گهرج پئي يا ڪنهن به مدد جي ضرورت پئي ته اوهان جي پوري پوري مدد ٿيندي.“

”مهرباني. هاڻي مان هي مهم پوري ڪري اچان، وڌيڪ پوءِ جون ڳالهيون پوءِ ڪنداسين.“

”خطري جي ڪابه ڳالهه ڪانهي مسٽر ڪئري! اوهين اطمينان رکو.“

پوءِ مسٽر ورگل ڪئري پنهنجو نالو بدلائي ورگل ٻن بار رکيو ۽ مسٽر هيسٽنگ جي ڪوشش سان ڏکڻ ڪئرو لينا ۾ پهچي ويو. جتي هو سيڪڙن ٻوين ۾ پرتي تي ويو. مسٽر هيسٽنگ هن کي ٻڌايو ته غلامن ڪٽڻ وارا جهاز ڪناري تي اٿين گڏ بيٺا هوندا جيئن ڪاٺ جا بنډ هڪ ٻئي جي پر ۾ پيا هجن، پرحقيقت ۾ ائين ڪونه هو. چارلسٽن جي بندرگاهه

تي ڪل نَوَ جهاز بيٺل هئا جن ۾ فقط ٻه جهاز اهڙا هئا
جيڪي غلامن جي ناجائز واپار لاءِ ڪم ڪندا هئا. جيتوڻيڪ
ٻچي ٻچي کي اها خبر هئي، پر انهن جي ڪنهن کي ڪا
ڪٿني ڪانه هئي. انهن ٻن جهازن مان هڪڙو "ڊيو نيايشن"
هو ۽ هفتي کن ۾ هاڪاري وڃڻ وارو هو. منجهس خلاصين
۽ ٻوين جي پرتي جي ٻه جڳهه هئي. پوءِ مسٽر ڊن بارو
جيو پليشن جي ائب ڪپتان نمبر ٻئي جي خوشامد خاطر
شراب جون ٻه ٽي ٻوتلون وراڻيون، مٿي چاڙهي ويو ۽ پرتي
جي ڪاغذن تي صحيحيون ڪيائين.

هاڻ مسٽر ڊن بارسموند جي ٻئي ڪناري تي پهچي ويو. پوءِ
ڊن جا پير ۽ پنا اگهاڙا رهندا هئا. گرميءَ ۽ سامونڊي هوا
منڊس چهري جو رنگ ئي بدلائي ڇڏيو. هن کي جهاز ۾
ڪمين لوڏا ۽ ڌڪا ڌوما ايندا هئا. ڪڏهن ته ذري گهٽ
پاڻيءَ ۾ ڪرڻ جهڙي حالت مان ٻه ٻچي ويندو هو نه ته
جيڪر ڪچين جو ڪاڄ تي وڃي ها. رات ڏينهن سڙهن ۽ رسن
سان جهيڙو هوندو هوس. هاڪا ۽ بهترين سڙهه سٺائي هوا ۾
جهاز کي ڌوڪيندا اڳتي کنيو پئي ويا.

هڪڙي خلاصي لائوڊ اسپيڪر رات تي رکي آواز ڏنو
"ٺيڪ آهي، هاڻ هيٺ لهي وڃو. جلدي ڪريو." ڊن بار
ٻه هڪڙي رسي کي جهلي هيٺ لهي ويو. جيتوڻيڪ هو
ڊنو پئي پر پوءِ آخر لهي ويو.

هن ڏيڍين جي پهرين ڪيپ جهاز جي ڊيڪ ۾ لاٿي.
سڀ خلاصي هڪ ٻئي ۾ ٽوڪ مذاق ڪندا رهندا هئا. پر

هن سان گھڻو ئي ڳالهائيندا هئا ۽ ٻن بار جي به اها ئي مرضي هئي ته جيڪر نه ڳالهائين ته سٺو. غلام عورتن کي سڀ خلاصي گھور ڪري ڏسندا هئا مگر ٻن بار ڪڏهن به ڪنهن عورت يا مرد کي بري نگاهه سان نه ڏٺو. ”ڪپتان صاحب! قيدي پهچي ويا“ نائب ڪپتان مسٽر هارينبي کي اطلاع ڪيو. ”ٺيڪ آ. هاڻ رسي واري ڏاڪڻ مٿي ڪئي ڇڏيو.“

”حاضر صاحب.“ ڏاڪڻ مٿي ڪئي ڇڏيائون. ”مسٽر مرڊس! ڊيڪن جا منهن کولي قيدي هيٺ لاهيو.“

”حاضر صاحب.“ نائب ڪپتان خلاصين کي حڪم ڪيو ته قيدي هيٺ لاهيو.

مسٽر ڪاڻن چيو ”ٻن بار! اوبربن! سنياگو“ اوهين دروازن جي منهن وٽ تلوارون کڻي هوشيار ٿي بيهو متان ڪو قيدي سمونڊ ۾ ٽپ نه ڏئي.“ ٽئي ڄڻا ٻئي نمبر نائب ڪپتان مسٽر رئنڊال وٽ هٿيارن لاءِ ويا. هن کين تلوارون ڏنيون جيڪي وزن ۾ تمام ڳريون هيون. ٻن بار کان تلوار کڻي ڪانه سگهي ها پر ڪيس اهڙين تلوارن جو اڳ ۾ تجربو هو جو هن کان اڳي هن بلئڪ ماڪ وار ۾ اهڙيون ڳريون تلوارون استعمال ڪيون هيون. تنهن ڪري هو اوبرين جهڙي طاقتور ماڻهوءَ کان نه وڌيڪ آسانيءَ سان تلوار کڻي هٿ ۾ ڪئي. ٿوري دير ۾ هڪڙي ٻڳهي ۽ سوڙهي ٻيڙي جهاز جي ٻر ۾ اچي بيٺي جنهن تي ڏهه ڄڻا ڪرومن قوم جا خلاصي هئا. هو رنگ جا سنهرا تمام مضبوط جسم ۽ ٻڳها خلاصي هئا. ڪرومن صدين کان وٺي سمونڊ

تي مچي جو شڪار ڪندڙ هئا جيڪي هاٿي لاءِ پاهي هن ڏنڌي جي پٺيان اچي پيا هئا. غلام گهڻو ڪري هنن جي پيڙهن ۾ ڪجهي ايندا هئا. پيڙهيءَ ۾ ڪل ويهه غلام هئا جيڪي زنجيرن ۾ ٻڌا پيا هئا.

”غلام مٿي موڪليون، ڪپتان!“ هڪڙي ڪرڙمن هيٺان پيڙهيءَ مان آواز ڏنو.

ڪپتان ڪنڌ سان هائوڪار ڪئي. پوءِ هنن پهرين ٻن غلامن جا زنجير کولي، چهبڪن سان ماري مٿي چاڙهڻ شروع ڪيا. مٿان جهاز جا خلاصي ڏنڊا هٿن ۾ جهليو بيٺا هئا. جيئن غلام مٿي پهتا تيئن انهن کي هڪڙي لاهيءَ تان ڌڪو ڏئي ٻيڪ ۾ هيٺ لاٿو ويو ۽ هيٺ بيٺل خلاصين انهن کي اتي دسي ٻڌو. وري ٻي جوڙي لٿي.

”مسٽر مرڊس! سڀڙهه آيا ڪريو.“ ڪپتان نائب ڪپتان کي چيو. نائب ڪپتان مسٽر ڪائن کي اهڙو اشارو ڪيو. ڪپتان سانڍا سٺ سؤ ڊالر ڪرومن کي ڏنا. جيئن ته ڪالهه انهن جي ملهه جو نبيرو ٿي چڪو هو. فجر مهل فرگيٽ جي اچڻ کان اڳ ۾ ئي جهاز اتان نڪري ويو ۽ ڪرومن به پنهنجي پيڙي هاڪاري رفوچڪر ٿي ويا.

ٻن بار ٻيڪ جي دروازي وٽ تلوار هٿ ۾ جهليو بيٺو هو. هن ڏٺو ته قيدي اڳين کان وڌيڪ دلير ۽ رعابدار ڏسڻ ۾ ٿي آيا. هنن جي چهرن تي ڪنهن به قسم جي مايوسي ڪانه هئي. ٻن بار دل ۾ سوچڻ لڳو ته هي ماڻهو غلام نٿا ٿي سگهن. اوبرين ۽ سنتياگو به هنن کي جاچي ڏسي رهيا هئا. آخرڪار کين هيٺ لاهي ٻڌي ڇڏيائون. چار خلاصي

ٻيڪن جا در مٿي چڪيو جهليو بيٺا هئا پيا ۽ ٻيا ٻيڪن مان پمپن جي وسيلي پاڻي ڪڍي رهيا هئا. سڀ قيدي پاڻيءَ ۾ پسيل هئا. پهرين جيڪي ڇهه غلام مٿي چڙهيا سي ڇهه ئي اگهاڙا هئا. ستين کي لانگوٽ ٻڌل هو. خلاصين لانگوٽ کي ڇڪي هيٺ پاڻيءَ ۾ اڇلي ڇڏيو ڇاڪاڻ ته ٻيڙيءَ ۾ سڀني کي اگهاڙو ڪري پوءِ بند ڪندا هئا. ٻن ٻارن اوٻرين ۽ ستياگو قيدين کي ٻيڪ جي ترڪڻ تان هيٺ ڌڪا ڏيندا ويا ۽ هو هيٺ لهندا ويا. ايتري ۾ ٻن ٻار کي ٻئيان ڌڪا ڏوڪي جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. هن ڦري ڏٺو ته هڪڙو غلام جيڪو ڇهبڪن جي ڌڪن سان ڏڏريو پيو هو، سو خلاصين سان وڙهيو پيو. خلاصين جا مٿس ڇهبڪن جا ۽ لتن ۽ مڪن جا گهوگهٽ لڳا پيا هئا آخر ڪيس عيسائي اونڌو ڪري دسيائون ۽ هڪڙو خلاصي هن کي ڇهبڪ هڪوڪن واري پٺي سان پٺن ۾ ڌڪ هڻي رهيو هو ۽ هن جي پٺن مان رت جا ڦڙا پئي نڪتا.

"هن کي ٻڌو" هارينبي حڪم ڪيو ۽ خلاصين وري ڪٺي هڙ کي ٻڌو. پوءِ انهيءَ کي ٻه هيٺ ڌڪو ڏئي ڇڏيائون. جهاز ۾ اندر ٻي ٻيڪ ٺهيل هئا جن جي وچ مان سوڙهو گس ڇڏيل هو. ٻيڪ جي ڇت ٻن ٻن فوٽن جي اوچائي تي ٺهيل هئي جنهن ۾ قيدين کي لاهي پٺن ڀر ليٽائي ڇڏيائون، جيئن سندن مٿان ٻيڪ جي ڪناري ڏي ۽ پير وچ ڏي ٿين ۽ نڪي ڇت سبباڻي ويهي نه سگهن. پيرن ۾ گول ڪڙا رکيل انهن ۾ ٻگهو زنجير وجهي ٻيڪ جي ڇيڙن ۾

اگهاڙا لوهي ڪلن ۾ ٻڌي ڇڏيائون. غلامن کي هڪ ٻئي سان لڳولڳ اهڙيءَ طرح ٻڌو ويو هو جو هنن جا ڪلها هڪ ٻئي سان چنبڙيا پيا هئا ۽ ڪيڏانهن به چري نٿي سگهيا. هر قطار ۾ ڏهه، ٻيهه غلام ٻڌل هئا.

ڏن بار هنن جي طاقت ڏسي، ارمان کان آهستي ٿڌو شوڪارو پريو. هوا نهايت خراب ٿي لڳي. ڏيکن جي پاسن ۾ سنهڙا سنهڙا سوراخ ڇڏيل هئا جن ۾ قيدي التيون ڪري سگهن ۽ گندگي ٻاهر پاڻيءَ ۾ هلي وڃي. انهن ئي سوراخن مان ٻاهرين هوا به اندر اچي سگهندي هئي. پوءِ ڏن ٻار ڏيکن کان ٻاهر نڪري آيو ۽ مٿي اچي تازي هوا ۾ ڊگها ڊگها ساهه کڻڻ لڳو. مردن کي بند ڪري پوءِ هنن عورتن کي هڪ ٻئي ڏيک ۾ لاهڻ شروع ڪيو. اڪثر سڀني عورتن کي اگهاڙن ۽ پنيان مخصوص عضون ڍڪڻ لاءِ ڪپڙن جا ٽڪر ٻڌل هئا باقي سمورو جسم اگهاڙو هو. عورتون گهڻو ڪري سڀ نوجوان هيون. سندن ڇاتيون ڏسي ڪي خلاصي هنن کي گهور ڪري ڏسي رهيا هئا، ڪن پري کان وٺ سٽ پئي ڪاڏا ۽ جسم کي موڙا پئي ڏنا. گوميز نالي هڪڙي اسپيني خلاصي هڪڙي ڇوڪريءَ جو پونڙو ڇڪي لاهي ورتو ۽ پري اڇلي ڇڏيائين. ڇوڪريءَ زور سان رڙيون ڪيون ته، گوميز چيلهه مان چاقو ڪڍي ڪيس ٻنڌڙ تي چاقوءَ سان سنهو چير ڏنو. هن وڏيڪ دانهون ڪيون ۽ هڪڙو هٿ اگهاڙن هڪڙو پنيان رکي شرمگاهه لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي. ”هلا ٿئي بد معاش، ڪٿي“ هڪڙي خلاصي

ڪيس ٽمڪي ڏني ۽ ٻيا ٿهڪ ڏئي کلڻ لڳا. ٻئي خلاصي وري ٻيءَ جو پوتڙو لاهي پري اڇليو. اها به سچي هڪ ٻڪي ٿي وئي. وري ٽيءَ جو ڪپڙو لاٿائون. گوميز انهي کي به ٻنڌڻ تي چماٽ هڻي ڪڍي ۽ ڇوڪريءَ کان دانهن نڪري وئي.

مسٽر هارينبي خلاصين کي منع ڪئي ۽ مسٽر مرڊس کي چيائين "هنن عورتن کي نلڪي تي وٺي وڃو ۽ سيني کي وهنجاريو."

"حاضر صاحب." مرڊس جواب ڏنو. ٿوري دير ۾ خلاصين ۾ ڇؤٻول شروع ٿي ويو. "سمنڊ لاءِ غلام کپي، سمنڊ لاءِ غلام کپي." هرطرف اهو آواز پکڙجي ويو. ٿوري دير ۾ هڪڙي زخمي غلام کي ڊيڪ مان ٻاهر ڪڍي آيا. هن به اينڌي شرط خلاصن کي مارڻ شروع ڪري ڏنو. ناٽا ٿي وڌي. نيٺ هڪڙي خلاصي ڪمس ران ۾ خنجر هڻي ڪڍيو ۽ هو ڪري پيو.

"مسٽر ولڪيمس"! قيدي جي تپاس ڪريو." "حاضر صاحب" سرجن جواب ڏنو ۽ ٽڪ کي جانچي ڏسي چيائين جناب ٽڪ تمام گهٽا لڳل اٿس.

"چڱو، ٻڌوس" ڪپتان حڪم ڪيو ۽ خلاصين هن کي ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي. ايتري ۾ قيدي هنن کان ڇڏائي هيٺ ڪئي ٽپو ڏنو ۽ ٽؤ وجي ڪيائين سمونڊ ۾. ڪجهه دير کان پوءِ وري ٻاهر نڪتو ۽ تري جهاز ڏي آيو. ڏهه ٻارنهن چڪر ڏنائين پر ڪتي به ڪمس کا اهڙي شيءِ هٿ

نه آئي جنهن کي جهلي ساهي پٽي. پوءِ هن ڪناري ڏانهن تري وڃڻ شروع ڪيو. هيڪڙو خلاصي جهاز جي مٿان کيس ڏسي رهيو هو. غلام ڪافي پري نڪري ويو ته خلاصي مٿس ننڍي توب سان فائر ڪيو. ڏڪ لڳڻ شرط ٺهڪندڙ پاڻي مٿي چڙهي آيو ۽ غلام غائب ٿي ويو. ٿوري دير ۾ پاڻيءَ جو رنگ ڳاڙهو ڏسڻ ۾ آيو ۽ غلام نظر نه ٿي ويو.

ٻن بار هي منظر ڏسي دل ۾ هيڪڙو الميه شعر ڏاهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ چاهيائين ته زور سان الدو پڙهان پر وري هاسيڪار ماٺ ڪئي ڪيائين. غلام کي ماري وري به سڀ خلاصي پنهنجي ڪم کي لڳي ويا. جنهن خلاصيءَ غلام کي ماريو هو سو ڪپتان کان نهايت عاجزيءَ سان معافي وٺڻ لڳو. "ڪپتان صاحب! مون کيس روڪڻ لاءِ فائر هن ڪان اڳيرو ڪرڻ ٿي چاهيو پرهو مري پيو. مهرباني ڪري معافي ڏيو."

"مونکي سڀ خبر آهي، تو هن کي روڪڻ ٿي چاهيو. پر توکي خبر آهي ته تو واپار جو هيڪڙو قيمتي پرزو ضايع ڪري ڇڏيو" ڪپتان کيس چيو. "توکي انهي جي، ڪا نه ڪا سزا ضرور ملڻ کپي." پوءِ نائب ڪپتان کي چيائين "مسٽر مردس! نوٽ ڪر ته ڪناري تي پهچي انهي مري وڃڻ غلام جي قيمت هن جي پگهار مان ڪٽي ويندي."

"حاضر صاحب" نائب ڪپتان جواب ڏنو. "۽ في الحال هن کي پيتڙهن ڦٽڪا هڻيا وڃن." "حاضر صاحب." پوءِ

نائب ڪپتان خلاصيءَ ڪان وردي لهرائي ورتي ۽ ڪيس اتي جو اتي ڀسمس ڪري ڇڏيو.

ڀڳڪن ۾ اندر گهگهه اونداهي لڳي پئي هئي. پر آڊوڪي جي دل ۾ انهي ڪان ٻہ وڌيڪ اونداهي ڇانئجي چڪو هو. هو دل ۾ ارمان ڪرڻ لڳو تہ "ناحق پنهنجا ماڻهو ڦاسايم ۽ ڪين هروقت جهيڙي ڪان روڪي وڏي غلطي ڪيم."

آڊوڪو شرم ۾ ٻڏي ويو. ڪيس ايتري خبر هئي تہ هاڻ اسين سڀ هميشہ لاءِ غلام بڻجي وياسين. غلامن بابت اڪ ۾ ڪيس فقط اها خبر هئي تہ غلامن کي بہ ڪي حق آهن. چاڪاڻ تہ هنن وٽ بہ غلام هئا، جتي آقا ۽ غلام ۾ فقط دولت ۽ سماجي حقن جو فرق هو. غلام کي دولت گڏ ڪرڻ جو حق هو. هنن کي گهر جي ڀاتين وانگر سمجهيو ويندو هو. هنن جو اولاد غلام نہ سمجهيو ويندو هو ۽ ڪنهن بہ غلام عورت سان شادي ڪرڻ ۾ گهٽتائي محسوس نہ ڪئي ويندي هئي. ڪنهن زماني ۾ خود آڊوڪي جو ڏاڏو بہ غلام هو. مگر هتي هنن سان جانورن ڪان بہ برو حال ڪيو ويو هو. ڪين اگهاڙو ڪري لوهي تختن تي ڀڳڪن ۾ اندر بند ڪيو ويو هو. هتي فقط مرد غلام موجود هئا ۽ آڊوڪي کي ڪابہ خبر نہ پئي تہ عورتن ۽ ٻارن سان ڪهڙو حشر ڪيو ويو آهي. ٻن ٻن فٽن تي ڀڳڪن جون ڇتيون ٺهيل هيون جن ۾ اندر سخت گرمي، پيشاب ۽ گرفتي جي بدبو هئي. اندر ڪابہ مناسب تازي هوا ڪانہ ٿي لڳي ۽ هو ايترا تہ سوڙها پئل هئا جو ٿورو بہ چري

نٿي سگهيا ۽ اونداهيءَ سبب هڪ ٻئي کي ڏسي به نٿي سگهيا.

آڊوڪي کي اڄا به دل ۾ اهائي حسرت هئي ته ڪاش، جيڪر هتان ڀڄي نڪرڻ جو ڪو امڪان هجي ته انهن سوئرن فشنٽين کان انتقام وٺي ونون جن بي گناهه اسان کي برباد ڪري ڇڏيو. هن کي پنهنجي سوٽ ميليو جو به ارمان هو جيڪو سمنڊ ۾ ٽپو ڏئي ڀڳو ٿي ويو ۽ توب جي نذر ٿي ويو هو. ڪيس بيسوءَ جي بار بار سار ڪائڻ جو به ڏاڍو ڏک هو. دل ۾ خيال ڪيائين ته ڦاسڻ ته ڪهڙو ڦتڪڻ. هر ڪنهن کي اجازت آهي ته هن حالت ۾ جيئن وڻيس تيئن ڪري. ته هن ڪري ميليو به ٺيڪ ڪيو ۽ بيسو به جيڪي ڪيو سو ٺيڪ پئي ڪيو. شايد هاڻ اسان جا ٻيا ساٿي به پنهنجي مرضي موجب جيئن وڻندن تيئن ڪندا ۽ مارجندا ويندا. خود مونکي به آخر ائين ڪرڻو پوندو. هن حياتيءَ کان موت ڀلو آهي.

”آڊوڪا!“ ٻهڪ مان ڪنهن کيس آواز ڏنو.

”جي“ آڊوڪي بيسو جو آواز سڃاتو.

”آڊوڪا، هاڻ ٻڌاءِ، اسان لاءِ ڇا حڪم آهي.“

آڊوڪي ڪجهه دير ڪو جواب ڪونه ڏنو. وري کيس انهن ”ايبو“ قوم جي قيدين جون آهون ۽ دانهون ٻڌڻ ۾ آيون جن ڪجهه ڇيو پئي ٻي هو سندن ٻولي سمجهي نٿي سگهيو. ڪي رنا رُئي ۽ ڪن آهه و فغان پئي ڪئي. آڊوڪي جي ماڻهن ڪنهن به قسم جي دانهن ڪوڪ ڪانه ٿي ڪئي. نهي تي هو وري فخر ڪرڻ لڳو ته اسين ايمن کان وڌيڪ

دلير ۽ بهادر آهيون اسان کي زنده رهڻ گهرجي ۽ دشمن جي مقابلي لاءِ جيئرو رهڻ کپي. پوءِ بيسوءَ کي مخاطب ٿي چيائين:

”اسين انتظار ڪنداسين. اڄ به انتظار ڪنداسين سڀاڻي به انتظار ڪنداسين. پوريءَ ڄمار تائين انتظار ڪنداسين، جيسين اها گهڙي اچي جڏهن اسين دشمن کان پورو پورو بدلو وٺون. فتح نيٺ اسان جي ٿيندي.“

”ها. تون انتظار ڪجانءِ. ايستائين جيستائين تنهنجا ڏند ڏانون پچي پري ختم ٿي وڃن ۽ تون تلوار به هٿ ۾ نه کڻي سگهين.“ بيسو جواب ڏنو ۽ ڪاوڙ ۾ پرجي وڌيڪ چوڻ لڳو ”اسين اڳيئي مري چڪا آهيون. هاڻ اسان کان هنن انڌيرن ۽ ڪال ڪوٺڙين ۾ زندگي بسر نٿي ٿي سگهي. اسين هن حياتيءَ کان ڇوٽڪارو ٿا چاهيون. هاڻي اسين اهڙو ترسي نٿا سگهون جو انهن کي کهون جن اسان کي ڪٺو آهي.“

”بيسو! بيسو! منهنجا پيارا پٽ! اڃا ماڻ مئا نه آهيون. مان به جيئرو آهيان تون به جيئرو آهين. اڃا تنهنجي ٽنگن ۾ سگهه آهي. اڃا تنهنجي رڳن ۾ خون آهي ۽ انهن ۾ انتقام جي باهه ڀڙڪي رهي آهي. تون پاڻ کي مئل ڇو ٿو سمجهين. اڃا نه تنهنجي جسم ۾ دشمن کي نابود ڪرڻ جيتري طاقت آهي. تو ۾ اڃان همت آهي. انتظار ڪر“ آدوڪي چيو.

”هاڻ مون کان صبر نٿو ٿي سگهي. مان جلد از جلد

هن حالت کان نڪرڻ ٿو چاهيان.“

”پيارا بيسو! ترس. اسان جي ڪاڻ اچان ترس. اسان کي تنهنجي طاقت، همٿ ۽ ڀانهن جي ضرورت آهي.“ آڊوکي نهايت گنڀير آواز ۾ چيو ۽ بيسو کيس ڪو جواب ڪونه ڏنو.

اهتري ۾ ٻيڙي جي مٿان ڪنهنجي ٻڪ ٻوڙ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. جهاز لڏڻ لڳو. سنهن سوراخن مان ٿڌي هوا اندر اچڻ لڳي. جيوبيليشن هلي رهيو هو ۽ لوڏن تي قيدين کي دست ۽ الٽيون شروع ٿي ويون.

ٻيڙي جي مٿان ڪن خلاصين جوئا پڻ ڪئي. ”ٽي بادشاهه“ ٻن بار چيو. ٽن چئن گـل ڪاٽو. باقي ٻن بار ۾ هٿرس پتا هٿن ۾ جهليو ويٺا هئا. آخر هٿرس به پتا کوليا ۽ بيسو راند کٽي ويو. هٿرس شو ڪري پڇتايو. خاص رقم رکيل ڪانه هئي. ٻن بار کي هوڙ ۽ پيسن جو ڪو خيال ڪونه هو. حقيقت ۾ هو به هار کائي ها مگر هٿرس تڪڙ ڪري گل ڪاٽو هو. ڪلاڪ ڪن کان پوءِ ٻن بار اٿڻ چاهيو. هونئن هن جـي راند ڪرڻ ۾ اوبرين به خوش ڪونه هو.

ڪي خلاصي ٻهوڙين تان لڏل هئا. پهريون عورتن ۽ ٻارن کي ڪاٽو ڪارائي هاڻ ٻيڙي جي ڇت تي اچي ليٽي پيا هئا. ڪن تنبو پٽي ڇاهيا. جيڪي بيڪار ويٺا هئا سي ٻيڙي مان غلام عورتون ڪڍي ڪنڌن ڪوچن ۾ عيش ڪرڻ هليا ويا. هن کان اڳين رات به انهن حرڪتن کان خلاصي پاڻ

۾ وڙهي پيا هئا. هڪڙو خلاصي جهاز جي ڪنڊ ۾ هڪڙي غلام ڇوڪريءَ سان بدپيشي ۾ لڳو پيو هو ته هن جا ڪيو جو ٻرٻل اماڙي ڪئي، لڪي لڪي پنهنجي پاسي ڪان هن کي آنورن ۾ وڃي هنئين ۽ هو سڙي پيو جنهن تان ٻنهي جا هڪ ٻئي جي ڳچين ۾ هٿ پنجي ويا ۽ هڪ ٻئي کي اهڙا گهڻا ڏنائون جو جنهن مهل نائب ڪپتان مسٽر رنڊال هنن کي ڇڏايو ته ٻئي بيهوش ٿي ڪري پيا. عورتون ۽ ٻار مسٽر رنڊال جي چارج ۾ هئا. ڊيڪن جي هڪڙي چاٻي هن وٽ رهندي هئي ۽ ٻي ڪپتان هارينبي جي ڪئبن ۾ ٽنگيل هوندي هئي. هن عورتون ساريون ته انهن ۾ ڇهه ڇوڪريون ڪنل هيون. هاڻ مسٽر رنڊال انهن کي تلاش ڪندو جهاز ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڳوليندو پئي آيو. رنڊال ڊيوٽي جو نهايت سخت ۽ پابند هو. اوچتو هن کي هڪڙي ڪنڊ مان رڙ ٻڌڻ ۾ آئي ۽ ٽنگن ۽ ٻانهن جو ڦٿڪارو ٻڌڻ ۾ آيس- پيو به ڪو آواز ٻڌڻ ۾ آيس. رنڊال اوڏانهن وڌي ويو ۽ هڪڙي خلاصيءَ کي ٽڏو هڻي ڇوڪريءَ تان لاٿائين، ڪجهه اونداهي هئي ۽ هي خلاصيءَ کي سڃاڻي نه سگهيو. "ڪير آهين؟" رنڊال زور سان پڇيو."نالائق، برنس آهين؟" برنس هلڪي آواز ۾ چيو "ها."

"اڙي ڪتا، هن ڇوڪريءَ جي ڇا حالت ڪئي اٿئي. هيءَ نه اڃا ننڍي آهي! هيءَ نه مري ويندي؛ جي مئي ته ياد رکجانءِ انهيءَ جي قيمت تنهنجي پگهار مان ڪاٽي ويندي."

”ڪانه مرندي مسٽر رُنبدال، ڪانه مرندي.“ پر مان هڪڙي پنهنجي خلاءِ جواب ڏنو. ”برنس ۾ ايتري طاقت ئي ڪانهي جو هن جو ڪجهه بگاڙي سگهي.“

هوڏانهن ڊن بار بازي هارائي چڪو هو ۽ ڪافي رقم ڏيڻي پئي هيس.

”خلاصي جيڪو جواب رُنبدال کي ڏنو تنهن تي سڀ کلڻ لڳا. رُنبدال ڪجهه دير برنس جي حرڪ ڏسندو رهيو ۽ پوءِ وري اکيرو ويو.

ڊن بار ٻي بازي به هارائي ۽ اهو چئي راند تان اٿيو ته هاڻ وري سياڻي. ”اڄ رات مون تمام گهڻا پيسا هارايا آهن، هاڻ مون وٽ وڌيڪ پيسو ڪونهي.“

”ڪجهه تائين مون ڪان اڌار وٺ.“

”نه. اوهان جي مرضي آهي ته بندرگاهه تي لهان ته نلها هٿ چنڊي لهان ۽ پوءِ وري به جهاز تي ڪمايان. سو مان ائين نه ڪندس. هاڻ بس.“

”اهوئي ته مزو آهي ڊن بار وري اچڻ لاءِ ئي ته اسين سڄو سڄو ڪجهه هارايون ٿا.“

”ٺيڪ آهي پر اڄ رات مون بس ڪئي.“

هڪڙي خلاصي چڙ مان پنا ڪٽي ورتا ۽ هن کي چهائين ”چڱو، اٺ اٺ. پڄ.“ ڊن بار ته اڳئي اٿي ۾ خوش هو سو يڪدم اٿي ڪڙو ٿيو.

پوءِ ڊن بار سيڪنڊ ڪپتان کي ڏسڻ ويو جنهن هن کي نوڪري وٺي ڏني هئي. ڊن بار هن ڪان تمام گهڻو

ڊچندو هو. اچان هو اڳتي وڌيو ته ڊيڪ مان ڪنهن جي ٺڪ ٺڪ جو آواز ٻڌائين- ونجهو وڃي ڏٺائين ته اهو خلاصي ٽام هــو جنهن ڪيس منٿ ڪري چيو "ڊن بار! اڄ رات تون منهنجي پاران ڊيوٽي ڪر- پوءِ سڀان رات مان تنهنجي پاران ڊبل ڊيوٽي ڪندس ۽ جڏهن به تون حڪم ڪندين مان تنهنجي بدلي ۾ ڊيوٽي ڪندس."

"پڪ؟" ڊن بار پڇيس.

"ها- پڪ."

"چڱو" تون وڃ.

"پر ڏسجان ته متان ڪا گڙٻڙ نه ٿئي!"

"ڪو خيال نه ڪر. بي ڪتڪو هليو وڃ" ڊن بار چيو.

ڊن بار هن جي جڳهه تي ڊيوٽي ڪرڻ لڳو. هڪڙي هنڌ بيهي چانڊوڪي رات ۾ سمنڊ جو نظارو ڏسڻ لڳو. سمنڊ جي سطح تي هن ڪي ڪئين رنگ ڏسڻ ۾ آيا ۽ هن جي دل کي راحت پئي آئي. ڊن بـــار ڏاڍو حساس شخص هو. هن دل ۾ سوچيو ته ڇا ڇا نه ڏٺو اٿم ۽ ڪهڙا عجيب غريب واقعا ۽ حادثا ڏٺا اٿم. هن چاهيو ٿي ته اهي سڀ حقيقتون ڊائري ۾ لـــکي ڇڏيان- مگر ائين ڪرڻ هن لاءِ في الحال خطري کان خالي ڪونه هو تنهنڪري سڀ ڳالهيون برزبان ياد ڪندو ويو ۽ دل جي پٽيءَ تي لکندو ويو. چارلسٽن جي بندرگاهه کان وٺي اڄ تائين هن خلاصين جا جيڪي ڪارناما ڏٺا هئا، سي هن اکين سان ڪنهن به گروهه ۾ نه ڏٺا هئا. هنن ۾ ڪو حيا يا شرم يا اخلاق هن کي ڏسڻ ۾ نٿي آيو. هو

باڪل بي شرم ۽ جانورن کان بہ بد هئا. ٻن بار پيا بہ اهڙا
ڪئين گروهہ ڏٺا هئا جهڙوڪ جيلن ۾ ڪم ڪندڙ خرڪارا،
جهنگلي پاڏن جو شڪار ڪندڙ شڪاري، قاتل، ڌاڙيل،
جيلن جا قيدي وغيرهہ. مگر انهن سڀني ۾ ٿورو ڪي گهڻو
شرم حيا هو. هنن خلاصين ۾ ڪا ساڃاهہ، ڪانہ هئي ۽ بلڪل
واهيات قسم جا ماڻهو هئا. اتفاق سان جي ڪنهن جو پير
ٿڙڪي ويو، يا ڪنهن جي هٿ مان رسو ڇڏائي ويو، تہ
اهو جهڙوڪر هنن مان ڦاٿو. ڪئين ڏينهن مٿس ڪلون ۽
ٺٺوليون پيا ڪندا. جي پاڻ ۾ وڙهندا تہ جهڙا ڪتا. هڪ
ٻئي کي گارگند، ڌڪ موچڙو تہ هنن لاءِ عام رواجي ڳالهہ
هئي. نہ ڪنهن جو ڊپ نہ خوف. فقط اوبرين ۾ ڪجهہ حيا
شرم هو ۽ ايمانداري سان ڊيوٽي بہ ڪندو هو باقي سڀ
هڪ ٻئي کان وڌيڪ حرامي هئا.

جيئن بيليشن اڌ مسافري پوري ڪئي تہ خلاصين جي
دلين ۾ خوشي جي لهر پيدا ٿي وئي. آفريڪا جي هڪڙي
بندرگاهہ کي ويجها پهتا تہ سڀني ۾ جهيڙو جهٽو بند ٿي
ويو ۽ منجهن هڪ قسم جي ڦڙتي پيدا ٿي وئي. بندرگاهہ
کي ويجهو پهتا تہ ننڍا وڏا. نائب ڪپتانن سوڌا سڀ ڪم
تي ڇهتي ويا ۽ رسا ڇڪڻ ۽ سڙهہ لاهڻ ۾ لڳي ويا.

بندرگاهہ تي پهچڻ کان هڪ هفتو اڳ ۾ ٻہ ڇٽا پاڻ
۾ وڙهي پيا هئا. اسٽيپلٽن نالي سٽنڊن جو رهاڪو هڪڙو
ڊگهو ۽ بيوقوف خلاصي هو. ٽنهن جو ٻلي ميز نالي ننڍي
عمر جي هڪڙي خلاصي سان جهيڙو ٿي پيو. ڏاڍا هڪ ٻئي

کي ڏڪ هنياڻون. سٽيبڊش خلاصي ٻلي ميز جي ٻانهن پٺيان وڏي ۽ ٻلي ميز به چاقو ڪڍي هن کي هنئين جي سامهون وهائي ڪڍيو ۽ اسٽيپلٽن بروقت ٿي مري ويو. ڪيس سڙهه جي ٽلهي ڪپڙي جو ڪفن ڏئي، جهاز جي ڪناري تي آڻي رکيائون. ڪپتان آيو ۽ رواجي نموني ۾ ڪا دعا پڙهيائين جيڪا ڪنهن به ڪن ڏئي نه ٻڌي. دعا پڙهي پوءِ حڪم ڪيائين ته هاڻ لاش کي پاڻيءَ ۾ لاهي ڇڏيو. لاش کي هيٺ اڇلائي پوءِ ٻلي ميز جي ٻانهن جي مرهم پٽي ڪري ڪيس غلامن جي هڪڙي خالي ڪوٺي ۾ بند ڪري ڇڏيائون. سندس هٿن ۾ هٿڪڙي لڳل هئي پيرن ۾ ٿلها زنجير ٻڌل هئس.

"مسٽر مرڊس! هن خلاصي کي بسمس ڪيو وڃي."
مرڊس حڪم جي تعميل ڪئي ان کان پوءِ جهاز اڳتي هلڻ لڳو. ست ڏينهن سفر ڪرڻ کان پوءِ اٺين ڏينهن خلاصين ۽ ملازمن ۾ شور مچي ويو."ڪنارو اچي ويو. ڪنارو اچي ويو." جيئن پوءِ تيئن گوڙ ۽ شور وڌندو ويو. آخر جهاز آهستي آهستي ڪري ڪناري جي ويجهو ٿيو. ڪنارو ڏسي ٻن بار ۽ پيا خلاصي ڏاڍا خوش ٿيا. اهڪ ڏيڻ ۽ هڪ ٻئي ۾ تاڙيون ملائڻ لڳا. ڪناري تي ماڻهن جا هشام بيٺا هئا ۽ سڀ جهاز کي ڏسي رهيا هئا. ٻن بار کي اوچتو انهن غلامن جو خيال آيو جيڪي ٻيڪن ۾ اندر زنجيرن سان ٻڌا پيا هئا، جن کي ڪا خبر ڪانه هئي ته ڪٿي پهتا آهيون. ٻن بار کي انهن جي حالت زار تي سوچي ازغيبي

طور هڪ قسم جو خوف ٿيڻ لڳو. جهاز کي هڪ هنڌ بيهاري پوءِ ان جي صفائي ۽ معمولي مرمت، وغيره ڪئي وئي. ڪناري تي پري پري تائين واريءَ جون تمام وڏيون پٽون ڏسڻ ۾ پئي آيون. پريان جهنگلي ليمن ۽ نارنگين جا وڻ به ڏسڻ ۾ اچي رهيا هئا. وڻن کان پريان هڪڙو ڳوٺ هو. جنهن جي چوگرد ڪچي مٽيءَ جو وڏو ڪوٽ ٺهيل هو. مٽي درياهه جي پاڻيءَ جو ڇوڙ به هتي ئي هو جنهن ڪري درياهه جا ڪئين وهڪرا ننڍن واهن وانگر سمونڊ ۾ اچي ٿي پيا. گرمي تمام گهڻي هئي ۽ سمنڊ جي ٿڌي ۽ تازي هوا هتي بلڪل ڪانه هئي. خلاصين کي پگهر جهل نه پئي ڏني. هنن ڪپڙا لاهي ڇڏيا. فقط گنجيون ۽ چڏيون ڪٿي پاتائون. آفريڪا جي هن بندرگاهه کي انگريز ماڻهو "وائيٽ مينس گريو" (يعني اڇي چمڙي وارن جو قبرستان) ڪري سڏيندا هئا. هتي ڪئين قسمن جون خطرناڪ بيماريون پيدا ٿينديون آهن ۽ خاص ڪري اڇي چمڙي وارن ماڻهن کي جهٽ وچڙي وينديون آهن ۽ پوءِ اهي مشڪل بچندا آهن. نه ته اڪثر ڪري اهين مري ويندا آهن جيئن دوا ڇڙڪڻ سان مکيون ۽ ماڪوڙا مري ويندا آهن. چند ڪلاڪن کان پوءِ جهاز درياهه جي هڪڙي وهڪري مان لنگهي ڪئلابار درياهه ۾ داخل ٿيو جنهن جي پاڻيءَ جو رنگ پيلو هو. درياهه ۾ ٿورو اڳيرو وڃي جهاز ڪئلاهار نالي شهر جي بندرگاهه تي اچي لنگر ڪوڙيا. شهر درياهه جي ٻنهي ڪنارن تي پکڙيل هو. ڪناري تي به هنن ٻه غلام خريد ڪري ورتا.

سرجن ولڪس هڪڙو پڙهيل لکيل ڊاڪٽر هو ۽ ماڻهوءَ ماڻهوءَ جي سڃاڻپ هوندي هيس. هو ڊن بار کي پائيندو هو ۽ سندس عزت ڪندو هو. سرجن ولڪس هاڻ ڊن بار ڏي وڌي آيو ۽ هن کي ڳلي ۾ پاڪر پائي ساڻس ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ لڳو.

ولڪس: ”هتي پنهنجو جهاز اٽڪل هڪ مهينو ترسندو ۽ انهيءَ هڪ مهيني ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي عملي مان ڇهه ماڻهو ضرور مرندا.“

ڊن بار: ”ڇهه ماڻهو مرندا! مون مطلب نه سمجهيو؟“

ولڪس: ”مطلب ته هتي هزارين قسم جون اهڙيون بيماريون آهن. جيڪي سفيد چمڙي وارن لاءِ موت مار ثابت ٿينديون آهن. انهن بيمارين سبب ڪي انڌا ٿيو پون، ڪن جا پيٽ خراب ٿيو پون، ڪن کي ٻخار ونيو وڃي ته ڪن کي ٻيا مرض ٿيو پون، اها ته پنهنجي وڏي خوشنصيبي ڪري سمجهبي جو فقط ڇهه مرن ۽ ٻيا بچي پون.“

هنن پاڻ ۾ اها گفتگو پئي ڪئي ته ايتري ۾ ڪپتان هارينس نهايت بهترين قسم جي فل ڊريس پائي تيار ٿي جهاز جي ڇت تي اچي بيٺو. جهڙوڪر هن کي گرميءَ جي ڪا پرواهه ئي ڪانه هئي. ڪپتان خلاصين کي حڪم ڪيو ته جهاز تان هڪڙي ننڍي ٻيڙي پاڻيءَ ۾ لاٿي وڃي. ٻيڙي هيٺ لٿي ته ڪولي ۾ بند ٿيل قاتل خلاصي بلي ميز کي ڪوليءَ مان ٻاهر ڪڍي آيا. هو اڃان تائين زنجيرن ۾ ٻڌل هو ۽ سندس ٻانهن اڃا ٺيڪ نه ٿي هئي ۽ بلڪ سڄي ڏڙا

ٿي پئي هئي. هو بيمار ٿي پيو هو. سندس اکيون رونق ڇڏي ويون هيون جن ۾ ڪاٻه چمڪ ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي آئي ۽ اکيون خشڪ ٿي ويون هئس.

"مسٽر ڪائن!" ڪپتان ٻلي ميز کي ڏسي چيو.

"هن کي ٻيڙيءَ ۾ چاڙهي ڪناري تي لاهي ڇڏيو. پوءِ جيڏانهن وڻيس تيڏانهن هليو وڃي." ڪپتان جو اهو حڪم ٻڌي ٻلي ميز کي رڦٽي وٺي وئي. ڪمس هن جڳهه جي اڪيڻي خبر هئي. ويتر هو اڪيلي بيمار هو. تنهنڪري هن تي خوف طاري ٿي ويو. تنهنڪري نهايت عاجزيءَ سان ڪپتان کي منٿون ڪندي چيائين. "ڪپتان صاحب! مونکي هتي ٿا ڇڏيو؟ هتي مان هڪڙي هفتي ۾ مري ويندس. ڪپتان صاحب! منهنجي حال تي رحم ڪريو. مونکي هتي نه لاهيو. ڪپتان هتي مان مري ويندس." هن جي منٿن جو ڪپتان جي دل تي ڪو اثر ڪونه ٿيو ۽ مسٽر ڪائن کي اک سان اشارو ڪيائين "لاهيوس ٻيڙيءَ ۾."

"ڪپتان، ڪپتان صاحب، مان مري ويندس. رحم ڪريو رحم ڪريو. ڪپتان رحم ڪريو."

ڪپتان نهايت مغرور نموني ۾ مسڪرائيندي ٻلي ميز کي چيو "هون تو کي هتي نه ڇڏيون، هتي نه ڇڏيون ته، ڀلا ڪٿي ڇڏيون تو کي؟"

"ڪپتان رحم ڪريو" هن رڙندي عرض ڪيو.

"پوءِ تو کي اصلي بندرگاهه تي وٺي هلون. اتي توتي ڪمس هلائي ڦاسي ڏئي ڇڏيون. انهيءَ ۾ راضي آهين؟"

”ھا ڪپتان- مونکي واپس وطن وڃي ھلو- اتي پلي مون ني ضيس ھلائي مونکي موت جي سزا ڏيو. مونکي منظور آھي. مگر ڪپتان ھتان مونکي ڪيڏي ھلو- مان بيمار آھيان- مان ھتي بي ڪفن مري ويندس.“

”نه. توکي ھتي ئي ڇڏبو- تڏھن سکھي تو تون بچي وڃين. وطن ھلڻ کان پوءِ تنھنجو موت يقيني ٿي پوندو.“

”پلي موت يقيني ھجي- مگر ھتي مان لھي نٿو سگھان.“

”بڪواس بند ڪر“ ڪپتان چڙ ۾ اچي ويو ۽ مسٽر ڪائن کي چيائين ”ويھارپوس پيڙيءَ ۾.“

بلي ميز جون ٽنگون سائيون ٿــي پيون ۽ ھو ڪري پيو. نائب ڪپتان مرڊس اڳتي وڌي زورسان ٺڦڙ ھڻي ڪائن کي چيو ”ھلوس پيڙيءَ ۾.“

مسٽر ڪائن پنڻ واري لت ھڻي ڏڪي ڪٽي پيڙيءَ ۾ وڌس ۽ ڪناري ڏي ڪٽي ويس. پن ڪلاڪن کان پوءِ، پيڙي بلي ميز کي ڪناري تي ڇڏي، ھو نوان ملازم ڪٽي آئي. انھن ۾ ھڪڙو ٻچ ھـو جيڪو نھايت تندرست ۽ قدآور شخص ھو نھايت طاقتور ۽ اڌڙوٽ عمر جو ھو. پيو انگريز ھو ۽ نھايت تندرست ۽ ٺلون بنؤ، بندرو قد جو ھو. بندرگاھ تي نوڪري جي تلاش ۾ آيل چوويھن ماڻھن مان مسٽر ولڪس فقط ھي ٻـي پ، ماڻھو چونڊي ڪنيا ھئا باقي پيا سڀ ڪنھن نه ڪنھن بيماري ۾ ورتل ھئا.

سرجن ولڪس جھاز تي آيو ته سڀ خلاصي وٽس اچي، بيٺا ۽ ھتان جون ڳالھيون پولھيون ڪري رھيا ھئا ته ھڪڙي خلاصي چيس ”سرجن صاحب، ھاڻ مھرباني ڪري

ڪپتان کي سمجهايو ته اسان کي به ڪناري تي لهڻ جي موڪل ڏني. اسان کي به ڪافي وقت ٿيو آهي جو خشڪي تي پير به نه رکيو اٿئون. پيو ايترو به سمجهايوس ته هتان جلد نڪري هلي. متان اسين بيمار ٿي پئون ۽ مري نه وڃون." ولڪس ڪين چيو "ٺيڪ آهي، مان ڪپتان صاحب کي چوندس، مگر مونکي يقين آهي ته هو منهن جي ڳالهه ڪونه مڃيندو. وري به مان ڪيس چوندس ته دير ۾ دير ته به ٽن هفتن کان وڌيڪ هتي نه ترسي." سڀ خلاصي ڏاڍا خوش ٿيا ته ايتري ۾ نائب ڪپتان آيو جنهن هنن کي بندرگاهه تي لهي وڃڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ جي موڪل ڏني. ٿوري دير ۾ ٻيڙي هيٺ پاڻيءَ ۾ لاٿائون ۽ سيئي جهٽ رسي جي ڏاڪڻ جي وسيلي هيٺ ٻيڙيءَ ۾ لهي ويا. جتي سڀڪو اڳيان ويهڻ جي لالچ ۾ هڪ ٻئي کي ڌڪا ڏوما ڏئي رهيا هئا. سرجن ولڪس ڊن بار کي هيٺ لهڻ کان منع ڪئي. "ڊن بار! اگر منهنجي صلاح مڃين ته تون ڪناري تي نه وڃ." "ڇو؟" "تون اڃان ننڍو نينگر آهين. زندگيءَ ۾ پهريون پيرو ساموندي سفر ڪيو اٿئي. مونکي خوف ٿو ٿئي ته ڪٿي بيمار نه ٿي پوين - ۽ جي بيمار ٿئين ته پڪ سمجهجانءِ ته لاش به گهر ڪونه پهچندءِ - بي ڪفن مري ويندين." مگر ڊن بار کي ته سموري حقيقت اڳين سان ڏسڻي هئي. تنهن موت جي ڪا پرواهه نه ڪئي ۽ سرجن کي چيائين، "زندگي ۽ موت جي ڪنهن کي خبر ڪانهي، وري الائي هتي اچڻ ٿئي نه ٿئي، تنهن ڪري منهنجي دلي خواهش

آهي ته آئي سارو هي شهر ٻه ڏسي ڇڏيان ته ڇگو آهي. تنهن کان سواءِ ٻيا ٻه سپ وڃن ٿا."

"ٺيڪ آهي، تنهنجي مرضي." آخر ٻن بار ٻهن خلاصين سان گڏ ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ويٺو ۽ ٿوري دير ۾ ڪناري تي وڃي لٿا. ٻيڙي ڪناري تي پهتي مس ته ڪئين اڇي چمڙي وارا ماڻهو هنن جي اڳيان ڊوڙي آيا. هنن کي نوڪريءَ جي تلاش هئي پر انهن ۾ ڪوبه ڇگو ڀلو ڪونه هو. سڀ بيمار هئا. ڪن جا پيٽ وڏيل هئا، ڪن جون اکيون صفا خراب هيون، ته ڪن جو ماس سڪو پيو هو. نهايت گدلا ۽ ميرا ڏسڻ ۾ پئي آيا. جيتوڻيڪ کي انهن ۾ نوجوان هئا پر بيمارين سندن اهڙو حال ڪري ڇڏيو هو. جهڙوڪر سڀ ٻوڙها ۽ ڪمزور ڏسڻ ۾ ٿي آيا. سندن هٿن جا ننهن ميرا ۽ وڌيل هئا. بدن مان ڪني ڏپ ۽ نهايت ميريون ۽ ڦاٽل لنڱهون سٿڻون پيل هئن، قميص ڪنهن کي ڪانه هئي، نڪو پيرن ۾ ڪا جتي هين ۽ نهايت نفرت جهڙا هئا. هڪڙي اڳتي وڌي ٻن بار کي چيو "اچو، جناب، ڪهڙا حال اٿوَ. خوش آهيو" ٻن بار ڪيس ڪو جواب نه ڏنو، ٻئي چيو "جناب ڪهڙي جهاز مان لٿا آهيو؟"

"اوهان ۾ ٽام آهي ٽام؟ ٽام اٿبرسن. منهنجو ياءُ آهي. ها، هو منهنجو سڳو ياءُ آهي. مونکي وٺڻ ايندو."

"ٽام؟ ڪهڙو ٽام؟" اوبرين چيو.

"ٽام ٽام— هن مونکي چيو هو ته مان توکي ضرور هنان وٺي هلندس."

"اسان سان ڪوبہ ٽام ڪونهي."
"جناب هوضرور اوهان سان هوندو، هن مونکي چيو هو."
"هٽ، ٽام ٽام" اوبرين هن کي ڪلهي کان وٺي پرتي ڌڪو ڏنو ۽ هووجهي ڪربو. وري اٿي ماٺ ڪري بيهي رهيو.
"جناب مونکي پاڻ وٽ نوڪري ۾ رکو، مان بلڪل چڱو ڀلو آهيان، مون ۾ تمام گهڻي طاقت آهي."
"جناب مون هي ڪم گهڻو وقت ڪيو آهي. مون کي نوڪري ۾ رکو."
"جناب اوهان ۾ ڪپتان ڪهڙو آهي؟"
اهڙي طرح هرڪو آس لڳائي لڳو ته من ڪو اسان کي هتان ڪيڏي ۽ نوڪري ڏئي- جنهن ڪري هرڪو پنهنجي پنهنجي ساراهہ مان نہ پيو ڌاپي مگر خلاصين هنن جي ڪا ڪانہ پڌي ۽ انهن کي ڌڪيندا اڳتي نڪري ويا ۽ شهر ۾ داخل ٿيا. گهٽيون تمام سوڙهيون، بنا فرش جي هيون. گهر بہ تمام ننڍا ۽ ڪچي مٽي ۽ جا ٺهيل هئا. جن ۾ درن ۽ درين جي بدران فقط سوراخ هئا. ڪن درن تي ڪپڙن جا پردا ٽنگيل هئا. اوسي پاسي ۾ ننڍا اگهاڙا ٻار پٽي ڦريا ۽ رانديون پئي ڪيائون. ٻرن جي آڏو ٻليون، ڪتا ۽ ٻڪرين جا ڦر ۽ ڪڪڙيون پئي ڦرو-ون ۽ گهٽين ۾ پئي هليون. گرمي ڪان ساهہ پئي نڪتو. جتي ڪٿي گند ۽ مکين جا مچا لڳا پيا هئا. گهٽين مان نڪري خلاصي مارڪيٽ چوڪ ۾ پهتا. ميوي جا واپاري زمين تي تڏا وڇايو انهن جي مٿان پڪل ۽ رسيل ميوا رکيو ويٺا هئا- جن مان رس پئي ٽمي ۽ تڏن

ٽان ڪِريِ زمين تي پئي ڪري، مکين جا ميڙ لڳا پيا هئا. ميوي ۾ ڪينشان ۽ ڪيڙا مٿان پئي سريا ۽ ٻارن ننڍڙي وڏن اهي سڙيل ميوا وٺيو مزي سان پئي کاڌا. خلاصين کي ڪرهت اچي رهي هئي ۽ تڪڙا تڪڙا اتان ئي نڪري اڳتي ويا. سامهون هڪڙي ته ماڙ جاءِ پري کان ڏسڻ ۾ پئي آئي جنهن بابت سنتياگو ٻن ٻارڪي ٻڌايو ته اهو شاهي محل آهي. خلاصي وڏي شاهي محل ڏي ويا. محل ڇا هو- ڪچين سرن جي ٺهيل نهايت گندي ۽ پراڻي جاءِ هئي جنهن جي ڪمرن جي اڳيان سادا ۽ ڪچي مٽيءَ جا ٿنڀا لڳل هئا. ڪي ڪي ٿنڀا ڀڳل هئا. ڇتين تي ٻه نڪو گل نڪو ڇٽ- بلڪل ساديون ڇتيون هيون. پنج ڇهه شهدي پهريدار سامهون ڏيوڙهي تي ويٺا هئا. جن کي ڳاڙهي ڪپڙي جي ڊريس پيل هئي ۽ هٿن ۾ هنتر ۽ تلوارون هيون. ڪنهن به پبلڪ جي ماڻهو کي محل جي ويجهو وڃڻ جي اجازت ڪانه هئي ۽ ويجهڙائيءَ ۾ ڪوبه وڏو يا ٻار ڏسڻ ۾ ڪونه ٿي آيو. جڏهن بلڊنگ ۾ داخل ٿيا ته هنن ڏٺو ته ڪٿهين ڇتيون ڇڄيون ۽ ڊٺيون پيون هيون. ڪن ڪمرن جون ڇتيون به ڪريل هيون. اڪثر خلاصي جهڪي بندرگاهه تي اچي لهندا هئا سي هتي ڪاٺ ڀرڻ ۽ عيش ڪرڻ ايندا هئا- سامهون هڪڙي ڪمري ۾ شراب جي بار هئي. هتي نهايت گندو ۽ گلو سڃاڻيندڙ شراب جام ملندو هو- لاچار خلاصي اهو به وٺي پيئندا هئا. هنن کان اڳ ۾ آيل جهاز جا سڀ خلاصي هتي ترسيل هئا ۽ سڀ شراب جي نشي ۾ چور هئا- ڪن ٻڪ ٻڪ پئي ڪئي ته ڪي

اونڌا پٽ تي پيا هئا. سنتياگو شراب جو تمام گهڻو عادي هو. سو بنا ڪنهن پاسي نهارڻ جي سڌو بارندي وڌيو. ٻن بار هن سان گڏ جوڙيءَ ۾ هو. سو به هن سان گڏ بار ڏي ويو. هيءُ پهريل خلاصين جي مڙني آهندا هو ۽ وچي پهتا. شراب ورتائون. ٻن بار جيڪي ڀريون ڪري پيتو سو ڪلاڪ ۾ مس خالي ڪري ڇڏيو. جيڪو شراب ڪنو هو ۽ پيو ته نشو تمام گهڻو هوس. ڇوڪري هن نهايت آرام سان ڊِڪ ڊِڪ ڪري پئي پيتو. سنتياگو تمام گهڻو پي ويو. پيا خلاصي ٻه مهيني کان پوءِ خشڪي تي لٿا هئا ۽ نشي جا پاڙيل هئا. ٽن به وس مان ڪين گهٽتايو. نشي هنن سيني سان اهڙو حال ڪيو جو سڄي رات اتيئي پيا هئا. ٻن بار به هڪڙي ڪمري ۾ پٽ تي وڇايل ڇٽي تي ستو پيو هو. صبح جو جڏهن سج تمام مٿي چڙهي آيو ۽ ڪرڻا پڪل دريءَ مان هن جي اکين تي پيا تڏهن سجاڳ ٿيو. اکيون پٽي وري بند ڪري ڇڏيائين. هاڻ ڪيس ڪجهه هوش اچي چڪو هو. ٿوري دير کان پوءِ لڏي اٿيو. گاوَ سڪي لڪر ٿي ويو هوس ۽ نڙيءَ ۾ سور پئي ٿيس. سندس پاسي ۾ الڪل ٻن فوٽن جي فاصلي تي هن ڏٺو ته هڪڙي ٿلهي شيدڻ ستي پئي هئي. جنهن جي بت تي ڪپڙو ڪونه هو بلڪل الف اگهاڙي پئي پير سڌين تي ستي پئي هئي.

پانهون ڪاٺيل ۽ ٽنگون ليڙيو ڪنڌ هڪڙي پاسي ڪريو مدهوش پئي هئي. ڪڪ وات مان ڳڙي پٽ تائين ريلا ڪريو

پٺي وهيس ۽ پٽ تي ٻه ڳڳن جو ڍيرو لڳو پيو هو. ٻن ٻار
هن کي پر ۾ سنڌل ڏسي تعجب ۾ پئجي ويو. ڪيس تمام
گهڻي ڪرهت پئي آئي سو يڪدم اٿيو ته شلوار لٿي پئي
هيس. يڪدم شلوار پائي ٻاهر ڀڳو ۽ هنا ڪنهن ٻه ماڻهنءَ
جي جانچ جوکي وٺڻ جهڙي ٻار ڪان ٻاهر نڪتو ته اکيان
هڪڙو شيدي ڳڏيس. انهيءَ کي ڪجهه خرچي ڏئي سندس
مهارو وٺي سڌو اچي جوبيليشن تي چڙهيو. شيدي ڪيس
جهاز تي چڙهي واپس هاڻو ويو. هاڻ ڪيس ڪجهه ڪجهه
هوش اچڻ لڳو. هن کي هر گهڙي انهيءَ شيدڻ جو عڪس
اکين اڳيان پئي ڦريو ۽ رات واري ڪارروائي جا ڌنڌلا خيال
۽ يادگيريون اچڻ لڳيس. ڪيس ياد اچي ويو ته رات ٻار ۾ ٻين
خلاصين سان هن جو ۽ سنتياگو جو جهيڙو ٿيو هو ۽ سنتياگو
کي تمام گهڻا ڌڪ لڳا هئا ۽ ڪيس ٻه نڪ وارو ڌڪ لڳو
هو. پوءِ نڪ تي هٿ رکي ڏڪائين ته ڏاڍو سور پئي ٿيس.
ڪيس اهو ٻه ياد آيو ته هن ٻار جي مئنيجر کي ڪجهه رقم
ڏئي پرائيويٽ رنون گهرايون هيون ۽ اها شيدڻ جيڪا هن
سان ستل هئي سا نشي جي حالت ۾ ڪيس ڏاڍي وڻي پئي.
سنتياگو ۽ ٻن ٽن ٻين خلاصين وڌيڪ رقم ڏئي اهي چمڙي
واري رن گهرائي هئي جنهن جون اکيون بلڪل اچيون
ڪير جهڙيون هيون ۽ هوءَ انڌي هئي. هر ڪنهن کي هٿ
لائي پوءِ پاڪر وجهي چنبڙي تي وئي. هن جي بدن تي
گوشت بلڪل ڪونه هو ۽ صفا ايري ۽ سڪل هئي. ڇاتيون
بلڪل ڪين هئس، جهڙو ڪر مرد هجي. سنتياگو ۽ ٻين

خلاصين ڪلاڪن جا ڪلاڪ سائين خوب عيش ڪيو هو ته به هوءَ ڪانءُ ٽڪي ۽ ڪلي پئي. پوءِ اهي ياد ڪيريون ڪري سندس دل خراب ٿيڻ لڳي ۽ هو نل هينان وڃي وهنتو ۽ ڪپڙا مٽايائين. ڪپڙا مٽائي جهاز تي مٿي چڙهي هڪڙي هنڌ وڃي ويٺو ۽ آئنده وري شهر وڃڻ کان توبهه ڪرڻ لڳو. آخر اڳي ڪي پوءِ پيا خلاصي بـ واپس آيا. پوءِ ٻن بار سڄو مهينو جهاز تان هيٺ نه لٿو. فقط هڪڙو پيروڪيس پهر شهر وڃڻو پيو جڏهن ڪپتان، سرجن ولڪس نائب سرجن پيٽرسن، نائب ڪپتان ۽ ڪجهه خلاصي گڏجي غلام خريد ڪرڻ ويا هئا جن کي وٺي اچڻ لاءِ ٻن بار به ٻين خلاصين سان گڏ، ڪپتان جي حڪم موجب هليو هو.

جڏهن هو غلام خريد ڪرڻ ويا ته اول اتي جي بادشاه جي خاص دلال سان وڃي مليا. جيڪو غلامن جي واڙي جي در تي ٻن شيدين جي پهريداري ۾ ويٺل هو. دلال واڙي جو ڏاڪائون در کوليو ۽ سڀ گڏجي اندر ويا. اندر غلامن لاءِ ڪي ڪچيون ڪوٺيون ۽ وڏا وڏا پنڊال ٺهيل هئا. ويجهو پهچڻ تي هنن کي اندران قيدين جون آهون ۽ دانهون ٻڌڻ ۾ آيون جن تمام گهڻي زور سان پئي ڪيون. دلال ۽ سندس ٻين شيدي نوڪرن هنن کي تمام گهڻو هيسايو ۽ ڌمڪايو پئي مگر غلامن هنن جي ڪا ڪانءِ ڪا ٻڌي ۽ جيئن پوءِ تيئن گوڙ ۽ شور وڌندو ويو. اندر گهڙڻ کان پوءِ هنن ۾ ڳالهيون خاص ڏٺيون. هڪڙي اها ته پنڊال جي ٿوڻين ۾ ڪئين شيدي غلام لٽڪيا پيا هئا جن جي ڳچين ۾ رسا

قاتل هئا ۽ هو مئا پيا هئا. اهي ڪل سورنهن غلام هئا. هنن کي لڙڪيل ڏسي دلال ڪان ٻه دانهن نڪري وئي ۽ غصي ۾ تپي لال ٿي ويو. سڀ پهريدار ڏڪي رهيا هئا. دلال يڪدم ڪيئين حڪم جاري ڪيا. اول ته سيني کي لهرائي هڪ هنڌ ڍير ڪرايائين. ان کان پوءِ انهن پهريدارن کي گهرايائين جن رات جو پهرو ڏنو هو. سڀ اچي اڳيان حاضر ٿيا. ٻن بار انهن جي اکين ۾ ڏٺو ته هو سڀ ننڊا کڙا ڏسڻ ۾ پئي آيا ۽ اوٻاسيون پئي ڏنائون. حقيقت ڪري ڇا هو جو هنن ڪيئين ڏينهن ۽ راتيون لڳاتار پهرو ڏنو هو ۽ کين آرام ڪرڻ لاءِ ڪابه موڪل نٿي ملي سگهي. نتيجي طور جڏهن گذريل رات اهي سورنهن ئي غلام جهلجي آيا هئا ته پهريدارن کان هنن کي ڪوٺين ۾ بند ڪرڻ يا ٻڌي ڇڏڻ وسري ويو هو ۽ سڀ سمهي پيا. غلامن پاڻ ۾ صلاح ڪري پاڻهي پاڻ کي ڦاهيون ڏئي خودڪشي ڪري ڇڏي هئي. دلال پهريدارن تي ڏاڍو گرم ٿي ويو ۽ حڪم ڪيائين ته اوهان جي لاپرواهي سبب هيترو سارو نقصان ٿيو آهي، جنهن جي عيوض اوهان سيني کي ڦاسيءَ تي لٽڪايو ويندو. سندس حڪم نادري حڪم هو. اهو ٻڌڻ شرط پهريدارن جو ساهه مٺ ۾ اچي ويو ۽ هڪا ٻڪا ٿي ويا. پيو رنگ هنن اهو ڏٺو جو انهن مان ڇهن پهريدارن کي اتي جو اتي ڪڇهري ۾ رسا وجهي لٽڪائي ماريو ويو. پوءِ دلال هن پارٽي کي وٺي ٻنڊال ڏي ويو. هڪڙي پهريدار کي حڪم ڪيائين ته اندران هڪڙو غلام ڇڪي ٻاهر ڪڍي اچ. پهريدار جو

اندر گهڙڻ ۽ غلامن جو پيڪرات ڪرڻ - آخر هو هڪڙي کي گهلي ٻاهر ڪڍي آيو جنهن اچڻ جي نٿي ڪئي ۽ هنن انگريزن کي ڏسي زور سان دانهون ڪرڻ لڳو. اندر ته گوڙ مچي ويو. هاريٽبي دلال کي چيو هنن کي سمجهايو- اسين ڪين کهون ڪونه ٿا نه ڪو اسين آدمخور آهيون جو هنن جو گوشت کائيندا سين. پوءِ ٻه ريدارن ۽ دلال هنن کي يانت يانت جي ٻولين ۾ خاموش ٿيڻ لاءِ چيو پر هو هنن جي ڪابه ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار نه هئا. آخر جيڪو غلام ٻاهر آندو هئائون تنهن کي اول ته ڏاڍي مار ڪيڏيائون ۽ پوءِ کيس سمجهايائون ته ڪوبه خوف نه ڪر. لاچار هن ماٺ ڪئي ۽ هاڻ جيئن پيا چونس تيئن ڪري پيو. پوءِ سرجن ولڪس پيٽرسن جي روبرو اول هن غلام جي ڇاتي ۽ تي ته آيي ٽونگا هڻي ڏٺو. پوءِ هن جا ڪن، مغز اکيون، وات وغيره تپاس ڪيو. وري هڪڙو هڪڙو سنڌ ڪري جاچيائين- پوءِ اونڌو ڪري مقعد کولي ڏٺائين مخصوص ،ضو تپاس ڪيائين. اهڙي طرح ذرو ذرو ڪري سڄي جسم جي تپاس ورتائين "ٺيڪ" هن کي هڪڙي پاسي بيهاري ڇڏائون- وري ٻئي کي ڇڪي آيا. انهيءَ جو به ساڳي طرح معائنو ڪيائين ۽ پاس ڪري ٻهرئين سان گڏ ٻڌي ويهاريائون. سڄي تپاس ۾ اٽڪل چار پنج منٽ لڳاتي. پوءِ سرجن ولڪس پنهنجي نائب پيٽرسن کي چيو ته تون به اهڙيءَ طرح هنن جي تپاس ڪر ۽ جيڪا ڳالهه غلط ڏسڻ ۾ اچئي ته مونکي اطلاع ڪر. اهڙي طرح

سيني مردن جي تپاس ڪري وري عورتن کي چڪاس ڪيائون. سڄي واڙي مان ڪل ٻه سئو غلام پاس ڪري ڪنيائون باقي آيه ناپاس ٿيا جن مان ڪن ـ پيچش هئي. ڪن جا ڦڦڙ خراب هئا. ڪن جون اکيون خراب هيون. ڪن جي پيٽ ۾ ڪينئان هئا ۽ ڪن کي سوڪا هئا. هڪڙي کي انهيءَ ڪري رد ڪيائون جو هن جي ڏات ۾ فقط ٽي ڏند هئا بيا هٿ سان پٽيا ويا هئا. ڪن کي ڪاپاري ڌڪن جا نشان ٿيٽ هئا. عورتن ۾ ڪن کي تمام خراب بيماريون هيون جنهنڪري ڪي عورتون به ناپاس ڪيون ويون. جڏهن سرجن ولڪس ڪنهن غلام کي ناپاس ٿي ڪيو ته دلال جو منهن سڄيءَ ٿي ويو ۽ ڏاڍي ڪاوڙ ٿي لڳيس.
...س مرضي هئي ته سڀ غلام هڪا خريد ڪن.

”اوهان کي سڀ غلام وٺڻا پوندا.“

”نه جناب. بيمارن کي ڪيڏانهن ڪنداسين؟“

”ڪير ٿو چئي بيمار آهن- بيا واپاري به اسان کان غلام خريد ڪندا آهن- انهن ته ڪڏهن به اسان جو ڪو غلام ناپاس نه ڪيو آهي.“

”نيڪ ته باقي اهي انهن کي ڏجو.“

”مين وڏا لالچي ماڻهو ٿا ڏسجو. انڌا آهيو ڇا جو هنن کي بيمار ٿا چئو. هي ته بلڪل نيڪ آهن.“

”مگر اسان کي في الحال هي ٻه سئو غلام کپن وڏيڪ لاءِ اسان وٽ جهاز ۾ جاءِ به ڪانهي. آخر هئي ڏٺي انهن جو سودو نبريو. غلامن کي واڙي مان ڪڍي ٻيڙين ۾ چاڙهه

ويو ۽ ٻيڙين ۾ چڙهي جهاز ڀيڙا ٿيا. جڏهن سڀ هلڻ وارا ٿيا تہ ڊن بار ولڪس کان پڇيو، "سرجن صاحب! اهي جيڪي غلام ناپاڪ ٿيا آهن- تن جو ڇا ٿيندو؟"

"ٿيندو وري ڇا، سيني کي ماري اڇلي ڇڏيندا ٻيو ڇا ٿيندو." ڊن بار ڏکي ويو ۽ مٿس هڪ قسم جو خوف طاري ٿي ويو مگر سيني جي سامهون پنهنجي احساسن تي قابو پائي ماٺ ڪري هنن سان گڏ هليو.

جهاز جي ڇٽڻ کان اڳ ۾ خلاصين ۽ ٻين عملي جي طبعي ڇڪاس ڪئي وئي. جن مان هڪڙو مري ويو هو، ٻہ غائب هئا ۽ ڇهن ڄڻن جي طبيعت خراب ٿي پئي هئي. انهن ڇهن جي باري ۾ بہ سرجن جي رپورٽ اها هئي تہ انهن مان ٻہ بچندا باقي چار مري ويندا. جهاز هلندو هليو. مگر جيئن تہ هاڻ ڪجهہ خلاصي گهٽجي چڪا هئا ۽ ٻيا بيمار هئا تنهنڪري هاڻي ڊن بار تي ڪم جو وزن وڌي ويو. خلاصين مان اڳوڻي مستي ۽ وحشانيت بہ گهٽجي وئي. رات جو وقت هو، چانڊوڪي رات هجڻ سبب هر ڪا شيءِ چٽي ڏسڻ ۾ پئي آئي. ڊن بار جيڪو دنيا جو مشهور ليکڪ ۽ صحافي هو. تنهن جي فلسفيانہ سوچ هن کي آرام ڪرڻ نٿي ڏنو. سو جهاز جي ڇت تي چڙهي اڪيلو ٿي اڪيلو ويٺو هو ۽ جيڪي ڪجهہ سندس مشاهدي ۾ آيو هو تنهن تي سوچي رهيو هو ۽ هن محسوس ڪيو تہ هتي انسان جي ڪا اهميت ڪانهي سڀ ڪجهہ پئسو ۽ آمدني آهي. غلامن جي باري ۾ سوچيندي هن دل ۾ چيو تہ هي

هاڻ بلڪل بي وس آهن ۽ جن هنن کي قيد ڪيو آهي سي مرضي وارا آهن ۽ هنن جي زندگي ۽ موت هنن جي هٿ ۾ آهي. جانورن جو به ڪجهه خيال ڪيو ويندو آهي مگر هنن بدنصيبن جو ڪتي جيترو به قدر ڪونهي. آخر انسان انسان کي هن طرح غلام ڪيئن ٿا بنائين. مگر هي شيدي به جانورن کان مٿي ڪونهن لنگورن جو هڪڙو سڌريل قسم آهن نه ته گورن کي ڪهڙي طاقت آهي جو هنن کي غلام بنائين - هنن ۾ ڪي ڪمزوريون آهن جنهن ڪري اُن هيءَ حالت تي ٿئي. هي هيڏا سارا پهلوان ۽ طاقتور اهن پر منجهن ڪابه سمجهه ڪانهي. پاڻ ۾ اتفاق ۽ ٻڌي نه اٿن - هڪ ٻئي جا خود دشمن آهن - ڪيس غلامن تي انهيءَ ڪري بغصو پئي آيو ته هنن پاڻ کي غلام بنجڻ ڇو ڏنو ۽ وري مٿن رحم به پئي آيس. ٻن بار نهايت حساس طبيعت رکندڙ هو تنهن ڪري غلامن سان جيڪي ڪلور ٿيا هئا تنهن کان ڏاڍو خوفزده ۽ مايوس پئي ٿيو ۽ چئي رهيو هو ڇا زندگي آهي هنن ويچارن جي. هي موت جي منهن ۾ اچي چڪا آهن ۽ پئي پاسي اسان جا سڌريل گورا شڪار جي شوق ۾ ۽ دولت جي چڪر ۾ انڌا آهن. انهن ئي خيالن ۾ هو ته ڪيس ڪنهن جي پيرن جي ڏب ڏب ٻڌڻ ۾ آئي - پوئتي مڙي ڏٺائين ته سرجن ولڪس پئي آيو. ٻن بار کي خلاصين کان دلي نفرت هئي مگر لاچار حالت ۾ انهن کي ڪجهه چئي نٿي سگهيو. هنن جو ڳالهائڻ بلڪل اڏنگو هو - جنهن ڪري هو هنن کان بيزار

هو ۽ هنن سان ڳالهائڻ هرگز پسند نه ڪندو هو. البت
سرجن ولڪس سان ٿورو گهڻو ڳالهائيندو هو. ولڪس به
هن کي سٺي نظر سان ڏسندو هو. جيتوڻيڪ هن کي اها
خبر ڪانه هئي ته ڪو هيءُ ايڏو قابل ۽ داناءُ شخص آهي
ته به هن جي گفتگو ۽ چال چلت کيس ٻين جي مقابلي ۾ زياده
پسند هئي. ولڪس هن ڪم ۾ تمام گهڻو عرصو گذاريو
هو ۽ هو غلامن جي ذهنيت کان به چڱي طرح واقف هو. ڊن بار
ڇاڪاڻ ته هڪ نئون ۽ سيڪڙات ٻويو هو تنهنڪري ولڪس
جي هر ڳالهه ڌيان سان ٻڌندو هو ۽ هن جي عزت ڪندو
هو. ولڪس سان ٻيا خلاصي اهڙي طرح عزت سان پيش نه
ايندا هئا، ۽ سندس ڪنهن به ڳالهه کي ڌيان ڏئي نه ـا
هئا. هن وقت ولڪس کي به ننڊ نه پئي آئي ـ چڙهي
آهو ۽ ڊن بار کي جاڳندو ڏسي هن سان ڪچهري ڪرڻ
جي خيال سان ولس اچي ويٺو.

"ڊن بار، ڇا ڪنهن خاص مسئلي تي پيو سوچين؟"

"نه سرجن صاحب، مان رڳو اهو پيو سوچيان ته هن
ڪيمپ کان اڳ ۾ جيڪي غلام ڪنيا هئاسين، سي هنن کان
وڌيڪ چڙباز هئا. ۽ هي انهن جي مقابلي ۾ ڪافي شريف
۽ ٿڌي طبيعت جا آهن."

"ها- هي ٻي قوم آهي- هو ٻئي قوم جا ماڻهو هئا."

"اڇا! هو ڪير هئا ۽ هي ڪير آهن؟"

"هو اشانٽي هئا. اهي سڄي آفريڪا ۾ خطرناڪ ماڻهو
آهن ۽ وڏا جهيڙاڪ ۽ باغي قسم جا آهن. مگر هالوڪا غلام

ڪرومنتي قوم جا آهن- هنن ۾ ايڏي چڙ ۽ جهيڙو ڪونهي.“

”ڇا هن بندرگاهه تان جيڪي غلام ڪنيا اٿون سي، ڪرومنتي آهن؟“

”ها.“

”ته پوءِ ڇو نه سڀ غلام هتان ئي خريد ڪيا وڃن ها. اجايو اهڙن اڙانگن ۽ باغي ماڻهن جي پٺيان وقت به خراب ۽ حياتي جو به خطرو، ملهه وٺڻ ۾ ڪهڙو فائدو؟“

ولڪس سگريٽ دکائي هڪڙو ڪش هڻي تورو ڪليو ۽ چيائين ”جانور جيترو وڌيڪ خطرناڪ هوندو آهي اوترو ئي وڌيڪ سندس شڪار ۾ مزو ايندو آهي- ٻي ڳالهه ته! ي خطرناڪ شيدي ٻين کان وڌيڪ ڪارائتا آهن- جڏهن مالڪن وٽ هري مري ٿا وڃن ته انهن کان وڏا ڪم ورتا ويندا آهن- هي پڙهي لکي به جلد ٿا سکهن ۽ هر ڳالهه چڱي طرح سمجهي به ٿا سگهن جنهن ڪري مئنيجر، اوورسيئر ۽ ٻيون اهڙيون ڊيوٽيون سنڀالي سگهندا آهن- باقي جيڪي سادا سودا آهن سي بلڪل اٻوجهه آهن ۽ ڪوبه خاص ڪم ڪري نه سگهندا آهن- تنهن ڪري انهن جو اگهه به اشانٽين کان گهٽ آهي.“

”اڇا! پلا هي ڪرومنتي ڪيئن آهن.“

”ڪرومنتي به هوشيار ۽ چالاڪ آهن- پر هنن جهڙا ڪينهن. گهڻا سال اڳي هي به هڪڙي زبردست قوم هئي- نهايت جهيڙاڪ ۽ مغرور. مگر هي ٻين نمات جا دشمن ٿيندا آهن. پاڙيسرين ۽ هڪ ٻئي جهڙن پاڙن کي قاسائي وڪندا هئا.

يورپي مالڪن کي غلام کپندا هئا ۽ هي شيدي پنهنجا ئي جنس يا اثر وڪڻي انهن جي بدلي ۾ بندوقون ۽ تلوارون حاصل ڪندا هئا. هٿيار معنيٰ فوجي قوت، ۽ پوءِ انهيءَ قوت جي آڌار تي پاڻ کي ٻين جي هٿان پڪڙجڻ ۽ غلام ٿيڻ کان بچائيندا هئا. پنهنجي بچاءَ لاءِ هنن کي هٿيارن جي ضرورت هئي ۽ هٿيارن حاصل ڪرڻ لاءِ ٻين کي جهلي وڪڻندا هئا. اهڙي طرح بادشاهي- غلام- بندوقون ۽ شڪاري هن واپار جا اهم پهلو آهن. باقي اشانتي، جي وڏا بدمعاش شيدي آهن. جڏهن به جهلجندا آهن تڏهن بغاوت ضرور ڪندا آهن جنهن ۾ پاڻ به مرندا آهن ۽ مڪارين ۽ واپارين کي به ماريندا آهن. سون هميشه ائين ڏٺو آهي ته اشانتي بغاوت ڪندا رهندا آهن. مگر جيئن ته ٻين کان وڌيڪ ڪم وارا آهن تنهن ڪري انهن جو اگهه سٺو آهي.

غلامن کي ٻيڙين ۾ بند رکندي ڪافي وقت گذري چڪو هو ۽ بندرگاهه به هاڻ ويجهو هو تنهن ڪري هاڻ انهن کي تندرست رکڻ لاءِ ۽ هيرائڻ جي خيال کان ڪجهه سهولتون ڏيڻ ۾ آيون. مرد غلامن مان اڌ جيترن کي جهاز جي ڇت تي آندو ويو. هڪڙو خلاصي ڊمر وڄائڻ لڳو. ٻيا تاڙيون وڄائي رهيا هئا ۽ غلامن کي حڪم ٿيو ته خوب نچو ۽ ڊانسون ڪريو. هنن نچڻ نٿي چاهيو جنهن تي هنن کي وري به ڇهبڪن سان ڪٽي زوري نچڻ تي مجبور ڪيو پئي ويو. آدوڪي کي به ٻاهر ڪڍيو ويو هو. هن سوچيو ته اسان کي ٻاهر ڪڍي هنن پنهن جي موت کي پاڻهي دعوت ڏني آهي ۽ انهي مان هنن کي ڪا چڱائي نه رسندي. خلاصين هنن کي انهي خيال سان پئي نچايو ڪڍيو ته جيئن سندن ڪسرت ٿئي ۽ ٻيڙين ۾ بند رهڻ ڪري سندن بدن ڪڙجي پيو هوندو سو کلي ۽ پيو ته جيئن سندن خوف به لهي ۽ هري مري وڃن ۽ حڪم جي بجا آوري ڪري سگهن. شيدين کي هن نچڻ مان ڪو مزو ڪونه ايندو هو ۽ اها هنن لاءِ ڪا خاص ڪسرت به ڪانه هئي. وتر نچڻ لهڻ سان هنن جي پيرن جا .ريا ڦٽجي ٿي پيا. آدوڪو هتي به صبر کان ڪم وٺي رهيو هو ۽ دل ۾ خوش هو ته من ڪڏهن هي لوهه لڳن ٿان لهي. جنهن هنن کي جڪڙي ڇڏيو آهي

۾ پوءِ جڏهن لوهه هنن تان لهندو تڏهن انهن ڳورن جو موت ايندو ۽ آبدوڪي جا ماڻهو آزاد ٿيندا. آبدوڪي ڏٺو ته اها مت هنن گورن کي چڱو جو آئي. تنهن ڪري ٻاهرين دل سان هو نحن لپڻ مهل ڏاڍي خوشي جي ڏيکاڻي ڏيڻ لڳندا هئا ۽ گورا به هاڻ ڪجهه قدر نرمي ڏيکاريندا ويا. آبدوڪي کي خبر هئي ته جيترو جلد نرمي ڪندا اوترو جلد سندن موت ايندو. اهڙي طرح هڪڙي ڏينهن اڌ مردن جو ٻاهر نڪرڻ ۽ هو ٻئي ڏينهن ور... هو اڌ ٻاهر نڪرندو هو. هڪ ٻن ڏينهن کان پوءِ انهن ... ي ابتري به مهلت ملي جو هنن جون سنڪڙيون کولي ڇڏيون ويون ۽ ڊانس ڪرڻ کان پوءِ ڪين سڄو ڏينهن ذليل حالت ۾ جهاز ۾ گهمڻ ڦرڻ جي به اجازت ملي وئي هئي. ڪن اڳين ۽ وچئين ڊيڪ ۾ وڃڻ جي اجازت ڪانه هئي جتي ٻار ۽ زالون بند ٿيل هيون. هڪڙي ڏينهن آبدوڪو ۽ اڌ جيترا غلام ڪسرت ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪتا. سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ به موج هئي. وڏيون وڏيون جبل جيڏيون ڇوليون جهاز سان ٽڪرائجي رهيون هيون. ڪي غلام جهاز جي لوڏن سبب بيمار ٿي پيا هئا. آبدوڪو پنهن جن ٻن سائين سان گڏ جهاز جي ڪناري تي ويٺو هو. سندن پرپاسي ۾ عملي جو ڪو ماڻهو ڪونه هو. آبدوڪي پنهن جن سائين سان ڳالهائيندي چيو "هنن جهاز وارن جو هڪ نه پيو ماڻهو هروقت توب جي پاسي ۾ تيار ويٺو هوندو آهي. انهي ڪري اسين ڪجهه به نٿا ڪري سگهون." سندس سائي ڪيوڪي جو منهن لٽل ڏسي آبدوڪي کيس چيو

”ڪيوڪي ملول نہ ٿي وقت اچي پيو. ڪل ۽ خوش ٿي، تہ جيئن هي سمجهن تہ اسان جي دل ۾ ڪابہ بدنيتي ڪانهي.“ ڪيوڪي توب واري ڏي ڏسي چيو ”او باندرن جا اولاد ياد رکجو، هاڻ اسين اوهان جيئن مڪڙن واڳر ڪچيون پٽينداسين- هوشيار رهجو.“ ڪيوڪي ائين چئي زور سان ٽهڪ ڏنو جهڙوڪر هن ڪا مذاق جهڙي ڳالهہ ڪئي هجي.

”خاموش بيوقوف، ايڏو زور سان نہ کل ۽ اهڙيون ڳالهيون وڏي آواز سان نہ ڪر.“ هڪڙو غلام جنهن کي چيلهہ ۽ چاڙيءَ تي ڏنڀوڙين جا نشان هئا سو خوف کان هنن ڏي چتائي ڏسي رهيو هو.

”ڪيوڪي اسان ڪانسواءِ جيڪي بيا غلام آهن- تن ۾ بہ ڪي اهڙا آهن جيڪي پنهنجي ٻولي سمجهن ٿا. انهن کي اڪيلائي ۾ هوشيار ڪجانءِ.“ آبوڪي ڪيوڪي کي آهستي چيو.

”ها- پوءِ اهي وري پنهنجن سائين کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ سمجهائيندا.“

”ها، ہر هڪڙي ڳالهہ جو خيال رکجانءِ هنن ۾ ڪي ڊڄڻا بہ اٿئي، متان ڊپ کان سڄو منصوبو گورن تائين نہ پڄائي ڇڏين.“

”نہ نہ، ائين نہ ڪندا. هو بہ تہ آخر غلام ئي آهن.“

”برابر ہر بزدل غلام پاڻ کي بہ مارائيندا.“

”مگر هو بہ تہ هتان آزاد ٿيڻ ۾ خوش ٿيندا.“

”ٽهڪ آهي مگر پاڻ اڻائتي آهيون- سڀ پاڻ جهڙا ڪينهن.“

"اهانتي ته برابر ڪيئهن مگر غلام ته آهن- يورپي ته ڪونهن جو پاڻ کي ڇڏي هنن جو ساٿ ڏيندا."

"نه اهي پنهنجي ڪا مدد نه ڪندا."

"مگر آڳوڻا اهي پاڻ سان ان وقت ملي ويندا جڏهن پاڻ کي ڪاميابي جي بلڪل هم ڪنار ڏسندا."

"ان وقت پاڻ کي انهن جي ڪا پرواه ڪانه هوندي."

"خير انهن سان في الحال اهڙي ڪا ڳالهه ڪانه ٿيندي پر اوساڻي صاحب پاڻ کي ڪهڙي طرح هن حڪم ۾ هٿ وجهڻ گهرجي. اوهين به ڏسو پيا ته هڪڙو نه پيو يورپي هروقت توپ جي مٿان تيار ويٺو آهي."

هنن غلامن کي فقط اهي هڪڙي ننڍي توپ جي خبر هئي باقي ٻه وڏيون توپون جيڪي ختم ٿيون ۾ ٻڌڪن ۾ هيٺ لڪل هيون تن جي هنن کي ڪا خبر ڪانه هئي. اها ننڍي توپ اهڙي هنڌ رکيل هئي جتي مرد غلام هروقت ايندا ويندا هئا.

"خير، ڪونه ڪو رستو ضرور پاڻ کي ٻه هٿ اچي ويندو. في الحال انهيءَ ڳالهه تي سوچڻو ڪونهي- اول ماڻهن کي هوشيار ڪرڻو آهي ۽ پيو نه ڪوبه ڏنبو ڏڪو يا ڪم جهڙو ڪو اوزار هٿ لڳي ته اندر ٻڌڪن ۾ لڪائيندا گڏ ڪندا وڃو."

"اسان هڪڙو ڪاٺ جو ڇورو ڳالهه ڪري اندر لڪائي رکيو آهي."

"بس، فقط هڪڙو ڇورو هٿ لڳو اٿو؟"

"ها، اهو به تنهنجو ننيڙو پٽ ڪٿي آيو هو."
"هن وقت تولو ڪٿي آهي."
"تولو بلڪل ٺيڪ آهي ۽ گهاسي سان گڏ آهي."
"ٺيڪ آ، گياسي کي سمجهائي ڇڏ ته اهو لڪائي رکن جيسين پيا به ڪي هٿيار گڏ ڪري وٺون." پوءِ هنن غلامن پيا ٽپڙ به گڏ ڪري لڪائي رکيا جن ۾ هڪڙو ڏنڊو، ٻه لوهه گسائڻ جون وڏيون ربتيون، هڪڙو مالهوءَ جي قدڪان پيٺو ڊگهو رسو، ٽي وڏيون ڇوٽيون ۽ ٻه چاقو گڏ ڪيائون. ٻيڪ جي اندرئين پاسي ڪان جهاز جا اهي تختا به اکيڙي پرا ڪري ڇڏيائون جتي خزانو رکيل هو. پيو ڏينهن ڇڏي ٽئي ڏينهن ڪيوڪي ۽ آبوڪي جي وري ملاقات ٿي. ڪيوڪي چيو "هاڻ جيڪر باقي هڪڙي بندوق يا تلوار هٿ چڙهي وڃي ته ڏاڍو پلو ڪم ٿي وڃي."
"پر ڪيوڪي، جيڪڏهن ڪهڙو به هٿيار سولائي سان ملي وڃي ته ڪٿجو باقي اهڙو ڪوبه ڪم نه ڪجو جنهن مان انلندو ڦاسي پئون ۽ يورپين کي اسان جي منصوبي جي خبر پئجي وڃي. تنهن ڪري انهن هٿيارن لاءِ ڪابه جوابداري سر تي نه کڻجو. هوڏهه به مردن لاءِ هٿيار اهوئي پلو هوندو آهي جيڪو هٿ ۾ هجي."
ايتري ۾ هڪڙو خلاصي هٿ ۾ پستول ۽ چيلهه سان تلوار ٻڌل هنن ڏي آيو پئي. اول ته آبوڪي کي خيال آيو ته ڇمات هٿي پستول ۽ تلوار کسي وٺانس پر پوءِ وري به صبر ڪري وقت جو انتظار ڪرڻ بهتر سمجهي هن ڪـي

ڏسي ڪنڌ جهڪايائين ته جيئن خلاصي سمجهي ته هاڻ حڪم
مڃڻ جهڙا ٿي ويا آهن. پنهنجي ٻولي ۾ ٻين سائين ڪـي به
صلاح ڏنائين ته "هنن حرامين ڪي ورجهو ايندي ڏسي اهڙي
نرمي ۽ نهٺائي ڏيکاريون جو هنن ڪي پڪ ٿي وڃي ته اسين
سندن پڪا غلام ٿي چڪا آهيون ۽ هو اسان جا مالڪ
آهن. آڊوڪي پنهنجن ماڻهو ڪـي اهو سمجهائيندي وڌيڪ
چيو ته ائين ڪرڻ بـه اسان لاءِ موت ڪـان وڌيڪ خراب
آهي مگر هيٺاهين وٺڻ سانڌي اسين هنن کي نيچو ڏيکاري
سگهنداسين." پـوءِ پهريدار هنن کـي سندس اڳيان سجدو
ڪندي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هيڪاري آڪڙ ۾ پرچي
واپس هليو ويو. جڏهن واپس ويـو تڏهن ڪيوڪي ۽ ٻيـن
ڪنڌ مٿي ڪري آڊوڪي کـي چيو "ارساتي، تـون اسان
کان وڌيڪ بهادر ۽ طاقتور آهين تون بيشڪ عظيم آهين.
اسان کي معاف ڪجانءِ جو اسان تنهنجي حڪم کي خراب
ٿي سمجهيو ۽ چاهيوسين ٿي ته اتي جو اتـي حملو ڪري
ڏيون باقي ڪنڌ نه جهڪايون. مگر جڏهن تو ڪنڌ جهڪايو
ته اسان لاءِ به ائين ڪرڻ لازمي ٿي پيو."

"معافي ڌارين لاءِ ٿيندي آهـي. گهر جـي ڀاتين لاءِ
معافي وٺڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي."

"اوساتي مونکي هڪڙي پهريدار جي وات مان هروقت
شراب جـي ڌپ ايندي آهـي. اهـو خلاصي جهڙو ڏکهو
ڏاڙهي وارو آهي ۽ منهن تي ترن جا نشان اٿس. مان سمجهان
ٿو ته اهو هر وقت نشي ۾ چور ٿو رهي." "هل مونکي به

انهي مان چار دفعا شراب جي ڏپ آئي آهي. اهو ڀاڻ وڏيڪ سٺو. اهو شرابي سيني کان ڀهرين پنهنجو شڪار ٿيندو. اهو مونکي به اک ۾ آهي.“

”ها. انهي جا هٿيار پنهنجا آهن“ ڪيوڪي چيو.

”هيو جيڪو جهاز جي ڪناري تي بيٺو آهي. سو به واڻڙو اٿئي. انهي کي رکيو تورو لوڏو ڏبو ته هيٺ پاڻي ۾ وڃي ڪرندو“ ڪيوڪي انهي پهريدار ڏي اک سان اشارو ڪندي چيو.

آڊوڪي پهريدار کي ڏسي مرڪي چيو ”ها، اهو لوڏي وهيٺو آهي. هڪڙي ڌڪي سان پورو ٿي ويندو ۽ انهي سان گڏ انهي شرابي کي به ڌڪو ڏبو. خوش قسمتيءَ سان اهي ٻئي هڪ ٻئي کي ويجها بيٺا آهن.“

”آڊوڪا، جنهن وقت حملو ڪنداسين ته سڀ هڪ ٻئي سان گڏ هونداسين.“

”ها. مگر ٻيا ٻورهي ته ٻري ٻري بيٺا آهن. جنهن مهل هنن ٻن کي ماريندا سين ته ٻيا حرامي يڪدم هوشيار ٿي ويندا ۽ بندوقن سان فائر ڪرڻ شروع ڪري ڏيندا. تنهنڪري هن مهل ڳالهه ڪجهه مشڪل آهي.“ ”مشڪل ڇا آهي. مشڪل ته اها آهي جو اسين غلام آهيون.“

”اوسائي هيو جيڪو اوچا ڪپڙا ٿو پائي ۽ ديڪ جسي ڇت تي بيٺو آهي، سو شايد سيني کان وڌيڪ خطرناڪ آهي. هي سيني اڳوائن جو به اڳواڻ آهي. تنهن مان سمجهجي ٿو ته سيني کان وڌيڪ خطرناڪ آهي. منجهس ضرور ڪا

اهڙي ڳالهه آهي جو سيني جو اڳواڻ ٿيو آهي.“ هڪڙي ساٿي چيو.

”ها. اهو ڏاڍو مغرور ٿو ڏسڻ ۾ اچي. جي هن وقت حملي جو ايرادو هجي ته اول انهي کي دوکي بازي سان مارڻو پوندو. پر جي اڳ اهو نٿو مري سگهي ته پوءِ وري ڪنهن ٻئي موقعي جو انتظار ڪرڻو پوندو. ٻيا تيستائين ترسڻو پوندو جيستائين اهو ڪيڏانهن نه ڪيڏانهن ٽري وڃي“

ڪيوڪي چيو، ”مان ته انهي ڳاڙهي مٿي واري ڌاڙي کي ... اک ۾ ڪريو وٺان. اهو به وڏو خطرناڪ حرامي آهي ۽ هر وقت اسان کي ٻلي وانگر جهوءِ وجهي ڏسندو رهندو آهي.“ آبوڪي به مرڊس کي ايذي اک سان ڏٺو ۽ چيو ”ها، اهو به ماربو. انهي تي منهنجي اک ٿي ڪانه ٿي پڏي. هڪڙي چنبي جو خرچ آهي. پر رک مولا تي انهي جو به پوٽ بلا وانگر چپيندا سين.“

هڪڙو پهريدار هنن کي ڪافي وقت کان پاڻ ۾ ڳالهائيندو ڏسي، هنن هٽ ۾ ڪٿيو هنن ڏي هليو آيو. آبوڪي چيو انهي کي پاڻ ۾ شڪ پيو آهي. تنهنڪري هيڏانهن پيو اچي. پهريدار ويجهو اچي هنن تي هنٽر الاريو ته آبوڪي هٽ آڏو ڏنس. پهريدار پنهنجي ٻولي ۾ هنن کي گار گند ڪري، ٻيچاري وڃان لنگهي ويو. ڪيوڪي مسڪرائي چيو ”هي پنهنجي پر ۾ اسان کي ٻيچارڻ آيو هو. اهڙن نوسين کي اوهين ٻه اهڙي ڏيکائي ڏيو جهڙو ڪر واقعي اسين هنن کان ڏاڍو ٿا ڊڄون“ آبوڪي کي ڪيوڪي جي

صلاح وٺي ۽ چيائين "مهرباني."

جڏهن کان وٺي آدوکو گرفتار ٿيو هو تڏهن کان هن وري پنهنجو پٽ اکين سان نہ ڏٺو هو. هن دفعي هن هڪڙي ٻئي غلام ڇوڪري کان پڇيو "تولو ڪٿي آهي؟" هـن اڃا ڪيس ڪو جواب ئي نہ ڏنو هو تہ اوچتو آدوکي جي نظر هڪڙي خلاصي ٿي پئي جيڪو هڪڙي غلام ڇوڪريءَ کي ٻانهن کان جهلي پاڻ ڏانهن ڇڪيو ۽ هن جو منهن پنهنجي منهن سان ملائي رهيو هو. مگر ڇوڪريءَ هن کان جان ڇڏائڻ جي ڪابہ ڪوشش نہ ڪئي. هي حالت ڏسـي آدوکي جو اندر ئي سڙي ويو ۽ هيڪاري وڏيڪ ڏک پيدا ٿي پيس تہ ڇوري هن کان جان ڇو نٿي ڇڏائي. آدوکي نيٺ پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيـون. آدوکي انهيءَ کان اڳ اڃا بہ وڏيڪ ڏکوئيندڙ حالتون ڏٺيون هيون جنهن ڪري هي ڏک بہ هن لاءِ آسان هو. هن پنهنجي پاڻ بيسوءَ کـي ڪئين دفعا مارون کائيندي ڏٺو هـو. هڪڙي ساٿي کي نانگ جي ڏنگ واري حالت ۽ ان کانپوءِ جنهن نموني هن جون ٻانهون وڏيون ويون هيون سي ڏٺيون هيون. هـن پنهنجي جگر جي ٽڪري ليانو کي درياءَ ۾ ٻڏندي ڏٺو هو. تنهنڪري هـي سوُر بہ في الحال برداشت ڪري ويو." ڪري وٺو مذاقون. پوائڙين جـا اولاد وقت ايندو جڏهن اسين بہ اوهان کي ٻچن ۽ گهرن کان ائين برباد ڪري ڇڏينداسين جيئن اوهان اسان سان ڪيو آهي. مگر اڃا اوهان کي موقعو مليل آهي. ڪجهہ اڳيرا هلو. اسين بہ اوهان جي چڱي طرح

مرمت، ڪنداسين.“ آڏوڪي دل ۾ چيو ۽ هن کي ڏاڍا خار وٺي ويا هئا. ڪجهه دير کان پوءِ اکيون کوليائين ۽ ڏٺائين ته پهريدار چوڪرنيءَ کي پري ڌڪو ڏنو ۽ شلوار جو اڳٽ ڦاڙي ڇڏيو. آڏوڪي دل ۾ چيو ”وقت آيو ته اسين انهي جو اهو نفس وڍي سندس وات ۾ وجهنداسين. اڄ اوهين اسان جي عزتن تي حملا ڪري رهيا آهيو شايد سڀاڻي اسين شيدي خود اوهان سان اها ئي حالت ڪنداسين.“ ٿوري دير کان پوءِ اهو چوڪر وآڏوڪي جي پٽ ٽولي کي وٺي هن وٽ آيو ۽ ٽولي پيءُ کي اچي هٿ سان جهليو ۽ پاسي ۾ بيٺو رهيو. آڏوڪي ڪجھ دير تائين هن جي منهن ۾ ڏسندو رهيو. ڪيوڪي آڏوڪي کي ٻڌايو ته پهريون ڏنڊو تنهنجي پٽ لڳائي رکيو آهي.

”ها پٽ؟“ آڏوڪي پٽ کان پڇيو جنهن ڪنڌ سان هاڪار ڪئي.

”مونکي تو جهڙي پٽ تي فخر آهي.“

”بابا، تون به هنن کي مارينديں نه!“

”ها.“

”بابا، مان تنهنجي ڪهڙي مدد ڪري سگهندس“ ”ٻاڻ سڀ گڏجي هنن کي مارينداسين. جي تون به اسان سان گڏ هوندين ته ٻاڻ وڌيڪ خوشي جهڙي ڳالهه ٿيندي.“

”ها بابا، مان ته ضرور اوهان سان گڏ هوندس.“ آڏوڪو پٽ جا هي لفظ ٻڌي بهار بهار ٿي ويو ۽ خوشيءَ وچان ڪمس نراڙ تي چميون ڏيڻ لڳو.

”بابا. ڀلا اوهين هنن کي ڪڏهن ماريندا؟

هنن کي ماري پوءِ ڀاڻ گهر هلنداسين نه؟"

"ها"

"پوءِ ڀاڻ کي گهر ڪيئن ليندو."

"گهر ڀي ويندا، مان خود اوهان کي وٺي هلندس."

"ڏاڍو سٺو. هر بابا مونکي ته گهر ڪونه ليندا."

"ڀاڻ سڀ گڏجي هلنداسين، پٽ!"

آڏوڪي پٽ سان ڪڏهن به ڪوڙ نه ڳالهايو هو تنهن ڪري تولي کي ٻيءَ جي ڳالهين تي پڪو يقين ٿي ويو. ايتري ۾ ٻين ٻن ٻارن پري کان هن کي سڏ ڪيا ۽ تولي به هنن ڏي نهاريو پر وري به ٻيءَ سان گڏ ٻيهي رهيو. "وڃ پٽ" آڏوڪي کيس چيو "وري ڪنهن ٻيءَ مهل ڳالهائينداسين" تولو ٻين ٻارن ڏي وڌي ويو ۽ ڀاڻ ۾ ڪالندا اڳتي هليا ويا ۽ آڏوڪي حسرت سان پٽ کي ڏسي رهيو هو.

ٻيسو هاڻ ڪنهن سان به نه ڳالهائيندو هو ۽ دل جو دل ۾ پيو سور پچائيندو هو. اڄ به هو اڪيلو ٿي اڪيلو هڪڙي هنڌ ويٺو هو ۽ گورن کي هيٺ کان مٿي تائين چتاءِ پئي ڏٺائين. سندس پٺن تي هڪڙي گنجي هئي. ٿلهي سالٽهو (سرجن والڪس) ٻاٿوڊر پٺن تي اڇي ڇڙڪيو ته جيئن جلد زخم چٽي وڃن ۽ هاڻ زخم به گهٽي قدر چٽي ويا هئس. باقي مٿي ۾ ۽ ڪلهن ۾ ڦٽ هئس. هن کي گورن تي تمام گهڻي ڪاوڙ هئي ۽ هر وقت انهن تي اک ٻوندي هئس ته غصي ۾ تپي ڳاڙهو ٿي ويندو هو ۽ اکيون رت پيون ڇڏيندڙيون هئس. ڪڏهن به هنن کي عزت جي نگاهه سان

نه ڏسندو هو. گورن جون به هن سان ڪافي دفعا ڇڪريون ٿيون هيون تنهن ڪري اهي به، هن تي ڏاڍا خار کائيندا هئا. آڏوڪي کي به خبر هئي ته ٻيسو تمام خارباز ماڻهو آهي مون جيڪو هن کي هيترو وقت صبر ڪرايو آهي سو هن لاءِ برداشت ڪرڻ تمام ڏکيو ٿي پيو آهي. ڇاڪاڻ ته هو نفعي نقصان جو ڪڏهن به نه سوچيندو آهي ۽ ڇوٽ حملو ڪندو آهي. ڪيس هن جي عادتن جي خبر هئي. جنهن ڪري ڪيس هر وقت اهوئي ڪٽڪو لڳو پيو هوندو هو ته ڪٿهن مهل اوچتو ڪا بغاوت نه ڪري وجهي. ڪيس وڏيڪ ڪٽڪو انهي ڪري به پئي ٿيو جو اڳي ٻيسو هن جي هر ڳالهه ڌيان ڏئي ٻڌندو به هو ۽ هن جي نصيحت تي عمل به ڪندو هو. مگر هاڻ هو آڏوڪي جي ڪا به ڳالهه ڌيان سان نه ٻڌندو هو ۽ واپس ۾، سواءِ منهن ۾ گهنڊ وجهي ماٺ ڪرڻ جي پيو ڪو به جواب نه ڏيندو هو. نيٺ آڏوڪو آهستي آهستي ڪري وڃي هن جي پر ۾ ماٺ ڪري ويهي رهيو ۽ هن کي هاڻ ڪا به هدايت نه پئي ڪيائين. آخر ٻيسو هن ڏي ڏسي چيو "ادا، هاڻ هنن ڪتن تي ڪڏهن ٿا حملو ڪريو؟" آڏوڪي ڪيس في الحال ڪو جواب نه ڏنو. آخر ٻيسو ڪاوڙجي هن جي پر مان اٿي ويو ۽ پوءِ ٻن ڏينهن تائين پاڻ سان بلڪل ڪونه ڳالهايائين. هڪڙي ڏينهن وري به ٻيسو بلڪل اداس ويٺو هو ته آڏوڪو به وڃي ڀر ۾ ويٺس. هن کي ڏسي ٻيسو ٻئي پاسي منهن ڦيرائي ڇڏيو.

هوڏانهن ٻن ٻار ٻيڪ نمبر ٻئي جي دروازي وٽان

اچي لنگهيو ۽ جڏهن غلامن جـي پرسان لنگهيو تـه ڪين
تمام گهڻو خوف وٺي ويـو ۽ ڏڪيو پئي. اتان هتي جڏهن
پئي چوڪيدار ڪرافورڊ وٽ پهتو تـه بـه ڏڪيو پئي.
ڪرافورڊ هن جي هيءَ حالت ڏسي مٿس کلڻ لڳو ۽ ٺوڪرون
هڻڻ لڳو.

"خدا ڪو تنهنجي جان ڇڏائي. مان تـه سمجهان ٿو تـه
وري جيستائين جيترو هوندين تيستائين غلامن واري جهاز
تي شايد پير بـه ڪونـه رکندين." هن وقت ٻن بار ۽ ڪرافورڊ
غلام عورتن کان ڪم وٺي رهيا هئا. عورتن ۽ ٻارن کـي
روزانو ڏيکن مان ڪڍي ڇت تي آندو ويندو هو ۽ مردن
مان اڌ هڪڙي ۽ اڌ ٻئي ڏينهن ٻـاهـر نڪرندا هئا. ڏيک
جڏهن خالي ٿيندا هئا تـه جهاز جا نوڪر وغيره انهن ۾ هيٺ
لهي صفائي وغيره ڪندا هئا. ٻن بار بـه جڏهن ڏيک ۾ هيٺ
لٿو تـه هڪ تـه ڪيس خوف پئي ٿيو پيو تـه اندر بدبوءِ ايتري
هئي جو هو اتي بيهي نـه پئي سگهيو ۽ ذري گهٽ بي هوش
ٿي ٿيو. چاليهن منٽن کان پوءِ ٻاهر نڪتو تـه سڄو ڏيک جي
مٿان ڇت تي هليو ويو. ۽ اتي وڃي ڪري پيو. ٿڌي هوا
۾ وڏا وڏا ساهه کڻڻ لڳو. اهڙي طرح ڪيترائي پهرا هـن
جي دل خراب ٿي ويندي هئي ۽ ٻاهر نڪري اچي التيون
ڪندو هو. هن کي اهو بـه خوف ٿيندو هو تـه ڪنهن مهل
ڏيپ جي وڳهي مري نـه پوان. خدا کـي ڪونـه مڃيندو هو
پر هن حالت کان بيزار ٿي خدا ڏي هٿ کڻي دعا گهرندو
هو "اي خدا سائين! مهرباني ڪري مونکي هـن مصيبت

مان ڇڏاءِ. او خدا يا! مان ڏاڍو تنگ ٿي پيو آهيان. ٿون کو پنهنجو ڪرم ڪر ۽ مونکي هتان ڇڏاءِ هتي مان بي ڪفن مري ويندس. مان مرڻ نٿو چاهيان. مونکي واپس وطن پهچڻو آهي. خدا سائين مونکي بچاءِ.“ ٿوري دير ۾ نائب ڪپتان مرڊس آيو ”نيڪ آ. هاڻ موڪل ڪريو. اوهان جا چاليهه منٽ پورا ٿيا.“ ڊن بار هن کي ڌڪي اٿيو ۽ پاسي ۾ رکيل ڪچري جو ڍير ڪٺي سمنڊ ۾ اڇلايائين. ڪچرو اڇلي هو يڪدم وڃي وهنتو ۽ چڱي طرح صابڻ هڻي بدن صاف ڪيائين. سڪل ڪپڙي سان آلو بت اگهيائين. پوءِ پيا ڪپڙا پائي ڊيڪ جي ڇت تي هليو ويو ۽ سگريٽ دکائي پيئڻ ويٺو ۽ قيدين جي چرپر تي به نظر پئي ڊوڙايائين. دل ۾ چوڻ لڳو مسٽر ولڪس واقعي سچو آهي. هي شيدي وڏا ڪي نهاڳا آهن. هن حالت ۾ بند آهن ته به مرڻ کونه ٿا. هتي ته جيڪر ڪنهن ڪتي کي به بندڪجي ته شايد اهو به هن ڪنڊ ۾ ڏپ ۾ مري وڃي. اهڙي خيال به پئي ڪيائين ۽ سگريٽ به پئي ڇڪيائين.

جهاز بدستور الهندي طرف هلندو پئي ويو. هوا به سٺائي هئي جنهن ڪري جهاز بلڪل تيز رفتار سان سمنڊ کي چيريندو پنهنجي منزل ڏانهن ويندو پئي ويو. رستي ۾ ڏهه غلام مري چڪا هئا جن ۾ ٽي بخار وگهي مئا، ٽي جهيڙي ۾ مئا ۽ چئن خودڪشي ڪئي هئي. هنن کي رستي ۾ پيا به ٻه جهاز مليا هئا جن جا تمام گهڻا غلام مري ويا هئا. هي خوش نصيب هئا جو هنن جا فقط ڏهه غلام مئا باقي سڀ سلامت

هئا. ڪپتان هارينبي اندازو لڳايو تہ هاڻ فقط ڏهن ڏينهن جو پنڌ باقي آهي پوءِ منزل تي صحيح سلامت پهچي وينداسين. ايتري ۾ ڪپتان جي دروازي تي ٺڪ ٺڪ ٿي. "اندر اچو." مسٽر مرڊس اندر داخل ٿيو ۽ ڪپتان کي عرض ڪيائين تہ "جناب مان هن وقت اوهان وٽ انهي لاءِ حاضر ٿيو آهيان تہ پريان ڪناري تان ڪي شخص دونهان دکائي سنگل پيا ڏين."

جيئن تہ هارينبي ڪافي دير کان متي نہ ويو هو تنهن ڪري کيس هوا جي رخ جي خبر ڪانہ هئي، تاهم هن سمجهيو تي تہ هوا سٺائي تي هوندي. هارينبي خلاصي کي چيو تہ مسٽر مرڊس کي چئو تہ اوهين بہ هنن کي سنگل ڏيو ۽ جهاز جو رخ ڪناري ڏي موڙيو. هنن جهاز کي ڪناري ڏانهن موڙيو ۽ جهاز هلندو ويو تہ ايتري ۾ هارينبي بہ متي چڙهي آيو. ڪپتان ڪناري ڏي ڏٺو تہ اتي هن کي ونهارو کن شيدي ڏسڻ ۾ آيا جن ۾ پندرهن جڻا ٻڏا ويٺا هئا ۽ باقي چار پنج ڄڻا بندوقن سان متن پهري تي بيٺا هئا.

"غلام تا ڏسڻ ۾ اچن" هارينبي چيو.

"ها صاحب مون کي بہ ائين ٿو ڏسڻ ۾ اچي" مسٽر مرڊس جواب ڏنو. هارينبي دوربيني اکين تي رکي هن کي چڱي طرح ڏٺو. "ها غلام آهن. هلو" ڪپتان حڪم ڏنو. تورو ويجها ٿيا تہ ڪناري وارا پهريدار غلامن کي پيڙي ۾ چاڙهي هنن جي جهاز ڏي وڌيا. ڪپتان رسن واري ڏاڪڻ هيٺ لهرائي ۽ پاڻ متي ئي بيٺو هو تہ پيڙي اچي جهاز

سان لڳي. هڪ ڀرپدار هڪڙو ڏگهو ۽ مضبوط شيدي هو. هن جي هٿ ۾ شيفيلڊ جي ٺهيل بهترين تلوار هئي جيڪا ڪنهن انگريز جي ٽي سگهي ٿي. هن ڪي ريشمي ڪپڙا پهريل هئا. هن هيٺان بيٺي ۾ مان ڪپتان کي چيو "بلڪل تندرست ۽ بهترين غلام آهن. ڪپتان صاحب هڪ هڪ چٽو ٻن جي برابر آهي."

"انهن کي مٿي وٺي اچ. اسان جو سرجن انهن جو معائنو ڪندو" ڪپتان هارينبي جواب ڏنو.

غلام جهاز ۾ مٿي چڙهي آيا. هو مختلف قسم جا شيدي هئا. ڪن کي ٻت تي ڏينيوڙيون نڪتل هيون، ڪن کي ڇاتي ۽ نراڙ تي ڏگها ليڪا نڪتل هئا. هڪڙو اهڙو به هو جنهن جا وار گهنڊيدار مگر ڪافي ڏگها هئا. ٻئي جا وار بلڪل ريوڙين جهڙا وٽيل هئا ۽ مٿي ۾ ڪن ڪچرو هوس. ڏند صاف اڇا هئس. هن مان ثابت پئي ٿيو ته هي غلام آفريڪا جي مختلف اندرين علائقن مان جهليل هئا. ڏگهن وارن وارو بي انداز ڏچٽو ۽ ٿاهڙ شيدي هو. ٿورو پير جو ڪِڙڪو ڪرڻ سان ڏڪيو ٿي ويو ۽ خوفناڪ نموني جون دانهون ڪرڻ تي لڳو. خلاصين کي به روئنشو تي آيو ۽ گهڙي گهڙي هن کي ڏيڇاري ڪليا پئي ۽ خوش پئي ٿيا. سرجن ولڪس هنن سڀني جي تپاس ڪري ڪپتان کي چيو "ڪپتان صاحب، غلام سڀ ٺيڪ ٺاڪ ۽ چڱا ڀلا آهن."

"ٻوڙ هي سست ڇو پيا ڏسڻ ۾ اچن."

"صاحب، هي تمام ٻکيا ۽ اڃايل ٿا ڏسڻ ۾ اچن، باقي

آهن بلڪل تندرست ۽ چڱا ڀلا.“ پوءِ ڪپتان پيڙهي واري شيدي سان ڳالهائيندي چيو ”ها، هاڻ ٻڌاءِ گهڻا پيسا؟“

”ڪپتان صاحب، في غلام هڪ بندوق، هڪ خنجر ۽ پنجاهه ڊالر ڪپڙ.“

”نه ايتري رقم نه ملندي.“

”اوهين ڇا ڏيندا.“

”مان في غلام فقط هڪڙي بندوق ڏيندس.“

”ڪپتان صاحب، اهو ملهه بلڪل گهٽ آهي.“

”اسين انهي ڪان مٿي نه ڏئي سگهنداسين، ٻيا واپاري به انهي ڪان مٿي هرگز ڪين ڏيندو-ڪيئن مسترڪائن!“

”ڪپتان صاحب، انهي ڪان مٿي نـه ڏيندا.“ ”اسان بلڪل مناسب پئسا ٻڌايا آهن“ ڪائن چيو. شيدي چڙي پيو ۽ چيائين ”رڳا اوهين آهيو ڇا، ٻيا بـه ڪيئن واپاري آهن- اوهان ڪـي حرام ڪپي- اوهين حرام خور تـا ڏسـڻ ۾ اچو.“

ڪائن: ”بڪواس بند ڪر.“ شيدي يڪدم تـلـوار ڪڍي سامهون ٿيڻ واري هئي.

”اسان ڪي غلام نه ڪپن- ختم ڳالهه“ ڪپتان چيو.

پوءِ شيدي بڪ بڪ ڪري غلامن کـي واپس پيڙهيءَ ۾ ويهاري هليو ويو.

ٻي رات هڪڙو غلام ڊن بار کي مدد ۾ ڏنـو ويو ۽ کيس حڪم ڪيو ويو ته هن کان به ڪم وٺ ۽ پهرو جاري رکـ. ٻيا سڀ خلاصي سمهي پيا هئا. ڊن بار کي بـه ننڊ

تمام گهٽي هئي. آڌي رات مهل هو ڊيڪ تي مٿي چڙهي ويو ۽ جيئن ئي ليٽيو تيئن کيس ننڊ اچڻ لڳي. هن جي اچا اک اک سان مس لڳي ته ايتري ۾ کيس هڪڙي غلام ڇوريءَ جون رڙيون ٻڌڻ ۾ آيون. ڊن بار جي پير ۾ جيڪو خلاصي ستو پيو هو سو ننڊ مان اٿي پيو ۽ ڇوڪري، جنهن رڙيون پئي ڪيون تنهن کي پرپٽ گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو. ايتري ۾ اوبرين هنن جي مٿان اچي بيٺو ۽ خلاصي کي ڇهائين "اٿي ويهه. خلاصي بيزاري ڏيکاريندي چيس "اوبرين! ڀلي خدا کي مڃ، مونکي ڇڏ. مونکي ڏاڍي ننڊ آهي."

"ننڊ قبر ۾ ڪجان؛ اٿي ويهه" اوبرين چيس.

"اوهين انهيءَ ڇوڪريءَ ڪتي لاءِ ٿا جاڳايو نه؟"

"ها. اٿ" اوبرين چيو.

"اوبرين، مونکي ڇڏيو" خلاصي چيو. "ته ٺيڪ آ، اچي سنڀال پنهنجي ڪتيءَ کي" اوبرين ڇوري کي، جيڪا ساڻس گڏ هئي، خلاصي ۽ ڊن بار جي وچ ۾ ڇڏيو. ڇوري يڪدم ڊن بار کي چنبڙڻ لڳي ۽ همٿ چراند ڪرڻ لڳي.

"نه نه، ڇڏ" ڊن چيو، جنهن تي ڇوڪري ساٿ ڪئي. ڊن کيس جاچي ڏٺو. عمر جي ڪچهه ننڍي، اکيون گول ۽ وڏيون. نڪ ويڪرو، چپ ٿلها. اکيان ڏس ته ننڍي پئي لڳي جي پنيان ڦري ڏس ته وڏي عورت ڏسڻ ۾ پئي آئي.

ڇوري ڊن بار سان گڏ سمهي رهي. هن جي اکين ۾ ڪشش هئي جيڪا ڊن بار کي هن ڏانهن ڇڪي رهي هئي. ايتري ۾ ٻه ٽي ٻيا خلاصي ب‍ـ ويٺا ۽ ڇوڪري کي

ڏسڻ لڳا. ”اها اسان جهڙن جي لائق آهي. ٻن ٻار ڇا چاٺي اهڙن قصن مان. هن ڪي ڇوڪرا ڪهڻ“ اوبرين ٽڪبر سان چيو.

”نه.“ اڇا هيءَ ننڍي آهي- ٻن چيو.

”ها ها. اڇا ته ننڍي ڇوڪري آهي، پر جلد ننڍي عورت ٿي پوندي. جڏهن ننڍي عورت ٿيندي ته مان ڇڏي ڏيندوسانس. سيني لاءِ راهه هموار ٿي پوندي.“ اوبرين کلندي ڳالهه ڪئي ۽ پوءِ اوبرين ۽ ٻه ٽي ٻيا خلاصي ڇوڪريءَ کي هڪڙي پاسي ڪئي ويا. ٻن ٻار هنن جي پٺيان وڃڻ لڳو. وري دل ۾ خيال آيس، ”نه. تون اهڙو ڪم نٿو ڪري سگهين.“ هو اتي ئي بيهي رهيو. ٿوري وارو تصور سچو هن جي اکين اڳيان ڦرڻ لڳو. اوچتو سندس وات مان بي اختيار آواز نڪتو ”نه.“ ڊيڪ جي ڪنڊ مان وري رڙ ٻڌڻ ۾ آئي.

”جيمي! ڇا خيال آهي؟“ اوبرين چيو. ”اڇا هي پوليڙي ننڍي آهي.“ ”ننڍي ڇا جي آهي- قصو جاري رهي ۽ ائين ڊيڪ ۾ واپس ڇڏي ناهي.“ ٻن ٻار هنن جا اهي گفتا ٻڌي سڌو ڪپتان جي ڪئبن ڏانهن ڀڳو. ڊيڪ جي ڏاڪڻ ذان هيٺ لهي ڪئبن جي در تي پهتو. هڪڙو سيڪنڊ بيهي پوءِ در تي ٺڪ ٺڪ ڪئي، ”ڪپتان صاحب! ڪپتان“ هن سڏ ڪيا ته ڪپتان اندران زور سان دروازو کولي ٻاهر ڏٺو. هن کي سمهڻ وارا ڪپڙا پيل هئا. اکيون ننڊ ۾ پريل ۽ ڳل تي وهائي جي ڇهو جا نشان پيل ڏسڻ ۾ ٿي آيا. پر اهيءَ هوندي به هو بلڪل تيار هو. پريل پستول هٿ ۾

هنس ۽ ڊن بار کي چتائي پٺي ڏنائين. ”ڇا آهي.“
”ڪپتان صاحب! هڪڙي ڇوڪري.....“
ڪپتان: ”ڇوڪري!“

ڊن بار: ”ها ڪپتان صاحب، سونکي نهايت افسوس آهي جو مان اوهان جي ننڊ خراب ڪئي آهي- مان ڄاڻان ٿو ته مون هيءَ گستاخي ڪئي آهي- مگر صاحب ڇوڪري....“

”بکواس بند ڪر“ ڪپتان ڌمڪي ڏنس ۽ ڊن بار به سمجهي ويو ته هاڻي ٻيو ڪجهه مار ڏيندو- پر هن مرڻ جو سانگو ئي نه ڪيو- ڪوشش ڪيائين. هن دل ۾ چيو اڄ جي ڪپتان منهنجي ڳالهه نه مڃي ۽ منهنجي بي عزتي ڪئي ته مان به اوبرين کي جيئرو نه ڇڏيندس. پيو به جيڪو هن سان شريڪ هوندو تنهن کي به نه ڇڏيندس.هوءَ هڪ ننڍي ۽ نابالغ ڇوڪري آهي. اوبرين ۽ پيا هن کي زوري ٻيڙيءَ جي پر ۾ کڻي ويا آهن- هو ظالم آهن مگر مان ڇوڪريءَ جي حفاظت ڪندس ۽ هنکي ڪو به نقصان رسڻ نه ڏيندس- مان هنن کي هر ڳالهه ڪرڻ نه ڏيندس. پوءِ هن ڪپتان سان دل کولي ڳالهايو: ”ڪپتان صاحب مسٽر ڊن بار کي سچي خبر آهي ته انهيءَ ڇوڪريءَ جي ڳالهه تان وڏو جهيڙو ٿي سگهي.

”ڇا، اڄ ڪجهه سرس ته نه پي ويو آهين؟ نشا ٿيا اٿئي.“

”ڪپتان صاحب، اوهين اها ڳالهه سمجهي نٿا سگهو.“

ائين چئي هن پٺي هٿ ڪپتان جي ڪلهن ڏي وڌايا ته ڪپتان يڪدم پستول پوئتي ڪري ورتو. ”ڪپتان صاحب،

سون ڪـي اها ڇوڪري ڪبي ۽ هن مهل ڪپي. سـان اهـا ڇوڪري حاصل ڪرڻ ٿو چاهيان.“ هن اها ڳالهه ڪئي مس ته پنهان مسٽر مرڊس به هـن جـي ٻڪ ٻڪ ٻڌندو پئي آيو. هن جي به لنڊ ڦٽي وئـي هئي ۽ پستول ڪٽي سٽو اچي ڊن‌بار تـي اپو ڪمائين ”ڇا ڇـو گـوڙ ڪيو اٿئي، ڪپتان صاحب ڪي تنگ ٿو ڪرين؟“

”مسٽر مرڊس! هي خلاصي مون ڪي نشي جـي حالت ۾ تو ڏسڻ ۾ اچي. ها هي چريو ٿي پيو آهي. مهرباني‌ڪري في‌الحال نهترن سان ٻڌي ڇڏيوس پـوءِ وڏيڪ صبوح جو هن جو فيصلو ڪبو.“ ڊن‌بار وري بـ. دانهن ڪري چيو ”ڪپتان صاحب! مان اها ڇوڪري خريدڪرڻ ٿوچاهيان. مان اها پنهنجي لاءِ خريد ڪرڻ ٿو چاهيان.“ ڊن‌بارڪپتان جي پيرن تي ڪري پيو ۽ وري به چيائين: ”خداجي‌واسطي ڪپتان صاحب اها ڇوڪري مونکي ڏني وڃي.“ ابتري ۾ مرڊس گلي مان جهلي اپو ڪيس. ”هـل“ هـو ڪمس ٻاهر ڌڪڻ لڳو. هاريـي ڊن‌بار جي شڪل ۾ ڏسي چيو ”ترسو مسٽر مرڊس هـن کـي ڇڏيو. اوهين پنهنجي ڪـمري ۾ وڃو. ضرورت محسوس ٿي‌ته اوهان‌کي سڏ ڪندس. مونکي هن سان اڪيلائي ۾ ڳالهائڻو آهي.“

”جيڪا اوهان جي مرضي، ڪپتان“ مرڊس ائين‌چئي پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو ۽ هاريني ڊن‌بار کـي ڪئبن ۾ اندر وٺي ويو. ڊن‌بار وري بـ هن جي پيرن تـي ڪري پيو. ”ڪپتان صاحب! بس مهرباني ڪريو.“ڪپتان چيس،

"اٿي بيھ" ھو اڪبرن ھٿ ڪري اٿي بيٺو.

"تون ڇالاءِ ٿو اھا ڇوڪري خريد ڪرين؟"

ڊنبار ڪو جواب ڪونہ ڏنو. ڪپتان وري چيس "ڇوڪري جي قيمت ڪيتان آڻيندين؟" ڊنبار يڪدم ڳالھايو "سون وٽ رقم آھي. اوھين جيترا پئسا چوندا اوترا مان ڏيڻ لاءِ تيار آھيان." وري دل ۾ خيال ڪيائين تہ متان ڪپتان ڇڙي نہ پوي يا ڪو ٻيو مطلب سمجھي. تنھن ڪري چيائين "مان ھن جي عيوض ۾ پنھنجو سمورو پگھار ڏيندس."

"پگھار مان ڪجھ بہ نہ ٿيندو. ھن جي قيمت گھڻي آھي." ڪپتان چيو.

"نہ پوءِ منھنجو پگھار سوٽي طور رکو باقي رقم بندر تي ھلڻ شرط اوھان کي ڏيندس. سون ڪجھ رقم بچائي بئنڪ ۾ جمع ڪري ڇڏي آھي."

ڪپتان مسڪرائيندي چيو "مطلب تہ ھلندي رستي ھڪ غلام ڇوڪري جو تون غلام ٿي وئين." ڊنبار سوچيو تہ جواب سنو ڏيانس پر ڇڱائي ڪانہ ٿيندي. تنھن ڪري چيائين "ھا صاحب." ڪپتان پڇيس "تنھنجي ذات ڪھڙي آھي؟"

"ورگل."

"ورگل. ڇگو، ٺرس." ائين چئي پير واري ڪيٽ مان رسيد بڪ ڪڍيائين ۽ ڊنبار کي تنھن ۾ ڪندي چيائين "جيڪڏھن بندرگاھ تي ھلي يڪدم سڀ پئسا نہ ڏنا اٿئي

۾ سونو ختم، پئسا هضم.“

”مونکي اهو شرط منظور آهي ڪپتان صاحب.“

پوءِ هارينءَ هن کي وڪري جي ڪچي رسيد پنهنجي صحيح سان ڪري ڏني. ڊن بار ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڪپتان سان سٽ ملائي چيائين ”ڪپتان صاحب، اوهان جي وڏي وڏي مهرباني.“ ائين چئي هو سڌو ڇوڪريءَ ڏي ڀڳو. هن جي وڃڻ کان پوءِ مرڊس ڪپتان کان پڇيو ”سڀ خير ٿي ويو، جناب!“

”ها- سڀ خير آهي- خدا حافظ“

”خدا حافظ“ مرڊس واپس ويو ۽ ڪپتان به وري سمهي پيو.

ڊن بار ڊوڙندو وڃي اتي پهتو جتي خلاصي ڇوڪريءَ کي گهيرو ڪيو بيٺا هئا. ڇوڪريءَ جي نڪ ۽ چپ مان رت پئي نڪتو. هن جون اکيون بند هيون. گوميز هن کي ڪاهڻ کان جهليو وينو هو ۽ ٻه خلاصي انگن کي مرڻ وٽان جهليو وينا هئا ۽ اوبرين باڪل.... ايتري ۾ ڊن بار به اچي رسيو ۽ اڪيان ٻڌل ٻهريدار کي هڪڙي پاسي ڌڪو ڏئي وڃي اوبرين کي ٻڌوان ٺڏوهڻي اٿاريائين ”اٿو- هٿو“ اوبرين کي ٻاهه وٺي وئي ۽ اتي ئي شرط گلي ۾ ڪٽي هٿ وڌائينس. گوميز يڪدم خنجر ڪڍي وار ٿي ڪيس ته رئنبال ڏٺو ته هاڻ اجها ٿي خونريزي ٿئي، تنهن يڪدم رڙ ڪري هن کي چيو ”خبردار! خبردار! گوميز! چاقو بند ڪر.“ گوميز ڌڪ روڪي ورتو- اوبرين به گلي مان هٿ ڪڍيس- پوءِ رئنبال ڊن بار سان ڳالهائيندي چيو ”ڇا ڳالهه آهي؟“

"هاڻ هن ڇوڪريءَ کي ڪير به هٿ نٿو لائي سگهي،
هاڻ هيءَ منهنجي ۽ فقط منهنجي آهي. مون خريد ڪئي
آهي. پنهنجي لاءِ. هي ڏسو رسيد." هن رسيد ڪڍي رنڊال
کي ڏيکاري، رنڊال روشني تي رسيد پڙهي ڏني ۽ چيو
"واه، هي ته بلڪل ٺيڪ ڳالهه ڏسبي. برابر ڪچي
رسيد آهي ۽ ڪپتان صاحب پنهنجي هٿن سان ڪڍي
۽ پاڻ صحيح ڪري ڏني آهي." اوبرين رسيد هن جي هٿ
مان کسي ڏني ۽ چيائين "رسيد آهي ته ڀلا آهي. هي خوشي
جي ڳالهه آهي. رنڊال جيڪڏهن دوستيءَ ۾ اجازت ڏئي
ڇڏي ته ٻه ڪا وڏي ڳالهه ڪانهي."
"نه، هرگز نه. هاڻ هيءَ منهنجي ملڪيت آهي ۽ مان
ڪنهن جي به حوالي ڪرڻ نٿو چاهيان." رنڊال چيو. تنهن
تي رنڊال، اوبرين ۽ ٻين کي چيو، ٺيڪ آهي، اوهين
ڇوڪري کي ڇڏي ڏيو. پوءِ هو رنڊال کي ڏسي خارن
وچان ڇوڙ لڳا. "خير، اسان جا ٽرن ڪيترا شڪار ڦٽائيندين؛
اڃا نه ته پڻ. اسين ورئي به ڪٿي ڪا ائينداسين پوءِ ڏسون
ته تون ڪيترين ٿو خريد ڪرين."
رنڊال هنن جي بڪواس تي ڪو ڌيان نه ڏنو ۽ هو
ٻئي ٻڙ ڪندا هليا ويا. رنڊال به هنن جي پويان جلد ئي هليو
ويو. ڇوڪري ساڳي حالت ۾ اتي ئي سٽين ٽيو پئي هئي.
رنڊال ڪيس اٿڻ لاءِ چيو. ڇوڪري اکيون کولي هن کي
ڏٺو پر اڃا به ڪيس خوف تمام گهڻو پئي ٿيو ۽ اتي ئي پئي
هئي. رنڊال هن ڏي وڌيو ته هن به پئي اکيون کولي
هن کي پئي ڏٺو.

ٻيو

”مون کان ڪو به خوف نه ڪر.“ ڊنبار اهڙي انداز ۾
چيو جيئن هو سمجهي سگهي. ”هاڻ تون محفوظ آهين.“
ڇوڪري هن جي ٻولي سمجهي نه ٿي سگهي مگر هن جي
لهجي مان خبر پيس ٿي ته ڇا ٿو چوي. پوءِ هوءَ ٽنگون
موڙهيون ڪري اٿي ويٺي. ڊنبار وري به کيس چيو ”مون
سڀ بندوبست ڪري ڇڏيو آهي. تون ڪو به فڪر نه ڪر
۽ هاڻ هتان اٿي ته ڪنهن ٻئي هنڌ اڪيلائيءَ ۾ هلي ويهون.“
ائين چئي هن سندس ٻانهن ۾ هٿ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي
ته هوءَ ڪانئس ڇڏائي تمام پري وڃي بيهي رهي. ڊنبار هن
جي پٺيان پيو ڪونه پر آهستي آهستي ويجهو وڃڻ لڳو
۽ ٿورو اڳيرو وڃي هڪ هنڌ ويهي هن کي پاڻ ڏي سڏڻ
لڳو. ڇوڪري به ڊڄي ڊڄي اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ مس اچي
سندس پر ۾ ٿورو پري ويهي ويٺي. پوءِ ڊنبار ڪجهه زباني ۽ ڪجهه
هٿن جي اشارن سان هن کي سمجهائڻ لڳو ته ڪو خوف نه
ڪر، مان توسان ڪا به حرڪت نه ڪندس. اهڙي طرح
هن جو خوف لاهڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. هن جي دل
۾ به اها ئي نيت هئي ته آمريڪا پهچي، هن کي بلڪل
آزاد ڪري ڇڏيندس. جيڪڏهن ٿي سگهيو ته کيس وطن
واپس موڪلڻ جي به ڪوشش ڪندس. مگر هو اها ڳالهه
کيس اشارن ۾ سمجهائي نه پئي سگهي. ايتري ۾ رنڊال
مٿان اچي ويو. هن کي پاڻ ڏي ايندو ڏسي ڇوڪري ڊنبار
ڏي سرڪڻ لڳي ۽ هن سان گڏجي ويٺي. ڊنبار آهستي ڪري
ڪلهن ۾ هٿ وڌس ته هوءَ ڏڪڻ لڳي. پر پري ڪانه پئي.

رنڊال جي هٿ ۾ لالٽين هئو جنهن جي روشنيءَ ۾ ڇوڪريءَ جا ارهه چمڪيا پئي. رنڊال ٿورو ڪلي، ڊن بار کي چيو "هاڻ تون وڃي ڪم ڪار ڪر هاڻ پڪ سمجهجان ته هيءَ توکي ڇڏي ڪيڏانهن ڪانه ويندي." ڇوڪري ڊن بار کي وڏن ۽ گول اکين سان ڇتائي پئي ڏٺو. ٿوري دير کان پوءِ رنڊال به هليو ويو. پيا به سڀ خلاصي وغيره ستا پيا هئا، ته ڊن بار اتان اٿي مٿي ويو ۽ هڪ هنڌ ليٽي پيو.

هارينبي اصل انگريز هو. هن جو پيءُ به اهڙي قسم جي غلامن ڍوئڻ واري جهاز تي ڪپتان هو. ان زماني ۾ غلامن جي واپار تي ڪا بندش وغيره ڪانه هئي. هو لورپول جو رهاڪو هو جتي غلامن جي وڏي منڊي قائم ٿيل هئي.

جڏهن سندس عمر چوڏنهن سال هئي ته پهريون پيرو پيءُ سان گڏجي جهاز تي ويو هو. اٽڪل هڪ سال کن کان پوءِ هن واپار تي پارليامينٽ بندش وجهي ڇڏي. هارينبي کي هي واپار تمام گهڻو پسند هو جنهن ڪري ڪيس بندش واري ڳالهه بلڪل پسند ڪانه هئي ۽ پيءُ کي زور پريندو هو ته هي واپار جاري رکو. پئس کي وقت، جي بادشاهه، پارليامينٽ جي قانونن ۽ غلامن جي ڏنڌي جي پوري پوري خبر هئي تنهنڪري هن هي ڪم صفا ڇڏي ڏنو. انهي ڳالهه تان هارينبي پيءُ سان ڪاوڙجي گهر ڇڏي ڀڄي ويو ۽ پوءِ ڪو وقت اسپين جي جهازن تي ڪم ڪيائين وري پوءِ برازيل ڀڄي ويو ۽ اتي ٻراهوني ڪم ڪندو رهيو. آخرڪار پڇاڙيءَ جو آمريڪا جي جهازن تي ڪپتان ٿي ڪم ڪرڻ لڳو هو.

جيڪا ڇوڪري ٻن ٻار خريد ڪئي هئي سا ٻن ٻار کان سواءِ اڪيلي ويٺي هئي ۽ دل ۾ ويچار ويٺي ڪيائين ته ”شايد هنن گورن کي مون تي ڪا ڪاوڙ هئي جنهن ڪري مون کي ڇماٽون ٻه هنيون هئادون ۽ پٺن ۾ رسن جا ڏڪ ٻه هنيا هئاڻون. پر هنن ته ٻين کي ٻه ڏاڍو ماريو آهي. انهن مان ڪنهن ٻه هنن جو ڪو ڏوهه نه ڪيو هو. عورتن کان مردن کي وڌيڪ ٿا مارين. شايد هي وڏا ڪي وحشي ماڻهو آهن. خبر نٿي پوي ته هي اسان کي ڇو ٿا مارين.“ وري چوڻ لڳي ”هنن سان گڏ هنن جهڙيون زالون ڪينهن. شايد هنن کي زالون آهن ئي ڪين، انهي ڪري زالون هتان جهلي شاديون وڃي ڪندا هوندا. اهو ماڻهو جنهن مون کي ٻين کان بچايو آهي شايد مرڻ سان شادي ڪندو. پوءِ پيلا مردن کي ڇو جهليو اٿن؟ شايد هي سندن شڪار آهي. اهو ڏاڙهيءَ وارو ٿلهو (اوبرين) جنهن مون سان زوري ٿي ڪئي سو سڀني کان وڌيڪ بدمعاش ۽ وحشي ڏسڻ ۾ ٿو اچي. نهي گوري مون کي هنن کان ڇڏايو هو- سو ڇو؟ الائي ڇا پئي چيائين، مون کي ته سندس ٻولي بلڪل سمجهه ۾ نٿي اچي. مون کي ته شڪ ٿو پوي ته شايد ڪنهن نه ڪنهن مهل اهو ٻه زوري بدفعلي ڪندو الائي ڇاه پر جي اڻين هجي ها ته هيستائين ڪڏ هو ڪو ڪري ڇڏي ها.“

اهڙي طرح من ڪئين خيال پئي پچايا. پر ڪابه ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي آئس. جيتوڻيڪ هوءَ ٻن ٻار کي تمام

گهڻو ڏسندي هئي پر هر وقت شڪ پوندا هئس ته هي
چڏيندو ڪونه ضرور زوري زنا ڪندو. پوءِ وري به ڪيس
ٻيڪ تي ڏسڻ وئي. پر هو اتي ڪو نه هو. متي وڃي هن
ڏٺو ته ڪي گورا ٻيڪن مان مثل غلامن کي ڪڍي سمنڊ
۾ پيا اڇلين اهو ڏسي هن کي تمام گهڻو خوف ٿيو ۽ منهن
ٻئي پاسي ڦيرائي ڇڏيائين. ٻئي پاسي، هن ڏٺو ته ڪي گورا
جهاز جا سڙهه پيا چاڙهين ۽ لڪڙا وغيره ڪٽيو هاڪارڻ
جون تياريون پيا ڪن. ٻن بار به انهن سان گڏ ڪم ۾
لڳو پيو هو. ٻن چوڪريءَ کي ڏٺو ۽ پري کان هٿ
لوڏيو مگر جواب ۾ چوڪري هٿ نه لوڏيو. ٿوري دير
۾ ٻن بار واندو ٿي چوڪري جي ويجهو آيو ۽ هن جي
پير ۾ اچي ويٺو. بلڪل خوش ٿي ڏسڻ ۾ آيو ۽ چوڪري
کي ڪجهه چيائين پر هن نه سمجهو. ٻن بار پنهن جو
وات کولي گول ڪري ڪي اکر وات مان ڪڍيا جنهن
تي چوڪري ٻنا ڪنهن سمجهڻ جي منهن ۾ گهنڊ وڌو.
ٻن بار مسڪرائي وري به ساڳيو اچار ڪيو. هاڻ
چوڪري به سڌس نقل ڪندي چيو "ڍهه بار" ٻن بار
ڪنڌ سان ناڪار ڪري وري چيو "ٻن بار." چوڪري
وري چيو " ڍهه بار." آخر ٻن بار انيو ته چوڪري به
اٿي. ٻن بار هن سان سٽ ملائڻ لاءِ هٿ اڳتي وڌايو،
چوڪريءَ سمجهيو ته شايد ماريندو يا ڇڪي ڪٿي ديسيندو
۽ بروفعل ڪندو. تنهن ڏپ کان هن سائس هٿ نه ملايو.
چوڪريءَ پنهنجي هٿ جي آڱر ڇاتي تي رکي ۽

”ليانا.“ ڊن بار ساڳيو اکر ورجائيندي چيو ”لي يانا!“ انهيءَ تي هن ٿورو مرڪيو. پوءِ ڊن بار ٽي دفعا چيو ”لي-يا- نا. لي يانا- ليانا“. پوءِ ورتي هن جي هٿ کي جهلي چيو ”ليانا.“ اول ڇوڪري ڊانهن ٽي ڪئي ته ڊن بار وري مسڪرائي چيو ”ليانا“ پوءِ هن به دل جهلي چيو. ”ڊن بار“ ٻئي کلڻ لڳا. اوچتو ڊيڪ تي هل ٿيو. ڊن بار ۽ ليانا اوڏانهن ڏٺو ته ساڳيءَ ڏاڙهيءَ واري خلاصي بڪواس ٿي ڪئي. ليانا کي ڊپ ٿيو ته شايد ڊن بار وڙهندو. انهي ڊپ کان هوءَ ٿورو پوئتي هٽي. ڊن بار اوبرين کي ڪجهه چيو ته اوبرين به ڳالهايو ۽ پيٽ تان ڪپڙو ڪڍي ڊن بار کي ڏيکاريائين. پوءِ ٻئي ڇٽا ٻــي منٽ ڳالهائيندا رهيا ۽ ليانا سمجهي ورتــي تــه ٻئي پاڻ ۾ دوست آهــن. وري هو ٻئي هڪ ٻــئي سان کليا. پوءِ اوبريــن هليو ويو. ڊن بار ليانا کي آهســتي ڪلهن تي هٿ رکيو تـه هن پنهنجي هٿ سان هن جـو هٿ هيٺ لاهي ڇڏيو ۽ هيٺ ڪنڌ ڪري بيهي رهي وري اکيون مٿي نه کنيائين. هوءَ اچا اتي ئي بيٺي هئي تـه هڪڙي خلاصي ڊن بار کي سڏ ڪيو. ڊن بار ليانا کي سمجهايو تـه تون ويهه. هان ٿوري دير ۾ اچان ٿو. پوءِ ڊن بار اوڏانهن ويو ته ليانا به آهستي هن جي پٺيان وڃڻ لڳي. ڪيس ڏسي اتي بيٺل خلاصي کليا ته ڊن بار به کليو. ليانا سمجهي ورتي ته سڀ خير آهي. ڊن بار اتان ٻه ڏاڪا ڪڍي ڊيڪ ۾ هيٺ لٿو ته ليانا به هن جي پٺيان هيٺ لهڻ لاءِ اڳتي وڌي پر هڪڙي

خلاصي ڀاڻهن کان جهلي ڀري ڪيس. هوءَ هن کان وري اوڏانهن وڌڻ لڳي ته هُئي خلاصي ٻن ٻار کي ڇڏ ڪري ڇيو. ٻن ٻار ڊيڪ جي سوراخ مان منهن ڪڍي هن کي ڏٺو ۽ آخر مان اماروڪ ائينس ته تون ساڳي جاءِ تي هلي ويهه. مان ٿوري دير ۾ تو وٽ اچان ٿو پوءِ هوءَ ٿورو پوئتي هٽي ويهي رهي.

اوبرين به ڊيڪ ۾ لٿو پر هن دفعي ليانا ڏي ڪونه نهاريو. اوبرين جي پٺيان پيا خلاصي به هيٺ لٿا جن ليانا کي ڏسي ڏندڙا ڪڍيا. ليانا کي اڳين رات واري يادگيري اچڻ لڳي پر وري سندس دل کي يقين اچڻ لڳو ته ٻيهر هوءَ منهن جو نالو ڪونه وٺندا. ٿوري دير کان پوءِ ٻن ٻار ڊيڪ مان ٻاهر نڪتو ته سندس سڄو بت خراب لڳو پيو هو. غلامن کي ڪثرت جي خيال مان مٿي آندو ويو. هولسٽر جيڪو سمورو وقت ڪئبن ۾ رهندو هو سو به ڪئبن کان ٻاهر نڪري غلامن کي ڏسڻ آيو. سرجن ولڪس هن کي ڏسي سندس پر ۾ وڃي ويٺو ۽ هولسٽر جي طبيعت کي ڏسڻ لڳو. هولسٽر تمام ٿورو ڳالهائيندو هو.

غلامن کي ڏسي هولسٽر چيو: ”هنن غلامن ۾ گهڻا اهڙا آهن جيڪي خود غلام بڻجڻ ۾ خوش آهن.“

ولڪس: ”ها، واقعي ڪي انهي ۾ خوش آهن.“

هولسٽر: ” اهڙا ماڻهو انسانيت کان ڪريل آهن.“

ولڪس: ”نه ائين ڪونهي“

هولسٽر: ”اهڙن ماڻهن جي حالت رحم جوڳي آهي“

ولڪس: ”ها پرشيدين جو شڪار دلچسپ آهه.“

هولسٽر: ”مونکي به ڏاڍو مزو ايندو آهه مون بسڄي زندگي انهي شڪار ۾ گذاري آهي.“ پوءِ سرجن ولڪس هن کي گهڻو ڳالهائڻ کان منع ڪئي. ايتري ۾ ماڻهن کاڌڻ جي گهنٽي وڳي ۽ سڀ غلام قطار ۾ تي ويٺا ۽ ماني کائڻ لڳا. هنن کي کائيندو ڏسي هولسٽر چيو: ”شيدي به وڏي بي وقوف مخلوق آهي.“

”هل پر ان سان گڏوگڏ خطرناڪ به ڏاڍا آهن“

ولڪس چيو، ”ڪنهن مهل مان اوهان کي هنن جو رنگ ڏيکاريندس.“

”مون کي ڏيکاريندين.“ هولسٽر تعجب مان پڇيو. ٿوري دير ۾ هڪڙو خلاصي ڊوڙندو آيو ۽ سرجن ولڪس کي چيائين، ”جناب مسٽر مرڊس اوهان کي سڏي پيو. هڪڙو غلام بلڪل ماني نٿو کائي.“

”ڪٿي آهي اهو غلام؟“ ولڪس خلاصي کان پڇيو.

”پٺي نمبر ڊيڪ ۾.“

”ٺيڪ آهي. هاڻ تون مسٽر پيٽرسن وٽ وڃ ۽ چئينس ته پاڻ به اچي ۽ منهن جي بئگ به کڻي اچي.“

ولڪس مسٽر مرڊس ڏي ويو ته ايتري دير ۾ ڪي خلاصي هڪڙي غلام کي ڊيڪ مان ڪڍي مٿي کڻي آيا. هو بلڪل ساڳو ٿيو پيو هو ۽ اکيون بند هيس، نڪ مان به رت پئي وهيس.

”ڇا هي هوش ۾ آهي؟“ ولڪس پڇيو.

مردس چيو ”ها. هوش ۾ آهي.“ ائين چئي غلام کي ٻانهن ۾ ات هٿي هن کان پڇيائين ”ڪيئن، آهين نه هوش ۾؟“ غلام اکيون کولي هنن سڀني کي پنهنجي مٿان بيٺل ڏسي وري اکيون بند ڪري ڇڏيون.

”هي ڳهڻ ڏينهن کان ماني نٿو کائي؟“

”اسان کي خبر نه آهي. اسان ته هن کي اڄ صبح جو هن حالت ۾ ڏٺو آهي.“ ٻوءِ سرجن هن جي ڇاتي ٺوڪي ڏٺي ۽ ڪن رکي ڏٺائين. پيٽ کي ٺڪي ڏٺو. ۽ ٻوءِ ڇپيائين ”شايد ٻن ڏينهن کان هن ڪجهه به نه کاڌو آهي.“

مام جان بنگ کٽي آيو هولسٽر به ڪڏهن مان نڪري مٿان اچي بيٺو. ولڪس غلام جي ڇاتين کي هٿ هٿي ڏٺو ۽ خلاصين کان پڇيو ”اوهان هن کي ماني کارائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي؟“

”ها. صاحب، اسان ڪوشش ته ڪئي آهي پر هي صفا ماٺو ٿيو پيو آهي.“ هولسٽر ويجهو ٿي چيو ”ڇو نه کائيندو ماني؟“ ولڪس کيس چيو ”هي بيهوش آهي تنهن ڪري ماني کائي نٿو سگهي. حقيقت ڪري هن خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ بک جي وگهي مرڻ ٿو چاهي. هو وڌيڪ زنده رهڻ نٿو چاهي.“

”واقعي! ڇا ائين ممڪن ٿي سگهي ٿو؟“

”ها“ ٻوءِ غلام جي تپاس ڪري هن کي کاڌي کارائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ڀرين هن کي ڳچي تي زور زور سان چماٽون هڻڻ ويون. جنهن تي هن اکيون

ڪوليون. ڪاڏوسندس وات تي رکيو ويو. مگر هن پنهنجو وات نه پٽيو. آخر اوزارن جي وسيلي هن جو زوريءَ وات پٽيو ويو ۽ زوري ڪاڏو وات ۾ وڌو ويو. انهيءَ زور زبردستيءَ سبب هن جا ٻه اڳيان ڏند ڀڄي پيا. آخر زبردستي هن کي ڪاڏو کارايو ويو. اهو ڏسي هولسٽر پڇيو "بيءَ مهل ڇا ڪندا؟" "بيءَ مهل گهڻو ڪري پاڻهي کائيندو، جي نه ته وري به اهڙي طرح زوري ڪاڏو هن جي وات ۾ وڌو ويندو ۽ جيستائين جيئرو رکڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي جيستائين بندرگاهه تي پهچي وڃون." گفتگو جاري رکندي واڪر وري چيو "ڪڏهن ڪڏهن ته غلام ائين مري به ويندا آهن."

"ڇو؟" هولسٽر هن کان پڇيو.

"ڇاڪاڻ ته هو غلاميءَ واري زندگيءَ کان موت کي بهتر سمجهندا آهن."

بيسو کي پهرين ڏينهن کان جيئن هٿڪڙيون ۽ ڏنڊابيڙيون هنيون ويون هيون تيئن ئي ڪيون لڳيون پيون هيون جن هن جي ٽنگن ۽ ٻانهن کي جهڙو ڪر مفلوج ڪري ڇڏيو هو ۽ هو ٻانهون مٿي ڪري نٿي سگهيو. هن کي هڪ هنڌ ويٺي آدوڪي ڏانهس وڌي آيو ۽ ڏنائين ته بيسو ۾ ڪو سٽ نه رهيو هو ۽ اڌ مئو ٿيو پيو هو. آدوڪيءَ کي پيرن ۾ ويٺل ڏسي بيسو چيس "آدوڪا! ڪافي ڏينهن ٿي ويا آهن ته پاڻ وري هڪ ٻئي سان ملي نه مليا آهيون."

"تون ڏسڻ ۾ ڪونه ٿي آئين سون ته توسان ملڻ جي گهڻي ڪوشش پئي ڪئي" آدوڪي چيس. "واقعي مون به توکي گهڻوئي پئي نهاريو مگر ملاقات نه ٿي سگهي."

”ببسو! مان به سڀ ڪجهه سمجهان ٿو ۽ محسوس
ڪريان ٿو. مگر وقت جي حالت کي ڏسي ڪاوڙ کي ماري
ڇڏيان.“ ببسو ڪناري ڏانهن ڏسي ٿڌو ساهه کڻي آبوڪي
چيو ”توکي جهنگ جي وڻن جي خوشبوءِ اچي ٿي؟“
”ها، خوشبوءِ ته اچي ٿي ۽ هوا به ٿڌي ڪان پئي اچي. پر
ها خوشبوءِ سونگهي مونکي وڌيڪ تڪليف ٿي محسوس ٿئي.“
ڪڙو پهريدار هنن کي شڪي نگاهن سان ڏسي رهيو هو.
هو هن کي ڏسي آبوڪي کي چيو ”هلو ته هتان اٿي
ڪنهن ٻئي پاسي هلي ويهون ۽ تازي هوا جهٽيون. پيو ته
مونکي هن بلي جون اکيون نٿيون وڻن.“ ٻوءِ ٻئي ڇٽا اٿان
ٻي ٻيڪن جي وچ ۾ وڃي ويٺا.
”ادا، هاڻ ٻڌاءِ ڇا ٿو چئين“ آبوڪي پڇيو.
”جوڻ ڪجهه به نٿو چاهيان. مان اوهان جو پيار ٿو
چاهيان. ڇا اوهين مونکي پنهنجو پيار ڏئي سگهو ٿا؟“
”مان ته هميشه توکي پيارڻي ڪندو آهيان.“
”توکي ياد آهي، جڏهن باباڻ پنهي کي سڏي سامهون
ويهاريندو هو ۽ مون کي چوندو هو ببسو، هميشه آبوڪي
جو جوڻ ٻجندو رهجانءِ، هو تنهن جي لاءِ هڪ ڏينهن وڏو
مددگار ثابت ٿيندو ۽ توکي چوندو هو آبوڪا توکي
ببسو جي هر وقت پارت هجي، هي تنهن جي طاقت آهي ۽
هي هر ڏکئي وقت ۾ تنهجو مددگار ثابت ٿيندو.“
”ها ادا، مونکي به ياد آهي. بابا جو مطلب اهو ئي
هوندو هو ته جيڪڏهن پاڻ ٻئي هڪ ٻئي سان ٻڌي ۽ اتفاق

۾ رهندا سين ته دشمن ڪڏهن به ڪامياب نه ٿي سگهندا.“ پوءِ بيسو پنهنجا ٻئي هٿ مٿي ڪيا ۽ آڊوڪي به پنهنجا هٿ هن جي هٿن سان ٻڌائي ڇڏيا.

”پاڻ ٻنهي هڪ ٻئي مان وڏا سبق پرايا آهن، پر اڃا به پاڻ کي هڪبئي جي ضرورت آهي.“ آڊوڪي بيسو جي منهن ۾ ڏٺو ته ڪيس هن جون اکيون خشڪ ڏسڻ ۾ آيون. هن سڏ ڪندي چيس ”بيسو!“ ”آڊوڪا مونکي اڄ آهي. اڄ جهڙي اڄ لڳي اٿم تهڙي اڳي ڪڏهن ڪانه لڳي. شايد هاڻ مان جلدئي اوهان کان جدا ٿي وڃان. مگر نه مونکي اڃان مرڻ نه گهرجي. تون اٿي وڃ ته مان پاڻي پي ٿو اچان.“ پوءِ بيسو اتان اٿي پاڻيءَ جي نالي ڏي وڃڻ لڳو. آڊوڪي ڏٺو ته ان جا پنا ٽڪن کان ڦٽيا پيا هئا. بيسو نال تي پهتو ته هن کان اڳ هڪڙو غلام پاڻي پي رهيو هو. ٿوري دير ۾ ٻيا به ڪئين غلام هنوٽ اچي جمع ٿيا. پريان هڪڙي پهريدار هنن کي هڪ هنڌ گڏ ٿيل ڏسي اوچتو مٿن فائر ڪيو. جنهن غلام پاڻي پئي پيتو سو ٺڪ لڳڻ شرط هيٺ وڃي ڪريو. بيسو اڃا پاڻي نه پيتو هو. آڊوڪي فائر ڪندڙ پهريدار ڏي ڏٺو ته اهو ساڳيو پهريدار هو جنهن بابت ڪيوڪيءَ ڪيس ٻڌايو هو ته اهو پهريدار بلڪل واٺڙو آهي. هن کي ڏسي آڊوڪو رڙ ڪري اٿيو. بيسو ڪجهه به نه سمجهو ته آڊوڪي رڙ ڇو ڪئي. پهريدار منهن ڦيرائي آڊوڪي ڏي ڪيو ته پويان بيسو سٽ ڏئي نالڪو پٽي ورتو ۽ اينديءَ شرط ڪاهه ڪيائين پهريدار کي ته هو منهن

پير وجي ڪريو پوءِ بيسو سندس بندوق ۽ تلوار ڪيڏي هٿ ۾ ڪيا. تلوار هڪڙي غلام کي ڏنائين. باقي پٽو ۽ بندوق پاڻ جهليائين. پين ٻن غلامن وري پير ۾ بيٺل ٻئي پهريدار تي حملو ڪري ان کي ڊاهي وڌو ۽ هن کان به بندوق ۽ تلوار کسي پنهنجي هٿ ۾ ڪيائون. هڪڙو پهريدار هي حالت ڏسي رڙيون ڪري ڀڳو ته بيسو فائر ڪيس ۽ پهريدار مري ويو. توري ئي دير ۾ هنن پنج پهريدار اتي جو اتي ماري ڇڏيا. بيسو چيو ته اڃا به پهريدار مارڻا آهن. اڃا ته ڪٿي ٿي ڳالهه. آڏوڪو هنن ڏي وڌيو ته اوچتو ڪيس ڪنهن جي لت تنگ ۾ لڳي وئي ۽ هو ڪري پيو. ايتري ۾ هڪڙي پهريدار هن کي ڏٽي وڌو. پوءِ ته گورن ۾ پيچ پيچان پئجي وئي ۽ گوڙ تمام گهڻو وڌي ويو. جهاز جو عملو هوشيار ٿي ويو ۽ يڪدم پنهنجا هٿيار پنهوارتا سنڀالي غلامن تي گهيرو ڪري ويا. ڪيترن کي بندوقن ۽ تلوارن سان ماري وڌائون. بيسو هڪڙي پهريدار تي حملو ڪري گلي سان جهلي ورتو ۽ ڇوڙي ماري ڇڏيائينس. ٻئي کي بيسو جي ساٿي فائر ڪري ڊاهي وڌو. اچانڪ هڪڙي ڪاري خلاصي هڪڙي غلام کي پٺي کان چاقو اڇلائي هنيو ۽ غلام ڦٿڪي مري ويو. ٻئي غلام کي ٽنگ ۾ گولي لڳي. جهيڙي دوران اهو ٿلهو ۽ ڊگهو خلاصي غلامن جي گهيري ۾ اچي ويو ۽ زور سان دانهون به ڪرڻ لڳو ۽ بچاءَ خاطر هيڏانهن هوڏانهن ڀڄي پيو. ڪجهه خلاصي بيڙين جون ناتارون وغيره کڻي غلامن ڏي وڌندا آيا ۽ گول گهيرو ٻڌي اوبرين ڏي وڌيا.

ٻيا ٻيسو کي ڏک هڻندا پوئتي ڌڪيندا ويا. آخر غلامن کي هڪڙي هنڌ وچ سوڙهو ڪيائون. هڪڙو غلام گهيرو ٽوڙي اڳتي نڪري ويو ته ٻيا خلاصي انهي کي ٻه ڪوڙي وچ هڪڙي ڪنڌ ۾ ڦاسايو. اوچتو ٻيسو ۽ سندس هڪڙو ساٿي جهلر جي رسي ۾ ڦاٻرجي ڪري پيا. اڏوڪو ٻڇي ويو. ٻيسو کي جيڪا اڄ هئي تنهن مان اڏوڪي کي پڪ ٿي وئي ته هاڻ ٻيسو ٻنا دير جي ۽ ٻنا تڪليف جي تمام جلد مري ويندو. آخرڪار سڀني غلامن کي ڏڪي وچ ٻيڪن ۾ هنيائون. گورن ڏٺو ته هڪڙي غلام عورت ٻه لاش گهليندي وئي. ساڻس گڏ ٻي ٻيا ٻه مرد غلام هئا. نيٺ حملو ناڪامياب ٿيو. ٿاپر ٿي. هاڻ گورن جانچ ڪرڻ شروع ڪئي ته غلامن وٽ هٿيار ڪيئن پهتا. ٻن عورتن اهو ٻڌايو تہ اها عورت جيڪا لاش کڻيو پئي وڃي سا هٿيار لڪائي وچ غلامن کي رسائيندي هئي. اها عورت گرفتار ٿي. غلام ٻه قابو ٿي ويا. پوءِ ڪپتان غلامن لاءِ اعلان ڪيو. هن ٻڌايو ته هاڻ ٻيسوءَ کي ۽ سندس ٻين ساٿين کي جيڪا سزا ڏني ويندي تنهن جو سبب ڇا آهي ۽ هيءَ جيڪا سزا هنن کي ملندي سا بلڪل نرم هوندي ۽ سڀ غلام اکين سان ڏسندا. پر هن ڪان پوءِ جيڪڏهن وري ڪنهن بغاوت ڪئي ته ان جي سزا وڌيڪ خطرناڪ هوندي. هارينبي پوءِ هانيسٽ جڻڪ کي چيو ته اهو اعلان مختلف آفريڪي ٻولين ۾ ڪري ٻڌاءِ ته جيئن سڀ سمجهي سگهن. هانيسٽ جڻڪ سڀني غلامن کي اعلان ڪري ٻڌايو

۽ ڪپتان کي چيو تہ ”جناب اعلان سڀني ٻڌو ۽ هاڻ وري ڪڏهن بغاوت نہ ڪندا.“
ڪپتان، مسٽر مربس کي ڪاروائي ڪرڻ جو حڪم ڏنو، مربس هانيسٽ جنڪ کي ڪجهہ چيو ۽ هڪ ڇرو بہ ڏنو ۽ چيو تہ هاڻ اول انهي غلام کي ٻاهر ڪڍو جنهن بغاوت شروع ڪئي. هارينبي نهايت غصي ۾ شيدي ۽ ڏي نهاريو. هن کي انهن ٻن خلاصين تي بہ سخت غصو هو جن جي نا اهلي ۽ سستي جي ڪري سڄي بغاوت ٿـي هئي. هارينبي غلامن کـي چيو ”اوهان اها اميد رکي هئي تہ خلاصين ۽ جهاز جي ٻئي سموري عملي کي ماري ختم ڪري ڇڏيندا، مگر اها اوهان جي سخت ڀل هئي. اوهان کي شايد اها خبر نہ هئي تہ جيستائين عملي جو فقط هڪڙو ماڻهو بہ زنده هوندو تيستائين اوهين ڪڏهن بہ ڪامياب نہ ٿي سگهندا! هن چيو مونکي انهن ٻن خلاصين جو بہ ڏک آهي جيڪي مارجي ويا آهن. حقيقت ڪري انهن جو موت ٻين خلاصين لاءِ هڪڙو سبق پڻ آهي ۽ غلامن لاءِ سبق هاڻ ظاهر ٿيندو تہ جيڪي غـلام بغاوت ڪندا آهن تن کي ڪهڙي سزا ملندي آهي ۽ انهن جو ڇا حشر ٿيندو آهي. هانيسٽ جنڪ کي مربس اشارو ڪيو ۽ هن چاقو زور سان اڇلي هڪڙي لاش کي هنيو تہ سڄو چاقو جسم ۾ پيهي ويو. ڪپتان هارينبي، دلي طور مربس کي بہ پسند نہ ڪندو هو. مگر سندس بلند همتي جي ڪري ڪجهہ متاثر ضرور هو. هارينبي ۽ مربس گڏريل پنجن سان ڪان وٺي گڏ هئا

۽ مرڊس ھن جي ٽيم جو ھڪڙو خاص رڪن ھو. ڪپتان بذات خود ظالم ڪونہ ھو. مگر ھن کي انھيءَ خبر ھئي تہ ھن واپار ۾ ڪٿي ڪٿي ظلم ڪرڻ جي بہ ضرورت پوندي آھي. انھيءَ لاءِ ھن مرڊس کي پاڻ سان گڏ ڪنيو ھو ڇو جو مرڊس وڏو ظالم ماڻھو ھو ۽ ظلم ڪرڻ ۾ ھن کي ڪوبہ لوڏو ڪونہ ايندو ھو. تنھن ڪري ڪٿي ڪٿي مرڊس بہ ھن کي ڪم ڏئي ويندو ھو. انھي جو ڇا حشر ٿيندو، سو سڀ مرڊس جي ڪنڌ تي پوندو. ھاريئڙي کي ان ڳالھ جو ڪوبہ ڪنڊو ڪونہ ھو.

مرڊس تمام جنگ کي ڇيو تہ آفريڪي ٻوليءَ ۾ انھي غلام کي ڇئو تہ لاش جي ٻر ۾ گوڏا کوڙي ويھي. پوءِ مرڊس ھڪڙي ڳري ڪاني کڻي آيو ۽ غلام جي ڪنڌ جي مٿان اھڙي طرح سان رکيائين جيئن ھو تي اپوڙي سگھي. پاڻ ھٿ ۾ ھنٽر کڻي ھن جي مٿان بيٺو ۽ جنگ جي معرفت غلام کي حڪم ڪيائين تہ لاش جي جسم مان چاقون ڪڍي ھٿ ۾ ڪر. ھن چاقو ڪڍيو. حڪم ڪيو تہ ھاڻ انھي لاش کي پاسراتين وٽان چيري ڇڏ. ھي ڪم غلام لاءِ تمام ڏکيو ھو جنھن ڪري ھو ڪجھ گھبرائڻ لڳو ۽ ائين ڪرڻ جي نہ پئي ڪيائين. مرڊس بہ تي ھنٽر زور سان پٺن ۾ ھنيس ۽ وري حڪم ڪيائين تہ مردي کي چير. آخر ھن مردي کي پاسرين کان چيري وڏو سوراخ ڪيو. پوءِ حڪم ڪيائينس تہ دل ٻاھر ڪڍي وٺ لاچار ھن دل ڇڪي ٻاھر ڪڍي. پوءِ حڪم ڪيائينس تہ ھاڻ

اها ڪاهه. هو دل کي هٿ ۾ جهلي پنهنجي جسم کان تمام پري ڪري جهلي بيٺو. مردس وري جهٽڪي ڇيو هن کي ڇنو ته هاڻ اها ڪاٺي. غلام اهي اکر ٻڌي منهن گهنجايو ۽ يڪدم دل کي هيٺ ڪٽي ڦٽي ڪيائين ۽ سڄو پٺي ڏڪيو. جهٽڪ تام مردس کي سمجهايو ته هاڻ هن کي ڪيترو به ماريو ويندو مگر هو اها دل هرگز ڪونه کائيندو. تنهن ڪري پيو ڪو حڪم ڪريوس.

”اڇا! ته هي اها دل ڪونه کائيندو، نيڪ آ، مان ٿو ڏسان ته ڪيئن نٿو کائي“ مردس غصي ۾ ائين چئي ٻه ننڍا اسڪنجا گهرايا ۽ هن جي پيرن جي ڪڙين ۾ ڦاسائي اسڪرو ٽائيٽ ڪندو ويو تان جو اسڪنجا هن جي ڪڙين ۾ پيهي ويا.پوءِ چيائين ته دل کڻي هٿ ۾ ڏيوس ۽ ٻڌايوس ته جيستائين نه کائيندين تيستائين اسڪنجا چڪيا رهندا. غلام دل هٿ ۾ جهلي زور سان هٿ پڪوڙيو مگر وات تي نه رکي. مردس وڌيڪ اسڪنجن کي ٽائيٽ ڪيو. آخر رت ڦوهارا ڪري هن جي ڪڙين مان نڪتو ۽ ڪڙيون ائين ڇيهجي ويون جيئن ڪا نارنگي ڪرش ۾ نپوڙبي آهي ۽ ان مان سڀ رس نڪري ايندو آهي. غلام جي حالت تمام خراب ٿي وئي ۽ جڏهن هن کان وڌيڪ تڪليف برداشت نه ٿي سگهي. تڏهن يڪدم اها دل وات ۾ وجهي هڪڙو ٽڪر کائي گهي ڇڏيائين. اها دل کائڻ سخت حرام هئي پر لاچار ڦاهي کان ڪنڌو باسڻ سولو ٿي پيانيائين ۽ هڪڙو ٽڪرو کاڌائين. مردس ڏسي چيس ”ٽڪ اٿي ڪتا! ڪيئن

نہ ڪائيندي ضد ٿو ڪرين، ڪر ضد ڏسان.“ پوءِ اسڪنجا هن جي پيرن مان ڪڍيائين. وري ٻئي باغي کي سڏي ٻاهر ڪڍيائين ۽ حڪم ڪيائين تہ هاڻ جنهن باغي پنهنجي ساٿي جي دل ڪاڍي آهي تنهن کي انهيءَ چاقوءَ سان پنهنجي هٿن سان قتل ڪر. غلام صاف انڪار ڪيو تہ مردس هن ڏي بہ اها لنءَ، ڪٽي ويجهو ٿيو. اهو ڏسي پهرئين غلام ٻئي کي ڪجهہ چيو ۽ يڪدم هٿ هيٺ ڪري ڪنڌ مٿي ڪيائين. ٻئي غلام اهو ڊگهو خنجر هن جي گلي ۾ تنبي ڪڍيو ۽ هو ڦٿڪي ڦٿڪي مري ويو. هاريٺبي جي دل هن پيري ايتري خوش نہ ٿي. ان ڪانپوءِ وري بيسوءَ کي ٻاهر ڪڍيو ويو ۽ حڪم مليو تہ هاڻ تون انهي چاقوءَ سان ٻئي نمبر باغي کي قتل ڪر. بيسو يڪدم چاقو وٺي هٿ ۾ ڪيو ۽ بجاءِ ساٿي کي قتل ڪرڻ جي مردس کي خون خوار حملو ڪري ڏنائين. مردس کي انهي جو اڳئي ڪٿڪو هو جنهن ڪري هو بلڪل هوشيار ٿيو بيٺو هو ۽ جيئن ئي بيسو هن ڏي ٽپ ڏنو تيئن هو پوئتي هٽي ويو ۽ نڪاءُ ڪيائين بيسو کي ٻانهن ۾ لنءَ، تہ چاقو پري وڃي ڪريو ۽ ٻيسو ڪري پيو. ٻيا خلاصي ٻيسو تي چڙهي ويا ۽ قابو جهلي وڙتائونس. مردس کلڻ لڳو.

آڏوڪو اطمينان سان سڀ ڪجهہ ڏسي رهيو هو. هن کي ڪو بہ جذبو نہ آيو. البت جيڪڏهن هن وٽ ڪو هٿيار هجي ها تہ هوند يڪدم بيسو کي پاڻ ڏڪ هڻي ماري ڇڏي ها ۽ تڪليف جي موت کان سولائي سان نجات

ڏياري ڇڏيس ها. پر بيوس هو. بيسو جي ٻانهن ڪپڙي وانگر هيٺ پئي لڙڪي جنهن مان ثابت ٿيو ته ڪلهي ڪلن نڪري پئي هئي. پوءِ بيسو کي ساري ماري رت مان ڳاڙهو ڪري ڇڏيائون. ڦٽڪا هنيائونس جن چمڙي اڌاري ڇڏيس. وري ٻرندڙ ڪوئلن جي مٿان اگهاڙي لٽيون هڻي اکيون ڪڍي ڇڏيائونس. مگر هن پنهنجي هٿن سان پنهن جي ساٿي کي مارڻ کان صفا صاف انڪار ڪري ڇڏيو. ڳاڙهن وارن وارو خلاصي اوبرين هن کي ماري ساڻو ڪري پيو. مگر جيئن بيسو ”نه“ ڪئي تيئن نه کي نوڪوٽ. آخر ٻئي غلام کي ڪاٽسان وڏي ٻوٽيون ڪري ڇڏيائون. غلام عورت کي ٽنگن ۾ رسا ٻڌي ڇڪي وڇان چيري ڇڏيائون ۽ هوءِ پورا ٻه ڏينهن ٽي وئي. پوءِ ٻه سنها رسا ڪٺي آيا. ۽ سڙهه جي ڪپڙن مان مٿائي، چيڙن ۾ سرڪڻ ڦاهيون ٺاهي هن جي ڳلي ۾ وڌائون. آبوڪي اهڙي قسم جي سزا اڳ ۾ به ڏٺي هئي. جڏهن ڪن انگريزن هڪڙي باغي سپاهي کي ڦاسي ڏني هئي ۽ هن جو ساهه يڪدم نڪري ويو هو. هاڻ آبوڪي کي ڪجهه تسلي ٿي ته هاڻ منهن جو ياءُ آساني سان جلد مري ويندو. مگر کيس اهو ڏسي عجب لڳو جڏهن هن ڦاسي جي طريقي ۾ ڪجهه فرق ڏٺو هي طريقو اڳئين پيري آبوڪي ڪونه ڏٺو هو. اڳي ته هن انگريزن ڇا ڪيو هو جو هڪڙي وڻ ۾ رسو ٻڌي هيٺ. لٽڪا سرڪڻ اهڙي نموني ٺاهي هئي جو سپاهي جي ڪياڙي وٽ مٽڪي جي سامهون هڪڙي وڏي ڳنڍ

ڏاهي هٽائون. پوءِ هن کي مٿيرو ڪري هيٺان تختو مٿي رکي انهن تي بيهاريو هو ۽ ڦاهي ڳچيءَ ۾ وجهي تختو يڪدم هيٺان ڪڍي ڇڏيو هٽائون ۽ هو جهٽڪي اچڻ شرط مري ويو هو، پر هن ڀيري ڪجهه ٻيو طريقو پڻ ڪيو ويو. سرڪڻ ڦاهيون ڳچيءَ ۾ وجهي ڪپيءَ مان مٿائين ٻنهي پاسي هن خلاصين ڇڪڻ شروع ڪري ڏنو. بيسو آهستي آهستي مٿي ٽنگبو ويو. وري وڌيڪ ڇڪيائون. ته رسا هن جي ڳچيءَ ۾ پيهي ويا ۽ هن جا سڙيل ڏوڏا ٻه ٻاهر نڪري آيا. اڃا وڌيڪ ڇڪيائون ته هن جا هٿ ۽ پير ڪروڙبڙا ٿي ويا. آڏوڪو سامهون بيٺو هو ۽ هن ڏٺو ته بيسو مسڪرائي رهيو هو ۽ پوءِ ٿڌو ٿي ويو. پوءِ آڏوڪي کي پاڻ جي عظمت جي خبر پئي ته هو ڪيڏو بهادر آهي ۽ هن شير جي عزت ۽ هن جو پيار ڪيڏو عظيم هو. مرڻ کان پوءِ به هن دشمن کي فاتح تسليم نه ڪيو. آخر هن کي مئل سمجهي رسا ڍرا ڪيائون ۽ هو پٽ تي اچي ڪريو ته وري سندس بت ۾ ساهه پوڻ لڳو. هن جي منهن ۾ عجيب قسم جي رونق اچي وئي. هن جي سڄي ٻانهن مٿي ٿي- هٿ جون آڱريون ڪليون وري بند ٿيون. هن جون ٽنگون ڇريون ۽ هن ڇڙيون هنيون ته پيرن ۾ ٻڌل زنجير ڇڻڪيا، جسم جو هرهڪ عضوو ڇريو ۽ پوءِ جسم حرڪت ڇڏي ڏني ۽ هن جو دم پرواز ٿي ويو. مٿي کان پوءِ ٿلهو اوبرين هن جي جسم تي ڦٽڪا هڻڻ لڳو ۽ پوءِ هن جي مٿان چڙهي بيٺو ۽ لتون هنيائين. آڏوڪي آهستي

پڻ پڻ ڪري پاڻ کان موڪلايو ۽ چيو ”ادا، پيارا پيءُ-
تنهن جي خاطر مان انهي ٽلهي جـي دل پنهن جي هٿن
سان ڪڍي ڪاٺيندس. جيتوڻيڪ اها حرام آهي. اهو تو سان
منهن جو آخري واعدو آهي.

سزائن جو سلسلو ختم ٿيو. لاشا پاڻيءَ ۾ اڇلايا ويا.
انهي ڳالهه کي هڪڙو ڏينهن گذري ويو پر ڊن بار جو
دماغ اڃا جاءِ تہ آيو هو. هن کي اڪر نہ پيا ليئن جن سان
هن حقيقت کي پيش ڪري سگهي. ڪيس خوف وٺي ويو
تہ شايد هاڻ هوُ خود بخود انهي هراس ۾ مري ويندو. مگر
اميد ٿي رکيائين تہ خدا ڪري جيئرو وطن پهچان ۽ هي
حقيقت دنيا جي اڳيان پيش ڪريان. ڊن بار غلامن جو
جاٺرو ورتو تہ انهن ۾ هن کي ڪو فرق ڏسڻ ۾ ڪونہ
آيو. ڇا هنن تي هيڏي ساري واقعي جو ڪو اثر نہ ٿيو!
آخر ڇو؟ بهرحال ڪيس ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ ڪانہ آئي.

ڊن بار ليانا لاءِ هيڏانهن هوڏانهن نهاريو پر هوءَ ڪيس
ڏسڻ ۾ ڪانہ آئي. هن خيال ڪيو تہ هاڻ شايد هو سندس
حفاظت ڪري نہ سگهندو ۽ جي اڃا بہ هن جي پٺيان
لڳندو تہ ڪنهن وڏي مصيبت ۾ مبتلا ٿـي ويندو ڇاڪاڻ
تہ جڏهن کان هن اها ڇوڪري خريد ڪئي هئي تڏهن کان سڀ ملازم
هن کي ٺوڪون هڻندا هئا ۽ هن کي ڏڏو بيوقوف سمجهندا
هئا ۽ سوچيندا هئا تہ هن ليانا جـي محبت ۾ ڦاسجي اها
خطا ڪئي هئي. هاڻ ڪئين خلاصي ليانا کي اکئين کان
وڌيڪ بـريـن نگاهن سـان ڏسڻ لڳا هـئـا ۽ ڊن بار بہ

خيال ڪيو تہ هاڻ ڇوڪريءَ کي هنن کان بچائڻ لاءِ ٻي ڪا حڪمت عملي ڪرڻي پوندي. هاڻ هنن کي جيئن وڌيڪ جهلبو يا منع ڪبي تيئن انهي ڳالهہ تي وڌيڪ زور ڏيندا ۽ آخر سڀ پاڻ ۾ ملي جلي ڪانہ ڪا حرڪت بہ ڪندا ۽ مونکي بہ ماريندا. اوبرين ۽ ريز جهڙا وحشي ماڻهو مونکان وڌيڪ پنهن جو حق ٿا سمجهن ۽ آخر ليانا کي حاصل ڪري وٺندا ۽ هن کي نقصان رسائيندا.

هن بغاوت کان پوءِ سيني خلاصين جا ويتر دماغ خراب ٿي ويا آهن ۽ ڇڙواڳ ٿي پيا آهن. اوبرين هنن سيني جي اڳواڻي پئي ڪري. ٻن بار ٿهڪندڙ ڏامر کي برش سان جهاز جي ڪاٺ کي مک پئي ڏنو تہ اوچتو ليانا جي نظر مٿس پئجي وئي ۽ هوءَ سڌي هن ڏي وڌڻ لڳي. اڳيان اوبرين بيٺو هو تنهن پنهن جي ٻانهن هن جي اڳيان ڪڍي ايي ڪئي ۽ هن کي اڳتي وڃڻ کان روڪيو. هوءَ هيسجي بيهي رهي تہ هن يڪدم ڇاتين ۾ هٿ، ڪڍي وڌس. ليانا هن کي ٻانهن کان ڌڪي جان ڇڏائي تہ هن وري ڪڍي ڳچيءَ مان جهليس. ”ٻہ بار!“ هن ٻن بار کي مدد لاءِ سڏ ڪيو. ٻن هن ڏي ڏٺو تہ اوبرين بہ ٻن بار ڏي ڏٺو ۽ ڳچيءَ مان هٿ ڪڍيائين. اول ٻن بار خيال ڪيو تہ هڪ دفعو وري ڪپتان کي دانهن ڏيان پر ڏٺائين تہ متان گهڙي گهڙي ڇوڪريءَ جي باري ۾ هن وٽ وڃان ۽ هو ناراض نہ ٿي پوي ۽ سودو ٿيل، رد نہ ڪري ڇڏي. جيڪڏهن چاهيان تہ اوبرين کي ماري بہ سگهان ٿو. رڳو گرم ڏامر جو برش

پيري منهن ۾ هڻانس ته به جيڪر شڪل ڦيرائي ڇڏيانس، پر اٿين به مسئلو حل ڪونه ٿيندو. پلا جي، حڪم ڪندو سانس ته هن پيري مڙڻي به ويندو پر وري به پنهن جي ذلالت ڪونه ڇڏيندو ۽ ڪڏهن نه ڪڏهن ليانا کي ضرور تڪليف پهچائيندو. ڏنهن ڪري هيٺانهين وناس. اها اتڪل دل ۾ سوچي هن کي چيائين "هلو- جيمي! مان پانيان تو تون زندگيءَ ۾ ڪڏهن به ناڪام نه ٿيو آهين." اوبرين ٿهڪ ڏئي کليو ۽ چيائين "اڙي بوبا! ناڪامي دنيا ۾ ڪا شئي ڪانهي." ٻن بار جي بت ۾ غصي کان سرڙاٽ پئدا ٿيڻ لڳا پر وري به جذبات تي ڪنٽرول ڪري ويو ۽ سوچيائين ته جي هن کي چوندس ته هاڻ تنهن جي هن ۾ ڪابه دلچسپي ڪانهي ته پوءِ هو به هن کان ڪتو ٿي ويندو ۽ وڌ ۾ وڌ ڪنهن مهل چماٽون هڻي ڪيندس باقي ٻي ڪابه حرڪت نه ڪندو ۽ پيا به ڪڻي مارينڊس باقي حملو نه ڪندس ۽ اهڙي طرح هوءَ هن کان بچي ويندي. پوءِ ٻن بار ليانا کي سڏ ڪيو "لبانا!" پر هوءَ هن ڏي ڪانه آئي ۽ واپس هلي وئي.

ليڪا سؤ جي ساموندي ڪناري وٽ هڪ ئي هند پنج درياءَ سموند ۾ اچي چوڙ ڪندا هئا جنهن ڪري اتي سون جي تعداد ۾ نديون وڏيون ڪيتيون ۽ پيٽ نهي ويا هئا. جن ۾ وڏا ۽ گهاٽا وڻ ڦٽا بيٺا هئا. اندر هزارن جي تعداد ۾ جهنگلي جانورن جا ٽڪانا هئا. جيڪي جهاز چوري غلام ڪڻندا هئا سي به هٽن وهڪرن ۾ اگهي وڃي

لڪندا هئا. گويا هي اهڙن جهازن لاءِ هڪ قسم جو ٺپو هو. سچ لٿي ڪان ٿورو پوءِ جيئو بيليشن به هتي اچي رهيو. جيڪي خلاصي هن ڪپتان سان اڳي به ڪم ڪري چڪا هئا، تن کي خبر هئي تہ هاريٽبي ڏٺهن بہ صورت ۾ اچوڪي رات هتي ترسندو ۽ پنهنجي جهاز ڏسان لهي ٻين ڪپتان دوستن سان ملڻ ويندو ۽ انهن سان گڏ شراب پاڻي پيئندو. تنهن ڪري خلاصي به خوش ٿيا- ڇو جو هتي هنن کي ڪوبہ ڪم ڪار ڪرڻو نہ پوندو. البت جيڪي ڪپتان کي ٻيڙيءَ ۾ ويهاري گهمائڻ وٺي ويندا- تن لاءِ آزار ٿيندو. ٻين جهازن جا بہ ڪئين خلاصي وغيره اتي ٺپ ۾ اچي گڏ ٿيندا. جهاز کي ٻيهاري ڪپتان ٻيڙي۾چڙهي ٻين دوستن ڏي ويو. هتي هنن کان اڳ۾ بہ جهاز بيٺا هئا. جنهن جهاز جي ڪپتان سان هو ملڻ ويو هو سو اسپين جو باشندو هو ۽ نئين؏ مان هتي آيو هو. هنن ٻنهي پاڻ ۾ پئي ڪاڏو پيتو تہ اوچتو سمونڊ ۾ ڌماڪو ٿيو. اسپيني ڪپتان ڌماڪو ٻڌي ششدر ٿي ويو.

هاريٽبي هن کي ڏسي پڇيو ”ڇا اوهان وٽ رجسٽري جا ڪاغذات آمريڪا جا آهن؟“

”ها- آهن تہ آمريڪا جا.“

”ها تہ اهي ٻئي جهاز وارا آهن. جن سپني کي هوشيار ڪرڻ لاءِ ڌماڪو ڪيو آهي. جنهن جو مطلب اهو آهي تہ برٽش جي فرگيٽ ويجهڙائي ۾ اچي چڪي آهي ۽ ان جا چوڪيدار سمونڊ ۾ ڦرن پيا.“

”چا تہ انهي جو مطلب اهو آهي. پلا اوهان وٽ ڪٿان جا ڪاغذات آهن؟“ هن هاريئبي کان پڇيو. ”آسان وٽ بہ آمريڪا جي رجسٽري آهي.“

”تہ پوءِ اوهين بہ ڪو فڪر نہ ڪريو. اوهين بہ بچي ويندا.“

”بچي تہ ويندا سين پر بشرطيڪ اهي سچا هجن.“

”مگر اوهين بہ بچي ويندا. فڪر ڪرڻ جي ڪا بہ ڳالهہ ڪونهي.“

”چڱو ڪپتان صاحب، هاڻ مونکي بہ هلي پنهن جي جهاز تي حاضر ٿيڻ گهرجي.“ هاريئبي چيو.

”چڱو مسٽر هاريئبي، خدا حافظ“

”خدا حافظ“

هاريئبي جيو بيليشن تي موٽي آيو. مسٽر مردس اڳ ئي ڏماڪي جو آواز ٻڌي هوشيار ٿي ويو هو ۽ پنهنجا ماڻهو سڙهن تي مٿي چاڙهي چڙيا هٽائين تہ فرڪيٽ جي جانچ وٺن ۽ پاڻ هاريئبي جو انتظار ڪري رهيو هو.

”مسٽر مردس! چا خبر آهي؟“

”ڪپتان صاحب، پيٽن جي چوگرد ٽي جهاز پيا ڦرن. هنن تي برطانيہ جو ڪو بہ نشان ڪونهي. خبر نٿي پئجي سگهي تہ برٽش جا آهن يا پيا آهن.“

”خير، ڪنهن جا بہ هجن، اوهين آمريڪا جا جهندا مٿي چاڙهي چڙيو.“

”حاضر صاحب، پلا غلامن لاءِ چا حڪم آهي. انهن

کي ٻيڪن ۾ بند ڪري ڇڏيون؟"

"ضروري ڪونهي ڀلي ڀيا مٿي ڦرن. برٽش جي فرگيٽ اسان کي ڇا ڪندي."

ٿوري دير ۾ خلاصين ورين اچي ٻڌايو ته جهاز بلڪل ويجها اچي چڪا آهن. مرڊس ۽ هارينبي ٻئي مٿي چڙهي ويا. هارينبي دوربيني ۾ ڏٺو ته واقعي برٽش نيوي جا ٻه جهاز آهن جن ۾ ٻه فرگيٽون آهن ۽ هڪڙو ڦيٽن واروڪوٺلي تي هلندڙ جهاز آهي. جهاز سمنڊ مان نڪري وهڪرن ۾ اندر داخل ٿي رهيا هئا. هارينبي جي دل کي ڪو لوڏو ڪونه هو. هن کي پڪ هئي ته اهي هنن کي ڪجهه به نه ڪري سگهندا. انهن کان ٻچڻ اجايو آهي. هارينبي دوربيني لاهي ڇڏي ۽ ڏنائين ته فرگيٽون انهن ٻن جهازن سوڌو هليون ويون ۽ ڪوٺلي وارو جهاز هنن ڏي وڌيو. جيڪي ٻه جهاز ٻيا اتي بيٺل هئا تن مان هڪڙو "بن ملاح" ۽ ٻيو "بن احمد" هو. مرڊس کي ڪپتان حڪم ڏنو ته في الحال ٿي سڙهه چاڙهي ڇڏيو ۽ جهاز جو رخ هياڪ وري بندرگاهه ڏانهن موڙيو ۽ آهستي آهستي هلڻ شروع ڪريو جيئن برٽش نيوي کي اهو شڪ نه پوي ته ڪو ڀڄڻ ٿا چاهيون.

"حاضر صاحب!" مرڊس جواب ڏنو. انهي وچ ۾ بن ملاح ۽ بن احمد ڀڄڻ تي چاهيو پر فرگيٽون انهن کي رسي ويون ۽ واپس ڪناري تي وٺي آيون. هڪڙي جهاز توب سان فرگيٽ تي حملو ڪيو پر ڪجهه به نه وريس ۽

جهلجي پيو.

”آگبوٽ ڀاڻ ڏي پيو اچي، صاحب!“ ڊڪڙي خلاصي ڊانهن ڪئي. آگبوٽ فرگيٽن ڪان ٿار تي جيوبيليشن ڏي موڙو کاڌو ۽ دونهان ڪيندو هنن وٽ اچي پهتو. آگبوٽ تي ڇهه توبون ڦٽ تيل هيون جن ۾ چار هاڪيون هيون باقي ۾ ٽيهن ٽيهن پائونڊن جا گولا اڇلڻ واريون هيون.

”هلندا هلو- هلندا هلو“ هاربني حڪم ڪيو. آگبوٽ هنن کي بيهڻ لاءِ سگنل ڏنو.

”ڇا خيال آهي، ڪپتان صاحب!“ مرڊس پڇيو. هاربني ڪو جواب ڪونه ڏنو. غلام جهاز جي ڪنارن تان بيهي برٽش جهاز کي ڏسي رهيا هئا ۽ هڪ ٻئي کي ٽڪا ڏئي اڳيان بيهڻ جي ڪوشش پئي ڪيائون. خلاصين هنن کي ڏندا هڻي، هيٺ ويهي رهڻ لاءِ چيو. سڀ اوڪڙو ويهي رهيا ۽ ڪنڌ مٿي ڪري ورِي به جهاز کي ڏسڻ لڳا. ايتري ۾ برٽش نيوي توب جو گولو هنن ڏي اڇليو، جيڪو جهاز کان ٿورو پري وڃي پاڻيءَ ۾ ڦاٽو ۽ پاڻي مٿي اڀري ويو. اهو ڏسي سڀ خلاصي خودبخود ڏيکن ۾ لڪي ويا.

”ٺيڪ آهي- مسٽر مرڊس جهاز جو رخ هنن ڏي ڪريو، ۽ ويجها هلو. اڄ انهن کي به ڏسي رهبو“ هاربني غصي ۾ مرڊس کي حڪم ڏنو جنهن جهاز جو رخ آگبوٽ ڏانهن ڪيو ۽ هنن ڏي وڌڻ لڳا.

آگبوٽ هنن جي ويجهو آيو. بلو ڪپڙن ۽ گول ٽوپين

ڏارا برٽش نيوي جا سپاهي بندوقون هٿن ۾ ڪريو تيار بيٺا هئا. جهاز تي "پيريگرائين" نالو لکيل هو. نيوي جو ڪپتان پنهن جي سپاهين سميت پيڙيءَ ۾ چڙهي جيوبيليشن جي بلڪل ويجهو اچي بيٺو ۽ مائيڪ وات تي رکي هارينبي کي چيائين "ڏاڪڻ هيٺ لاهيو. اسين مٿي اچڻ ٿا چاهيون."

"اوهان کي آمريڪا جي جهازن تي چڙهڻ جو ڪو حق ڪونهي" هارينبي هٿن کي گول ڪري وات تي رکي نيوي جي ڪپتان کي جواب ڏنو.

"اسين اوهان جا ڪاغذات چيڪ ڪرڻ ٿا چاهيون".

"ڪهڙي سبب ڪان؟" هارينبي پڇيو.

"شڪي حالت سبب."

"مگر اها سراسر بي واجبي ٿيندي."

"جيڪڏهن اوهين ڪاغذات ڏسڻ نه ڏيندا ته اسين سمجهنداسين اوهين آمريڪن نه آهيو. انهي حالت ۾ اوهان جو جهاز ضبط ٿي سگهي ٿو ۽ اوهان تي فائرنگ به ڪري سگهجي ٿي" نيوي واري ڪپتان صاف لفظن ۾ چيو.

هارينبي کي غصو ته تمام گهڻو لڳو پر چاڙيون پڪوڙي، من ۾ گهڻو وڃهي خلاصين کي چيائين "ٺيڪ آ، اوهين ڏاڪڻ هيٺ لاهيو." هنن ڏاڪڻ لاٿي، نيوي جو ليفٽيننٽ ٻن سپاهين سان گڏ مٿي چڙهي آيو. پر هارينبي هن سان هٿ نه ملايو. مان ڪيو هڪڙيئي هنڌ بيٺو هو. خلاءَ ڏسڪن ۾ ۽ ٻيڪن جي بنيادن لڏڻي ويا ۽ اتان ڪڇيون

ڪيڊي ليفٽيننٽ کي ڏسي رهيا هئا. ليفٽيننٽ به هنن کي ڏسي ورتو هو، پر پوءِ هوُ هاربنبي ڏي وڌي ويو. سپاهي به هن جي پٺيان لڳا آيا. ليفٽيننٽ هاربنبي کي چيو ”مان ليفٽيننٽ مڪائيل سي هيسٽنگ آهيان. هز مئجيسٽي جي نيوي جو ملازم آهيان.“

ڪپتان هن کي بنا ڪنهن جواب ڏيڻ جي مرڊس کي چيو ڪئبن مان ڪاغذات ڪڻي آ. هو ڪاغذات کڻڻ لاءِ هيٺ لهي ويو ته پاڻ هنن کي پٺ ڏئي سمنڊ ڏي منهن ڪري بيهي رهيو. هنن کي رخ نه ڏنائين. مرڊس ڪاغذات کڻي اچي ليفٽيننٽ کي ڏيکاريا. ليفٽيننٽ به تي منٽ ڪاغذن کي اٿلائي پٿلائي ڏسي، مرڊس کي واپس ڪندي چيائين ”اوهان جا ڪاغذات بلڪل ٺيڪ آهن.“

”ٺيڪ آهي- ته هاڻي مهرباني ڪري جلدي هيٺ لهو ۽ اڳتي وڌڻ جي ڪوشش نه ڪجو نه ته مجبورن اوهان کي جهاز ڪان هيٺ ڌڪو ڏنو ويندو.“ ليفٽيننٽ کي ڪاوڙ ته ڏاڍي آئي پر ضبط ڪري هن کي چيائين ”تازن قانونن موجب اوهان جي نرم رويي ۽ شرافت سان رجسٽري جا ڪاغذات ڏيکارڻ تي مونکي اوهان جو شڪريو ادا ڪرڻ گهرجي، مگر اوهين جنهن نموني پيش آيا آهيو- ان لاءِ جيڪر سان اوهان جي جهاز کي توبن سان اڏائي ڇڏيان مگر مونکي ايئن ڪرڻو ڪونهي.“

مرڊس چيو ”مسٽر هيسٽنگ! اوهين جيڪڏهن اسان تي ڪا مهرباني ڪرڻ چاهيو ٿا ته اوهين جهاز مان هيٺ

لهي وڃو.“

”مسٽر، ان اوهان کي جيل حوالي ڪرائيندس.“

”ها ها، نيڪ آهي پر هاڻ هيٺ لهو. لهو ته اسان جا ماڻهو ڪم ڪار ڪن“ مردس چيو. لتفتيننٽ هيٺ لهندي ڏاڪڻ تي بيهي هڪ پيرو وري غلامن ڏي ڏٺو ۽ پوءِ لهي ويو. هن کي غصو تمام گهڻو هو. پنيان جيوبيليشن جي عملي هن تان ڪلون ۽ ٽوڪون ڪرڻ لڳا.

ان کان پوءِ هاربنبي پنهن جي عملي کي چيو ”هاڻ سدا ”هياڪ“ جي بندر گاهه تي هلو؛ اتان به ڪجهه غلام خريد ڪرڻا آهن. جهاز هلندو ويو ته اوچتو ڊيڪ ۾ غلام عورتن ۾ دانهون ٿيون. هڪڙي عورت رڙيون پئي ڪيون ۽ پيون هن کي مات ڪرائڻ لاءِ پاڻ ۾ دانهون ڪري رهيون هيون. عورت ڪجهه چيو پئي پر ڪنهن به هن ڏي ڌيان نه تي ڏنو. سڀ ڪا پنهن جي ۾ لڳي پئي هئي. ليانا هن جي مدد ڪرڻ تي چاهي مگر هوءِ سندس ٻولي نه پئي سمجهي سگهي ۽ اتڪل ۾ ڪلاڪ هن عورت جي دانهن پئي پئي. جهاز لوڏا کائيندو تيزيءَ سان پڳو ويو. آخر هوءَ عورت ليانا جي اڳيان ڪري پئي. ليانا پڇڻ جي ڪئي ته هن ڪيس زور سان ڌڪ هنيو. ليانا ڪئي ٻانهن سان جهليس ۽ وات تي هٿ رکي مات ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي. اينري ۾ هن کي ٻار ڄمڻ لڳو. پوءِ ليانا سمجهي وئي ۽ ٻارڙي جي ٽنگن ۾ هٿ وجهي ٻاهر ڇڪڻ لڳي ۽ هن کي چوڻ لڳي ”هاڻ بس. سڀ خير ٿي ويو.

ڪو فڪر نہ ڪر، هاڻ مان تو وٽ ويٺي آهيان. ماڙ تنهن جي خدمت ڪندس. نہ گهبراءِ.“ ٻارڙو ٻاهر ڪڍي ليانا وات سان هن جو ناڙو ڪتري ڳنڍ ڏني ۽ ٻار کي هن جي ڇاتين سان لاتائين. پوءِ هن جا رت پٽ اگهي صاف ڪري هن کي ليئاٽي پاڻ هلي وئي. عورت کي تڪليف ڏاڍي هئي ۽ سڄي رات دانهون ڪري ڪري سمهي رهي.

صبوح جو خلاصي عورتن کي ڊيڪ جي مٿان وٺي وڃڻ لاءِ آيا ۽ سيني کي ٿڌا هٿندا اتاريندا ويا. جڏهن عورت وٽ پهتا ۽ ٻار سندس ڇاتيءَ تي هن جي ٻانهن ۾ ڇنبڙيل ڏنائون تہ ٻار کي هٿ لائي ڏٺائون. هن جو بدن بلڪل ٿڌو محسوس ڪري پاڻ ۾ ڪجھ ڳالهايائون. ليانا ... اٿي هن عورت ڏي ڏٺو. هن جو وات کليو پيو هو ۽ ... ڪو ... ي ڪنيائين. ٻار جو منهن هن جي ڇاتين ... وڃھ ... پيو هو. هين تمام گهڻو رت هاريو پيو هو. ليانا ... آئي ۽ هن عورت ۽ ٻار جي مجانب ٿي ... ڪري سگهي تہ ڪو هي اهائي عورت ۽ ٻار آهي جنهن سان ... هن ... ڪئي هئي. آخر ... تي خلاصي لاش ... ڪئي ... ٻار جيئن جو تيئن هن جي ٻانهن ۽ ڇاتي ۾ ... پيو هو ۽ خلاصين هن کي ... سان ... اڇي ڇڏيو.

ليانا ... ويٺي هئي ۽ ... منظر ... رنج ۽ غم ... وري پنهنجي حال تي ...

هن کي ٻن بار بابت بہ ڪئين شڪ شبها پيدا ٿي رهيا هئا. ٻن بار ڪير آهي؟ ڇا آهي؟ سندس همدردي جو مقصد ڇا آهي؟ وغيره. هن کي فقط اها خبر هئي تہ هو سندس حفاظت ڪري ٿو ۽ ٻين کان بچائي ٿو. انهي ڪري ڪيس مٿس ڪجهہ ڀروسو ۽ اعتبار ٿيو ٿئي. شايد هو هن سان محبت ٿو ڪري. يا حقيقت ۾ ٻن بار فقط هڪڙي راند ڪيڏي رهيو آهي ۽ هاڻ هو انهيءَ راند مان بہ ڪٿو ٿي پيو آهي. هاڻ هو سندس حفاظت بہ نٿو ڪري ۽ ٻين سان گڏ پاڻ بہ هن تان ڏاڍ ٿو ڪري. جي ڪير هن کي ڇماٽ ٿو هڻي يا ڇيڙ ڇاڙ ٿو ڪري تہ هو ان کي ڪا منع نٿو ڪري. ڇو؟ هاڻ ليانڊا کي بہ هن کان نفرت ۽ ڌڪار پيدا ٿيڻ لڳي هئي.

سرجن ولڪس ننڊ ۾ ستو پيو هو تہ اوچتو ڪنهن سندس در تي ٺڪ ٺڪ ڪئي ۽ هو ڇرڪ ڀري ننڊ مان اٿيو. در کولي ڏٺائين تہ ڪپتان هارينبي ۽ مردس در تي بيٺا هئا.

”اچو اچو ڪپتان صاحب، پيو تہ سڀ خير آهہ.“

”ها سرجن صاحب، اسان جو هڪڙو مريض آهي؛ انهي کي اوهان جي علاج جي سخت ضرورت آهي“ ڪپتان چيو.

”هڪڙو منٽ.“ هن ڳائون ڇڪي پٽو. بتي ٻاريائين. دوائن جي بيگ کڻي دوائون چيڪ ڪري ڪپتان کان پڇيائين ”اوهان جي مريض کي ڪهڙي تڪليف آهي؟

مريض ڪير آهي؟"

ڪپتان هن جي بيڊ تي ويهي هن کي چيو "سرجن صاحب هڪڙو منٽ ويهه، مريض تون به ويهه." پئي وينا.

هارينبي همٿ مليندي ڳالهه ڪئي، "مسٽر ولڪس! اسان وٽ ٻئي ٻه مسافر لڪل آهن جن جي خبر سواءِ انهن جي ۽ مسٽر مريس جي، ٻئي ڪنهن کي به ڪانهي."

سرجن نهايت عجب وچان پڇيو "ڪير آهن؟"

"مسٽر ولڪس، ڇا اوهان چارلسٽن کان ٻاهر مائونٽ سيليسٽل جو خفيه قيدخانو ڏٺو آهي؟"

"ها، اهو ته هڪڙو ناجائز جيل خانو آهي!"

"ها، اها هڪڙي بدنام ۽ بدترين جڳهه آهي، نيڪ آهه. تان اسان سفيد چمڙيءَ واريون پنج لاوارث ڇوڪريون خريد ڪيون آهن."

"لاوارث ڇوڪريون، ڇا مطلب! اوهين انهن کي ڇا ڪندا؟"

"سڀ ڇوڪريون ٻارنهن ۽ چوڏهن سالن جي عمرين جون آهن. اسين انهن کي "بن احمد" وارن کي وڪڻي ڇڏينداسين."

"بن احمد کي! ڇو؟ مسٽر هارينبي، هي اوهان ڪهڙو ڪم ڪيو آهي؟ اوهين انهن کي رنڊيون ۽ لونڊيون بنائڻ ٿا چاهيو؟ اوهين انهن کي ڪارن جانورن جي حوالي ڪرڻ ٿا گهرو؟ مسٽر ڪپتان، مونکي ڪجهه سمجهه ۾ نٿو اچي- اوهان هنن سان ظلم ٿا ڪريو. هي سراسر ظلم آهي- ظلم"

سرجن عبرت ۾ پئجي ويو. ڪپتان تڏهن ئي ولڪس کي
سمجهائڻ لڳو "مسٽر ولڪس، اسين انهن کي شيدين جي
حوالي نٿا ڪريون. دل نه لاهيو. اڄ تائين اوهان اهو ڪڏهن
به نه ڏٺو هوندو ته اچي ڇمڙيواريون ڇوڪريون شيدين کي
وڪڻي ڏنيون ويون هجن. اهڙي ڪا ڳالهه ڪانهي. اوهين
يقين رکو مان خود انهي خيال جو ناهيان. مسٽر ولڪس!
اوهين ٿورو انهي جيل خاني جي زندگي تي غور ڪري
ڏسو. جتي هنن بدنصيب ڇوڪرين کي ڪير پسند ٿو
ڪري ۽ هو نهايت ذلت جي زندگي گذارين ٿيون ۽ اتي
هي لاوارث ڇوڪريون هنن شيدي غلامن کان به وڌيڪ
بري حالت ۾ مبتلا آهن. بن احمد جهاز جا واپاري هنن
ڇوڪرين کي مشرق وسطيٰ جي امير ماڻهن وٽ وڪڻندا.
جيڪي اڇي چمڙي تي عاشق آهن ۽ وڏو قدر ٿا ڪن.
انهن وٽ هي ڇوڪريون رائيون ٿي رهنديون. اتي هنن
جي وڏي حفاظت ۽ عزت ٿيندي. اتي هي اهڙي عيش ۽
آرام سان رهنديون جو شايد اسان جي پنهنجي ملڪ جون
عورتون به نه رهنديون هونديون." ڪپتان اٿي، ولڪس
جي ڪلهن تي هٿ رکي وري چيو "اوهان کي سچي خبر
آهي؛ اسان هنن جي ڀلائي خاطر سڀ ڪجهه ڪري رهيا
آهيون، اسان هنن کي ظلم جي منهن مان ڪڍي آيا آهيون."

"ٺيڪ آهي مسٽر هاريئبي، مگر مان ٿو سمجهي
سگهان؛ مونکي اها ڳالهه نٿي وڻي."

"پر سرجن صاحب علاج جي لاءِ ڇا ٿا چئو؟"

”خير، جيڪي اوهان ڪيو سو ڪيو، هاڻ انهن جو علاج ۽ انهن جي سنڀال ته ڪرڻي پوندي.“ سرجن پڪل دل سان جواب ڏنو.

ڪپتان وري چيس ”برابر، اوهان کي ڪجهه ڏک محسوس ٿيو هوندو- پر في الحال مهرباني ڪري هلو ۽ مريض جو علاج ڪريو. هوُ اوهان جو انتظار پيو ڪري“.

چوڪريون، ڪپتان هارينبي جي ڪئبن جي بلڪل پر ۾ هڪڙي ننڍي ڪئبن ۾ بند هيون جنهن جي دروازي جي ٻاهران لوهي راڊ لڳل هئي ۽ راڊ کي مضبوط تالو لڳل هو.

هارينبي چابي هٽي دروازو کوليو. اندر ننڍي ڪوٺي هئي. پٽ ۾ هڪ ٻئي جي مٿان پنج بسترا لڳل هئا. چار چوڪريون، نهايت خوبصورت، هيٺين بستري تي ويٺيون هيون- پنجين اپٽي پئي هئي. جيئن ئي ولڪس، هارينبي ۽ مرڊس اندر داخل ٿيا ته هو چارئي ڇٽيون اٿي بيٺيون.

”چوڪريون! اوهين مسٽر ولڪس سان ملو، هي اسان جو سرجن آهي.“ هارينبي چيو.

”ڇا اوهين هولي جو علاج ڪرڻ آيا آهيو؟“ سيني ۾ ڊگهي چوڪريءَ سرجن کان پڇيو. پيون ٽـي ڇٽيون هن جي پٺيان بيٺيون هيون.

سرجن منهن تي خوشيءَ جو اظهار ڪندي چيو ”ها- انهيءَ لاءِ مان هتي آيو آهيان- اوهان جو نالو ڇا آهي؟“

”ملي ڪينٽ.“

”ميڪينٽ، نالو ڏاڍو پيارو آهي“

”هن جو نالو اڻني آهي. هيءَ گريس آهي، ۽ هي چيڙي آهي.“ سرجن سينئي ڏي ڏسي مسڪرائي چيو ”اوهين سڀ خوش آهيو!“

”ها اسين سڀ بلڪل خوش آهيون اوهين ڪيئن آهيو“

”مهرباني مان بلڪل خوش آهيان.“

هولي ستري تي ليٽي پئي هئي. سندس ڊگها ڪارا وار وهاڻي ڪان هيٺ پئي لڙڪيا. هن جون اکيون نه کليل هيون مگر بيهوش هئي، ڪيس ڪا خبر ڪا نه هئي ته مٿان ڪير بيٺو آهي. ولڪس هن جي نبض ڏٺي ته زري تيز ۽ زري گهٽ پئي هلي ۽ ڪلي جو رنگ پيلو ٿي چڪو هو. هن جا هٿ ۽ منهن گرم نه بلڪ ڪوسا ها. ولڪس هن جي بت تان ڪپڙو لاٿو. مليڪينٽ اتي بيٺي باقي تي چٺيون منهن ورائي پنيريون تي بيٺيون. ولڪس هن جو پيٽ ڏسي هٿ رکيو ته هن دانهن ڪئي. ولڪس وري مٿان ڪپڙو وجهي ڇڏيس. مليڪينٽ کان پڇيائين.

”هن کي بيماري ٿئي گهٽا ڏينهن ٿيا آهن؟“

”هي ٽن چئن ڏينهن کان بيمار آهي پر ... حالت اڄ تي اٿس“ ملڪينٽ سرجن کي ٻڌايو.

”ڇا هي ٿڪي ۽ پريشان ٿئي تي؟“

”ها. ڪالهه هيءَ ڏاڍو پئي ٿڪي ۽ لڇي پڇي.“

ولڪس، ڪپتان ۽ مردس کان ”پڇيو اوهان هن کي ڪا دوا وغيره ڏني آهي؟“

مردس چيو ”ها. ڪالهه جڏهن تـہ هن کي لوڇ پوڇ پئي تي تہ مون هن کي آرام ڪرڻ لاءِ جلاب ڏنو هو.“

”اوهو! بيوقوف، هٽ سان پڙي ڏني اٿيس“ ولڪس سخت ناراضگيءَ ۾ چيو. وري منهن پڪو ڪري چيائين ”خير، ڪا ڳالهہ ڪانهي. هي تمام جلد ٺيڪ ٿي ويندي.“

”ايني! تون هيڏانهن اچ.“ ”ها. ها. ايني، تون هيڏانهن اچ. اوهين هن کي اٿاري ويهاريو.“ هنن گڏجي هولي کي اٿاري ويهاريو. ولڪس هـن جي اکين ۽ ڳلن تـان لڙڪ اگهي صاف ڪيا ۽ چيو ”هي جلـد ٺيڪ ٿي ويندي. مان هن جو علاج ڪندس. ايني! اوهان جـو مونتي اعتبار ۽ يقين آهن؟“ ايني ڪنڌ سان ها ڪئي. ”تہ پوءِ اوهين ڪوبہ اوسيئڙو نہ ڪريو، مان هن کي چڱو ڀلو ڪندس.“

”في الحال مـان هن کي پنهن جي ڪئبن ۾ ڪڻائي ٿو وڃان تاڪہ مان هروقت هـن جي سنڀال ڪري سگهان ۽ علاج بہ ڪريان تہ جيئن تمام جلد چڱي ڀلي ٿي وڃي.“ اهو ٻڌي ڪپتان چيو ”مگر اهو تہ .... ڇا اوهين هـن کي پنهن جي ڪئبن ۾ کڻائي ويندا؟“

”ها ڪپتان صاحب، اهو بلڪل ضروري آهي.“

”ٻي ڪا صورت ڪانهي؟“

”نہ. ٻيو ڪو طريقو ڪونهي.“

”جيئن ڪا اوهان جي مرضي. مسٽر مردس! اوهين هولي کي ڪٽي سرجن جي ڪئبن ۾ ڇڏيو، اسين اچون ٿا“ ڪپتان چيو.

”حاضر صاحب.“ مردس ڇوڪريءَ کي ڪنيو تہ هن دانهون ڪيون مگر مردس هن جي وات تي هٿ رکي ڪئبن ڏي ڪٺي ويو.

”اوهين اسان وٽ وري ايندا؟“ ايني سرجن کان پڇيو.

سرجن چيو ”ها، مان توهان وٽ ايندو رهندس.اوهين ڏاڍيون سٺيون ڇوڪريون آهيو. اوهان جهڙيون سهڻيون ڇوڪريون مون اڳي ڪڏهن ڪونہ ڏٺيون آهن. مونکي بہ سهڻيون ڏيهيون آهن.“

”هنن جا نالا ڇا آهن؟“

”مان هڪڙيءَ کي الائيس ۽ ٻيءَ کي الائيشا چوندو آهيان، هن وقت هي اوهان جيڏيون آهن.“

سرجن چيو ”ڇا اوهين گهبرايو ٿيون؟“ ”هاڻ تہ اوهان کي بلڪل گهبرائڻ نہ گهرجي. اوهين تہ مائونٽ ميليسشل جي قيدخاني مان آزاد ٿيون آهيو. اوهان کي تہ خوش ٿيڻ گهرجي.“ ڪپتان ٿورو چڙ ۾ ڇوڪرين ڏي نهاري چيو. واڪس هن کي مسڪ هڻئي.

گريس چيو ”ها سرجن، اتي اسان کي ڏاڍو مارينا هئا.“ چيري چيو ”اسان کي کاڌو بہ سٺو ڪونہ ڏيندا هئا.“ گريس چيو ”۽ اسان کي روز چرچ ۾ وٺي ويندا هئا. ۽ سڄو ڏينهن ڪم وٺندا هئا. رکو ڇنڇر ڏينهن اڌ ڪلاڪ راند روند ڪرڻ لاءِ ڇڏيندا هئا.

ايني پڇيو ڇا اوهين اسو پڌائيندا تہ هاڻ ڪيڏانهن ٻيون وڃون؟“

سرجن صاحب! اوهين مهرباني ڪري مريض کي ڏسو.
في‌الحال ڇڏيو انهن ڳالهين کي" ڪپتان چيو.
سرجن ڪپتان جي ڳالهه ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ايني کي چيو "ڇا اها اوهان کي خبر ڪانهي؟"
"ڪپتان صاحب اسان کي ٻڌايو آهي ته اسين ٻئي ملڪ ۾ پيا هلون جتي شهزادا رهندا آهن- جتي بادشاهه رهندا آهن. اتي خوبصورت محلات آهن ۽ اسان کي اهڙا فوٽو به ڏيکاريا اٿس. جتي دو ا. ين سڀ اتي هلي رهنديون- اتي اسان جي وهنجڻ لاءِ خوبصورت جشما آهن- گل ڦل آهن- جهڙا ڪاڏا اسين پسند ڪنديوسين اهڙا ڪاڏا اسان کي ملندا- اسان کي ريشمي ڪپڙا ملندا- اسان کي سون ۽ هيرا جواهر ملندا- اسان کي ڏار ڏار نوڪر ملندا ۽ ڏاڍا مزا هوندا."
"واهه واهه- چئبو ته اوهين ڏاڍيون خوش نصيب ڇوڪريون آهيو." ولڪس مسڪرائي ايني کي ڳلن تي چمي ڏني. ايني ولڪس کي ڏسي ۽ مسڪرائي چيو "ڇ 'وهين اتي به اسان کي ڏسڻ ايندا؟"
"ها، مان ڪوشش ڪن' س" ائين چئي اٿيو ۽ چيائين، "هاڻ مونکي اٿڻ کپي- هوليءَ جو علاج ڪرڻو آهي."
"سرجن صاحب! ڏسجو متاز ورى، نه اڇو!"
"مان سياڻي وري اوهان وٽ ايندس" ولڪس چيو.
"واعدو!" ايني چيو.
۲ "هـا- واعدو" ولڪس جواب ڏنو. هو ٻاهر نڪتو

هارينبي ٻاهران دروازو بند ڪيو ۽ هو ڪئبن ڏي وڃڻ لڳا.
”سرجن صاحب! اوهان ٻڌو، هو بلڪل خوش آهن!“
”ها. مگر اوهان هنن کي اهو نه ٻڌايو آهي ته حرم ۾ ڇا ڇا آهي.“
”وڏيڪ سڀ ڪجهه هو پنهنجين اکين سان ڏسنديون.“
”ڇا جيستائين اسين بن احمد پهچندا سين تيستائين هولي چڱي ڀلي ٿي ويندي؟“ ڪپتان پڇيو.
سرجن هن جي منهن ۾ ڏسندي چيو ”چڱي ڀلي! هوءَ صبوح تائين مري ويندي، ڪپتان صاحب.“
ڪپتان يڪدم منهن ۾ گهنڊ وجهي چيو ”ته پوءِ اها ڪتني حي بيوقوفي آهي جو هن کي پنهن جي ڪئبن ۾ ڪٺائي آيو آهين؟ هتي ڇوڪرين جي اکيان ڇا پئي چئي ۽ هاڻ وري ڇا پيو چئين؟“
”ڪپتان صاحب، هو نڌيون ٻار آهن. ڇا تون چاهين ٿو ته مان هنن کي ٻڌايان ته اوهان جي ساٿياڻي جلد مرڻ واري آهي. هتي ته مان ڪيس فقط انهي ڪري ڪٺي آيو آهيان ته جيئن هن کي ڪا خبر نه پوي، نه ته هو نه روئي روئي مري وينديون. هاڻ ته مان روزانو هن وٽ ويندس ۽ روز نئون ڪوڙ هني ٻڌائيندو سان ته هوءَ ٺيڪ ٿيندي وڃي. هنن کي هن جي موت جو ٻڌائڻ بلڪل ٺيڪ ناهي.“
”ڇا اوهين هولي لاءِ ڪجهه نتا ڪري سگهو؟“
”جيڪڏهن ٻهرئين ڏينهن مون سان ڳالهه ڪريو ها شايد بچي به پوي ها. حقيقت ڪري هن جو آنڊو آنڊي .

ئي چڙهي ويو آهي. جنهن ڪري هو بيهوش آهي. ويتر هن نيم حڪيم مرڊس هن کي جلاب ڏنو آهي، ۽ پنهنجي حڪمت ڏيکاري آهي- تنهن ۾ مريض لا عـلاج ٿي ويو آهي. هن وقت هن جي سڄي جسم ۾ زهر چڙهي ويو آهي. تنهن کان سواءِ ڪيس دلي صدمو به رسيل آهي. هـن وقت هـن جو جهڪو به ڪلاڪ ٿو گذري سو هـن لاءِ جيئرو رهڻ به غنيمت آهي."

اهو ٻڌي ڪپتان ڪٿي مات ڪئي.

"مسٽر هاربني! هن ڇوڪري جي قيمت گهڻن غلامن جي برابر آهي؛ ڇهن جي؟ يا ٻارنهن غلامن جي؟"

"اٺ غلام." اهو ٻڌي ولڪس جي دل ۾ نفرت پيدا ٿي. هو ٻئي ڪئبن ۾ آيا. ولڪس ڪئبن جـو در کولي اندر داخل ٿيو ۽ ڏٺائين ته هولي سنلس بستر تي پئي هئي. هن جي بت تي ڪو ڪپڙو ڪونه هو. فقط منهن تي ڪپڙو پيل هوس. مرڊس مٿان چڙهيو بيٺو هو ۽ هـن جي سڄي بت تي هٿ پئي ڦيرايائين.

"او سوئر- ڪتي جا پٽ!" ولڪس کي بيحد غصو چڙهي ويو ۽ يڪدم هڪڙي ڪاٺ جي پٽي کڻي هـن تي ٺوڪي ڪڍيائينس ۽ هو وڃي ڪريو. وري مٿان به لتون ٺڏا هڻي ڪڍيائينس. ڪپتان هن کي جهليندي چيو "بس مسٽر ولڪس- وڌيڪ نـه ماريوس." ايتري ۾ مرڊس اٿي چاقو ڪڍيو. ڪپتان ڪاوڙ ۾ مرڊس کـي چيو "ٻـاهر نڪر نالائق، نـه ته گلي ۾ رسو ٻڌي تيستائين لٽڪائيندو سان

جيستائين ساهہ نہ نڪرئي. مرڊس ڪپتان کي ڏسي ٿـڌو شوڪارو ڀـري، چاقو بند ڪري ٻاهر هليو ويو. ولڪس ٻوءِ چوڪري جـو جسم نپاس ڪري وري ڪپڙو مٿان وجهي ڇڏيو. ڪپتان کـي چيائين ”مسٽر هاريئبي! هڪ ڏينهن ايندو جـڏهن ڪو نہ ڪو هن کي بہ ڪتي جي موت ماري ڇڏيندو.“ خير مسٽر ولڪس فيالحال تہ اها ڳالهہ وساري ڇڏيو. اوهين مريض کي ڏسو، ڀـر جي مري وڃي تہ فوراً مونکي اطلاع ڪجو. ولڪس ڪنڌ سان ها ڪئي. ڪپتان وڃڻ لڳو ”چڱو خداحافظ“ ”خدا حافظ.“ ولڪس اندران در بند ڪري. هن کي بچائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو ۽ وس مان ڪونہ گهٽايائين، سڄي رات هن جي مٿان بيٺو هو. رات نہ پئي ڪٽي. هو هولي جـو بخار ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ۽ جيترو وقت هن جي خدمت پئي ڪيائين، اوترو وقت ڪيس بنهن جون ڏينهون پئي ياد آيون. ٻاهر پهريدار صبح جو پنجين بجي پنج گهنڊ وڄايا. ولڪس جي اکين مان لڙڪ ڪريا ۽ هولي جو دم پرواز ڪري ويو.

جهاز هياڪ بندر گاهه تي لنگر انداز ٿيو. سڀ عملو جهاز تي رهيو، باقي ڪپتان هارينبي، نائب ڪپتان مردس، مسٽر ولڪس ۽ جوٿون مسٽر هولسٽر، جيڪو ڪپتان جي اجازت سان آيو هو سي هياڪ جي بادشاهه جي دربار جي ٻاهرئين دروازي تي پهتا ته بادشاهه جو وڏو وزير ٽيڪومو هنن کي مليو. ٽيڪومو جو خيال هو ته ماڻهو ڪجهه گهٽ هجن. تنهن ڪري هن ڪپتان کان پڇيو ”ڪپتان، اوهين يقين سان چئي سگهو ٿا ته هنن سڀني جو اوهان سان گڏ هجڻ ضروري آهي؟ جاڪاڻ ته بادشاهه جي دربار ۾ فقط وڏي درجي جا ماڻهو هلي ٿا سگهن. تنهن کان سواءِ هي جيڪو ڳاڙهن وارن وارو ماڻهو اوهان سان گڏ آهي سو ته مون کي بلڪل جانور قسم جو وحشي ماڻهو ٿو لڳي.“ ٽيڪومو مردس جي منهن ۾ ڏسي ورتو جيس جمو ”ياد رکجانءِ، جي بادشاهه جي دربار ۾ ڪا گستاخي يا بيهودگي ڪئي اٿئي ته ترار سان سر ڪٽيو ويندءِ.“

”ٺهه، حساب مان دربار جا آداب بجاآڻيندس ڪابه اڻوڻندڙ حرڪت نه ڪندس.“ مردس جواب ڏنو. ٽيڪومو نهايت عرورشندي هو. قد جو ڊگهو هو. ڪلهن ۾ سونا والا پيا هئس. قيمتي قيمتي ڪپڙي جو ڳاڙهو جمو پيل هوس. ڳلي ۾

-ونو هار پڌل هوس ۽ هن سان گڏ جيڪو پيو عملو هو، تن کي ڪچين ۾ پتل جا بل پيل هئا، جن تي نانگن ۽ چيتن جون شڪليون ٺهيل هيون. در بار جا در ڪاٺ جا ٺهيل ۽ نهايت وڏا هئا. جن تي قديم جاني قوم جي جابلو باشندن جون تصويرون اڪربل هيون.جاني نهايت ئي طاقتور شيدي هئا جيڪي غلامن جو واپار ڪندا هئا.

ٽيڪومو هڪڙو هٿ ڪپتان ۽ سندس ساٿين ڏي ايو ڪيو ۽ ٻيو هٿ چپلهه تي رکيو بيٺو هو ته ٿوري دير ۾ در مان هڪڙو دربان شيدي وٽس آيو ۽ بادشاهه جو پيغام هن کي اچي ٻڌايائين. پوءِ ٽيڪومو اڳتي وڌي ولڪس جي ٽاءِ ٺيڪ ڪئي ۽ چيو "بادشاهه سلامت اوهان کي اندر اچڻ جو حڪم ڪيو آهي." ائين چئي هو اڳيان ٿيو ته سندس عملي جا ماڻهو سجدي ۾ ڪري پيا ۽ هن ڪپتان کي ۽ سندس ساٿين کي وٺي در ڏانهن منهن ڪيو. دروازو زور سان اندران کليو ۽ آواز ٿيو "بادشاهه سلامت جي دربار ۾ ڪير حاضر ٿي رهيا آهن؟"

ٽيڪومو جواب ڏيندي چيو "جيو بيليشن جهاز جو ڪپتان هاريبي ۽ سندس ساٿي حاضر ٿيڻ ٿا چاهين."

"انهن کي اندر وٺي اچڻ وارو ڪير هوندو؟"

"مان، بادشاهه سلامت جو وفادار ۽ پانهن پيلي، وزير اعلي- ٽيڪومو."

"اندر اچو." جيئن هي اندر گهڙيا ته دروازي جي ٻنهي پاسي درجن کن پهريدار هٿن ۾ هنتر جهليو آڪڙيا

ٻڌا هئا ۽ تلوارون ۽ بندوقون ڪلهن ۾ لــڙڪيون پيون هئن. ٻاهر بيٺل عملي جا شيدي، جيڪي ٽيڪومو ســان گڏ هئا، سي ٻهرين دروازي تــي بيهي رهــيا. ٽيڪومو، ڪپتان ۽ سندس ســاٿين کي وٺــي ڍڳهي گهٽي مان اڳتي وڌندو ويو ۽ هنن کي چيائين ”اوهان ته سڀ گورا آهيو نه؟ مهرباني ڪري ٻڌايو تــه انگريزي ته ســڀ ســمجهو ٿــا نه؟“ هولسٽرٿورو گهٻرائجي ويو۽ ٻين ساٿين ڏي ڏسڻ لڳو، جن سيني ڪالهائيندي چيو ”ها.“ اهو ٻڌي هولسٽر هنن کي چيو ”منهن جي ٻه مدد ڪجو.“ گهٽيءَ جي ٻنهي پاسي ننڍيون ننڍيون ڪوٺيون ٺهيل هيون جن ۾ ڪئين غلام بند ٿيل هئا. هنن کي اندر ويندو ڏسي هو ســمجهي ويــا ته واپاري آهن. ڪوٺين مان مختلف قسمن جو صدائون اچڻ لڳيون ”ڪپتان صاحب! مون کي خريد ڪجوء.“

”مون کي به خريد ڪجو. هتي مان مري ويندس.“

هولسٽر هنن جون صدائون ۽ منتون ٻڌي عجب ۾ پئجي ويو ۽ ٻين کان ٿورو پوئتي رهجي ويو. هن هڪڙي ڪوٺي ۾ هڪڙواچي چمڙي وارو غلام ڏٺو جنهن جي حالت تمان گندي هئي. دروازي جي شيخن مان هٿ ٻاهر ڪيدي، هن هولسٽر کي چيو، ”ڪپتان صاحب، جيڪڏهن اوهــان ۾ ذرو به انسانيت جــو ننگ آهي ته مون کي خــريد ڪري هتان ڪيو.“

”يا مسيح !“ هولسٽر عجب مان چيو ۽ هن کي ڏسڻ لڳو. اينتري ۾ ٽيڪومو ڪپتان ۽ ٻين کي وٺي دربار

جي در وٽ پهچي ويو. هو لسٽر ڪدم تڪڙو تڪڙو وڏي وڃي هنن کي پهتو، پنيان هڪڙي قيدي عصي ٻ چيس "جهنم جي منهن ۾ وڃو سڀ" "مڙي مرو." ٻي قيدي چيو. اهڙي طرح هنن اٽڪل ڏهاڪو کن قيدي ڏٺا جيڪي ڏار ڏار بند ٿيل هئا جن هنن کي منتون ٻه ڪيون ته گهٽ وڌ ٻه ڳالهايو، ته ڪن هٿن مان ٻيڻي جهليو. "مون کي بچايو." اهو آواز آخرين ڪوليءَ مان آيو. اهو هڪڙو پيرسن گورو هو. جنهن جي چيلهه ٻه جهول ڪائي وئي هئي. ڏاڙهي ڪپهه جهڙي اڇي، ۽ مٿي جا وار ڪتل هئس، چرين وانگر لڳاتار ٻڪ ٻڪ پئي ڪيائين.

اڳتي وڏي گهٽيءَ هڪڙي پاسي مڙي ته اڳيان ٻيا خاص پهريدار بيٺا هئا. ٽيڪومو هارينبي جي ٽولي جي اڳواڻي ڪندو پهريدارن سان خفيه اکرن ۾ ڳالهائيندو اڳتي هلندو ويو. آخرين دروازي مان مٿي هو هڪڙي هال ۾ داخل ٿيا. هال ۾ ڪئين شيدي نهايت ادب ۾ بيٺا هئا. ٻيا آفيسر ۽ منشي ٻه بيٺا هئا. جن هنن کي ڏسي ڪابه نئين ڳالهه محسوس نه ڪئي. ٽيڪومو هنن کي هڪڙي بهترين غاليچي تان اڳتي وٺي سامهون رکيل ڪاٺ جي ٽن اسٽولن جي سامهون وٺي بيٺو. جيڪي ويهارو کن فٽ اچا ٻه پري هئا. انهن ۾ ٻه اسٽول نما تخت نه ڏا هئا جن تي گل ٻوٽي جو عمدو ڪم ٿيل هو ۽ جيڪو تخت وچتي پيو هو سو انهن کان ڪجهه وڏو ۽ مٿيرو پيل هو ۽ سچو عاج ۽ سون سان مڙهيل هو.

"هاڻ اوهان سڀ هتي ويهي رهو" ٽيڪومو ڪپتان

۽ سندس ساٿين کي چيو ”۽ جي چاهيو ته پلي هڪ ٻئي سان ڳالهايو ٻولهايو.“ ايئن چئي، ٺڪومو اڳتي هليو ويو ۽ ڪپتان وارا اتيئي بيٺا رهيا.

”پلا ڪارا لنگوروُ!“ مرڊس مغروري مان چيو.

”تڪي جا ٻيڊي. پاڻ کي الائي ڇا پيا سمجهن!“ هاريئبي چيس ”بڪواس نه ڪر، جي تورو به هنن کي شڪ پئجي ويو ته توُن دربار جي بي‌ادبي پيو ڪرين، ته هنن کي ايترو پاور آهي جو اتي جو اتي منتن ۾ مسي لاهي ڇڏيندا.“ مرڊس تي ڪو اثر ڪونه ٿيو ۽ چيائين ”برابر پاور اٿن. پر ڏسجانء ويئو ته مان انهن ڪتن کي ڪيئن ٿو غلام بنائي جهاز ۾ بند ڪريان.“

”پر توکي شايد هنن پيجرن مان ڪنهن هڪڙي ۾ نه بند ڏسان“ سرجن ولڪس چيس.

”اڇا! ته توکي اڇا ڪاوڙ آهي. شايد جيڪا چوري تنهن جي ڪنبن ۾ مري وڃي هئي تنهن توکي تنهنجون ڏيئيون ياد ڏياري ڇڏيون آهن“ مرڊس، هن کي هولي واري ڳالهه ياد ڏياري.

”خبردار جو منهنجن ڏيئن جو نالو ورتو اٿئي. مان تو جهڙي گندي ماڻهو جي واتان هنن جو نالو ٻڌڻ نٿو چاهيان.“

”چڱو هاڻ مهرباني ڪري اهي ڳالهيون بند ڪريو ۽ ماٺ ڪري ويهو يا ٻي ڪا ڳالهه ڪريو.“ هاريئبي هنن ٻنهي کي منع ڪندي چيو. هواسٽر هنن جي منهن ۾ ڏسڻ

لڳو. هن کي انهي جهيڙي جي ڪا خبر ڪانه هئي. البت هن کي شڪ پيو ته هي ڪو راز آهي جيڪو هن کان لڪايو ويو آهي. تنهن ڪري هو وڏيڪ ڌيان سان هنن جون ڳالهيون ٻڌڻ لڳو مگر هارينبي هنن جي گفتگو بند ڪرائي ڇڏي. هولسٽر نا اميد ٿي ويو ۽ وري هارينبي سان ڳالهائڻ لڳو "مسٽر هارينبي! شيدين ڪي ڪنهن اجازت ڏني آهي جو گورن کي پڃرن ۾ بند ڪريو وينا آهن؟"

"ڳالهه اجازت جي ڪانهي-هولسٽر، هي سڀ پاور آهي پاور. هتي گورن کي پاور بند ڪيو آهي، نه ته انهن ۾ کي جهازن جا ڪپتان آهن ۽ کي بين ڌوهن جا ڌوهاري آهن."

"مگر هي ته گورا آهن!" هولسٽر چيو.

"ها، گورا آهن- انهن کي منهن جي طرفان مبارڪ ڏي."

هولسٽر ڪجهه دير ماٺ ڪري وري چيو "مان ته اڄ تائين ائين ٿي سمجهندو هوس ته شيدي سڀ جهوپڙين ۾ رهندا آهن ۽ هڪ ٻئي جو ماس کائيندا آهن!"

ٿوري دير ۾ ٽيڪومو اندران آيو ۽ ننڍن تختن مان هڪڙي جي سامهون ماٺ ڪري اچي ويٺو. پوءِ ٿوري ٿوري وقفي کان پوءِ ڪجهه اکر چوندو رهيو ۽ اندر موجود سڀ شيدي ڪنڌ هيٺ جهڪائي ٻڌندا رهيا.

"هي بادشاهه بلملاح جو تعارف پيو ڪرائي ۽ هن جا عجيب غريب خطاب پيو ٻڌائي" ولڪن هولسٽر کي ٻڌايو.

ٿوري دير ۾ بادشاهه جا ٻه باڊي گارڊ جن جي هٿن ۾ عاج جي ڳنن سان تلوارون هيون سي آيا ۽ وڃڻين تخت جي پاسن کان بيهي ڪنڌ جهڪائي وري سڌا ٿي بيٺا. خاص ماڻهن ۽ هارينبي ۽ سندس ساٿين به ڪنڌ جهڪايا. ننڍي درجي جي دربانن ڪنڌ غاليچي تائين هيٺ جهڪائي سجدي ۾ ڪري پيا ته ايتري ۾ کڙڪو ٿيو. بلملاح جي قدمن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. جيڪو تخت تي اچي ويٺو هو. ”هاڻي پاڻ ڪنڌ مٿي ڪري ٿا سگهون“ ولڪس آهستي مولسٽر کي ٻڌايو. ٽيڪومو ڪجهه اڳر ڇپيا ۽ سيني منهن سامهون ڪيا پر هاڻ هنن کي ٻئي پاسي ڪيڏانهن به ڏسڻو نه هو.

بلملاح نهايت بدشڪل ۽ ٿلهو شيدي هو. جنهن جي ڇاڙي ڇاتيءَ تي رکي هئي ۽ کن ڪلهن تي رکيا هئا. ڪنڌ سفا ڌڙ ۾ ڪونه ٿي آيو. منهن اهڙو ڪارو هوس جهڙو دونهون. سندس هڪڙي، هڪڙي ٻانهن، ڇڳي ڀلي جوان جي رانن جهڙي ٿلهي ۽ ٽنگون جهڙا ڪارا ۽ جاڙا ٿنڀا. تمام ڊگها ٻه باڊي گارڊ بندوقن سان هن جي بلڪل پٺيان بيٺا هئا. هڪڙو بندري قد جو غلام سندس پيرن وٽ هيٺ ويٺو هو. چيلهه ۾ خنجر ٻڌل هوس، جيڪو هڪڙي خوبصورت مياڻ ۾ بند هو. دربان حاضر ٿيل سيني ماڻهن کي شڪي نگاهن سان جاچي ڏسي رهيا هئا. ننڍن تختن سان هڪڙي تي ٽيڪومو ويٺو جيڪو بادشاهه جو وڏو وزير هو ۽ ٻئي تي هڪڙو بلڪل پوڙهو ۽ اپرو شيدي

اڇــي وينو جيڪو بادشاهہ جو خاص صلاحڪار هو. هـو ابترو تہ پيرسن هو جو هن جا هٿ بہ پٽي ڏڪيا. بلملاح تيڪومو کـي ڪجهہ چيو. تيڪومو وري هارينبي کـي چيو، ”ڪپتان! ٻـہ قدم اڳيرا ٿيو، بادشاهہ بلملاح اوهان جي ماڻهن هٿان آندل پيتين ۾ بنـد تيل سوکڙيون ڏنيون آهن ۽ خوشيءَ سان قبول ڪيون آهن.“

”بادشاهہ سلامت سوکڙيون قبول ڪيون ان لاءِ اسين سندس شڪر بجا ٿـا آڻيون. وڌيڪ ڪين ٻڌايو تـہ اڃا بہ ڪي وڌيڪ بهترين سوکڙيون مون پاڻ سان گڏ آنديون آهن- جيڪي مان هنن کي روبرو حاضر ٿي ڏيڻ ٿو چاهيان.“

تيڪومو هـن جـي ڳالـهہ بادشاهہ کـي ترجمو ڪري ٻڌائي ۽ بادشاهہ هٿ مٿي ڪنيو. پيرن ۾ هيٺ ويٺل درٻان ٽپ ڏئي اٿيو ۽ هٿ اڳتي وڌايائين. هارينبي هڪڙو بـند تيل لفافو هـن کي ڏنو ۽ هن اهـو لفافو وٺي بادشاهہ کي ڏنو. لفافي ۾ بـرطانيہ جـي بئنڪ جو پنج سؤ ڊالرن جـو چيڪ پيل هو. بادشاهہ آمريڪا جي بئنڪن جا چيڪ قبول نہ ڪندو هو. چيڪ وٺي ٻڍڙي صلاحڪار ڏي وڌايو. ويو جنهن چيڪ پڙهي ڏٺو ۽ ڪنڌ سان هاڪار ڪري صحيح هجڻ جي تصديق ڪئي ۽ چيڪ وري تيڪومو جي حوالي ڪيو جنهن وري واپس بادشاهہ کي ڏنو. ”بادشاهہ سلامت اوهان جـو شڪريو ادا ٿـو ڪري“ تيڪومو ڪـپتان کي ٻڌايو. ”مهرباني، ۽ هي ٻيون شيون بادشاهہ سلامت جي دلچسپي ۽ ونڊر لاءِ آنديون آئيون- قبول پون.“

هاريبي مردس ڏي ڏنو ۽ هن هڪڙي عاج جي خوبصورت پيتي بند ٿيل حالت ۾ دربان جي حوالي ڪئي. هيٺ ويٺل دربان پيتي کولي بادشاهه جي اڳيان رکي. بادشاهه ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ کلڻ لڳو. پيتيءَ ۾ فرانس جا ٺهيل ٻه خوبصورت پستول هئا. هڪڙو پستول ڪڍي بادشاهه ان جو ڳڻ جاچي ڏٺو جنهن تي بهترين نقش نگار هئا. پوءِ ڪاڪ ۾ هٿ وجهي مذاق ڪندي پستول جو منهن ٽيڪومو ڏي ڪري ڪاڪ دٻايائين ته ٽيڪومو جو ٻٽ ڏڪڻ لڳو جنهن تي بادشاهه وڏيڪ کليو. آخر پستول واپس پيتي ۾ وجهي ڪجهه جملا چيائين. ٽيڪومو ڪپتان کي ٻڌايو ته بادشاهه سلامت چوي ٿو ته پستول تمام بهترين آهن ۽ کين ڏاڍا پسند آهن. هن وري چيو ته بادشاهه سلامت چوي ٿو "سوکڙيون ته اوهان ڏنيون مگر مونکي افسوس آهي جو بروقت مون وٽ غلام ڪينهن جيڪي اوهان کي ڏئي سگهجن. ها، باقي فقط هڪ هفتو ترسو پوءِ اوهان کي غلام ملي ويندا. هفتي کان وڌيڪ وقت نه لڳندو."

"مگر جناب، اڳئين ڀيري بادشاهه مون سان زبان ڪئي هئي ته ڏيڍ سؤ غلام اسان کي ڏيندو ۽ هاڻ وري ٿا چئو ته في الحال غلام ڪينهن، اها ته نهايت افسوس جهڙي ڳالهه آهي." هاريبي سهڻ گهنجائي ٽيڪومو سان ڳالهايو. ٽيڪومو اهي اکر بلملاح کي ٻڌايا جنهن تي اول هن هڪڙو هٿ گوڏي تي هنيو ۽ وري ٽيڪومو کي ڪجهه چيو. ايتري ۾ هيٺ ويٺل دربان يڪدم خنجر ۾ هٿ وڌو.

ٽيڪومو ڪپتان کي چيو ”بادشاهه سلامت کي اوهان جا گفتا پسند نه آهن- ڪير به هنن کي سنڌن ڪيل واعدي تي زور نٿو ڀري سگهي. بهرحال هو اوهان کي هن گستاخي جي معافي تو ڏئي ڇاڪاڻ ته اوهين اسان جا پراڻا گراهڪ آهيو ۽ دوست آهيو، نه ته هن گستاخي جي سزا دڪلائڪ ثابت ٿي سگهي ٿي.“

هارينبي ٿورو ٿڌو ٿي چيو ”اسين ان لاءِ بادشاهه جا شڪر گذار آهيون. مان سمجهان ٿو مهڙ وارين ڪولين ۾ جيڪي غلام بند آهن سي شايد هنن ٻين واپارين کي ڏني ڇڏيا آهن جيڪي اسان کان اڳ دربار ۾ حاضر ٿيا هوندا!“

”ها، اهي ذليل آهن“ ٽيڪومو چيو.

”۽ جيئن ته انهن سان بادشاهه سلامت واعدو ڪري چڪو هوندو ۽ سنڌن واعدو سڄي دنيا ۾ مشهور آهي- تنهن ڪري شايد اهي غلام مونکي نٿا ملي سگهن!“ هارينبي سڃاڻپ ڪري ٽيڪومو سان ڳالهايو.

”هائو“ پوءِ ٽيڪومو ۽ پيڙو صلاحڪار ٿورو کليا. انهن ڪني ڏسي بادشاهه به ٿهڪ ڏنو. پوءِ ٽيڪومو کي ڪجهه چيائين. ٽيڪومو وري ڪپتان کي چيو ”بادشاهه بلهلاح چوي ٿو- هياڪ جو شهر اوهان پنهن جو شهر ڪري سمجهو. اوهان جا خلاصي ۽ ٻيو عملو نهايت آزادي سان شهر گهمي ٿا سگهن- باقي ڪپتان ۽ چند ٻيا آفيسر اڄ رات بادشاهه جا مهمان آهن.“

هارينبي چيو ”عملي کي شهر گهمڻ جي اجازت لاءِ مان عملي جي طرفان بادشاهه جو شڪريو ادا ٿو ڪريان

۽ مان ۽ منهنجا آفيسر رات جو مهماني مهل حاضر تيندا سين." تيڪومو ڪند سان ها ڪندي چيو، "هاڻ اوهين وڃي سگهو ٿا." پوءِ هن کي دربار کان ٻاهر آندو ويو.

جهاز جي ڊيڪن ۾ بند غلام شيدي ڏاڍا مايوس هئا. اڳئين بلووي کان پوءِ ڪيوڪي صفا همت هاري ڇڏي هئي. هر ڳالهه ۾ فقط ٻاهرين دل سان ها ۾ ها ملائيندو رهيو. جيڪو ننڍو وڏو شيدي يا گورو جئين چوندو هوس تيئن ڪندو هو. هڪ ته هو بيمار هو ٻيو ته بزدل بہ ٿي پيو هو. ٻيا غلام اڳ ئي ڊڄڻا ۽ بيڪار ماڻهو هئا. هاڻ آبوڪي جو ڪوبہ دل وارو ساٿي نہ رهيو هو. تنهن ڪري سڀ سور دل جو دل ۾ پيو هنڊائيندو هو. هو سوچي رهيو هو تہ جيئن پکي هڪڙي ڪنيڙاتي سان اڏامي نٿو سگهي ۽ ٿاري ٿڙ کان سواءِ هوا ۾ متي لڏي نٿي سگهي تيئن اڪيلو آبوڪو بہ ڪجهہ ڪري نٿو سگهي. ڪڻب ۾ اهڙو ڪوبہ باقي نہ بچيو هو جنهن جو آسرو ڪري سگهجي. ڪم وارا جوان سڀ موت جي منهن ۾ هليا ويا هئا. ۽ هاڻ آبوڪو وڏيڪ زندهہ رهڻ کان بيزار ٿي پيو هو.

سج لٿي مهل ڪپتان بلملاح جي دعوت تي ويو. سڄي دربار ماڻهن سان ڀري پئي هئي. جنهن ۾ ٻين جهازن جا ڪپتان، آفيسر، دربان ۽ ٻيا شيدي وغيره سڀ حاضر هئا. ڪجهہ دير کان پوءِ سڀ حاضرين پلٿي هڻي غاليچن تي وينا ۽ بهترين قسم جا طعام پيش ڪيا ويا جن ۾ پڪل

گوشت، پکي ۽ مختلف قسم جون ڀاڇيون وغيره شامل هيون. سيني گرم گرم کاڌو هٿن سان کاڌو پئي سندن مٿان کئين شيدي هٿن ۾ وڏيون جهليون کڻيو بيٺا هئا جن سان مکيون پئي هڪليائون ۽ هوا به پئي جهليائون. درين کي کابه چاري وغيره لڳل کانه هئي جنهن کري مکين جا جهنڊ اندر ٻاهر پئي آيا ويا. انگريزي ۽ فرانس جو شراب تمام گهڻي انداز ۾ موجود هو. تنهن کان سواءِ ديسي تاڙي به موجود هئي. هاربنبي کي هٿن سان رس وارو ٻوڙ کائڻ نه پئي آيو. سندس هٿ پئي سڙيا ۽ ٻوڙ جي رس هٿن کان وهي ڏونئرن تائين ٻهچي هيٺ گلم تي پئي کري. کاڌو کائيندي هن بلملاح کي تيڏي اک سان ڏنو پئي. هن کي بادشاه تان کل پئي آئي پر وري به هن جي نيڪي کري رهيو هو. هن کي اها خبر هئي ته هو وڏو مطلبي ۽ رکي طبيعت جو ماڻهو آهي پر جي خوشامد کبيس ۽ راضي ٿي پيو ته پنهن سان کيل واعدو توڙي غلام ڏيڻ ۾ دير کونه کندو چاکاڻ ته بلملاح لالچي وڏو هو. کپتان کي اها خبر هئي.

جڏهن کاڌو کائي فارغ ٿيا ته سڀ ڄڻا اتان نکري ٻيڙ واري هال ۾ داخل ٿيا جتي کئين ميزون ۽ کرسيون قطار ۾ رکيون هيون. ميزن تي پتن جون تاشون ۽ ٻئي قسم جا جوئا جا ڏاٽ ۽ چڪا ڏارا وغيره پيا هئا. سڀ جوئا کي لڳي ويا ۽ سگريٽن جو دونهون سڄي هال ۾ ڀرجي ويو. سيني ٻنهن جي واسڪوٽن ۽ صدرين جا کيسا

ڪولسي چڙهيا. ٻانهون ڪنجي چڙهيون ۽ نيڪٽايون ۽ ٻوءِ وغيره ڍرا ڪري چڙهيا. ڪلن جا ٽاڪ ٽٽا ٻنجي وٻا ۽ حال ۾ ڪٿين قسم جون دانهون ۽ هوڪو ٿي ويو. خوب جوٽا هلي. هارينبي به جوٽا ڪٿي پر ٻين کان گهٽ. هن به ڪجهه ڊالر هارايا. هڪڙي ڪپتان چٺي لکي لفافي ۾ بند ڪري هارينبي کي ڏني. هارينبي چٺي پڙهي هن کي چيو ”نهايت افسوس!“ ٿوري دير ۾ آمريڪي سڀ اٿيا. چٺي ڏيڻ واري ڪپتان ويجهو اچي، بيوقوفن وانگر ڏسندي چيو ”مسٽر هارينبي! مون پرائي امانت جا ڏهه هزار ڊالر هارايا آهن! هاڻ مان ڪيڏانهن وڃان، ڇا ڪريان!“ ايتري ۾ هڪڙو شيدي ٽري ۾ وسڪي جون ڪجهه بوتلون کڻي هارينبي جي پاسي کان لنگهيو. هارينبي يڪدم انهن مان هڪڙي بوتل کڻي ورتي. ”اچي هي وسڪي پي غم غلط ڪر.“ هڪڙو دربان هارينبي وٽ آيو ۽ چيائين ”بادشاهه چوي ٿو ته توهان مزي سان راند نٿا ڪريو.“ ”بادشاهه کي وڃي چئو مان معافي ٿو چاهيان. مان وڌيڪ راند ڪرڻ پسند نٿو ڪريان. مونکي جلد واپس وڃڻو آهي جو صبوح جو سويري جهاز هاڪاري ويندس تنهن کان سواءِ مونکي اوجاڳو آهي ۽ اڄ رات ننڊ به ڪرڻي اٿم. تنهن ڪري معافي ٿو چاهيان.“

”صبوح جو! ٻنا غلام وٺڻ جي؟“

”ها. مان وڌيڪ ترسي نٿو سگهان. اڳتي وڃي ڪتان غلام خريد ڪندس.“ دربان اهو نياپو بادشاهه کي ڏنو ۽

بادشاهہ ٽورو ڪلي ٽيڪومو کي ڪجهہ چيو. هن وري ڪپتان کي ٻڌايو تہ ”بادشاهہ چوي ٿو ته ٻن ٽن ڏينهن جي ڪا وڏي ڳالهہ ڪانهي. نهايت بهترين قسم جا غلام اڇڙ وارا آهن. وٺي پوءِ هليا وڃجو.“ هارينبي چيو ”ترسڻ مان بہ چاهيان ٿو پر جن جون رقمون آهن تن وقت جي سخت پابندي لڳائي ڇڏي آهي. اسان بادشاهہ جي همت کي تسليم ٿا ڪريون ۽ هو بلڪل جلد سڀ ڪجهہ ڪري ٿو سگهي مگر هن دفعي اسان کي معافي ملي، ٻئي دفعي وري ايندا سين ۽ واپار ڪندا سين.“ ايئن چئي، بادشاهہ جو سلام ڪري پوئتي هٽيو.

”ترس.“ ٽيڪومو پنهنجي سڏ ڪيس. هارينبي واپس وريو. ٻلملاح ڪجهہ چيو. جنهن جي پنيان ٽيڪومو چيو ”بادشاهہ چوي ٿو ته تون اسان جو پراڻو گراهڪ آهين، خالي هٿين توکي وڃڻ نہ ڪيپي، تنهن ڪري توکي في الحال پنجويهہ غلام ڏنا ٿا وڃن جوڪي نهايت بهترين قسم جا غلام آهن ۽ بادشاهہ خاص طرح پنهنجي دربار ۾ رکائي ڇڏيا آهن.“ ”بادشاهہ جا اهي وڏا احسان پر پوءِ بہ تہ اچا هڪ سؤ پنجويهہ غلام ڪنهن ذ— ڪتان خريد ڪرڻا پوندا.“ ٽيڪومو هن جي ڳالهہ باملاح کي ٻڌائي. پوءِ ڪپتان کي پانهن ۾ هٿ وجهي ڪجهہ پاسي تي وٺي اڪيلائيءَ ۾ ڳالهايائين. ”توکي خبر آهي تہ ڪناري تي پورچوگيزن جا بہ جهاز بيٺا آهن.“ ”ها. بلڪل بيٺا آهن.“ ”هڪڙي جهاز جو ڪپتان صفا الڙ قسم جو ماڻهو آهي.“

عملو بہ بلڪل معمولي اٿس. پئسي جو بہ حال ڪونهيس.
بادشاهہ کان اجازت وٺي درياءَ جـي رستي اندر ويو آهي.
اول تہ غلام خريد ڪري ڪونہ سگهندو جي خريد ڪري
ايندو نہ محصول ڀري ڪونہ سگهندو." "پوءِ!" "پوءِ اهو
تہ ٿن ڏينهن کان بندر تي بيٺو آهي- سندس چـاڙتا پيڙيون
ڪاهي ملڪ اندر ويا آهن ڳوٺن مان غـلام خريد ڪرڻ.
اسان ٻڌو آهي تہ سٺر اسي غلام خريـد ڪيا اٿن ۽ سياڻي
سوح جو شهر ۾ پهچي ويندا. بادشاهہ سلامت جـو چوڻ
آهي تہ هڪ تہ هو محصول نہ ڏيئي سگهندا، ٻيو تہ گهٽ
درجي جا ماڻهو آهن ۽ ٿيون تـہ نهايت ڏکيا ماڻهو آهن-
تنهن ڪري انهن جو ڪو نقصان ٿيـو تہ بادشاهہ کي ان
جو ڪو ڏک ڪونہ ٿيندو- اهي غلام هارينبي کـي ڏياريا
ويندا چاڪاڻ تہ هو ڏيتي ليتي جو بلڪل سٺو آهي. اجا
بہ جيڪڏهن توکي وڏيڪ گهرج هوندي تہ پنجويهہ غلام
ٻيا بـہ پيدا ڪري ڏيندو، تنهن ڪـري ڪپتان صاحب،
فقط هڪڙي ڏينهن جـي ڪري پنهن جـي ڪيپ چـو ٿو
ڦتائين." هارينبي بلملاح جي منهن ۾ ڏٺو تہ هن بـہ ڪليو.
"بادشاهہ سلامت کي ٻڌايو تہ منهن جو هن ۾ پورو ڀروسو
۽ يقين آهي. بادشاهہ ڏاڍو بااثر آهي- پر ايترو چئوس تہ هن
مهم ۾ جيڪڏهن اسان جو ڪو نقصان ٿيو تہ اهو بادشاهہ
کان ڪري نہ سمجهنداسين ۽ جي پورچوگيزن کي تڪليف
پهتي تہ ان لاءِ اسان کي ڪجهہ نہ چيو وڃي ۽ اسان کي
يقين آهي تـہ ان حالت ۾ هـو اسـان کي ڪا سزا وغيره

نہ ڏيندو.“

”ڀيو ڪو طريقو نٿو ٿي سگهي؟“ ٽيڪومو همت مٿي ڪري ڪپتان کان پڇيو.

”نہ، ٻيو ڪو بہ طريقو ٿي نٿو سگهي، اوهين مونکي پنهنجا ٻہ ماڻهو ڏيو جيڪي منهنجن ماڻهن سان گڏجي وڃن ۽ اهي جاءِ ڏيکارين جتان غلام کسيا وڃن. ان لاءِ اسين هنن کي هر هڪ غلام جا وڏا ڊالر اتي جو اتي ڏينداسين.“

”ويهہ ڊالر تمام گهٽ آهن. ٽيهہ ٽيهہ ڊالر هنن کي ڏجؤ.“ ٽيڪومو چيو.

”هلو سائين پنجويهہ ڊالر في غلام ڏينداسين.“

”ٽيهہ ٽيهہ ڊالر تہ هنن کي بادشاهہ وٽ جمع ڪرڻا پوندا. باقي هنن جي محنت ان کان سواءِ ٿيندي.“ ٽيڪومو چيو.

”چڱو سائين ٽيهہ ڊالر قبول آهن وڌيڪ اوهان چاڻو اوهان جا ماڻهو چاڻن. ان کان مٿي نہ ڏئي سگهنداسين.“

اڃان منهن اونداهي هئي تہ نائب ڪپتان مردس جي اڳواڻي ۾ ٻارنهن ڄڻن جو هڪ جٿو بندوقن ۽ تلوارن سان تيار ٿي بلملاح جي ٻن شيدين سان گڏ درياءَ تي ويو. ٻن ٻار سہ انهن ۾ شامل هو، مگر هن کي ضمير سخت ملامت ڪري رهيو هو. دل ۾ چوڻ لڳو ”يا خدا! مان هي ڇا پيو ڪريان.“ جيتوڻيڪ ٻن ٻار خدا ۾ يقين نہ رکندڙ هو مگر وقت جي حالت کيس بار بار خدا ياد ٿي ڏياريو. هن

جي دل ۾ ڪا شيءِ هئي جنهن هن کي خدا ۾ اميد ۽ هن
جي رحم جي ضرورت محسوس ڪرائي هئي. جيتوڻيڪ
خشڪيءَ تي هن ڪڏهن خدا کي ياد ڪرڻ جي ضرورت
محسوس نه ڪئي مگر هتي هن کي خدائي طاقت جي
سهاري ڪان سواءِ ٻي ڪا وات ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي آئي. ٻي
حالت ۾ هو چريو ٿي پوي ها. هن ڪان اڳي ٻن بار لڙايون
[illegible] ڏٺيون هيون، انهن ۾ حصو به ورتو هئائين ۽ ڪئين
آرٽيڪل به لکيا هئائين سندس زندگي موت جي چنبي ۾
اچي چڪي هئي، پر اها جنگ هئي ۽ ڪنهن سبب جي
ڪري جنگ ٿي رهي هئي ۽ ڪن اصولن جي تحت لڙائي
ٿي رهي هئي جنهن ۾ هٿيار استعمال ڪرڻ، مرڻ ۽ مارڻ
جائز سمجهيو پئي ويو. ساڳي طرح هن وقت به سندس هٿ
۾ بندوق هئي ۽ ڪنهن کي مارڻ جي نيت سان اڳتي وڃي
رهيو هو، [illegible] سندس ضمير جي سراسر خلاف هو. هن
سان گڏ [illegible] ٻيا ڏاڙيل هئا تن کي اهوئي احساس هو
[illegible] ڪرڻ جي عيوض هنن کي پنج پنج ڊالر انعام ملندو.
صبح جو فجر [illegible] درياءَ جي مٿان ڏند ۽ ڪوهيڙو
[illegible] هو، ڪا شي ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي آئي. ڪپڙا پسي
[illegible] ويا هئن ۽ سواءِ ماڻهن جي ڳالهائڻ جي، ٻيو ڪجهه
[illegible] بدن ۾ ڪونه ٿي آيو. درياءَ جي ڪنارن تي وڏن
وڻن جون چوٽيون ٿوريون ٿوريون ڏسڻ ۾ آيون ٿي ۽
مکين جي چڻ چڻ به بدن ۾ پئي آئي. جيئن سج اڀرندو
[illegible] ويو تيئن ڪوهيڙو به جهڪو ٿيندو ويو. ڪجهه دير

ڪانءِ پوءِ رات وارو انڌيرو ۽ مونجهه ختم ٿي ويئي. ڪوهيڙو به ختم ٿي ويو ۽ سڀ صاف ڏسڻ ۾ پئي آيو جنهن ڪري گرمي وڌڻ لڳي. جيئن اڳتي پئي ويا تيئن ٻيلي جا وڻ به گهاٽا ٿيندا ويا. هاڻ گرمي جي شدت ايتري وڌي وئي جو ساهه ٻوساٽجڻ لڳو. هي هڪ بندرگاهه کان پنج ڇهه ميل پري هئا. جتي گاهه ۽ ٻوٽا درياءَ جي ڪپ تي بيٺا هئا ۽ ڪي گاهه ته درياءَ جي پاڻيءَ ۾ بيٺا هئا. آهستي آهستي درياءَ جو پيٽ سوڙهو ٿيندو ويو. وڻن جا جهنڊ ۽ انگورن جون وليون پاڻيءَ جي مٿان جهڪيون پيون هيون. خلاصي ٻڪڙ ۾ وهنتا پيا هئا ۽ وليون وڏي سنڌن تلوارون ٿي مڏيون ٿي ويون هيون. سنهن جيتن ۽ ڪت جا مڇا هنن جي منهن ۽ وات ۾ پئي پيا. ڪناري وارن وڻن مان پکين جا آواز ۽ جهنگلي جانورن جون دانهون ٻڌڻ ۾ پئي آيون. اچانڪ هڪڙي خلاصي فائر ڪيو ڊن ٻار ڏنو ته هڪڙو چيتو ڪناري وارن وڻن جي ڏار تي ويٺو هو ۽ ڌڪ لڳي وڃڻ جي سبب ڪهڙيون ڪندو هڪڙي وڻ تان ٻئي ٻي ٽپ ڏيندو پري ڀڄي ويو. شيدي خلاصي جي حالت ڏسي کلڻ لڳا جنهن تي هڪڙي خلاصي تلوار سان هنن تي حملي ڪرڻ خاطر لوڏو ڪاڍو ته مرڊس يڪدم ٻانهن کان جهلي منع ڪيس ۽ مٿي ۾ ڌڪ بہ هڻي ڪڍيائينس. آخر هو اڳتي وڌندا ويا. ڊن بار درياءَ جي ڪناري تي ڪئين واڳون ڏٺا جيڪي هنن جي ٻيڙي کي ڏسي پاڻيءَ ۾ ٽپندا ٿي ويا. اڃا اڳيرو ويا ته هنن

جهنگلي ڍڳا ڏٺا جيڪي درياءَ جي ڪپ تي ڪاوڙيا بيٺا هئا. ڪٿين پولڙا به وڻن تي پٺي ٽپيا ۽ ڪڏيا مگر انهن کي ڏڪ هڻڻ تمام مشڪل هو. هڪڙي هنڌ پولڙن هنن تي زبردست حملو به ڪيو هو ۽ ٻه ماڻهو زخمي ڪري وڌا هئائون. شيدين حڪم ڪيو ته هتي ٻيڙي کي موڙي ڪناري تي هلو. اتان درياءَ ۾ موڙ به هو ۽ وڻ بـه ڏاڍا هئا. ڊن بار جي هٿ ۾ به تلوار هئي ۽ وليون پئي وڍيائين ته هڪڙي هنڌ سڪل ڊنگهرن ۾ ڦاسجي ويو ۽ وڏـي دانهون ڪيائين. ٻين خلاصين ٻانهن مان جهلي ٻاهر ڇڪي ڪڍيس ته قميص ڦوندا تي ويس. ڊن بار ٽڪي ٽٽي ڪناري تي ويهي رهيو. آخر لاچار اتي واري ڪيائين تـه شيدين سيني کي چيوته هتي ويهي رهو. سڀ هيٺ ڪناري تي لهي ليٽي پيا، ڪن کي ته ننڊ ڪٺي وئي پر جيتن هنن کي ڏاڍا چڪ پاتا. جيئن ته اتي درياءَ جي موڙ سبب ڪناب هئي، ۽ پاڻي به ٿانگهو هو. تنهن ڪري ڪنهن بـه پاسي ڪاڻ ڪا ٻيڙي وغيره اچي ها ته اهي انهن کي ڏسڻ ۾ ڪون اچز ها. ٿانگهي پاڻيءَ وٽ ٻيهڻ جو مطلب اهو هو ته جنهن وقت حملو ٿيندو تـه، جي ڪوبه غلام وغيـره هيٺ ٽپو ڏيندو ته ٻڏندو ڪونه ۽ آسانيءَ سـان جهاجي سگهجندو. مرڊس به اها جڳهه پسند ڪئي. هنن کي هتي ڇڏي شيدي پورچوگيزن جي ٻيڙي کي ڏسڻ لاءِ اڳتي هليا ويا تيستائين مرڊس به خلاصين سان گڏ اتي ئي سمهي رهيو. ٻن ڪلاڪن

کان پوءِ شيدي ٻوڙندا واپس آيا. انهن ۾ هڪڙو انگريزي ڄاڻندو هو. تنهن مربس کي چيو ”پندرهن منٽن ۾ پورچوگيز هتي پهچڻ وارا آهن.“

”ٺيڪ. ڪهڙيون ٻيڙيون آهن؟“

”پنج.“

”پورچوگيز ڪيترا آهن؟“

”ڏهه ڄڻا آهن- هر هڪ ٻيڙي تي ٻه ٻه ڄڻا ويٺا آهن.“

”ڏاڍو سٺو هاڻ مقابلو سولائيءَ سان ٿي سگهندو.“

”هاڻ اسان کي ڏاڍ ڏيو ته اسين وڃون. اسان جي ڊيوٽي ختم ٿي“ شيدين نائب ڪپتان کي چيو.

”اڳواٽ هڪڙي پائي به نه ڏينداسين. غلام هٿ ڪرڻ کان هڪڙو سيڪنڊ به اڳواٽ رقم نه ڏينداسين“ شيدي ڪاوڙ جي پيا پر لاچار ماٺ ڪري ڪناري وارن وڻن ۾ لڪي ويا. مربس پنهنجن ماڻهن کي بندوقن سميت تيار ڪري قطار ۾ ويهاري لڪائي ڇڏيو. پورچوگيز به ڏاڍي خوشي مان پئي آيا ته واهه جو شڪار هٿ لڳي ويو آهي ۽ اڄهو هاڻ بندر گاهه تي رسياسين. فائدو به تمام گهڻو ٿيندا سين. هيڏانهن مربس پنهنجي همراهن کي هدايت ڪئي ته حڪم ملڻ کان اڳ ۾ ڪو به فائر نه ڪري ۽ جنهن وقت مان حڪم ڪريان ته يڪدم سڀ ڄڻا هڪ آواز ۾ فائر ڪجو. هر هڪ ٻيڙي تي ٻه ٻه پورچوگيز ويٺل آهن، هڪڙو اڳيان ٻيو پٺيان. اوهين به نمبر وار هر هڪ تي شست ٻڌجو ۽ ڏهن ئي ڄڻن کي

يڪمشت ڏڪ هڻجو. باقي ٻه خلاصي انهيءَ تاڙ ۾ رهن ته جيڪڏهن اتفاق سان ڪنهن جو ڏڪ گسي وڃي ته انهي تي اهي فائر ڪن. اچا ٻه جيڪڏهن ڪو پورچوگيز ٻچي وڃي ۽ ڀڄڻ جي ڪوشش ڪري ته ان تي حملو ڪري تلوار سان مارجو. تنهن کان پوءِ غلامن تي قبضو ڪيو ويندو. اهي هدايتون ڏئي هنن کي وڻ جي جهپٽن ۾ لڪائي ويهاري ڇڏيو.

ڪجهه دير کان پوءِ پورچوگيزن جي ويجهو اچڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. سڀ ٻيڙيون قطار ۾ پٺي آيون. ٻارنهن ٻارنهن ڇٽا غلام هرهڪ ٻيڙيءَ کي هاليسن سان هلائيندا پئي آيا. سيني جي ڳچين ۾ پڪيون سنگهرون پيل هيون ۽ هڪ ٻئي سان گڏ ٻڌا پيا هئا.

ڊنبار تين نمبر پورچوگيز تي نشانو ڪريو ويٺو هو. اهڙي طرح سيني جي بندوقن جون ناليون هنن تي کپي ويون. اوچتو مرڊس حڪم ڪيو "فائر" حڪم ملڻ شرط بندوقن جا ڪڙڪاٽ ٿيا ۽ سڀ پورچوگيز ڏڪ اکڻ شرط وڃي پاڻيءَ ۾ ڪريا. جنهن کي ڊن بار ڏڪ هنيو سو ٻيڙيءَ ۾ ئي هيٺ جهڪي ويو ۽ ڏڪ گسي ويو هوس. حقيقت ڪري ڊن بار جو ڏڪ نه گتو هو مگر هن فائر ڪيو ئي ڪونه هو. پورچوگيز هيٺ نئوڙي بندوق کڻي ۽ ڊنبار جيئن هيٺ لٿو ته هن مٿس بندوق جو نشانو ٻڌو. تيستائين ڊنبار مٿس فائر ڪيو مگر هو ٻيڙيءَ جي پٺيان لڪي ويو. ايتريءَ ۾ مرڊس جا ماڻهو تلوارون هٿن ۾ ڪري

پاڻيءَ ۾ گهڙي پيا. ٻنبار اڳتي ڪونه وڌيو. هن جي لاءِ خون ڪرڻ ڪو ڏکيو ڪونه هو مگر هن کي خبر هئي ته بيگناهه خون ڪرڻ آسان ڪونهي. هن ڏٺو ته سنڌس ساٿي ٻيڙين تي چڙهي ويا ۽ غلامن کي ماريندا هيسائيندا پٺي آيا. ڪن کي تلوارن جي ڌڪن سان زخمي به ڪري وڌو هئائون. درياءَ جي پاڻيءَ ۾ رت جون لهرون پئي هليون. سيني کي وٺي اچي پنهن جي ٻيڙي ۾ چاڙهيائون. هڪڙي پورچوگيز ٻيڙين وٽان دانهن ڪري چيو "خدا جي واسطي منهن جي مدد ڪريو." مگر ڪنهن به سنڌس مدد نه ڪئي. سڀ غلامن کي ٻيڙيءَ ۾ چاڙهڻ ۾ مصروف هئا. ٻنبار جي بندوق به پاڻي ۾ ڪري پئي مگر هو سنڌس مدد لاءِ اڳتي وڌي ويو. بادشاهه جا چاڙتا شيدي غلامن کي پنهن جي ٻولي ۾، مات ڪرڻ لاءِ چئي رهيا هئا. هنن ملت ڪئي ڪئي. ڇو جو کين خبر هئي ته هڪڙن جي غلامي مان ڇٽي ٻين جي حوالي ٿيا آهيون. ڪو فرق ڪونهي. هنن مان ڪو به مٿو ڪونه هو. هنن کي جهاز هڪ سال کان به وڌيڪ عرصو گذري چڪو هو ۽ هڪڙن جي هٿان ٻين وٽ ست اٺ دفعا وڪامندا رهيا هئا. تنهن ڪري هنن لاءِ هي به ڪا وڏي ڳالهه ڪانه هئي. مردن غلام ڳٺي رهبر شيدين کي رقم ڏني ۽ غلام پنهن جي قبضي ۾ ڪري ڇڏيا. هاڻ هنن کي وٺيو سڀ خلاصي لڌندا ۽ هڪ ٻئي سان پوڪ مذاقون ڪندا بندرگاهه ڏي وڌندا آيا. هنن کي گذريل فائرنگ وغيره سڀ وسري وئي. ٻنبار ڏٺو ته

پورچوگيز هن کي چتائي ڏسي رهيو هو آخر ٻنبار کيس چڏي مرٻس سان گڏ واپس آيو هو. هن کي پورچوگيزجو چتائي ڏسڻ ياد پئي آيو ۽ دل ۾ خيال ڪيائين ته ڇاغلامن جي شڪاري کي جيئري رهڻ جو ٻيا مدد حاصل ڪرڻ جو حق آهي؟ ڇا اهو مناسب هو ته سيني کي ماريچڏجي؟

”ها.“ ورگل ٻنبار پاڻ به غلامن جو شڪاري هو. هن به ٻين ماڻهن کي جانورن وانگر ئي سمجهو! هؤ به قاتلن ۾ ڳڻار هو. هن کي ڪئين خيالات اچي رهيا هئا. جيوبيليشن جي خلاصين ۾ ۽ پورچوگيزن ۾ ڪهڙو فرق هو. ٻنهي جا ڪم ساڳيا هئا، پوءِ هنن ڇو هنن کي ماريو؟ فرق صرف اهو هو ته پورچوگيز غريب هئا.

ٻئي ڏينهن صبوح جو هارينبي بلملاح جي دربار ۾ اڪيلو ويو. هن کي چوراسي غلامن جا ۲۵۲۰ ڊالر ڏيڻا هئا مگر حملي وقت مرٻس کان ۴۸۰ ڊالر پاڻيءَ ۾ ڪري پيا هئا. هاڻ هن کي چوراسي غلامن جي بدلي ۾ ڪل ۳۰۰۰ ڊالر خرچ ڪرڻا هئا.

هارينبي کي بلملاح جي دربار ۾ آندو ويو، جتي هن کي البت ڪا گڙ بڙ ڏسڻ ۾ آئي ۽ دل ۾ خيال ڪيائين ته ڪجهه به هجي ان ۾ اسان جو ڇا. ماحول خراب ڏسڻ ۾ اچي رهيو هو. هارينبي خاموش بيٺو هو ۽ ڏٺائين پئي ته ڪن ڪارن ماڻهن ۾ پريشاني جا آثار ڏسڻ ۾ پئي آيا. ڪي ته هن وانگر بلڪل بي خبر به هئا. ٽيڪومو ڪجهه قدر پريشان ڏسڻ ۾ آيو ٿي. هن بادشاهه جي حڪم جو

اعلان ڪيو. بادشاهه تخت تي ويٺو هو. هارينبي کي حڪم ٿيو ته ٻه ٽي قدم اڳيرو ٿــي بيهه. ٽيڪومو چيو ”بادشاهه سلامت فرمائي ٿو ته هارينبي جي ڪن ماڻهن جــو نقصان ٿيو آهي ان لاءِ اسـان کي ڏکـ آهي. اسان کي هن سان دلي همدردي آهي.“

”هن ڏنڌي ۾ اهي ڪم ٿيندا آهن جناب، ڪا وڏي ڳالهه ڪانهي.“ هارينبي اخلاقي طور جواب ڏنو.

”بادشاهه اوهان کي ڪا خوشخبري ٻڌائڻ ٿو چاهي.“

”اسان کي خوشي ٿيندي. ڪهڙي خوشخبري آهي؟“

”رات اچانڪ غلامن جو هڪڙو قافلو اچي ويو آهي ۽ بادشاهه سلامت اهي غلام اوهان کي ڏيڻ ٿــو چاهي.“ ٽيڪومو چيو ”ته جيئن اوهين خالي هٿن نه وڃو.“

”قافلي ۾ گهڻا غلام آهن؟“ هارينبي پڇيو.

”چوراسي.“ ٽيڪومو جواب ڏنو.

جيڪڏهن في غلام ٽيهه ڊالر مقرر ڪجن تــه ڪل رقم ٿيندي...............

”ٻه هزار پنج سئو ويهه ڊالر“ هارينبي جواب ڏنو.

”بادشاهه سلامت گهڻي رقم ٿو گهري؟“ هارينبي پڇيو.

”ڪپتان صاحب اوهان کي خبر آهي تــه هياڪي غلام تمام گهڻا مهانگا آهن گهٽ ۾ گهٽ نــوي ڊالر في غلام قيمت اٿن. مگر اوهان سان ڪجهه مروت ٿيندي.“

”ها. حالات جي لحاظ کان مروت ٿيڻ کپي“

”حالات جي لحاظ کان! مون نه سمجهيو. ٽيڪومو چيو.

”واقعي تو نہ سمجهيو هوندو مون کي ڪجهہ مالي نقصان رسيو آهي جنهن ڪري ايتري قيمت ادا ڪري نٿو سگهان. جيڪڏهن بادشاهہ سلامت اهو سوچي ته اسين سندن پراڻا گراهڪ آهيون، تہ چوراسي ۾ سورنهن پيا غلام وجهي سؤ پورو ڪري ڏئي تہ مان سؤ غلامن جا اٺ هزار ڊالر ڏئي سگهان ٿو.“

ٽيڪومو بلملاح سان صلاح مشورو ڪري ڪپتان کي هدايتو تہ ”بادشاهہ سلامت اوهان سان همدردي ڪندي. اها ڳالهہ قبول ٿو ڪري.“ هارينبي هنن جو شڪريو ادا ڪيو. بلملاح وري ٽيڪومو کي ڪجهہ چيو جنهن تي ٽيڪومو جي منهن لهي ويو ۽ چيائين ”بادشاهہ سلامت چوي ٿو تہ هو اوهان کي ڪجهہ تحفو بہ ڏيڻ ٿو چاهي.“

”هون؟“ هارينبي خوش ٿي پڇ ڪرڻ لاءِ پڇيو.

بلملاح سخت ڪاوڙ ۾ ٽيڪومو کي ڏسي رهيو هو. ٽيڪومو صفا مايوس ٿي ويو. بادشاهہ تاڙي وڄائي جنهن تي هڪڙو غلام اندران هڪڙو چانديءَ جو ٿالهہ کڻي آيو جنهن ۾ ڪا شيءِ رکيل هئي ۽ مٿان ريشمي رومال سان ڍڪيل هئي. بادشاهہ ڪنڌ لوڏيو ۽ غلام ٿالهہ تان ڪپڙو لاٿو. هارينبي ڏٺو تہ ٿالهہ ۾ هڪڙي شيدي جي سري رکي هئي. هارينبي حيران ٿي ويو. ٽيڪومو اول سري کي ڏنو ۽ پوءِ زور سان ڏانهن ڪيائين. ڏانهن تي ٻاهر بيٺل باڊي گارڊ تلوارون هٿن ۾ ڪري زور سان در کولي اندر

لنگي آيا. باڊي گارڊ نهايت برجستا ۽ ڊگها شيدي جوان هئا. هڪڙي اڇڻ شرط اڇي آيڪوموکي ڪنڌ ۾ هٿ وڌو. هارينبي تي خوف طاري ٿي ويو. پوئتي نهاريائين تہ دربار جي ماڻهن اٽڪل ڏهن ٻارنهن ڄڻن دربار جي پهريدارن وغيره کي گرفتار ڪري ورتو. انهن مان هڪڙي پستول ڪڍيو تہ ٻئي يڪدم تلوار هٿي سسي لاهي وڌيس. بادشاهہ جي پيرن ۾ ويٺل دربان يڪدم خنجر ڪڍي ٽيڪومو تي لوهہ ڪئي پر باڊي گارڊ ٽيڪومو کي پري هٽائي ڌڪ کان بچائي ورتو. بادشاهہ دربان کي منع ڪئي. دربان نهايت غصي ۾ ڀرجي وري اچي بادشاهہ جي پيرن ۾ ويٺو ۽ خنجر بند ڪرڻ کان انڪار ڪيائين. هاڻ هوُ دربار ۾ هرهڪ ماڻهوءَ کي چتائي ڏسي رهيو هو. خاص ڪري جيڪو بہ هيڏانهن هوڏانهن چُريو ٿي تہ ان کي خاص طرح جاچيائين ٿي. هڪڙو ايرو ۽ ڪمزور ماڻهو ٽيڪومو جي جڳهہ تي وزير جي حيثيت ۾ اچي بيٺو ۽ جاپاني ٻولي ۾ تقرير ڪرڻ لڳو جنهن کان دربار ۾ حاضر سڀ ماڻهو ڪنبيا پئي. تقرير ختم ڪري هارينبي سان تنقل ڦتل انگريزي ۾ ڳالهايائين. هن تاڙي واري سريءَ ڏي هٿ ڪئي هارينبي کي چيو ”هي بلملاح جو سوٽ....ٽيڪومو .... ٻيا .... هنن سان منصوبو .... بلملاح کي قتل ...... ڪجهہ مري ويا .... ٻيا گرفتار . .. ٽيڪومو .... سڀ غلام .... توکي ڏجن ٿا .... هنن وڏو ٽيڻ جي ڪوشش ڪئي .... انجام گهٽ .... بادشاهہ بلڪل خوش .... هي غلام

تو لاءِ سوڪڙي .... هنن ڪي ظالمن هٿ فروخت ڪجاز .... نيڪ؟“ هاربنبي ڳالهه سمجهي ويو ۽ چيائين ”بادشاهه ڪي چئو سوڪڙي لاءِ شڪريو ٿو ادا ڪريان. هنن ڪي اهڙن ڏکين ۽ خراب مالهن وٽ وڪڻندس جتي هنن کي بادشاهه سان غداري ڪرڻ جو نتيجو ملي ويندو. بادشاهه جي جان ۽ عزت جي بچاءَ لاءِ منهن جي طرفان مبارڪ ڏيو.“ هن بادشاهه کي ڪپتان جاگفتا جافي ٻولي ۾ ترجمو ڪري ٻڌايا. بادشاهه هٿ لوڏيو ۽ هن کي وڃڻ جي اجازت ڏني. هاربنبي واپس پنهن جي جهاز تي ويو جتي ٻ-ن ڀرن کان ٿورو پوءِ غلام ٻـ جهاز تي پهچي ويا. هولسٽر ٽيڪومو کي غـلام ڏسي، سندس غداري جي ڳالهه ٻڌي، هن کي ڏاڍو ڳالهايائين ۽ ملامت ڪيائين. پوءِ سڀني قيدين کي جدا هڪڙي ڪاراٽين ۾ بند ڪري ڇڏيائون.

سرجن ولڪس کي مليڪينٽ جـو تمام گهڻو خيال ٿي پيو هو. هـو ٻين غـلامن کـان تمام گهڻو ڏيـان هنن ڇوڪرين تي ڏيندو هو ۽ ڇوڪريون ٻه هن کي تمام گهڻو ياد ڪنديون ۽ هن کي ڏسي خوش ٿينا ۽ن هيون. سرجن دل ۾ خيال ڪيو ته هاربنبي صحيح ٿو چوي؛ هي ڇوڪريون هتي پنهنجن گهرن کان ٻه وڏيڪ خوش گذارينديون. هـن اهي خيال پئي ڪيا ته هولسٽر وٽس آيو ۽ چيائين ”سرجن! توکي يـاد آهي جـو اڳهر تو چيو هو تـه هنن شيدين جي جهالت جـو مان توکي ٻڌائيندس؛ هـاڻ مونکي هنن جي حقيقت کـان ڪجهه واقـف ڪر.“ ولڪس چيس ”ها،

ڪجهه دير ترس، مان ڪلاڪ ڪن ۾ اچان ٿو پوءِ پلاٽ ان بابت ڳالهايون ٿا". ولڪس جڏهن واپس آيو ته هولسٽر کي چيائين "مسٽر هاريئبي چيو آهي ته مانـي ڪاٺ ڪان پوءِ مسٽر هولسٽر کي مون وٽ وٺي ايندا ته گڏجي پيڪ پائي به ڪنداسين ۽ ڪچهري به ڪنداسين."

"ڪپتان وٽ؟" هولسٽر پڇيو.

"ها- ڪپتان اها ڳالهه اوهان کي مون کان وڌيڪ سولي نموني ۾ سمجهائيندو." پوءِ هو ٻئي ڄڻا گڏجي ڪپتان جي ڪئبن ڏانهن ويا. ڪپتان هن سان هٿ ملائيندي چيو "مسٽر هولسٽر، اڄ اوهان منهن جي محفل ۾ آيا آهيو- ان لاءِ مونکي ڏاڍي خوشي محسوس ٿي آهي."

"مگر اها ته منهن جي خوش نصيبي آهي، ڪپتان صاحب!"

"مسٽر ولڪس!" ڪپتان ولڪس ڏي ڏنو ته هن چيو "معاف ڪندا ڪپتان، مونکي ڪن مريض عورتن کي ڏسڻو آهي- تنهن ڪري مان هلان ٿو."

"ها، سمجهيم. اوهين ڀلي وڃو." ولڪس اٿي ويو. پوءِ ڪپتان ڪئبن جو در کولي اندر گهڙي لالٽين ٻاريو ۽ هولسٽر کي اندر سڏ ڪيو. ڪئبن ايتري وڏي ڪانه هئي، پر تنهن هوندي به هولسٽر جي ڪئبن کان ڪجهه وڏي هئي. "ويهو." ڪپتان هولسٽر کي چيو ۽ هو ويٺو. ڪپتان جي ڪئبن ۾ ننڍڙا طوطا پڃرن ۾ بند ويٺا هئا ۽

هولسٽر رنگ برنگ جا ننڍڙا طوطا ڏسي رهيو هو. اهي اٽڪل ٻه درجن طوطا هئا. ڪپتان برانڊي جي بوتل کولي ٻن گلاسن ۾ وڌي ۽ هڪڙو گلاس هولسٽر ڏي وڌايائين ۽ پاڻ اٺي پکين جي ويجهو آيو. انهن کي داڻو کارايائين ۽ سڀ پکي ان کائڻ کي لڳي ويا.

ڪپتان هولسٽر کي چيو ته ”مسٽر ولڪس مونکي ٻڌايو ته اوهين غلامن بابت ڪجهه معلومات حاصل ڪرڻ گهرو ٿا!“

”او، ها، ها. دراصل مون مسٽر ولڪس کان پڇيو هو، جنهن اوهان جي لاءِ چيو ته ڪپتان صاحب هن باري ۾ ڪجهه ڳالهيون ٻڌائي سگهي ٿو.

”مسٽر هولسٽر، اول اوهين مونکي اهو ٻڌايو ته اوهين غلامن بابت معلومات حاصل ڪرڻ چو ٿا چاهيو؟“

”مان هنن کي سمجهي نه سگهيو آهيان. ٿي سگهي ٿو هي بلڪل وحشي هجن؛ يا غريب ۽ بيوس هجن؛ يا اڃا ٻي ڪا ٻي ڳالهه هجي، تنهن ڪري اڪثر انهن بابت پريشان رهندو آهيان.“

”اوهان هياڪ وارن شيدين بابت ڇا محسوس ڪيو؟“ ڪپتان پڇيو.

”اڄ تائين مون ايئن ڪڏهن به نه سمجهيو هو ته ڪو شيدي به ڪٿي شهر ٻڌي رهي سگهن ٿا، پر هنن کي ڏسي مونکي عجب لڳي ويو.“ هولسٽر چيو.

”نه، نه، فقط شهر بلڪ هنن جي شهنشاهيت آهي.

شهنشاهيت ۾ اهڙي جتي هو اٽڪل پنجاهه لک ماڻهن تي حڪومت ڪن ٿا.“ هارينبي جواب ڏنو. پوءِ مسٽر هارينبي، هولسٽر کي پاڻهن کان جهلي انهن هياڪي غلامن جي ڪمرا تين جي در تي وٺي آيو ۽ دروازو کولي هن کي غلام ڏيکاريائين، ”هي ڏس.“ وري کيس ڪٿين ۾ واپس وٺي آيو. جتي هن ڪيٽ مان، هڪڙي تمام پراڻي ٽامي جي پليٽ ڪڍي ڏيکاري جنهن جا ڪنا پري چڪا هئا ۽ ان جو رنگ به ڪٽان ڪٽان لهي ويو هو. پليٽ تي آفريڪا جي هڪڙي قديم ترين شهنشاهيت جا آثار اڪريل هئا ۽ رنگ برنگي نقش نگار اڪريل هئا. جيڪي نهايت خوبصورت ۽ صحيح طور تي نهيل هئا. ڪپتان هن کي چيو ”جنهن زماني ۾ يورپ وارن کي هن هنر جي ڪا خبر ڪانه هئي تڏهن آفريڪا وارن هي پليٽ ٺاهي هئي.“ وري ڪپتان ڪيٽ مان ڪجهه ٻيون نادر شيون ڪڍي هن کي ڏيکاريون جن ۾ آفريڪا جي رهاڪن جو ڪاٺ تي ڪيل هنر ۽ ٻيا زيورات ڏيکاريا ۽ انهن زيورن رکڻ جو هڪ بهترين ۽ خوبصورت ڪاٺ جي پيٽي به ڏيکاري جيڪا هنن ڪنهن جهوني دؤر جي قبرستان مان کوٽائي دوران لڌي هئي. ٻيا به عاج جي ڪم جا ڪئين نادر نمونا ڪڍي هولسٽر کي ڏيکاريا جيڪي، هنن قديم زماني جي مندرن ۽ محلاتن مان هٿ ڪيا هئا. تنهن کان پوءِ مسٽر هارينبي وري اچي پنهن جي ڪرسي تي ويٺو ۽ چيائين ”هولسٽر صاحب، فن مان ٿي ڪنهن ملڪ جي قديم هنر، تهذيب ۽ ثقافت

جو پتو لڳائي سگھبو آهي. ماڻ اوهين خود اندازو لڳايو ته هي ڪارا ماڻهو گورن کان به اڳي جا مهذب ۽ سڌريل انسان آهن. هن وقت به هنن کي گورن جيترو ئي قديم ۽ سڌريل هجڻ کپي ها." هولسٽر وڪٽي جا به ڏيک پري چيو "واقعي اوهان سچ ٿا چئو."

هارينبي چيو "اوهان کي ڪا ڳالهه وڻي يا نه وڻي مگر چاڪاڻ ته اوهان جو والد مرحوم، منهنجي جي، هن ڪم ۾ تمام گهڻي همت افزائي ڪندو هو ۽ ڪافي رقم سيڙائيندو هو. تنهن ڪري فقط اوهان کي هن حقيقت کان واقف ڪرڻ ضروري سمجهي اوهان کي هي قصو بيان ڪري ٻڌايو اٿم."

"بس، بس، مهرباني؛ وڌيڪ تڪليف نه ڪريو" هولسٽر چيو ۽ اٿڻ واري ڪيائين جنهن تي ڪپتان هن کي وري ويهاري چيو "هولسٽر، جيڪڏهن اوهين فقط هڪڙي هنڌ لنگ لنگ تي رکي ويهي رهڻ چاهيندا هجو ته اها اوهان جي مرضي آهي؛ باقي جيستائين مان جيئرو آهيان تيستائين مان هي ڏندو چڏي سست تي نه ويهندس."

هولسٽر ماٺ ڪري هن جي ڳالهه ٻڌڻ لڳو. هارينبي وري چيو "جڏهن هي ڪارا اوج تي هئا ۽ سندن تهذيب ۽ ثقافت جو عروج هو، تڏهن اسان جا يورپي اڻا غارن ۾ چرن ۾ رهندا هئا. بلڪل اڻ سڌريل هئا ۽ بت کي آسماني رنگ سان رنگيندا هئا. ان وقت آفريڪا ۾ ڪئين تهذيبون جنم وٺي چڪيون هيون. جه ڙوڪو مشنڊنگو ڪرومنتي،

جافي، ڊاھومي ۽ اڏ درجن کن ٻيون تهذيبون موجود هيون. هنن وٽ اهڙا بهترين سماجي قانون ۽ قاعدا رائج هئا جهڙا هـن وقت يورپ جـي اڏو اڏ ملڪن ۾ رائج آهن. مسٽر هولسٽر، هي ڪارا ماڻهو آهي آهن جيڪي جيڪڏهن اسان کان بهتر نہ آهن تہ خراب بہ ڪينهن. مگر هنن ڪمبختن جو اڪثر وقت پاڻ ۾ وڙهڻ ۽ هڪ ٻئي تـي ظلم ڪرڻ ۾ ضايع ڪيو آهي. ڪپتان هارينبي توڻي ٻياگورا لوڪ، هڪ ٻئي کي ڪڏهن بہ غلام بڻائي وڪڻي نٿا سگهن." هارينبي اهـي ڳالهيون ڪندي اٿـي بيٺو ۽ اڳتي پوئتي ٽهلندو رهيو. "اوهين مونکي ڪوبہ اهڙو مثال ڏئي سگهو ٿا جڏهن گورن هڪ ٻئي سان جنگ ۽ لڙائي ڪئي هجي؛ اهڙو ڪو مثـال موجود ڪونهي تہ هنن ڪڏهن پنهنجن اڇي چمڙي وارن پائرن کي غـلام بڻائي غيرن جـي هٿ وڪڻي ڇڏيو هجي. اوهان ڪڏهن بہ ڪو انگريز گولو ۽ ٻانهو نہ ڏٺو هوندو. گولو معني غلام؛ غلام معني ٻانهو، جنهن کي ڪوبہ بنيادي حق حاصل نہ هجي!" هارينبي، هولسٽر جـي ويجهو اچي هن جـي ڪلهن تـي ٻانهون رکي چيو "اسين ڪڏهن بہ شيدين جا غلام نہ ٿيا آهيون. شيدي اسان جا غلام ٿيا آهن. انهيءَ مان اوهين هنن جي گهٽ ذهنيت جو اندازو لڳائي سگهو ٿا. هولسٽر صاحب، سـوال گوري ڪاري جـو ڪونهي، مگر پاور جـو سوال آهي. هڪڙو ماڻهو ست فوٽ ڊگهو آهي تـہ اهو پنج فوٽي ۽ بندري ماڻهوءَ کان وڌيڪ طاقت يعني پاور وارو آهي؛ هـو پنهن

جي هرڪا مرضي بندري ڪان ميراڻي ٿو سگهي. پر جي انهي بندري وٽ بندوق آهي ته پوءِ هوُ انهي ڏکهي ڪان وڏيڪ پلور وارو آهي. اسان وٽ پاور هو ۽ هنن وٽ ڪو پاور ڪونه هو، انهيءَ پاور جي ڪري اسين هنن تي غالب ٿيجي وياسين. طاقت ۽ پاور سڀ ڪجهه آهي ۽ اهوئي قدرت جو به اصول آهي. وڏو هميشه ننڍي کي شڪار ڪندو آهي. هميشه ايئن ٿيندو رهيو آهي ته ڏاڍو هيٺي کي ميساڻيندو رهيو آهي ۽ هيساڻيندو رهندو. انهيءَ حقيقت کان ڪوبه انڪار نٿو ڪري سگهي."

"مگر اها ته هڪ قسم جي وحشانيت ٿئي. اخلاق ۽ مذهب به ته اهميت رکي ٿو،" هولسٽر چيو.

"برابر مگر اها به ڪمزورن جي ايجاد آهي. اهو به ڏاڍي جي طاقت تي قبضو ڪرڻ ۽ پاور استعمال ڪرڻ جو طريقو آهي. اوهين ڪنهن به ماڻهو کي پاور ڏئي ڏسو ته پوءِ هو ڪيتري مذهب ۽ اخلاق جي پابندي ٿو ڪري ۽ پاڪ پوتر تي زندگي ٿو گذاري!" هولسٽر هن جون ڳالهيون ٻڌي ڪنڌ سان هاڪار ڪئي. هارينبي هاڻ ڳالهائي ڳالهائي ٿڪي پيو هو ۽ ميزجي هڪڙي ڪنڊتي ٽيڪ ڏئي ويٺو. هاڻ هوُ ننڍڙن پکين کي ڏسي رهيو هو ۽ ٿوري دير لاءِ ڪئبن ۾ بلڪل ماٺ ٿي وئي. "چڱو ڪپتان صاحب، هاڻ موڪل گهرجي." هولسٽر چيو.

"ماشاءَ الله، ٻيڙا ٻار، خدا حافظ" هارينبي چيو ۽ هولسٽر ٻاهر نڪري پنهن جي ڪئبن ڏي هليو ويو. هارينبي

ڊري اتي نئين طوطن کي ڏسي انهن سان دل وندرائڻ ۾ لڳي ويو.

سرجن والڪس انهن چوڪرين کان تمام گهڻو متاثر ٿيو هو. هن بورچي کي ڪجهه پئسا ڏئي ڇهه عدد مٺيون ۽ بهترين پيسٽريون تيار ڪرايون. پيسٽريون نهي تيار ٿيون ته هو آهي ڪٺي چوڪرين وٽ ويو. مليڪينٽ ۽ ٻيون هي پيسٽريون ڏسي ڏاڍو خوش ٿيون. "هي پيسٽريون اوهان اسان لاءِ آنديون آهن؟" چيري، سرجن کان پڇيو. "ڇا هي سڀ اسان لاءِ آنديون اٿو؟" ايني ٻيو سوال ڪيو.

"نه، هي مان فقط انهي لاءِ آنديون آهن ته فقط اوهان کي ڏيکاري، پوءِ ڊيڪ تي متي وجي، اتان ذرا ذرا ڪري پاڻيءَ ۾ اڇلايان ۽ ننڍين مڇين کي کارائي ڇڏيان."

والڪس ڪوڙ ڪري منهن تي ناراضگي جا آثار پيدا ڪري هنن کي جواب ڏنو.

"سرجن ناراض ٿي پيو آهي" گريس، چيري ڏي نهاري ۽ نماڻائي سان چيو. "سرجن، ڇا تون اسان کان ناراض ٿيو آهين؟" "ها، بلڪل ناراض" والڪس جواب ڏنو "اسان اهڙو ته ڪوبه گفتگو نه ڪيو آهي!" چيري چيو، "اوهان مونکان پڇيو ڇو ٿيون ته هي ڪنهن جي لاءِ آنديون اٿم؟" والڪس چيو "جيڪڏهن اوهين اهو سوال ڪنديون ته مونکي ضرور ڏک ٿيندو." مليڪينٽ انيئي خاموش ويٺي هئي ۽ ائين، گريس ۽ چيري به مات ڪري ڊري ٿي ويهي رهيون. آخر سرجن هن کي کلائي خوش

ڪري پيستريون هنن کي ڏنيون.

”يلا هوليءَ لاءِ؟“ چيري سرجن کان پڇيو. ”هولي کي في الحال ڪابه مني شيءِ کائڻي نه آهي.“ ”مطلب ته جيستائين هوءَ چڱيڀلي نه ٿيندي تيستائين بيسڪري نه کائيندي. تنهن ڪري هي سڀ اسين کائون ته ڪو هرج ڪونهي؟“ اينئي پڇيو. ”ڪو هرج ڪونهي. مون هن سان واعدو ڪيو آهي ته جڏهن هوءَ چڱي ڀلي ٿيندي ته مان هن کي اهتريون پيستريون ڪارائيندس جو هوءَ کائي کائي ٿڪجي پوندي.“

”واهه واهه هولي تنهن جا نصيب!“ ايئن چئي اينئي هڪڙو ٽڪر پيچي وات ۾ وڌو ۽ کائڻ لڳي. مليڪينٽ سرجن جي اکين ۾ ڏٺو ته سرجن هر گهڙي اکيون هيٺ پاسي ڦيرائي ٿي ڇڏيون. مليڪينٽ سمجهو هئي هن کي سرجن جي گفتگو مان هولي جي ناچاڪيءَ جا شڪ پئي جاڳيا. جيئن ته قيدخاني ۾ هنن سان ڪنهن به پيار ۽ محبت سان نه ڳالهايو هو تنهن ڪري سرجن ولڪس جي ٻن ملاقاتن ۾ ٿي هو سڀ هن سان هري مري ويون ۽ هن جي ڳالهه نهايت ڌيان سان ٻڌنديون هيون، تنهن ڪري ولڪس به هنن وٽ اڪثر اچڻ ضروري سمجهندو هو. ڇوڪريون هن کان اڪثر سندس ڌيئن جون ڳالهيون ٻڇنديون هيون. ولڪس به هنن کي پنهنجون ۽ پنهنجي ڌيئن جون سڀئي ڳالهيون ٻڌائي ڇڏيون هيون. هنن جو ڏاڏو پيئو، ڪيڏا لنا ۽ پيا به ڪيئن قصا هنن کي ٻڌائي

چڪو هو. گريس چيس ”ڀلا تون هردفعي جهاز تي مسافري ڪرڻ ڇو ٿو وڃين؟ تون هنن سان گڏ رهڻ نٿو چاهين؟“
”هي منهنجو آخري سفر آهي. هن کان پوءِ مان هميشه انهن سان گڏ رهندس ۽ مان، الائيس ۽ الائيشا هميشه گڏ رهنداسين.“
”پوءِ جي انهن سان رهندين ته اسان وٽ ڪيئن ايندين؟“
”تو چيو هو نه، ته مان اوهان وٽ ايندو رهندس؟“ ائين پڇيو.
”مونکي ڪير به مسافري ڪرڻ کان روڪي نٿو سگهي، مان اوهان وٽ ايندس پيو“ ولڪس هن کي جواب ڏنو.
”الائيس ۽ الائيشا کي به وٺي ايندين؟“
”مان ڪوشش ڪندس.“
”اسان ته جي ڏيئن سان ملڻ ٿيون چاهيون.“
”بيشڪ ملجو، هو به اوهان سان ملي ڏاڍيون خوش ٿينديون.“ سرجن ڪجهه دير کان پوءِ هنن کان موڪلائڻ واري ڪئي: ”چڱو هاڻ مان وڃان ٿو.“ ”ڊاڪٽر!“ مليڪينٽ چيو. ”جي.“ ”اوهان جو پهريون نالو ڇا آهي؟“
”جان“ ولڪس چيو. ”جيڪڏهن ناراض نه ٿيو ته اسين اوهان کي چاچا جان ڪري ڇڏيون؟“ سيني هن جي منهن ۾ حسرت جي نگاهه سان ڏٺو. ”او! بلڪل ڀلي، مونکي اهو نالو پسند آهي.“ ائين هن کي ڳچيءَ ۾ ڀاڪر پاتو ۽ چمي ڏني. ڇيري ۽ گريس به، هن کي چنبڙي ويون. مليڪينٽ ڪجهه وڏي هئي، سا فقط هن جي ڀر ۾ ٿي بيٺي ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيائين. ولڪس سندس مٿي تي هٿ

رکيو. مليکمينٽ ڪنڌ مٿي کنيو تہ هن جي اکين مان لڙڪ ڪري پيا ۽ چپن تي مرڪ ڏسڻ ۾ آئي. پوءِ ڊاڪٽر هنن کان موڪلائي ٻاهر هليو ويو.

ڊن بار پاڻ کي خوش نصيب سمجهي رهيو هو ۽ سوچي رهيو هو تہ هتان زنده واپس وطن پهچي ويندس ۽ پوءِ "اٻاليشن سوسائٽي" جو ڪارڪن ٿي ڪم ڪندس ۽ ايتري تائين ڪم ڪندس جيستائين هي واپار بلڪل بند ٿي وڃي ۽ سڄي دنيا هن ناجائز ڌنڌي کي رد ڪري ڇڏي. ڊن بار ڏٺو پئي تہ ليانا هن کان نفرت نٿي ڪري. جيڪا عارضي نفرت پيدا ٿي هئي ان جي هن کي خبر نٿي پئجي سگهي تہ آخر اها ڇو پيدا ٿي آهي، جيتوڻيڪ ليانا دلي طرح هن کان ڊڄندي هئي پر وري بہ ڏکئي وقت ۾ بچاءَ خاطر ڊن بار جي ويجهو ڊوڙي ايندي هئي. ڊن بار ڪڏهن بہ اهو نہ سوچيو هو تہ هن جيڪو مٿس احسان ڪيو آهي ان جو هن کان بدلو ڪنهن بہ صورت ۾ وٺان.

جيوبيليشن هڪڙي هند ڪناري ڏانهن رخ موڙيو. سامهون يوسف عبد بن احمد جو محلات ڏسڻ ۾ پئي آيو. محلات جا ڪنگرا ڏسي سرجن ولڪس جي دل ۾ مايوسي پيدا ٿيڻ لڳي. جهاز ڪناري کان ٿورو پري بيٺو هو. ولڪس محلات ڏي ڏٺو ۽ دل ۾ سوچيو تہ اهو آهي هنن يورپي ڇوڪرين جو محل جتي ڪجهہ ڏينهن رهنديون ۽ پوءِ الائي ڪيڏانهن وڪامي وينديون. ۽ پوءِ هنن جو ڇا حشر ٿيندو، سو هن جي سوچ کان ٻاهر هو. ولڪس خلاصين

ڪي به پئي ڏنو جيڪي ڪناري سان لهي گهمڻ ڦرڻ لاءِ آيا هئا.

ڪو وقت اڳ بن احمد غلامن جو وڏو واپاري هو. غلام وڪڻي هٿيار خريد ڪندو ويو. قسمت هن جو ساٿ ڏنو ۽ آخر هن شيدين جي هڪڙي زبردست فوج تيار ڪري ورتي ۽ سڄي صوبي جـو بادشاهه بڻجي ويو. هن وقت هو بلڪل پيرسن تي پهتو هو، جسم طاقت ڇڏي ويو هوس؛ تنهن ڪري هاڻ هن غلامن جو عام واپار ڇڏي ڏنو هو. هاڻ فقط نوجوان ڇوڪريون خريد ڪندو هـو ۽ پاڻ وٽ اونڌين جي صورت ۾ رکندو هو ۽ خاص خاص ماڻهن کي وڏي رقم تي وڪڻي ڇڏيندو هو. هو اهو خيال نه رکندو هو ته ڪاريون ڇوڪريون گورن کي ڏئي يا گوريون ڪارن کي ڏئي. جتان سٺا پئسا ملندا هئس ان کي ڏئي ڇڏيندو هو.

سرجن واڪس جنهن خلاصي جي پير جي پٽي ڪئي هئي سو سور ڪان دانهون ڪري رهيو هو. سرجن هن وٽ ويو ۽ پيهر پٽي کولي سولي طرح علاج ڪري پٽي ٻڌي ڇڏيائينس. ”اوهان جي مهرباني سرجن صاحب، مونکي پهرين ته اهڙو سور پئي ٿيو جو مٿي ۾ به چڪر پئي آيم“ خلاصي هن کي چيو. اچانڪ هڪڙي خلاصي دانهن ڪري چيو ”مار! هو ڏانهن ته ڏسو!“ سامهون ساون سوٽي ڪپڙن ۾ چار يورپي ڇوڪريون هڪڙي ڪئبن مان نڪري ڊيڪ تي مٿي اچي رهيون هيون ۽ ڪپتان هارينبي ۽ نائب ڪپتان مردس هنن سان گڏ هئا. سڀ ملازم پاڻ ۾ پڻ پڻ ڪندا هنن جي ويجهو ٿيندا ويا.

جنهن ويجهاپهتا تہ سڀ ماٺ ٿي ويا ۽ اکيون ڦاڙي ڇوڪرين کي ڏسڻ لڳا. ڇوڪريون هنن جا ميرا ۽ اڌ گهاڙا جسم ڏسي ڇرڪڻ لڳيون ۽ ڪپتان ۽ مردن جي ريجهو ٿيڻ لڳيون. ولڪس شڪر ڪيو جو ان وقت ڪوبہ شيدي غلام مٿي ڪونہ هو. خلاصين کي ڪناري تي لهڻ جي موڪل ملڻي هئي تنهن ڪري ان وقت سمورا غلام ڊيڪن ۾ بند ڪيا ويا هئا. ولڪس انهي پٺيءَ واري خلاصي جي پير ۾ بيٺو هو تہ اوچتو اپني جي مٿس نظر پئجي وئي ”چاچا جان! چاچا جان!!“ هن ولڪس کي ڏسي زور سان سڏ ڪيس. ولڪس کيس جواب ڏنو ”اوهين علو، مان بہ اوهان جي پٺيان اتي اچان ٿو.“

زخمي خلاصي سرجن کي ڏسي ڪاوڙ مان چيو ”هون! چاچا جان، انهي ڪري تو مونکي ڌڪ هنيو هو؛ تون بہ هتڙا ڏنڊا تو ڪرين؟“ ولڪس کي غصو وٺي ويو ۽ خلاصيءَ کي زخم تي اهڙو زور سان ٺڏو هنئي ڪدياٺين جو خلاصي سور کان دانهن ڪري ٻڏي ويو ۽ اتيئي ڪري پيو. اٿين ڇٺي هو ڇوڪرين ڏي وڌيو ۽ مرڪي هنن کي چياٺين ”سلام!“ ڇوڪرين سلام جو جواب ڏنو. خلاصي هنن کي ڏسي پاڻ ۾ چوڻ لڳا ”هاڻ پاڻ کي الائي ڪڏهن موڪل ملندي جو ڪناري تي هلي گهمون ۽ مزا ڏسون!“

گريس بدبو سونگهيندي چيو ”چاچا جان! هتي تہ تمام گهڻي ڌپ آهي، ايتري تہ بدبوءِ اسان جي ڪئبن ۾ بہ ڪانہ هئي! چاچا جان، هي ڌپ ڇو ٿي

آهي؟“ ولڪس اچا جواب ڏئي ڏي ته مليڪينٽ چيو ”چاڪاڻ ته هي غلامن جو جهاز آهي انهي ڪري منجهس هيتري ساري بدبو آهي.“ ”او ها، هي برابر غلامن جو جهاز آهي مگر اسين غلامن کي واپس سندن وطن پهچائڻ لاءِ ڪٺيو پيا وڃون“ ولڪس جواب ناهي ورتو. اينيءَعجب وچان اکيون ڦاڙي هن کان پڇيو ”چاچا جان، ڇا اسين به غلام آهيون؟“

”اهو ته ٻاراڻو سوال ڪيو اٿئي؛ غلام ته ڪارا ماڻهو ٿيندا آهن ۽ وڏي عمر جا هوندا آهن. اوهين پورپياڻيون آهيو ۽ پيو ته ٻارڙيون آهيو.“ مليڪينٽ ڪنڌ سان هاڪار ڪئي. گريس کي به يقين اچي ويو پر وري به پڪ ڪرڻ لاءِ پڇيائين ”چاچا جان، پي تہ ڪا گڙ ٻڙ جي ڳالهه ڪانهي نه؟“ ولڪس جي دل ڀرجي آئي ۽ ڳاو گهٽجي ويس، ڪوبه جواب نه ڏنائين. خلاصي ڪئن وانگر نسرا ڪندا ۽ پٽ پٽ ڪندا ويجها اچي رهيا هئا. مليڪينٽ سمجهو هئي، سو هئن جون ڳالهيون سمجهي رهي هئي جنهن ڪري هن جو منهن لهي ويو، ۽ رنگ پيلو ٿي ويو ۽ جسم نستو ٿيندو ويس. ايتري ۾ خلاصي اچي چيو ”ڪپتان صاحب، ٻيڙي تيار آهي.“ ڇوڪرين کي جهاز تان لاهي ٻيڙيءَ ۾ ويهاريو ويو ۽ آهستي آهستي ٻيڙي جهاز کان پري ٿيندي وئي. پٺيان سرجن ولڪس به ٻي ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ڪناري ڏانهن پئي آيو. اينيءَ، گريس ۽ جيري خوش پئي ٿيون مگر مليڪينٽ دل جا سور دل

۾ ٿي ساڻديو مات ڪيو ويٺي هئي.
ڪپتان، مردس ۽ چوڪريون محل ۾ هليا ويا. ولڪس
اهر بيٺو هو. اندر چوڪرين کي بن احمد جي ذاتي طبيب
جڪاس ڪيو: پر وري به سرجن ولڪس کي اندر گهرايو
ڻيو ته هو به اچي ۽ چيڪ ڪري ته چوڪريون اڃان
اڪ دامن آهن. ولڪس کي هن معاملي ۾ ڏجهه ڪرڻو
. هو پر تنهن هوندي به هن کي اندر گهرايو ويو. سپاهي
کيس اندر وٺي ويو جتي هن ڏٺو ته بن احمد، هارينبي ۽
مردس ريشمي گاديلن تي ويٺا هئا ۽ سڀني اڳيان ڪئين
ڀمن جا عمدا کاڌا ۽ طعام رکيا هئا. ولڪس کي حڪم
ٿيو ته اندر وڃ ۽ ڏس ته چوڪريون ڪنڊن آهن. طبيب سان
گڏجي هن چوڪرين جو معائنو ڪيو، جنهن کي بيحد شرمسار
ٿي ٿيون. البت مليڪيمٽ مات ڪرڻ تپاس ڪرڻ ڏني
۽ وات بند ڪري اکيون ٻوٽي چپ ٿي وئي. هن جي
تپاس ڪندي ولڪس کي به ڏاڍو شرم ٿي آيو پر مجبور
هو. آخر هن چوڪرين کي آسرو ڏيندي چيو ته اوهين ڪو به
خيال نه ڪريو، تپاس جو مطلب فقط اهو آهي ته بن احمد
وهان جي چڱي ڀلائي ٿو چاهي ته متان اوهان بيمار نه ٿي
پيون هجو. چوڪريون هن جي ڳالهه تي يقين ڪري ويون
۽ بلڪل مطمئن هيون: چو جو اها تپاس به خود چاچا جان
تي ڪري رهيو هو. هو ڏانهن چاچا جان اها پنهنجي بي عزتي
محسوس ٿي ڪئي. تپاس ڪري موٽيو ته مردس ۽ هارينبي
شراب پي ويٺو ۽ بن احمد جتو پي چڪيو. ولڪس ...

هُن سان گڏ اچي ويٺو ۽ هڪ ٻه ڍڪ شراب جا پيتائين، بن احمد به هڪڙو اڌ پيگ پيتو مگر هو هش هش جو عادي هو. ولڪس جو ضمير هن کي ملامت ڪري رهيو هو. بن احمد خوش پئي ٿيو. ايتري ۾ اندران هڪڙو سپاهي آيو ۽ بن احمد کي ڪجهه چٺي واپس هليو ويو.

”مونکي اطلاع مليو آهي ته سڀ ڇوڪريون بلڪل صحيح سلامت ۽ پاڪ دامن آهن“ هن هارينبي ڏي مخاطب ٿي چيو. هارينبي ڪنڌ لوڏي هاڪار ڪئي.

”هاڻ هنن جي قيمت بابت ڳالهه ٻولهه ٿئي!“ بن احمد چيو.

”ڀلي ٿئي“ ڪپتان چيو.

”ڇوڪريون بلڪل ٺيڪ ٺاڪ آهن. نوجوان ۽ خوبصورت، نهايت پرڪشش آهن؛ مان اوهان کي هرهڪ ڇوڪري جي بدلي ۾ پنج ڪاريون ڇوڪريون ڏيندس.“

”فقط پنج! نه جناب اهي ٿوريون آهن. گهٽ ۾ گهٽ هرهڪ جي بدلي ۾ ڏهه ڏهه ڇوڪريون کپن.“

”اوهو، ڪپتان صاحب، اهو ته تمام گهڻو ملهه آهي. انهي ۾ مونکي ته ڪوبه فائدو ڪونه ٿيندو. الٽو نقصان ٿيندو.“

”جناب نقصان جو ڪو سوال ئي ڪونهي. جيڪڏهن تون في ڇوڪري جي بدلي ۾ اسان کي پندرنهن پندرنهن ڪاريون ڇوڪريون به ڏيندين، ته به ڪمائيندين.“

”بس هاڻ آخري فيصلو اهو آهي ته ڇهه ڇهه ڇوڪريون

مان اوهان کي ڏيندس.“
”گهڻ ۾ گهڻ ٽو.“
”نه، ست“
”نه، اٺ“
”اٺ نه.“
”چڱو، ڇهن ڇوڪرين جي عيوض ٽيهه ڏيو، ان کان گهٽ نه.“
بن احمد حقي جو نڙ وات ۾ رکي، ٿوري دير سوچي چيو ”منظور.“
”مگر مان اڄ شام جوئي، چونڊي ٽيهه ڇوڪريون کڻندس“ هارينبي بن احمد کي چيو. مردس، ولڪس ڏي ڏسي چيو ”توکي ڇا ٿي ويو آهي سرجن صاحب، ڇومنهن ڦري ويو اٿئي؟“ ”نه نه، ڪا ڳالهه ڪانهي؛ مان ته بلڪل ٺيڪ آهيان.“ مردس هن جي منهن ۾ ڏسي مٺس کليو ۽ چيائين ”سٺو ٿيو سٺو ٿيو؛ مان ڏاڍو خوش ٿيو آهيان.“ ايتري ۾ هڪڙو دربان پريشان حالت ۾ ٽڪڙو ٽڪڙو آيو ۽ بن احمد کي پاسي تي سڏ ڪري ڪجهه چيائين ۽ ڏکيو به پئي ۽ بن احمد جي پيرن تي ڪري پيو. هارينبي، مردس ۽ ولڪس هي حال ڏسي پاڻ به اٿي بيٺا. بن احمد ڪپتان کي چيو ”جيڪي چار ڇوڪريون هن وقت اوهان مونکي ڏنيون آهن تن مان هڪڙي پاڻهي پنهنجي ڪنوارپائي ختم ڪري ڇڏي آهي.“ اهو ٻڌي هو سڀ ڇوڪرين واري ڪمري ڏانهن ڀڄندا ويا. ايني؛

گريس ۽ چيري هڪڙي ڪنڊ ۾ پريشان حالت ۾ بيٺيون هيون ۽ ڏڪيون پئي. مليڪينٽ فرش تــي ڪري پئي هئي. سندس ڪپڙا ڦاٽڙهــا ٿيا پيا هئا ۽ رت وهي غاليچي تي پئي پيو. حڪيم، بن احمد سان ڪجهه ڳالهايو جنهن کان پوءِ بن احمد ڪپتان کي چيو ”هن ڇوڪري پاڻهي پنهنجو ستياناس ڪري ڇڏيو آهي ۽ هاڻ هــيءَ اسان جي ڪنهن ڪم جي ڪانهي.“ مليڪينٽ وڏو ٽهڪ ڏئي چيو ”هاڻ اوهين مونکي رنڊي نٿا بنائي سگهو. مون اوهان کي انهي اميد کان نراس ڪري ڇڏيو.“ هارينبي سخت غصي ۾ پرجي هن کي زور سان پيٽ ۾ ٺڏو هڻي ڪڍيو. ولڪس يڪدم وڌي هن کي ٻانهن کان جهلي پري ڪيو ”ڪپتان نه ماريوس.“ پوءِ ولڪس هيٺ جهڪي ڇوڪري کــي جهولي ۾ کنيــو ۽ چيــو ”مليڪينٽ، مليڪينٽ!“ ڪيس اکين مان لڙڪ وهي آيا. مليڪينٽ هن کان ٻــاڻ ڇڏائي هن کي چيو ”پــري ٿي مونکان. تــون دوکيباز آهين. تو اسان سان ڪوڙ ڳالهايو هــو. توکي سچي خبــر هئي.“ ايئن چئي هن ولڪس کي منهن ۾ ٿڪ هڻي ڪڍي ۽ وري ڪيس رانيوڙا هڻڻ لڳي. ولڪس هن جــا هٿ پري ڪندي چيو ”مليڪينٽ!“ ”مان چوان ٿي مونکان پري ٿي.“ آخر هو اٿي بيٺو ۽ ٻين ٽــن ڇوڪرين ڏي ڏسندي چيائين ”مونکي خبر ....“ ايترو چئي هن ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيو. بن احمد ڪپتان جــي منهن ۾ ڏسي چيو ”ڪپتان صاحب، هاڻ ته هن جو ڪوبه ملهه ڪونه ملندو. هاڻ مان

هن کي ڇا ڪندس. هيءَ اوهان جي ٿي حوالي ڪندس ۽ پيو
سان ڪيڏانهن ڪندوسانس." ڪپتان اڪيون ڇنجهيون
ڪري هن کي چيو "اسين ڪيڏانهن ڪنداسين. هاڻ مان
هن کي اتي ئي پورو ٿو ڪري ڇڏيان." ائين چئي هن
واسڪوٽ جي اندرئين کيسي مان خنجر ڪڍيو.

"ترس" بن احمد چيو "مان هن لاءِ اتي جو اتيڪو
اهڙو گراهڪ ٿو ڳولي ڪڍان جيڪو اسان جو نئون
گراهڪ آهي. انهي جي مٿي ۾ ٿو هٿي ڇڏيانس، يا ته
سوديبازي ۾ مٽ سٽ ٿو ڪري ڇڏيانس. ٺيڪ آهي؟"

آهستي آهستي هارينبي ٿلهو تيو ۽ خنجر بند ڪري
کيسي ۾ وڌائين. "ها، مان به سمجهان ٿو ته ائين ٺيڪ
ٿيندو" هارينبي جواب ڏنو. پوءِ بن احمد پنهنجن دربانن
کي حڪم ڪيو "مليڪينٽ کي الڳ بند ڪريو ۽
سندس نظرداري ڪريو." ٻيون ٻئي ڇوڪريون سرجن کان
هٽي پري ٿي بيٺيون. ولڪس وري هنن ڏي وڌڻ جي
ڪوشش ڪئي مگر هو وري به پوئتي هٽيون. اٿي روئڻ
شروع ڪري ڏنو. هن کي ڪا خبر نه پئي ته مليڪينٽ
کي ڪيڏانهن ڪئي، ويا ۽ هي سڀ ڪجهه ڇا پيو ٿئي!
مليڪينٽ سرجن سان وڙهي هٽي تنهن مان اٿي سمجهيو
ته شايد سرجن، مليڪينٽ سان ڪا اهڙي حرڪت ڪئي
آهي جنهن تان هوءَ هن کان سخت ناراض ٿي پئي آهي.

"ڪپتان صاحب، هاڻ توهانکي گهٽيون غلام ڇوڪريون
ڏيان؟" بن احمد پڇيو. ڪپتان چيو "جناب، هاڻ ڇا

ڪريو جو اوهين اسان کي پنجويهه ڇوڪريون ڏئي ڇڏيو. ڪجهه نقصان اوهين برداشت ڪريو باقي اسين ٿا برداشت ڪريون."

"مونکي منظور آهي."

ولڪس جي شڪل پيلي ٿي وئي هئي. جنهن ٿي هو ڇوڪرين واري ڪمري کان ٻاهر نڪتا ته ورانڊي ۾ ٿي، ولڪس ڪپتان کي چيو "ڪپتان صاحب، جيڪڏهن مونکي اجازت ڏيو ته مان واپس وڃان!" ڪپتان موڪل ڏنس ۽ ٻاهر مردس سان گڏ اچي ٿي ترسي پيو. ولڪس هليو ويو. ٻئي ڪپتان ۽ مردس محل جي حمام گاهه ۾ وهنجي سهنجي سولا ٿيا. هاريندي کين البت ڪجهه مايوسي ٿيڻ لڳي، ڇو جو هاڻ هن کي سڌو آمريڪا وڃڻو هو. هي سنڌس آخري بندرگاهه هو ۽ هتي به هن کي هڪ نه ٻي ناڪامي ڏسڻي پئي هئي. انهي ويچار کي ٽارڻ لاءِ هن شراب جو سهارو ورتو ۽ ڪافي شراب پي ويو. پوءِ پاڻ ۽ مردس بن احمد جي خاص ماڻهوءَ سان گڏجي انهي واڙي ۾ ويا جتان هن کي انهن ٽن ڇوڪرين جي عيوض پنجويهه ڪاريون ڇوڪريون چونڊي ڪڍڻيون هيون. آخري پيگ پي، ڪپتان جڏهن واڙي ۾ داخل ٿيو تڏهن ٿڙندي ٿاٻڙندي به هن نهايت وڻندڙ ۽ ڪنواريون ڇوڪريون ڪڍي الڳ ڪيون.

ولڪس جيوبيليشن تي وڃي پهتو. هو پيٽرسن کي چئي ويو هو ته تيستائين تون غلام تپاسي وٺجانءِ ۽ مان واپس اچي تو کان رپورٽ پڇندس. پيٽرسن هن کي ٻڌايو ته غلام سڀ چڱا ڀلا آهن.

هيڏانهن بن احمد ۽ ڪپتان واپس ساڳئي هال ۾ آيا.
بن احمد ڪپتان کان پڇيو ”ڇا اوهين به تي ڏينهن
اسان وٽ رهندا؟“

”نه جناب، هاڻ اسين بلڪل ڪونه ترسنداسين. اسان
صبوح جو سويري نڪري وينداسين.“ بن احمد ٿورومايوس
ٿي ڪپتان کي چيو ”مون خيال پئي ڪيو ته جيڪر
اوهان کي ڪا سوکڙي ڏيان ها، پر اوهان کي تمام گهڻي
تڪڙ لڳي پئي آهي. هارينبي هن جي ڳالهه بدي چيو
”برابر.“ هن کي پڪ هئي ته هن کان پوءِ هو پيهر آفريڪا
جي ڪناري تي ڪونه اچي سگهندو. بن احمد ٿوري دير
ماٺ ڪري وري هن کي چيو ”ڪپتان صاحب، اوهين
ٿورو مون سان ايندا؟“ هارينبي ها ڪئي ۽ هن جي پٺيان
ويو ۽ پئي ڄڻا اڳتي وڌي هڪڙي ڏاڪڻ تان مٿي چڙهيا.
مٿي بن احمد جي رهڻ جا خاص ڪمرا ٺهيل هئا. بن احمد
ڪپتان کي وٺي هڪڙي بهترين هال ۾ وڃي ويهاريو.
ڪپتان اتي ويهي رهيو ۽ بن احمد هڪڙي پاسي هليو ويو.
ڪپتان هال جي خوبصورتي ڏسندي هيڏانهن هوڏانهن نهاريو
ٿي پئي. هن دل ۾ خيال ڪيو ته بادشاهه مونکي هتي ڇو
وٺي آيو آهي. وري خيال ڪيائين هن سوکڙيءَ جي ڳالهه
پئي ڪئي شايد انهي ڪري وٺي آيو آهي. ٿوري دير ۾
بن احمد آيو. ”ڪپتان!“ بن احمد چيو. ڪپتان مڙي هن
ڏي ڏٺو ته هن سان گڏ هڪڙي ڇوڪري به هئي. ڇوڪريءَ
کي ڏسندي ئي ڪپتان ٽپ ڏئي اٿيو ”ماشلا!“ هن کان

دانهن نڪري وئــي، ”واهه! سائلاس!“ بن احمد هڪڙو پيلي رنگ جو پنو ڪپتان جي اکين ر کيو جيڪو ڪئين سال اڳي ڪپتان بن احمد کي ڏنو هو. پني تي سائلاس جي تصويرهئي سان تهيل هئي جنهن ۾ ڪن ڪجهه وڏا ڏيکاريل هئا ۽ پيو به ٿورو گهڻو فرق هو. بن احمد چيو ”بهرحال، مان سمجهان ٿو ته هيءَ اهائي ساڳي ڇوڪري آهي جنهن جي هيءَ تصوير تو مونکي ڏني هئي.“ هاڻ هارينبي هن جي ڪنهن به ڳالهه تي ڌيان نه ڏنو ۽ نڪوئي تصوير کي وڌيڪ غــور سان ڏٺائين. يڪدم ڇوڪريءَ جــي روبرو بن احمد جي پيرن تي ڪري پيو. وري اٿي ڇوڪريءَ جي گوڏن تــي هٿ ڦيرائڻ لڳو. ڇوڪري بـه هن جي پاسي ۾ ٿي بيٺي. ڪپتان نهايت سڪ ۽ اڪير منجهان ڇوڪريءَ کي چيو ”آخر مون توکي هٿ ڪري ورتــو، سائلاس!“ هن ٿڌو ساهه کنيو. بن احمد چيو ”مگر هن نالــو تــه . . .“ ڪپتان چيس ”سڀ ڪجهه صحيح آهي، بادشاهه سلامت؛ هيءَ اهائي آهي.“ آخر بن احمد هنن ٻنهي کي اتي ڇڏي پاڻ وري به هليو ويو ۽ دربان کي هنن جي پارت ڪري ويو ته ڪوبه ڪم پوين ته حڪم جي بجاآوري ڪجاءِ. بن احمد هڪڙي ڪمري ۾ وڃــي ويٺو ۽ هٿ مهٽيندي خيال ڪرڻ لڳو ته ”زندگي بـه عجيب کيل آهي. ڪيئن هي ڇوڪري ۽ ڪپتان اٺن سالن کان پوءِ اڄ وري هڪ ٻئي سان مليا آهن! هن وري سوچيو ته هاڻ هن جو ڪپتان کان گهڻو ملهه وٺان ۽ هو وڌ ۾ وڌ ڪيترو ڏئي سگهندو.“

هوڏانهن جهاز تي ٽيڪومو، هولسٽر جي ڪئبن ۾ ويٺو هو. هن جي پيرن ۾ ڏنڊا پيڙيون لڳل هيون ۽ ٻين غلامن وانگر اگهاڙو هو. هولسٽر هن کي جاچي ڏسڻ لڳو. هن ڏٺو ته هي ڏکيو شيدي هن وقت اسان جو غلام ٿي چڪو آهي، پيرن ۾ لوهه پيو اٽڪيس ۽ اگهاڙو نانگو ٿيو ويٺو آهي ته به ڪو شرم نه ڪونه ٿو اچيس پر اڃا به پاڻ کي هياڪ جو وڏو وزير پيو سمجهي ۽ اڃا به پاڻ کي بلملاح جو سڄو هٿ پيو سمجهي.

اهو آهي باور جو نشو ۽ هن جو اڳيون ٺماز ۽ دٻدٻو. هولسٽر ڏٺو ته ٽيڪومو پاڻ کي ٻين غلامن جهڙو هرگز نٿي سمجهيو. جيڪڏهن ٻين قيدين سان گڏ وڃي ويهندو هو ته به انهن ٻين غلامن تي رعب رکندو هو جيڪي هن سان گڏ ٻڌجي جهاز تي آيا هئا. ٻي ڳالهه جيڪا هولسٽر هن ۾ ڏٺي سا اها هئي ته هو عام قيدين سان قطعي ڪونه ڳالهائيندو هو. جهڙوڪر سڀ غلام هن جا هئا. هولسٽر کي چوندو هو ته مان غلام نه آهيان بلڪ خود بلملاح کي ڇڏيو اٿم ۽ جلد واپس وڃي بلملاح جو تخت اوندو ڪندس. هولسٽر سوچيو ته هن جو ڏوهه ڪونهي؛ هن سڄي عمر عيش ۽ آرام ۾ گذاري آهي، اڃا هن جي مغز مان اها هوا نه نڪتي آهي.

ٽيڪومو وري نهايت رعبدار انداز ۾ هولسٽر کي ٻڌائڻ لڳو "هن دفعي بلملاح اسان سان دغا ڪئي آهي؛ مگر هاڻ ڪير به اسان کي ٽوڪو نه ڏئي سگهندو" هن اڳ

مٿي ڪري چيو "ڪوبہ نہ."

هولسٽر فرمائي سان چيس "هيءُ دفعو ٿينڌو ٿي ڪونہ."

"پاور، پاور آهي" هولسٽر سوچيو تہ اهو هارينهي جو چوڻ بلڪل صحيح آهي.

ٽيڪومو مسڪرائيندي اڳيان پيل ميز تي ٺوڪ ڏني چيو "ڇا چيو؟" جهڙوڪ هن "پاور" جو اکر سمجهو ٿي ڪونہ. "پوءِ اوهان کي موقعو ڪونہ ملي سگهندو"

هولسٽر پوءِ هن کي ٻڌايو. "تون هاڻي غلام آهين ۽ اسين توکي اهڙي جڳهہ تي وڪڻنداسين جتي مرڻ گهڙي تائين غلام هوندين" هولسٽر چيس. ٽيڪومو غصي ۾ تپي لال ٿي ويو.

ٽيڪومو، هولسٽر کان ڪافي قداور، بدن ۾ ڪشادو ۽ بادي بلڊر شيدي هو. هو هولسٽر کي سوڻ سان ماري ٿي سگهيو، پر "پاور" ڪونہ هوس. نہ تہ هولسٽر کي ڳچيءَ ۾ هٿ وجهي نپوڙي ساهہ ڪڍي ڇڏي ها.

هولسٽر کي بہ چڙ وٺي وئي ۽ زور سان دانهن ڪري هن کي چيائين "چئو تہ مان غلام آهيان!"

ٽيڪومو هن جي منهن ۾ ڏسڻ لڳو.

"چئو." هولسٽر دڙڪو ڏنس.

"تون بڪواس ٿو ڪرين!" ٽيڪومو چيس.

هولسٽر بڪلم ٽپ ڏئي اٿيو ۽ ڪئبٽ جو تالو کولي اندران هن منهن وارو پستول ڪڍي هٿ ۾ ڪيائين. پاور وري بہ پاور هو. هن جو ڳلو خشڪ ٿي ويو. هن جو هٿ بہ ڏڪيو ٿي- پر هن هڪڙو ڪاڪ دٻائي ٽيڪومو ڪسي

چيلهہ ۾ فائر ڪيو ۽ چيو ”جئو تہ مان غلام آهيان!“
ٽيڪومو ٽڪ جي ڪا پرواهہ نہ ڪندي مسڪرائي هن کي چيو ”تون پنهنجي پراڻي کي ٿو مارين؟ نہ، ائين رقم برباد نہ ڪر.“ هولسٽر وري پستول هن تي سنئون ڪيو. پهرئين ٽڪ جو آواز ۽ دونهون جهاز ۾ پکڙجي ويو. ٽيڪومو هڪ هٽ چيلهہ تي ڪلهي رکيا ۽ دانهن ڪري فرش تي ڪري پيو. ٽيڪومو وري اٿيو ۽ ٽڪ واري زخم کي ڏسي يڪدم هولسٽر ڏي وڌيو. هن جي شڪل دهشتناڪ ٿي وئي. ”اڃا پستول ۾ ٻي بہ گولي آهي. متان سمجهين تہ بس.“ هولسٽر هن کي چيو. هن وري ٽرئگر تي آڱر رکي، پستول هن جي سامهون ڪيو. ٽيڪومو هيسجي ويو. ”مان، مان، غ لا م آهيان“ هن ڏڪي ڏڪي چيو. ”شاباس“ انتري ۾ پهري تي بيٺل خلاصي بہ بندوق سڌي ڪري سڌو ڪئبن ۾ اندر آيو. ”ڇا آهي. ڇا آهي. هولسٽر، تون تہ ٺيڪ آهين نہ؟“ پهريدار ڊڪڙ ۾ هولسٽر کان پڇيو. ”ها، بلڪل ٺيڪ آهيان؛ مهرباني. اتفاق سان پستول ڇٽي ويو هو. هاڻ هن کي ٻاهر ڪڍي وڃو“ هولسٽر پهريدار کي چيو. پهريدار ٽيڪومو کي ٻانهن کان جهلي ٻاهر گهلي ويو.

بن احمد ڪلاڪ ڪن ڪسان پوءِ جڏهن واپس ڪپتان هارينبي وٽ آيو تہ هن ڏٺو تہ هارينبي اهو ڪونہ هو. جيڪو پهرين ڏسڻ ۾ تي آيو. هن جي طبيعت ۾ تمام گهڻي نرمي ڏسڻ ۾ اچي رهي هئي. بن احمد ڏٺو تہ ڪپتان ڇوڪري جي عشق ۾ هوش وڃائي چڪو هو. هاڻ بن احمد

ڏنو تہ ڪپتان قابو آهي هاڻ هن کان هن ڇوڪريءَ جا جيترا بہ پيسا گهرندس اوترا ڏيندو. گهٽ ۾ گهٽ 7500 ڊالر گهرندوسانس.

”ڪپتان صاحب، ڇوڪري کان مطمئن ٿيئن؟“

”ها جناب، هيءَ اهائي منهنجي محبوبہ آهي- سائلاس“

”ڏاڍو سٺو. تنهن جي خوشي اسان جي خوشي آهي.“

”اوهان جي وڏي مهرباني، بادشاه سلامت.“

”هاڻ هن جي خريداري جي ڳالهہ ٻولهہ ڪريون؟“

”ها سائين ڀلي ڪريو، مان هن کي ضرور خريد ڪندس.“ ”7500 ڊالر قيمت آهي هن جي- قبول اٿو؟“

”ها. مان سائلاس کي هر قيمت تي وٺڻ لاءِ تيار آهيان. هوءَ منهنجي ٿي“ ڪپتان چيو.

بن احمد ڪپتان جو جواب ٻڌي دل ۾ پڇتايو تہ ڪاش، مان هن کان ڏهہ هزار ڊالر طلب ڪريان ها تہ بہ جهڪر خوشي سان ڏئي ها، پر اجا بہ. وڌيڪ گهرانس ها تہ ڏئي ها. مگر زبان مان نڪري ويو. جيڪي ٿيو سو ٿيو.

”ٺيڪ آهي ڪپتان، سودو ٿي ويو. هاڻ پلا اوهان لاءِ ڪمري بستري جو بندوبست ڪرايان؟“ بن احمد ڪپتان کان پڇيو. ”ڪمرو.“ ”ها هڪڙي رات“ ”نہ نہ. مهرباني. مان هاڻي جو هاڻي جهاز تي ويندس.“ ”جيڪا تنهن جي مرضي.“ بن احمد چيو ”پوءِ مان سائلاس کي پاڻ سان وٺي ٿو وڃان. جهاز تي پهچي يڪدم توهان کي رقم موڪلي ٿو ڏيان.“ ”ڀلي وٺي وڃوس. ڪا ڳالهہ ڪانهي.“

هارينبي سائلاس کي وٺي جهاز تي آيو. پنهنجي ڪئبن ۾ ڪيس ويهاري يڪدم سون ڪڍيائين. گهڻي، سادن سٽن هزارن ڊالرن جو سون رنڊال جي هٿان هن کي ڏياري موڪليائين. سائلاس ڪنڌ هيٺ ڪريو ويٺي هئي. هارينبي هن کي هڪڙي بهترين انگريزي پوشاڪ ڪڍي ڏني جيڪا هن پاتي ته هيڪاري وڌيڪ خوبصورت ٿي پئي. ڪئبن جي اندر پڃري ۾ ننڍڙن طوطن چرپر پئي ڪئي ۽ هيڏانهن هوڏانهن پئي ٽپيا. سائلاس طوطن کي ڏسي رهي هئي ته هارينبي ڪيس ٻانهن کان وٺي انهن جي ويجهو ويو. "سائلاس! ڏس. هي سڀ تنهنجا طوطا آهن. جاچي ڏس" هارينبي نهايت پيار سان هن کي چيو. سائلاس ڏاڍي خوش ٿي ۽ هارينبي کي ڪجهه چيو. "مونکي تنهنجي ٻولي سمجهه ۾ نٿي اچي" هارينبي هن کي چيو. سائلاس وري پکي ڏي اشارو ڪيو. جنهن مان هارينبي سمجهو ته پکي جو نالو ٿي پڇي. "مون کي خبر ڪانهي. هنن جا نالا ڪجهه به ڪينهن." جڏهن اڳي سائلاس هن وٽ هئي ته هن سيني پکين تي نالا رکيا هئا؛ پر اهي پکي سال کن اڳ مري ويا هئا. هي انهن جا ٻچا هئا جيڪي هاڻ جوان ٿي ريا هئا. "مون هنن تي اڃا نالا نه رکيا آهن. هاڻ تون پنهنجي مرضي تي نالا رکين." سائلاس هارينبي کي چتائي ڏسي رهي هئي. هو جيڏانهن به ڦريو گهريو ٿي ته سائلاس هن مان اک نه پئي ڪڍي. هارينبي هن کي ڏسي ٿڌو شوڪارو ڀري چيو. "سائلاس! تون اها سائلاس نه آهين. هاڻ جڏهن وري

پاڻ هڪ ٻئي سان گڏ رهنداسين ته تون وري ساڳي سائلاس ٿي ويندين. سائلاس! تو ۽ مون ڪي سال پاڻ ۾ گڏ گذاريو هو. ان کان پوءِ سڄا سارا اٺ سال تون مونکان وڇڙي وئين. اڄ وري اٺن سالن کان پوءِ تون مونکي مليو آهين. تنهنجي فراق ۾ مان جهڙوڪر چريو ٿي چڪو هوس. آخر مون تنهنجي خيالي تصوير ٺاهي ۽ ان جا ڪئين نقل ڪرائي هرطرف ويندڙ ڪپتانن کي ڏنا ته جتي به ڪنهن ڪپتان کي سائلاس لڀي وڃي ته منهنجي حوالي ڪن .... سائلاس! اڄ مان بيحد خوش آهيان جو اڄ تون وري ٻيهر مون سان گڏ آهين." سائلاس هنکي ڏسي کلڻ لڳي. هارينبي بستري تي وڃي ليٽي پيو. سائلاس به هن سان گڏ اچي ليٽي پئي. هارينبي اٿي بتي وسائي ۽ واپس هن سان گڏ اچي ليٽي پيو ۽ آهستڙي هن کي چپن تي چميون ڏنيون. هارينبي چيو "اڄ رات مان بلڪل ٺيڪ آهيان ۽ ائين پيو محسوس ڪريان جهڙو مان سڄي زندگي ڪڏهن به نه ستو آهيان." هارينبي هنجا هٿ ونئي پنهنجي منهن تي ڦيرائڻ لڳو ۽ سائلاس کي چيائين ته "ائين هٿ ڦيراءِ. هاءِ هاءِ ڪهڙو نه لطف پيو اچي! سائلاس، تون مونکان ڪيئن جدا ٿي وئين؟" آخر ٻئي ڄڻا هڪ ٻئي کي ڀاڪر وجهي سمهي رهيا ۽ ننڊ اچي وين.

ڪو زمانو اڳي، هارينبي ڏاڍو عياش هوندو هو. سڄو عملو هن کي لوڪوڻ هڻندو هو. جڏهن به ڪنهن بندرگاهه

ٿان ڇوڪريون خريد ڪندو هو ته انهن مان ٽيون حصو پنهنجي لاءِ جدا ڪري رکندو هو. جڏهن ڪيس هڪ دفعو هڪڙي ڪاري ڇوڪري سائلاس ملي وئي ته ان جي عشق جي دام ۾ گرفتار ٿي ويو.

آخر ٻنهي رات وري به گڏجي سُتا. سائلاس ڪئبن ۾ خوب وهنجي سهنجي بت صاف ڪري نهايت، خوبصورت نموني ۾ هار سينگار ڪري ويٺي هئي ۽ جهڙي راڻي پئي لڳي. هارينبي کي سائلاس تمام گهڻو خوش ڪندي هئي. هو به ڏاڍو مطمئن ٿيندو هو. تنهن ڪري هن تي دل و جان سان ڇڪن ڏئي چڪو هو. جيتري محبت هن سان ڪندو هو ايتري هن ڪڏهن به زندگي ۾ ٻي ڪنهن عورت سان نه ڪئي هئي. سائلاس به هن سان تمام گهڻو پيار ڪندي هئي.

ٻهريون دفعو جڏهن سائلاس هن سان آئي سال گڏ هئي تڏهن هو هڪڙي پورچوگيزي جهاز تي ڪپتان هو، هو اجا آفريڪا جي بندرگاه تي پهتو ئي مس هو ۽ اجا هڪڙو به غلام خريد نه ڪيو هئائين ته اوچتو برٽش جي فرگيٽ هن وٽ پهچي وئي. هارينبي ڏٺو ته وٽس فقط سائلاس ئي آهي جنهن لاءِ ڪابه ثابتي نه ڏئي سگهندو ته ڪو هن اها ڪنهن جائز مارڪيٽ مان خريد ڪئي آهي. تنهن کان سواءِ هن وٽ رجسٽري جا ڪاغذات به آمريڪا جا ڪين

ھئا. ھن کي ھڪ ٿي وٺي تہ فرگيٽ جو عملو جنھن وقت سائلاس کي ڏسي ويندو تہ ھاربنبي کي گرفتار ڪري جيل حوالي ڪري ڇڏيندو. برٽش نيوي جا سپاھي ٻن ٻيڙين ۾ سوار ٿي ھن جي ويجھو اچڻ لڳا. ھاربنبي کي اٽ ويھ لڳي وئي. ڪيس ڪا ڳالھہ سمجھہ ۾ نہ پئي آئي. سائلاس ھنجو پريشان حال ڏسي مٿس ڪلي پئي. جيئن ئي ھو ھن ڏي وڌيو تہ سائلاس ڪٿي پاڪر وڌس. ھاربنبي ڏاڍو پريشان ھو. ھن سائلاس جو پاڪر ڇڏائي ڪيس پاڻھن کان جھلي ھڪڙي دريءَ جي پر ۾ وٺي ويو. ڪيس اتي بيھاري پاڻ ڪوٺي ۾ گھڙي ھڪڙو رسو ۽ تختو کڻي آيو.

برٽش نيوي جا ملازم ھاڻ جھاز جي بلڪل پر ۾ اچي پھتا ۽ ھاڻ مٿي چڙھڻ وارا ھئا. ايتري ۾ ھاربنبي سائلاس کي تختي سان ڪڏ ٻڌي دريءَ کان ھيٺ پاڻيءَ ۾ لاھي ڇڏيو. سائلاس بلڪل خاموش ھئي ۽ ھڪ ٻڙڪ بہ نہ ڪڇي. جيئن وليس تيئن ڪري. نيوي وارا بہ ٽپ ٽپ ڪندا اندر لنگھي آيا تيستائين ھن رسي سان ھٿ ڪڍي ڇڏيا ۽ سائلاس ھيٺ ھلي وئي. ھاربنبي کان اچانڪ دانھن نڪري وئي ۽ منھن تي پريشاني ڇانئجي ويس. نيوي ھن کي ششدر ڏسي مٿس شڪ ڪرڻ لڳي ۽ ھو جھاز ۾ تلاشي وٺڻ لڳا. ھاربنبي جو دماغ جاءِ ڪونہ ھو تنھن يڪدم ھنن تي حملو ڪيو. ڪافي دير ڏي وٽ ٿي، آخر نيوي وارن ھن کي ماري بيھوش ڪري ڇڏيو ۽ جھاز جي تلاشي وٺي ھن کي جھاز سوڌو گرفتار ڪري ويا.

اها ڳالهه اٺ سال اڳي جي هئي. هاڻ وري پيهر ساڳي ڇوڪري هن کي بن احمد وٽان ملي هئي. ڪپتان کي اهي ساڳيا خيال ان رات خواب ۾ ڏسڻ ۾ پئي آيا ۽ هو لپ ڏئي اٿي ويٺو ۽ هن ڪان دانهن نڪري وئي ”سائلاس! سائلاس!“ سائلاس به هن جي دانهن ٻڌي ڇرڪ ڀري اٿي ۽ هارينبي کي پاڪر پائي آهستي آهستي سندس ڪلهن ۽ ڳچي تي هٿڙا ڦيرائڻ لڳي. ٿوري دير ۾ هارينبي هوش سنڀالي ورتو ۽ وري ماٺ ڪري ليٽي پيو.

بن احمد ڪان ورتل ڇوڪريون هنن جهاز ني چاڙهي ڇڏيون هيون. ان ڪان پوءِ جڏهين به هارينبي جهاز تي مٿي ايندو هو ته سندس رخ مٿيل هوندو هو. مرڊس هن کي جانچي پيو ڏسندو هو ۽ ڪٿين ابتا سبتا سوال هن ڪان پڇندو رهندو هو.

آخر جهوبيليشن بندرگاهه تان هاڪاريو. خلاصين سمورا سڙهه سنوان ڪري ڇڏيا هئا جنهن ڪري هائي جهاز فل رفتار سان پاڻيءَ کي چيريندو اڳتي وڌندو پئي ويو. ڪجهه دير ڪان پوءِ بن احمد واري محلات جا ڪنگرا هنن جي نظرن ڪان اوجهل ٿيندا ويا. سڪان واري جهاز جو رخ اولهه طرف موڙيو ۽ ٿوري وقت ڪان پوءِ هونڊورارا وارن ٻيٽن کي اچي ويجها ٿيا. هن مهل تائين هو چار هزار ميل سفر طئي ڪري آمريڪا کي اچي ويجها پهتا هئا. جنهن ڪري سڀ خلاصي ڏاڍا خوش پئي ٿيا.

آبوڪي، ڳياسي جو ٽورانٽو هو. هن سندس مدد ڪئي

هن ڪيامي ۾ پيرسن ماڻهو هو، هن جا ڏند ۽ ڏاڙهون
به ... ڇڏ ... هيون ۽ پٽن جي پٽن جا به پٽ اکين سان
ڏٺا هئائين ... وقت هن ۾ ڪا طاقت ڪانه هئي. آبوڪي
کي هنجي مڙمي ۽ وارن ڪارنامن جي خبر هئي. جنهن
ڏينهن ڪ... وٽي هي قيد ٿيا هئا ان ڏينهن کان وٺي اڄ تائين
هو پنهنجي ماتر پوميءَ کان پري ٿيندا پئي ويا. هاڻ ته
اهڙو پري ٿي چڪا هئا، جتان واپس ورڻ جي تر جيتري به
اميد ڪانه هئي. ڪلاڪ کن کان پوءِ ڏيکن ۾ اندر آهه
و فغان جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا. غلامن کي سامهون خشڪيءَ
جا آثار ڏسڻ ۾ آيا پئي. جنهن ڪري هنن ۾ روح ۽ پتڪو
پنجي ويو هو ۽ اهڙا ٻار ڪڍي ۽ رحم جوڳي نموني ۾
پئي روئا جهڙوڪ سڄو جهاز ڪنهن اوڙاهه ۾ غرق ٿيڻ
وارو هجي. ڪموڪي هي حال ڏسي همت ڇڏي ڏني ۽
سڀ آسرا اميدون خاڪ ٿي ويس. هاڻ هن کي موت ڇتي
طرح ڏسڻ ۾ اچي رهيو هو.

ڪموڪي هڪڙو خنجر لڪائي رکيو هو، سو ڪڍي
ڏکيا ڏکها ساهه پري آبوڪي ڏي وڌي آيو ۽ ڏند ڪرٽيندي
آبوڪي کي چيائين ”آبوڪا، هاڻ جهڪو به خلاصي
هيڏانهن اسدو تنهن ... اتي جو اتي پورو ڪندس.“ آبوڪي
وري به هن کي چيو ... کان ڪم نه وٺجانءِ. ڪيوڪي
کي غصو تمام گهڻو هو. نه ... هن کي ڪتو جواب ڏيندي
چيو ”هاڻ تون ڪي ڏسي ڇڏ... هاڻ تون مٿي ڪري
ويهه- جهڪي اسان کي مرض ... اسدو ڦٻن ڪنداسين.“

جهڙن ئي آڊوڪي هن کي ٻانهن کان جهلي منع ٿي ڪئي،
ته اوچتو خنجر جو منهن ڪلهي ۾ لڳي ويس. ڪياسي وچ ۾
پئجي هن کي هٿائي ڇڏيو ۽ آڊوڪي هن کان خنجر کسي
ورتو. ڪيوڪي هيو ڪو آسرو نه ڏسي دانهون ڪري رڙڻ
لڳو. آڊوڪي چيو. ”هاڻي هي اهو ڪيوڪي نه رهيو آهي.
هاڻي هي جيڪو به ڪم ڪندو تنهن ۾ نه رڳو پنهنجو سر
وڃائيندو، مگر باقي جيڪي به ٻه چار وڃي بچيا آهيون تن
کي به مارائيندو.“ ڪياسي ڪنڌ سان هاڪار ڪئي. اٺانئي
جيڪي بچيا هئا ۽ زنجيرن ۾ ٻڌل هئا، سي سڀ ماٺ ڪيو
پنهنجي ئي فڪر ۾ ويٺا هئا. ڪياسي به ڪٿي ماٺ ڪئي.
آڊوڪي لاءِ ڳالهه ڏاڍي ڏکي ٿي پئي. هو به ذري گهٽ
دانهون ڪرڻ تي هو پر صبر ڪري منهن گوڏن ۾ هڻي
ويهي رهيو.

هرمئجيسٽي جا آفريڪن اسڪئاڊ جا ٻه جهاز هروقت
سمونڊ ۾ پيا ڦرندا هئا. اچانڪ هنن ڏٺو ته ٻه جهاز پري کان
هنن ڏي اچي رهيا هئا. هو پري کان جهاز سڃاڻي نه سگهيا
باقي ڪين پڪ هئي ته يا ته سامونڊي لٽيرا آهن يا برٽش جي
فرگيٽ آهي. هارٽنبي سمجهي ويو ته برٽش فرگيٽ آهي.
هن کي جنگ يا لڙائي جو ڪو خوف ڪونه هو پر ايترو
خوف ضرور هوس ته جيڪڏهن اهي ”هرمئجيسٽي جا آفريڪن
اسڪئاڊ“ هوندا ته غلام کسجي ويندا. ڪپتان حڪم ڏنو
ته جهاز جا سمورا سڙهه آيا ڪيا وڃن. هي ڪم تمام ڏکيو
هو ۽ خلاصين به ٻان ۾ پٽ پٽ ڪئي ته هاڻ وري ٻئي پاسي

ٽو ھلڻو پوي. ھارينبي حڪم ڏنو تہ سيراليون بندرگاھ ڏي ھلو.

ھارينبي ڏنو تہ انھن ۾ ھڪڙو جھاز پيراگين ھو ۽ مٿس ڪپتان بہ اھوئي ساڳيو نوجوان انگريز ھو جنھن سان ھن جي اڳ ۾ منھن ماري ٿي ھئي. ھن سوچيو تہ پيراگين ۽ ان سان گڏ امريڪي، جيڪڏھن ٻئي اچي رسيا تہ رجسٽري وارو ڪوڙ بہ ظاھر ٿي پوندو. تنھن ڪري پٺڀي وڃڻ ڪان سواءِ ٻي ڪا واھہ ڪانہ ھئي.

پيراگين پنھن جي ساڳي رفتار ۾ ھنن جي پٺيان پئي آيو. جڏھن فقط پندرنھن منٽن جي پنڌ تي اچي پھتو تڏھن ڪپتان پنھنجن مالھن کي چيو "جيڪڏھن منھنجي حڪم جي ڀڃڪڙي ڪندو تہ پيراگين پاڻ کي ڇھي بہ نہ سگھي. مان ھرگز اھو نٿو چاھيان تہ اسان جي ڪيپ ڪنھن کي بہ نقصان رسي. پيراگين وٽ فقط ڇھہ توبون آھن. جيستائين جھاز ويجھو اچي تيستائين ڪوبہ فائر نہ ڪري ۽ جيستائين مان حڪم نہ ڏيان. حڪم ملڻ بعد سڀ پنھنجي مرضيءَ سان فائرنگ ڪندا رھجو. مگر ياد رکو، جيڪڏھن ناڪامياب ٿياسين تہ سڀ پاڻ کي جيل جي ڪال ڪوٺين حوالي ڪجو.

پيراگين ھاڻ فقط ھڪ ھزار والن جي مفاصلي تي اچي پھتو ھن جا ٻہ نيرين ڊريس ۽ ڪارن ٽوپلن وارا نيوي جا سولجر پوزيشن سنڀالي بلڪل تيار ٿيا بيٺا ھئا. نيوي وارن ۾ ڀيڙيون لاھي ڇاڏيءَ ۾ ڪيون ۽ ليفٽيننٽ بہ پنھنجن سپاھين

ڪي ضروري هدايتون ڏئي ٻيڙين ۾ لاٿو. ليفٽيننٽ لائوڊاسپيڪر وات تي رکي هاربنبي کي چيو "اي جيوبيليشن! خاموشي سان اسان جي عملي کي مٿي اچڻ ڏي، نه ته ياد رکجانءِ فائرنگ جي منهن ۾ اچي ويندين ۽ تباهه ٿي ويندين."
هاربنبي به هٿ گول ڪري وات تي رکي هن کي چيو "هليو آ ڪٽي جا پٽ، ڇا توکي خبر آهي ته اسين فائرنگ جو جواب نه ڏينداسين؟" اهين چئي منهن ٻئي پاسي ڦيرائي ڇڏيائين. مرڊس ڪپتان جي پر ۾ بيٺو هو تنهن ڪپتان کي چيو "جناب ٻيڙيون بلڪل ويجهيون اچي رهيون آهن. هڙهڪ ٻيڙي ۾ ڏهه ڏهه سپاهي بندوقن سان تيار ويٺا آهن ۽ درجن کن اڃا به جهاز ۾ موجود آهن"
"جڏهن ٻيڙيون ٽيهن والن جي مفاصلي تي اچن ته مونکي ٻڌائجان" ڪپتان مرڊس کي چيو. هاڻ مرڊس وال ڳڻڻ شروع ڪيا "اسي وال .... سٺ وال .... پنجاهه وال .... ٽيهه وال."
"بندوقن جا منهن کوليو ۽ خوب فائرنگ ڪريو" ڪپتان حڪم ڏنو. مسٽر مرڊس عملي کي حڪم ڪيو "فائر!" اچانڪ هنن جي طرف کان ٺز ٺز شروع ٿي وئي ۽ پيراگين جو عملو اوچتي فائرنگ ٿيڻ سبب منجهي پيو. هنن کي پوءِ خبر پئي ته جيوبيليشن وارا واقعي مقابلي لاءِ تيار ٿي ويا آهن. پيراگين توب ڇوڙي ته جيوبيليشن لڏي ويو. جيوبيليشن به جواب ۾ توب ڇوڙي. هاڻ ٻنهي جهازن مان دونهان نڪرڻ لڳا. وري پيرا ڳين ٽيهن ٻاونڊن جو گولو

چوڙيو. جواب ۾ جيوبيليشن به ڏک هنيو ته ٻيراگين جـو اڌ حصو اڏامي ويو ۽ بائلر ٻـــ ڦاٽي پيو. هاڻ ٻيراگين صفا بيڪار ٿي ويو. ٻيراگين کي ٻوڙي پوءِ هنن ٻيڙي وارن تي فائرنگ شروع ڪئي. پهريـن ٻيڙي جـا اڌو اڌ ماڻهو مري ويا. ڪپتان مٿي چڙهي آيو ۽ پستول ڪڍي ليفٽيننٽ کي شوٽ ڪيو. ليفٽيننٽ وانڙو ٿي ويو ۽ يڪدم تلوار ڪڍي هٿ ۾ ڪيائين. ڏڪاءُ ڪراس ڪپتان ٻـي گولي جهڪا ليفٽيننٽ کي مٿي ۾ وڃي لڳي. ٻيراگين جا فقط ٻـ. ماڻهو جيئرا بچيا جن کي سخت زخـم رسيل هئا. لڙائي بند ٿي. جيوبيليشن جا ڪل نـوَ ماڻهو مري ويا.

هاربنبي بچـيل عملي کي فتح ۽ ڪاميابي جـون مبارڪون ڏنيون ۽ انهي خوشيءَ ۾ پنج بوتلون رم جون، پنج بيئر جـون ۽ ٻـ. ڪيس وسڪي جـا پيئڻ لاءِ ڪين ڏنا. خلاصين کي حڪم ٿيو ته رات جو ڪيترو به نشو ڪريو مگر سڀاڻي صبوح جو وري به سڀ ڪم تي چڙهي وڃجو. رات اونداهي هئي جنهن ڪري سڀ ٻتيون ٻارڻ جـو بـــ حڪم مليو. سڄي رات هنن شراب پيتو.

ڏن بار به ڪجهه شراب پيتو. ڪيس ليانا ياد اچي رهي هئي. دل ۾ خيال پئي ڪيائين ته جيڪر مون سان گڏ هجي ها ته مان ڪيس اهو سمجه..ان ها ته هاڻ هو بلڪل جلد آزاد ٿي ويندي ۽ ڪيترو به ..رچ ٿيندو ته مان اهو خرچ ڪري هن کي واپس پنهن جي وطن روانو ڪندس. هن سوچيو ته جيتوڻيڪ

هوءَ انگريزي ٻولي نٿي سمجهي، تنهن هوندي به مان ڪوشش ڪري کيس سمجهائيندس ته سندس غلاميءَ جي باقي هڪڙي رات وڃي رهي آهي ان کان پوءِ هوءَ آزاد آهي. ٻن ٻار جي اکيان هڪڙا ماڻهو آهي بيٺا هئا جن زندگي ۾ آزادي ۽ غلامي جي جنگ هارائي هئي ۽ ٻيا اهي هئا جن ڀيراڳين تي فتح حاصل ڪئي هئي. هن هرگز اهو نٿي چاهيو ته ٻين عورتن سان گڏ رهي ليانا اهو ڏسي ته انهن سان ڇا ٿو وهي واپري. مگر کيس اهو به خوف هو ته مبادا ڪي خلاصي سندس خريد ڪيل ٻانهيءَ سان به هٿ چراند نه ڪن. ٻن ٻار کي مٿي ۾ سور ۽ سخت بخار هو جنهن ڪري هن پاڻهي پنهنجي مٿي کي ڌڪ ٻئي هنيا ۽ آخر چند ڪلاڪن کان پوءِ هن کي ننڊ ڪلي وئي. خلاصي سڀ نشي ۾ چور حالت ۾ هڪ ٻئي سان ڀوڳ مذاق به ڪري رهيا ته ڪي غلام عورتن سان عيش به ڪري رهيا هئا.

نائب سرجن مسٽر پيٽرسن به تمام گهڻو نشو ڪيو هو جنهن ڪري اٿي پيرن پر بيهي نه ٿي سگهيو. هڪڙي خلاصي سندس بيهوشي جي خبر سرجن کي ڏنائي مگر هو نه آيو. ولڪس جيئن بن احمد جي محلات مان ٿي آيو هو ۽ ڪئبن ۾ اچي گهڙيو هو تيئن وري ٻاهر نه نڪتو هو. انهيءَ وچ ۾ هو فقط هڪ ڀيرو تڏهن ٻاهر نڪتو هو جڏهن هنن جي ڀيراڳين سان لڙائي ٿي هئي. بن احمد جي محلات ۾ وڃڻ کان پهرين ولڪس جنهن خلاصيءَ کي ٽنگ ۾ ٺڏو هنيو هو سو اڃا تائين سور کان دانهون ڪري رهيو هو.

آخر هڪڙو ٻچ خلاصي لالٽين هٿ ۾ کڻي جهولندو ۽ پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڳانا ڳائيندو سرجن کي وٺڻ ويو. سرجن دوائن جي پيٽي کڻي زخمي خلاصيءَ جي مرهم پٽي ڪرڻ آيو. ولڪس هن جي زخم کي صاف ڪري، پورو مکي مٿان پٽي ٻڌي ڇڏي. ان کانپوءِ ۾ هڪڙو خلاصي نشي جي حالت ۾ هڪڙي بوتل هٿ ۾ ڪري ولڪس کي چوڻ لڳو ”سرجن صاحب، اوهين به ٿورو ڍڪڙو پيئو ته ڏاڍو سٺو.“ سرجن هن جي منهن ۾ نهاري بوتل کي پري هٽائي ڇڏيو. وري هڪڙو خلاصي ٻي بوتل کڻي ولڪس جي اڳيان ڦري آيو ۽ منٿون ڪري چوڻ لڳس ”سرجن صاحب، شراب جو سهارو وٺو، انهي کان سواءِ ٻيو ڪوبه چارو ڪونهي.“ ٻين به منٿون ڪيس آخر هن خلاصي کان بوتل وٺي ڳٽ ڳٽ ڪري سڄي بوتل پي خالي شيشو پاڻي ۾ اڇلي ڇڏيو. هاڻ هن کي به نشا چڙهي ويا ۽ ڪٿين پوڄڻ جي بجاءِ خلاصين سان گڏ ٿلهي هٿي اٿئي ويهي رهيو. وري ڪل ٻوڪ جون ڳالهيون ڪرڻ لڳو. اوچتو سندس اکين سان لڙڪ ڳڙي پيا. هن چيو ”دوستو! ٿورو ماٺ ڪريو، دوستو! سرجن ولڪس جو هي آخري سفر آهي. بندرگاهه تي لهڻ کان پوءِ مان وري ڪنهن به يورپين سان گڏ سفر نه ڪندس.“

”مگر مان انهي ڳالهه تي يقين نٿو ڪري سگهان. تو کان سواءِ اسان جو ڪهڙو حال ٿيندو سرجن؟“ هڪڙي خلاصي پڇيس. انهي تي ٻيئي خلاصي نشي جي حالت ۾

روئڻ لڳا ۽ نندڙن ٻارن وانگر ٻار ڪيڏي روئي رهيا هئا.
وري انهي ڳالهه تي احتجاج ڪندي چوڻ لڳا ”نه نه. اسين
توکي ڪونه ڇڏينداسين.“

”دوستو مون آخري فيصلو ڪري ڇڏيو آهي“ سرجن
خلاصين کي چيو. ”آخر تون ڇا ڪندين؟“ هڪڙي پڇيس.
”انهي جو مونکي ڪو الڪو ڪونهي. مان پنهنجو ٻيو ڪو
ڌنڌو ڪندس ۽ گهر جو گهر ۽ پنهنجن ڌيئن سان گڏ
زندگي گذاريندس.“

”اڇا، ته تون الانيس ۽ الائيشيا سان گڏجي رهندين؟“
ولڪس دل ۾ خيال ڪيو ته منهنجي ڌيئن جي نالن جي
خبر نه. فقط ٻن ٻار ۽ مردس کي آهي هنن کي اهي نالا
ڪنهن ٻڌايا؟

”ها. مان انهن سان گڏجي رهندس. هنن کي ڪا ماءُ
ڪانهي. هن وقت هنن کي پيءُ جي سخت ضرورت آهي.
مان هنن کي معاشري جون بهترين عورتون بنائيندس. مونکي
هنن سان بيحد پيار آهي.“ هڪڙي خلاصي نڪ مان سنگهه
ڪيڏي هٿ سوٽ سان اگهندي چيو ”واهه سائين واهه، عجب
آهي تنهنجي بيحد پيار تي؟“ وري ٻئي چيو ”سيڪو پنهنجي
اولاد سان پيار ٿو ڪري ۽ سيڪو پنهنجي اولاد کي سهڻو
ٿو سمجهي.“ ولڪس ڪڇيءَ مان لاڪيٽ ڪيڏي ڌيئن جا
فوٽو هن کي ڏيکاريندي چيو ”هي ڏس. ڇا هي سهڻيون
ناهن؟ ڇا مان هڪ خوش نصيب پيءُ نه آهيان؟“

”مگر هاڻ ٻڪ ٻند ڪندين يا نه؟“ مردس سرجن

کي چيو. "مهرباني ڪري تون هتان اٿي وڃ. وڃي ڪنهن
ٻي هنڌ ويهه" ولڪس چڙ مان مردس کي جواب ڏنو. وري
ٻين کي چيائين "اوهين به مون وٽان اٿي وڃو. اوهين سڀ
نالائق ماڻهو آهيو. وڃو ۽ وڃي انهي ٿلهي ٻُنڍ سان گڏ
ويهو ۽ بڪ بڪ ڪريو."

"جهونا، جهونا سرجن صاحب، هُو مري ويون" مردس
چيو. ايئن چئي هن سٽ ڏني سرجن جي ڳلي مان لاڪيٽ
ڇني هيٺ سمونڊ ۾ اڇلي ڇڏيو ۽ ولڪس کي چيو "هو
مري ويون. مري ويون."

"الائيس!" هن هڪڙي دانهن ڪئي؛ "الائيشيا!!"
هن ٻي دانهن ڪئي. ايئن چئي هن ڪناري کان هيٺ پاڻي
ڏي لوڏو کاڌو. خلاصين ڪدم جهلي ورتس. "مونکي
ڇڏيو. مون مان هٿ ڪڍو. هو ٻڏي وينديون. مان هنن
کي پاڻيءَ کان ٻاهر ڪڍڻ ٿو چاهيان" ولڪس دانهون
ڪرڻ لڳو. هڪڙي خلاصي دلداري ڏيندي چيس "سرجن
صاحب، هو خيريون آهن. بلڪل ٺيڪ ٺاڪ آهن. هن ته
رڳو لاڪيٽ پاڻيءَ ۾ اڇليو آهي."

"تون نٿو سمجهين. مان هنن کي ٻڏڻ نه ڏيندس. مان
هنن جي حفاظت ڪندس" ولڪس نهايت پريشان حال ۾
ڳالهايو. "مگر اهي ته گهر ويٺيون آهن، هتي ڪٿي آهن
جو ٻڏي وڃن؟ تون ته هتي جهاز ۾ ويٺو آهين!"

"ها. تون ٺيڪ ٿو چئين. هو. هو. گهر ويٺيون آهن.
هو سُتيون پيون آهن؛ هو ننڊ ۾ آهن. هو خواب ۾ مونکي

ڏسڻ پيو. هو، ننڊ پيو ڪن" ولڪس ڪراهي جي عالم ۾ ڳالهائيندو پوئتي هٽندو ويو. خلاصي هن جي شڪل ۾ چٽائي ڏسي رهيا هئا. "هن وقت هو چوڏهن سالن جو آهي. متئين مهيني ۾ هن جي سالگره آهي. ها، سالگره، ۽ پوءِ هو پندرهين سال ۾ داخل ٿيندو. مون کي هن لاءِ ڪجهه خريداري ڪرڻي پوندي. جيڪڏهن مان اتي نه هوندس ته هو مايوس ٿيندو. هو چوندو ته بابا اسان کان ناراض ٿي ويو آهي. ڏيڻ جي سالگرهه ۾ ٻيءَ جو هجڻ ضروري آهي." ائين چئي هو اڪيلي هليو ويو. سڀني خلاصين کي هن جي رحم جوڳي حالت ڏسي ڏاڍو ارمان ٿيو.

"مرڻس! تو کي ائين ڪرڻ نه کپندو هو." هڪڙي خلاصي مرڻس کي چيو. صبوح جو فجر مهل هڪڙي خلاصي ڪپتان کي ننڊ مان اٿاري ٻڌايو ته جناب مرجن ولڪس ڪچيءَ ۾ رسو وجهي پاڻ کي لوڪائي ماري ڇڏيو. هارينبي يڪدم ولڪس جي ڪئبن وٽ آيو ۽ ڏٺائين ته در جي چائنٽ ۾ ولڪس جو لاش هوا ۾ پئي لڏيو. هن جي بت تي اهائي قميص پئي هئي جيڪا سنجهي مان پيل هئس. هن جو پوڙهو منهن ڏسي ڪپتان منهن ٻئي پاسي ڪري عبرت ۾ پئجي ويو. هوءَ ۽ ولڪس ٻئي سن هئا. هارينبي وري پنهنجي بت کي ڏٺو ته اهو به پوڙهو هو. هن خيال ڪيو ته متان سائلاس جي نظر لاش تي پوي ۽ هو ڊڄي، تنهن ڪري يڪدم حڪم ڏنائين ته لاش هيٺ لاٿو وڃي، منجهند ڌاري هنن مرجن ولڪس جو لاش هڪڙي ٻيٽ تي دفن ڪري

ڇڏيو. ڪجهه ڏينهن تائين سندس ڳالهيون ياد ڪري سيٺي ارمان ڪرڻ لڳا، پر پوءِ جلدئي هنن ولڪس کي به وساري ڇڏيو.

ٻن بار کي سخت بخار هو. خلاصين هن کي ڪٽي ولڪس جي ڪئبن ۾ اچي ڇڏيو جتي پيٽرسن هن کي ڪوٺين جون نڪيون ڏئي ليٽائي ڇڏيو. ٻن بار روئي رهيو هو. ٻئي خلاصي کي به اوچتو بخار ٿي پيو. ان کي به کٽي اچي ٻن بارجي پر ۾ ڇڏيائون. منجهند کان پوءِ ٽيون خلاصي به بخار ۾ جهلجي پيو. پيٽرسن هيترا سارا مريض ڏسي بيزار ٿي پيو ۽ پنهنجي منهن ولڪس کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو. نئون مقرر ڪيل چيف سرجن مسٽر پيٽرسن بخار جو علاج به نه پيو ڪري سگهي. هاربنبي کي احساس ٿيڻ لڳو ته فقط ولڪس جي نه هجڻ ڪري هاڻ بيماري وڌندي وڃي. پيٽرسن کي اهائي خبر هئي ته بيمارن کي ٻين کان جدا رکڻ ضروري آهي ۽ ائين ڪرڻ سان بيماري تي ڪنٽرول ٿي ويندو.

ٻن بار کي بخار جا آثار چڙهي ويا هئا. ايتري قدر جو ڪنهن مهل وقليو پئي ته ڪنهن مهل بيهوش ٿي ٿي ويو. لڳاتار ٽي ڏينهن هن سان اها حالت هئي. گذريل ٻن راتين کان اوبرين هر رات لمانا وٽ ويندو رهيو.

خلاصين بن احمد جي محفل مان شراب جون ڪئين بوتلون چورايون هيون. هنن ڪپتان جي بوتلن مان به ڪافي

بوتلون چورائي لڪائي رکيون هيون.

اوبرين، ڪرافورڊ ۽ ريز پاڻ ۾ گڏ شراب پيئندا هئا ۽ پورو پنو نشو ڪندا هئا. هي ٽئي هڪ ٻئي ۾ ٻڪا وجهندا هئا ۽ جنهن جو نالو نڪرندو هو سو شراب پيارينڊو هو. پکن ۾ اڪثر ڪري ڪرافورڊ جو نالو نڪرندو هو ۽ هو هر وقت شراب جي بوتل کڻي ايندو هو. هن تمام گهڻيون بوتلون چورائي لڪائي رکيون هيون. ڪرافورڊ اهو خيال ڪڏهن به نه ڪيو ته آخر هن جو نالو هر دفعي ڇو ٿو نڪري. ريز اوبرين کي پنن تي نپڪي هلي چيو "ڏي خبر، هڻ ليانا بولڙي ۽ جو ڇا حال آهي؟" "ڇا ڳالهه آهي، سڀ انهي جي پٺيان ٿا ڪن. ليانا اوهان جي وات ۾ ته ڪانه ٿي پوي جو سڀڪو ليانا ليانا پيو ڪري! ليانا تي ته مان ڪامياب ڪي نٿو ٿي سگهان، ڇا ڪريانس؟"

"هي ڪا اڪيلي ڪريئس" ڪرافورڊ چيو.

"ڪهڙي ڳالهه ڪريانس؟"

"اڙي بيوقوف، ورِي بہ ساڳي آهي. هن سان ڪا نه ڪا ڳالهه ضرور ڪرڻ کپي. آخر ته هوءَ ڊن بار جي سنگتياڻي آهي. تنهن ڪري چڙيس ڪونه."

"مگر يار، ڊن بار کي خبر پئجي وئي ته هو ڏاڍو ناراض ٿيندو" ريز چيو.

"ناراضپي جي هن ۾ ڪهڙي ڳالهه آهي. هي ته ڪا ايڏي وڏي ڳالهه ڪانهي." مرڊس ڪلندي ريز جي ڪلهن تي هٿ رکي چيو.

”هن وقت ته هوءَ ٻيڪ ۾ آهي ڪٿي ٽپي اچي سگهي؟“

”وهه اهو ٻه ڪو ڏکيو ڪم آهي. هي نه وينو آهي مسٽر ريز، پاڻهي جهپي ڪٽي ايندس“ ڪرافورڊ چيو.

ريز چيو ”اهو ڪو ڏکيو ڪم ڪونهي، مان ڪٽي ايندو سانس پر پوءِ نائب ڪپتان کي اوهين راضي ڪجؤ!“

”نائب ڪپتان راضي ڪونه ٿيندو“ ڪرافورڊ چيو. ”پوءِ؟“

ٻه وهه هنن هڪڙي اٽڪل ويڙهائي. پهرين اوبرين نشي ۾ ٽڙندو نائب ڪپتان مسٽر رنڊال وٽ ويو، جنهن ٻيڪ جو تالو کوڙي هن کي اندر وڃڻ ڏنو. ڪرافورڊ ۽ ريز ٽورو ٻوٽي چانوڻي ۾ ٽي بيٺا. جنهن وقت هنن اوبرين جو پاڇو جرڪندي ڏٺو ته ريز اڳتي وڌيو. پنهنجان ڪرافورڊ دانهن ڪري چيو ”مان تنهنجو پيٽ ڦاڙي ڇڏيندس“ هن جي هٿ ۾ ڪٽيل چاڪو هو ۽ ريز جي پٺيان ويو.

”مسٽر هي منهنجو آهي. منهنجو آهي“ ريز چيو. ۽ رنڊال کي ڪنهي تي هٿ هڻي چيائين ”رنڊال صاحب، هن کي سمجهايو، هي اجايو ڦندو نه ڪري.“ رنڊال هنن جو نمونو وڙهڻ وارو ڏسي هنهي کي چيو ”معاف ڪريو. هي اوهين ڇا پيا ڪريو؟“ ڪرافورڊ بي وڃهو آيو ۽ چاقو هٿ ۾ ڪري ريز کي چيائين ”تون چور آهين.“ جيستائين رنڊال هنن ڏي ڌيان ڏنو تيستائين اوبرين ليانا کي بغل ۾ هٿي ٻاهر نڪري ويو ۽ رنڊال کي فقط ايترو چيائين ”مهرباني مسٽر رنڊال“ پوءِ هو ٻاهر نڪري ويو.

”جناب، هن منهنجو پٽو چورايو آهي“ ڪرافور رنڊال

ڪي ريز جي ڏانهن ڏني. "نه جناب مون هن جو پٽو نه چورايو آهي- هي پٽو منهنجو آهي" ريز چيو. ڪرافورڊ چيو "جيڪڏهن تنهنجو آهي ته ان جو ثبوت ڪهڙو آهي" ريز چيو "بلڪل ٺيڪ آهي. انهي جي اندرين پاسي منهنجي صحيح لکيل آهي." رنڊال ريز کان پٽو وٺي ڏٺو ۽ چيائين "هن تي ڪاٻه صحيح وغيره ڪانهي." ڪرافورڊ اهو ٻڌي ڪنڌ ۾ وٽ وجهي چيو "اوهو! جناب مونکي افسوس آهي، واقعي اهو پٽو منهنجو ڪونهي." پوءِ ريز پٽو کڻي هليو ويو ۽ وري وڃي اوبرين سان مليا. "ڏاڍو سٺو ٿيو. هاڻ انهي خوشي ۾ اچو ته هڪ ٻه پيڪ پيئون" ڪرافورڊ چيو.

ريز چيو "اها الڪل مون توکي سيکاري هئي."

"چڱو سائين تو ٿي سيکاري ۽ هاڻ ڇڏ انهي ڳالهه کي."

"مطلب ته ڪم ٿي ويو" ريز چيو.

اوبرين چيو "پهرين ته هن کي رسي سان ٻڌي هيٺ پاڻيءَ ۾ لاهيون. ٻه ٽي ٽوٻا ڏئي اول هن کي پاڪ صاف ته ڪريون." "اوبرين، تون ته واقعي ڪو وڏو شوقين مزاج ٿو ڏسڻ ۾ اچين" ڪرافورڊ هن کي چيو ۽ پوءِ يڪدم رسو کڻي آيو. ريز ٽورو ڪليو ۽ هن کي رسي سان قابو ٻڌائين. ڪرافورڊ ٻه پيلا ڏند ڪڍي کلڻ لڳو ۽ چيو "اونداهي رات ۾ ۽ هن چوري ۾ ڪو فرق ڪونهي." ٽيستائين ليانا پاڻ ڇڏائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي ۽ هنن کي ڌڪ ٻئي هڻيائين. اوبرين هن کي پاڪر وجهي جهاز کان هيٺ لاٿو. هوءَ ڇڙٻون هڻڻ لڳي ۽ سندس لتون جهاز ۾ ٻئي ٽنگيون.

اوبرين وري رسي مان جهلي هن کي ۽ ٽي ٽوٻا ڏنا. ريز ڪل ۽ اونڌو ٿي ويو. اوبرين هن کي ٻه ٽي لوڏا ڏئي متي ڇڪڻ لڳو. ”هوشياري سان ڇڪجانءِ متان هٿن مان ڇڏائي نه وڃي.“ ريز چيو. ليانا اندر پاڻي ۾ ڦٿڪي پئي. ريز ٽپ ڏيڻ لڳو. ”توکي ڇا ٿي ويو؟“ ڪرافورڊ پڇيس. ريز چيو ”شارڪ!“ هڪڙي وڏي ۽ ڪاري شارڪ مڇي به اندر چوڪري وٽ ڏسڻ ۾ آئي ۽ جيئن هن ليانا کي متي ڇڪيو ته مڇي به ٽپ ڏئي هن کي ڇڪ پائڻ جي ڪوشش ڪئي مگر هن ليانا کي ٻاهر ڪڍي ورتو. مڇي جو پاسو چنڊ جي روشني ۾ چمڪيو ۽ مڇي واپس پاڻي ۾ لهي وئي. ليانا روئڻ لڳي ۽ جيئن ڪيس جهاز تي متي آندائون ته هوءَ بيڪدم ڪري پئي. هڪ ٽنگ سڌي ڪري ڇڏيائين ۽ ٻي ٽورو ٻوٽي ڪيائين جنهن جي پير جي مرئي وٽان رت پئي نڪتو. پر اوبرين، ريز ۽ ڪرافورڊ کو خيال نه ڪيو ۽....

خلاصين مان پنج ڄڻا بخار ۾ جهليل هئا. جن مان ٻه ڄڻا مري ويا. غلامن ۾ ڪو به بيمار نه هو. ٻن بار تميز ڏينهن ڪجهه ڇگو ڀلو ٿيو. هو تمام ڪمزور ٿي ويو هو. جنهن ڪري ٻه ڏينهن پيا به ولڪس جي ڪئبن ۾ پيو هو. هن کي هلڪو ڪاڙهو ڏنو پئي ويو. اڃا هن کي ليانا جي ڳالهه ڪنهن به ڪانه ٻڌائي هئي.

پنجن ڏينهن کان پوءِ جڏهن هو ڊيڪ جي ڇت تي متي چڙهيو ته ڪمزوريءَ کان سج جو ٽڙڪو به نه پيو سهي

سگهي ۽ اکيون کڻي بند ڪيائين. في الحال هن ڏانهن ڪم ڪار به معاف هو. آخر هو جلد چڱو ڀلو ٿي ويو مگر ڪيس اهو سمجهه ۾ نه پئي آيو ته سڀ ماڻهو هن کي عجب جهڙي نگاهن سان ڇو ٿا ڏسن. هن کي ڪجهه بک لڳي رهي هئي جنهن ڪري مسٽر رئنڊال ڏي وڌي ويو ۽ چيائين ”سلام مسٽر رئنڊال.“ نائب ڪپتان چپن ۾ ٽهڪ ڪري جواب ڏنو. ”مسٽر رئنڊال، اوهان وري مونکي ڪمري ۾ وڃڻ جو حڪم ڏيندا ڇا؟“ رينڊال هن ڏي ڏسي چيو ”اوهو! ٻن بار تو سان ڪنهن ڳالهه ڪئي؟“ ”مان اوهان جو مطلب نه سمجهو رئنڊال.“ ”مان اوهان جي غلام ڇوڪري ۽ جي ڳالهه ٿو ڪوان.“ رئنڊال چيو. ٻن بار ڇوڪري جو اکر ٻڌي چرڪ ۾ نپي ويو. ”مسٽر رئنڊال، ٻڌاءِ هوءِ ڪٿي آهي؟“ ٻن بار نائب ڪپتان کي چيو. ”آرام سان، تڪڙ نه ڪر“ رئنڊال هن کي ٿڌو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ بال روم جو دروازو کوليو. ٻن بار مٿي ٿنگيل بتي جي وٽ مٿي ڪئي. مگر ليانا کيس ڏسڻ ۾ ڪانه آئي. ”مسٽر رئنڊال، ليانا ڪٿي آهي. اوهان ڇا ڪيو؟“

”مٿي ڪنڊ ۾ آهي“

”اوهو! ليانا، ليانا“ وري رئنڊال کي چوڻ لڳو ”رئنڊال، هوءِ بيهوش آهي. ڇو؟“

ليانا جا هٿ رسي سان ٻڌا پيا هئا. ٿنگ تي پئي ٻڌل هئس جيڪا رت ۾ ڀڄي پئي هئي ۽ ڦٽا هيٺ به پئي ڪريا سندس حالت تمام نازڪ هئي. سڄالپ ۾ نه پئي آئي ته ڪو

هوءَ اهائي ساڳي ليانا آهي. جيتن ٻن بار هن جي ويجهو ويو ته هوءَ کيس ٻدل هٿن سان ڏک هڻن لڳي ته ڏڍوڏ پئي کيائين. رٿنبال ڇهڪ الاريندي هن کي ڌمڪي ڏني، ”پري هٽ.“ ٻن بار هن جي هٿ سان ڇهڪ کسي پري اڇلي ڇڏيو. ليانا اهو ڏسي ٿورو مسڪرايو ۽ پنهنجي ٻولي ۾ ڪجهه چيو. ٻن بار ٻيهر لي مٽ هن کي چنائي ڏنو ۽ پوءِ رٿنبال کي وٺي ٻيڪ تي ستي آيو جتي رٿنبال هن کي سچي ڳالهه ڪري ٻڌائي. ”پوءِ هنن کي ڪهڙي سبڪت ملي؟“ ٻن بار پڇيو.

”هنن پئسا پري ڏنا آهن. اوهين انهي ڳالهه جو ڪو فڪر نه ڪريو. مسٽر هاريئي سڀ پئسا ڪري هڪڙي هڪڙي کان وصول ڪيا آهن ۽ هاڻ تو کان ڪجهه به وصول نه ڪيو ويندو. جيڪڏهن بچي پئي ته تو کي معنت ۾ ملندي. مگر هاڻ اوهين هن منڊي چوڪري کي ڇا ڪندا. پيو اهو ته ٽيون ڏينهن هنن تنهي کي انهي ڏوهه ۾ ڏنڊ ڏهه ڦٽڪا به لڳا آهن.“

”اوبرين، ڪرافورڊ ۽ ريز.“ ٻن بار هنن جا نالا ورتا ۽ پوءِ جهاز ۾ هيڏانهن هوڏانهن نظرون ڦيرائڻ لڳو.

”مسٽر ٻن بار، هڪڙو منٽ ترس. توهان بيشڪ مايوس ٿيو هوندين جيڪا هڪ حقيقت آهي. تو کي ضرور ڏک ٿيو هوندو. مگر انهي جي هنن کي اڳئي سزا ملي چڪي آهي. ان جي باوجود به جيڪڏهن تون هنن سان وڙهندين ته اهو وڙهڻ اجايو ٿيندو ۽ اهو تنهنجي لاءِ مشڪل ٿي

ٻولدو“ رئنڊال هن کي سمجھايو.

ڊن بار هن جي ڳالھ ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري هليو ويو. سامهون ڏنائين ته اوبرين ٻين ٻن خلاصين سان گڏ زنجير تان ڪٽ لاهي رهيو هو ۽ تيل جي مک ڏئي رهيو هو. اوبرين ڊن بار کي ويجھي ايندو ڏسي اُٿي اٿي بيهي رهيو. هن جا ساٿي ماٺ ڪري ٻنهي کي ڏسڻ لڳا. ڊن بار ويجھو اچي بيهي رهيو. اوبرين ڪلهن کي مٿي لوڏو ڏئي يڪدم ٻانهون ڪنجيون. ”اڇا، اها ڳالھ آهي!“ اوبرين چيو. مگر ڊن بار وڙهڻ جو ايرادو نه ڏيکاريو. ”ڏس ٻويا!“ اوبرين غصي مان هن کي چيو ”جيڪڏهن تون اسان کي قصور معاف ڪري ڇڏين ته بهتر آهي، ڇاڪاڻ ته اوبرين تو جھڙن ڇوڪرن جي مٿان مار کائڻ وارو ڪونهي. هي حادثو اتفاقي ٿي ويو آهي جنهن لاءِ مونکي ڏک آهي. قيتڪا لڳا آهن ۽ ٻکهار به سچو چئي ۽ هليو ويو. جيڪڏهن خوشيءَ سان اسان کي موڪلائي ڏئي ڇڏين ها ته هيئن ڪونه ٿئي ها.“ ڊن بار دماغ ٿڌو ڪري هن کي چيو ”اوبرين! ياد رکجانءِ مان توکي اڳٽ مارينديس.“ ... اکر ٻڌي هڪڙو خلاصي هن تي ڪليو ۽ چوڻ لڳو ”ها، برابر تي سگھي تو؛ ڇاڪاڻ ته تون وڏو پهلوان آهين ۽ اوبرين کي ماري تو سگھين.“ اوبرين کي تمام گهڻي ڪاوڙ اچي وئي. چيائين ”گڏهه جا پٽ، ڇا تو چئين؟“ هو ڊن بار تي الر ڪري چڙهي ويو ۽ هن کي ياڪر وجھي فرش تي ڪٽي اڇليائين ۽ مٿان نونشا تيار ڪري بيهي رهيو. ”اج تائين مونکي ايئن ڪنهن نه

چيو آهي. جيڪڏهن آزمودو ڪرڻو اٿئي ته لهي آ ميدان تي." اوبرين ڊن بار کي چيو. ڊن بار اٿيو ۽ ٻيو ڀيرو اوبرين چيو: "ڪوشش ڪر، رڳو ڪاوڙ ۾ مونڏي نهار ته سهي ته مان توسان ڪهڙو ٿو حشر ڪريان. مان قسم کڻي ٿو چوان ته مان توکي چيري ڦاڙي ٽڪر ٽڪر ڪري پاڻي ۾ اڇلي ڇڏيندس."

ڊن بار کي ڊوف ٿيڻ لڳو ۽ ڊڄڻ جي ڪري وانگر ڏڪي رهيو هو. هن ڏٺو ته جي وڏيڪ ڪوڙ ڪندس ته اوبرين اڄ ماري ڇڏيندو. آخر ڊن بار ڪاوڙ کي ماري، شرمندان اکيون هيٺ پاسي ڪري ڇڏيون. "ها. هاڻ ٺيڪ آهي. اهوئي سٺو ٿيو جو تو مونکي وڏيڪ ڪاوڙ نه ڏياري نه ته اڄ تنهنجو خاتمو ٿي وڃي ها." اوبرين ڊن بار کي چيو ۽ پٺن ۾ هڪڙي لت هڻي هليو ويو. غلام هن کي ڏسي خوش پئي ٿيا ته پل هي گورا پنهنجا پاڻ ۾ وڙهن. غلامن کي ڏسي ڊن بار چيو "اوهين منهنجي مدد ڪريو. افسوس اوهين اصل ڳالهه سمجهي نه ٿا سگهو." آخر ڊن بار اٿيو ويٺو رهيو. سڀ غلام هليا ويا.

ٽيڪومو پنهنجي منهن مان چيو هو ته مان غلام آهيان تنهن ڪري هولسٽر کي خوشي محسوس ٿي رهي هئي. شام جو جڏهن هولسٽر غلامن جي ويجهو ويو ته وري به ڏٺائين ته ٽيڪومو کي اڃا به اهائي اڪڙ، همت ۽ مغروري هئي. ٽيڪومو وري به هولسٽر کي ڏسي چيو "اوهين ڇا آهيو. مونکي ته فقط ڪرڻ جا ڦرڻا ڏسڻ ۾ اچو." هولسٽر کي

ڪاوڙ وٺي وئي ۽ خلاصين کي چوائين ”هن کي اورتي وٺي اچو ۽ هاڻ جو هاڻ وٺي اچوس.“ جيتوڻيڪ هولسٽر کي ڪاهه آفيسراڻي حيثيت ڪانه هئي پر خلاصي ٽوڙي پيو سڄو عملو هن جي تمام گهڻي عزت ڪندو هو ۽ سندس هرحڪم جي پوئواري ڪندا هئا. ٻه خلاصي ٽيڪومو کي پاڻهن ڪان جهلي هن جي اڳيان وٺي آيا. هولسٽر هن کي چيو ”ٽيڪومو! تون غلام آهين. ياد اٿئي يا وسري ويو اٿئي؟ تو پاڻ منهن مان قبول ڪيو هو ته ها مان غلام آهيان. ٽيڪومو! غلام پنهنجن مالڪن سان ايئن نه ڳالهائيندا آهن جيئن تون تو ڳالهائين.“

”مان غلام ناهيان“ ٽيڪومو چيو. هڪڙي خلاصي زور سان سندس پاڻهن کي سوٽيو. ٽيڪومو کي سور ٿيڻ لڳو ۽ چنگهڻ لڳو.

”ٽيڪومو! مان چاهيان ٿو ته تون منهنجا پير چٽ“ هولسٽر چيو.

”اول مونکي قتل ڪريو پوء ايئن ٿي سگهندو، باقي جيسين مون۾ ساهه هوندو تيسين ايئن هرگز نٿو ٿي سگهي.“ ٽيڪومو ڪتو جواب ڏنس.

”مان سمجهان ٿو توکي مارڻ ضروري ڪونهي. تون شرافت سان جهڪي منهنجا پير چم.“ هولسٽر هن کي وري به سمجهايو.

”ايئن هرگز نه ٿيندو“ ٽيڪومو جواب ڏنو.

”مهربان خلاصيؤ! هن نالائق کي زبردستي دسي هنجو

منهن، منهنجي پيرن تي رکرايوس.“ خلاصين هن کي جهڪائڻ جي ڪوشش ڪئي پر هو نه جهڪيو. آخرهڪڙي خلاصي زور سان پٺن ۾ لت هڻي ڪيس ۽ هو وڃي منهن ڀر ڪريو ۽ سندس منهن هولسٽر جي پيرن تي وڃي لڳو. ”ڏاڍو سٺو. ٽيڪومو! هاڻ چمي ڏي، چمي ڏي.“

”اوهان جي ماءُ ....“ ٽيڪومو هولسٽر کي گارڏني. هولسٽر کـي باهه وٺي وئـي ۽ چيائين ”تـو مونکي گـار ڏني آهي.“ خلاصين کي چيائين ته هن ڪچر کي دمي وري منهن جي پيرن تي منهن رکرايوس. هڪڙي خلاصي ٽيڪومو جي ڪنڌ تي گوڏو رکي وٺي جو زور ڏنو ته هن وري وڃي هن جي پيرن ۾ منهن کوڙيو. ”ٺيڪ آ. هاڻ ڇڏي ڏيوس.“ پوءِ خلاصين هن کي وٺي وڃي ٻين غلامن ۾ ڇڏيو. هولسٽر پنهن جي ضد نه پوري ڪئي پر دل خوش نـه ٿيس چاڪاڻ ته هڪ ته هنن اهو ڪم هن کان زبردستي ورتـو هو ۽ ٻيو ته اجا ٽيڪومو کي به ساڳي مغروري هئي ۽ هولسٽر کي به نفرت جي نگاهن سان پئي ڏٺائين. هولسٽر ڏنو ته جي وري به بي عزتي ڪبس ته مرڻ قبول ڪندو باقي جهڪندو ڪونه.

ڪپتان هاربنبي هولسٽر کي ”پاور“ جو مطلب سمجهايو هو. هولسٽر کي پاور هو مگر اڪيلو ۽ حرفت واروصنوعي پاور هوس. اوهين ڪنهن کي ٻيچاري به هن تي پاور استعمال ڪري ٿا سگهو يا ڪنهن ٻئي جي طاقت جـي وسيلي پاور استعمال ڪري ٿـا سگهو. پر جيڪڏهن اڪيلو نـه ٻجـي ۽ ڏاري طاقت هٿ ڪيو وڃي ته پوءِ اوهان وٽ ڪو پاور

ڪونهي. پاور ته انهن وٽ آهي جن اوهان جي مدد ڪري هن کي زير بار ڪيو. ٻيو پاور انهي وٽ آهي جنهن جي خلاف پاور استعمال ڪيو ويو آهي. ڪنهن به پاور جي خلاف انڪار ڪرڻ به هڪ قسم جو پاور آهي. هولسٽر کي اصلي پاور جي ضرورت هئي.

مرلسر اهو ٻڌو هو ته وڏا ماڻهو غلام شيدين جي ننڍڙن ٻارن کي پيرن ۾ ويهاريندا آهن ۽ انهي ۾ هو خوشي ۽ فخر محسوس ڪندا آهن. هولسٽر سوچيو ته هن سان به ائين ڪرڻ کپي. جيئن ته ڪپتان هارينبي تمام گهٽ ٻاهر نڪرندو هو. تنهن ڪري هن مسٽر مربس کان اجازت ورتي ته ٽيڪومو کي ٻڌي سندس ڪمري ۾ رکيو وڃي. مربس ظالم طبيعت جو ماڻهو هو تنهن اهي ڳالهيون اڳيئي ٻڌيون هيون ته ٽيڪومو جي بيعزتي ڪئي پئي وڃي. ڇاڪاڻ ته ٽيڪومو هڪ وڏو وزير هو تنهن ڪري سندس بيعزتي ٿيڻ سبب مربس کي خوشي ٿي رهي هئي ۽ مطمئن هو ته ائين وڏي وزير کي نيچو ڏيکاريو پيو وڃي جنهن تي هو کلڻ لڳو. مربس سمجهو ته ڪمري ۾ ٻڌڻ کان پوءِ هولسٽر هن سان بدفعلي ڪندو، مگر هولسٽر کي اهو خيال هرگز ڪونه هو.

هولسٽر جهاز جي وادي کي ڇيو ته سندس ڪئبن ۾ بستري جي پيراندي واري پاسي به هوڪ ديوار ۾ هئي ڏي. ان کان پوءِ ٽيڪومو کي هٿن ۽ پيرن ۾ اهڙي طرح رسا ٻڌي قابو ڪرائي ڇڏيائين جو هو ڪڏهن به ڇري

نه سگهي ۽ هڪڙي هنڌ پنجي پنجي ڪَڙي ٻوي ۽ پوءِ
نيٺ ضد ڇڏي ڏيندو.

”مان تنهن جو مالڪ آهيان. مان توکي جهڙو به
حڪم ڪندس سو توکي خوشي سان مڃڻو پوندو“ هولسٽر
ٽيڪومو کي چيو. ٽيڪومو هن کي ڪو جواب ڪونه
ڏنو ۽ بلڪل ماٺ ۽ خاموش هو. هولسٽر اول ته هن جو
ڪاڏو بند ڪيو. انهي رات هن سان ڪجهه به نه ڳالهايائين.
سڄي رات ستو پيو هو. ٽيڪومو به ستو پيو هو. هولسٽر
صبوح جو اٿيو. ٽيڪومو به جاڳيو پئي ۽ ڏٺائين ته هولسٽر
اٿي هٿ منهن ڌوئي ٿڌي ڏٺي ڪئبن ۾ ڦري گهري هن جي
مٿان اچي بيٺو ۽ پتلون جا بٽڻ کولي هن جي منهن ۾
پيشاب ڪيائين. پوءِ ڪپڙا مٽائي ٻاهر هليو ويو.
ٻئي ڏينهن هن ڪئبن ۾ ماني گهرائي ۽ ٽيڪومو جي روبرو
ويهي کائڻ لڳو ته جيئن بکيو ٽيڪومو ماني ڏسي سگهي
۽ خوشبوءِ به اچيس. مزي مزي سان ماني کائيندو رهيو.
ماني کائيندي هن اڌ گلاس پاڻي جو ڀري ٽيڪومو کي
پيئڻ لاءِ ڏنو. هولسٽر جي مرضي اها هئي ته هي مري نه
باقي رکو هن جي غلامي قبول ڪري. ٽيڪومو چپ چٽي
پاڻي پيئڻ کان انڪار ڪيو. ٻن ڏينهن جي اڃ ۽ بک کان
پوءِ ٽيڪومو جا چپ به سڪي ويا. هولسٽر هن کي فقط
ٻه ڍڪ پاڻي جا ڏنا جهڪي هن لاچار کان پيتا. هولسٽر کيٽ
مان هڪڙو ريشمي ٽوال ڪڍي رسي وانگر وٽي ٽيڪومو
جي ڳچي ۾ وجهي گول وٽ ڏيڻ شروع ڪيا ۽ ٽيڪومو

کي گهڻو ڏنائين. جيئن هن ڪپڙي کي وڏيڪ وٽ ڏنا ته
نيڪومو جا دوڙا ڪري آيا ۽ زبان وات کان ٻاهر نڪري
آئي. وڏيڪ وٽ ڏيڻ سان بيهوش ٿي ويو. هولسٽر ڦاهي ٻيري
ڪري ڪٽي ڇڏيس ته ڪلاڪ کن ڌائين هن کي هوش ڪونه
هو. ڪجهه وقت کان پوءِ هو هوش ۾ آيو.

ڏهن ڏينهن جي لڳاتار بک ۽ اڃ کان پوءِ هولسٽر وري
هڪڙو ننڍڪڙو ڪڪڙ سان کڏيو جيڪو هولسٽر جي
ساءِ جو هو. هن انهي ننڍڪڙي سان هن جا ننهن پٽيائين،
چمڙي پٽيائين، جنهن ڌاڳي نيڪومو سور کان سوساٽ پئي
ڪيا ۽ هولسٽر خوش پئي ٿيو.

رات جو هولسٽر نيڪومو سان ڳالهايو. "نيڪومو!
سچ پچين ته مونکي تنهنجو ڏاڍو ڏک آهي. مهرباني ڪري
ڪجهه کاءُ. هولسٽر هن جي لاءِ فرائي گوشت، ماني، ملائي،
ڪجهه گرم بسڪوٽ ۽ مٺي شربت جو جڳ پري ڪٽي
ايو. نيڪومو جا هٿ کولي هن کي سهارو ڏئي اٿاري
ويهاريائين. نيڪومو سور کان دانهون پئي ڪيون. هن جا
سنڌ ڪڙجي پيا هئا. بک کان چپ سڪي ۽ ڦاٽي پيا هئس،
اکين جو پاڻي سڪي ويو هوس. هن جا هٿ ڪم نه پيا
ڪن ۽ سولي طرح کائو به نه ٿي کائي سگهي، تنهنڪري
هولسٽر پنهنجي هٿ سان گرهه ٻڌي هن جي وات ۾ پئي
وڌا. اڃا ٻه ڪاڻو مس کاڌائين ته هولسٽر برتن پري ڪندي هن
کي چيو "بس وڌيڪ کاڌو نه کاءُ. تون بلڪل ڪمزور
ٿي چڪو آهين يڪدم ڊؤ ڪري کائيندين ته تڪليف ٿيندءِ."

ٽيڪومو ٽورو ساهه ۾ آيو ته اٿڻ لڳو ۽ اکيرو وڌيو.

”نه. ڪيڏانهن به نه وڃ تو کي وري ٻڌلو آهي“ هولسٽر چيس ۽ وري ڪجهه نيٺ وجهي ٻڌي ڇڏيائينس.

”مهربان! جناب مالڪ!“ ٽيڪومو هولسٽر کي نمائين اکين سان ڏسندي چيو. ”مونکي افسوس آهي ٽيڪومو، مان توسان هي حالت ڪرڻ ۾ خوش ڪونه آهيان مگر مجبوري ڪان ائين ڪيو اٿم. ٽي سگهي ٿو هاڻ تون به ڪجهه سمجهي ويو هوندين.“ هولسٽر چيس. ”مان توکي وڌيڪ هن حالت ۾ نه رکندس.“ ائين چئي هولسٽر اٿيو ۽ وري هن کي چيائين ”مان هي سڀ ڪجهه فقط انهي لاءِ پيو ڪريان ته جيئن تون ۽ مان هڪ ٻئي کي سڃاڻي سگهون.“ پوءِ هن جي هٿن وارو زنجير ٿورو هوڪ ۾ ٻڌي هن جون ٻئي ٻانهون اپيون ڪري ڇڏيون. ٽيڪومو جي دل ڪچي ٿيڻ لڳي ۽ هن التجائون ڪرڻ شروع ڪيون.

”مالڪ! منهنجي مدد ڪر“ ٽيڪومو هن کي منت ڪئي.

”مان ته توسان دوستي رکڻ ٿو چاهيان. تون به مون سان دوستي رک.“ ائين چئي هولسٽر مٿي ويو ۽ تارن ۽ سمونڊ جا نظارا ڏسڻ لڳو. ڪجهه دير کان پوءِ وري واپس آيو ۽ ساڳيو نچڪو وري ڪيائين.

جيوبيليشن لڳاتار ست ڏينهن کلئي سمنڊ ۾ پئي ترندو. اوچتو هنن جهاز ۾ ڏٺو ته هڪڙو غلام اڌو ٿي پيو هو. جنهن وقت خلاصين ماني پئي کاڌي ته هنن ڏٺو ته هڪڙو

نهايت ڪمزور ۽ ڏٻرو غلام ٽاپاڪائيندو هنن ڏي پئي آيو. هڪڙي خلاصي ڏڪو ڏنس ته وڃي ڪريو ۽ وري به اٿي هنن ڏي اچڻ لڳو، جنهن تي هڪ ٻئي خلاصي اٿي هن کي زور سان لت هڻي ڪيڏي ۽ پوءِ هو ماٺ ڪري پري ويهي رهيو. خلاصين کي خبر ڪانه هئي ته ڪو هي انڌوٽي پيو آهي. جڏهن هڪڙي خلاصي چاقو ڪولي هن تي حملو ڪيو ته هن ڪو به بچاءُ ڪرڻ لاءِ هٿ نه چوريو ۽ جيئن جو تيئن ماٺ ڪيو ويٺو هو. پوءِ هنن کي پڪ ٿي ته هي انڌو آهي. هڪڙي خلاصي ٻيڪ جي چت تي چڙهي زور سان سڏ ڪري چيو "انڌو شيدي- انڌو شيدي." خلاصين اهو ٻڌي مرڊس کي وڃي ٻڌايو- جنهن ٻڪدم پيٽرسن کي گهرايو. تيستائين هنن هن کي هٿن جا اشارا وغيره ڪري ڏٺو ته واقعي انڌو آهي يا بهانو ٿو ڪري. مگر هنن کي پڪ ٿي وئي ته هو واقعي ڏسي نٿو سگهي. پيٽرسن آيو. هن جون اکيون تپاس ڪري چيائين "اکيون ته اکين جهڙيون آهن پر اندران ڪجهه سڙيل آهن. مان فقط ايترو چئي ٿو سگهان ته هي انڌو ٿي پيو آهي باقي وڌيڪ مونکي ڪا خبر نٿي پئجي سگهي."

مرڊس سرجن کان پڇيو "ڇا هي وچڙندڙ مرض ته ڪونهي؟" "اهو مان نٿو چئي سگهان. هن کان اڳي مون فقط اهي انڌا ڏٺا آهن جيڪي ماءُ جي پيٽان ئي انڌا ڄمندا آهن." مرڊس ٽڏو شوڪارو ڀري چيو "افسوس جو اڄ سرجن ولڪس اسان سان ڪونهي." پوءِ خلاصين کي حڪم

ڏنائين ته هن کي مٽي ڪٽي هلو- خلاصين لنگولالي ڪري
ڪٽي وڃي مٽي ڇت تي چڙهيس. مرڊس، مسٽر ڪائن کي چيو
ته هالي سيني غلامن جون اکيون چمڪ ڪراهو ۽ جيڪڏهن
انهن ۾ ڪوبه اندو هجي ته مٽي ڪلائي اچوس. مرڊس اهنا
رپورٽ هاربنبي کي پيش ڪئي ۽ وڏيڪ ٻڌايو تـه مسٽر
پيٽرسن کي ڪابه خبر نه تي پوي. هنن وٽ اکين جو مرهم
هو پر اهو صرف خلاصين لاءِ هو. پيٽرسن مسٽر ڪائن سان
گڏ قيدين ۾ ويو جتان ڪي پيا به. ڪڏي آيا جهڪي اندا
تي پيا هئا. هنن جي اکين جي تارن تي گول پيلا چلا ڏسڻ
۾ پئي آيا. هاربنبي به حڪم ڪيو ته سيني اندن کي ٻين
کان جدا ڪري رکيو وڃي.
پيٽرسن ٻن بار جو علاج پئي ڪيو مگر هن کي انهي
ڳالهه جـو عجب پئي لڳو تـه ٻن بـار هن جانورن جهڙي
ڪاري چوڪري جي وچوڙي ۾ وڏيڪ بيمار ٿيندو پئي ويو.
جيتوڻيڪ ٻن بار جڏهن به ليانا جي ويجهو تي ويو تـه هن
هنکي چڪ ۽ رانيوڙا تي هنيا. ٻئي بار ليانا تي ڪلبه ڪاوڙ
ڪانه تي ڪئي ۽ هي سڀ ڪجهه اوبرين ڪان ڪري تي
پانيو ۽ هروقت چاقو هٿ ۾ ڪريو اوبرين کـي مارڻ لاءِ
موقعا تلاش ڪندو تي رهيو. هن کي ريز ۽ ڪرافورڊ تي
بـه ڏاڍي ڪاوڙ هئي- مگر هن جي ريـز تي اڪـ ڪانه
تي هڏي.
اتفاق سان هڪڙي ڏينهن صبوح جو سويري هـن ڏٺو
ته هڪڙو خلاصي پهري تان لهي سمهڻ لاءِ پيو وڃي. ٻن بار

سچاتو تہ اهو ريز هو. ڊن بار بہ سچي رات ڪونہ ستو هو ۽ اڪين ۾ اوجاڳو بہ هوس. مگر چاقو هٿ ۾ ڪئي هن ڪي جهاز جي وچ تي وچي تڪريو. اچا گهڻا ماڻهو ستا پيا هئا ۽ جهاز تي ماڻهن جي هل هلان ڪانہ هئي. ريز پئي ويو تہ ڊن بار پٺيان سڏ ڪيس "ريزا" ريز ڊچي ويو ۽ يڪدم پت سان ليڪ ڏئي هن ڏي ڏٺائين "ڪير آهي؟ ڊن بارا"

"هـا هـا ڊن بار. مان توسان ڪجهہ ڳالهائڻ ٿو چاهيان"

ڊن بار هـن ڪي چيو. ريز بـہ چاقو ڪڍي هٿ ۾ ڪيو.

"ڊن بارا سچي سچي حقيقت اها آهي تہ اسان جو ليانا ڪي نقصان رسائڻ جو ڪو ايرادو ڪونہ هو. اسان تـہ هن سان فقط مذاق پئي ڪئي." هن جـو آواز ننڍڙن ٻـارن وانگر جهڪو ٿي ويو ۽ هڪ ٻئي ڪان ٿورو پري بيٺا هئا.

"توهان جي خيال ۾ اها سڀ ڪجهہ مذاق هئي."

"اسان جو پيو ڪو خيال ڪونہ هو مگر توڪي ڪنهن غلط ٻڌايو آهي."

"چا اهو سڀ ڪوڙ آهي؟"

"ها مان پنهنجي لاءِ قسم کڻڻ لاءِ بہ تيار آهيان."

"تہ پوءِ هن سان زنا ڪنهن ڪيو هو؟"

"اوبرين هن سان بدفعلي ڪئي آهي. تـون پڇي ڀڪ ڪر تہ توڪي سچي حقيقت جي خبر پئجي ويندي. مان تہ رڳو هنن سان صنگت ۾ گڏجي ويو هوس."

"اوبرينا" ڊن بار چيو "اوبرين!!"

"ها ڊن بار، اوهين يقين ڪريو. اوبرين حرڪت ڪئي

آهي اسان هن سان ڪجهه به نه ڪيو آهي.“

”ريز! مونکي بيوقوف بنائڻ جي ڪوشش نه ڪر.“

”نه ڊن بار! مان توکي بيوقوف ڪونه ٿو بنايان. مسٽر رئنڊال ڪان پڇي ڏس جيڪو بروقت موجود هو ۽ مونکي واپس وٺي آيو هو. مون ته هن کي هٿ به نه لڳايو هو.“ ڊن بار ٿڌو شڪارو ڀري ڪجهه دير ماٺ ۾ اچي ويو. ”ٺيڪ آهي، هوندو. مان شايد توکي هرو ڀرو ڳالهايو آهي جنهن لاءِ مونکي افسوس آهي!“ ايئن چئي هو واپس هليو ويو ته ريز پنيان سڏ ڪيس ”ڊن بار! ڇا تون ڇريو ته نه ٿي پيو آهين؟“

”نه هاڻ مونکي توتي ڪا ڪاوڙ ڪانهي“

”پڪ؟“

”هاءِ“ پوءِ هو ٻئي ڇٽا ڳالهيون ڪندا جهاز جي ڪناري تي اچي بيٺا ۽ ريز تورو کلي هن کي چيو ”ته پوءِ هٿ ملاءِ. هاڻ مان توکان مطمئن آهيان. سچ پچ مونکي توکان ڏاڍو خوف پئي ٿيو.“

هاڻ ريز هن جي خوشامد ڪرڻ لڳو ۽ هيٺاهين وٺڻ لڳو. ”حقيقت هيءَ آهي مسٽر ڊن بار، ته تو ڪجهه نه وڃايو آهي. اسان جو خانو خراب ٿي ويو. اسان جا سڀ پگهار ضبط ٿي ويا ۽ اها هڪ وڏي سزا آهي. تنهن ڪان سواءِ مسٽر ڪائن مونکي اهڙي نه زور سان ڦٽڪا ڇڪيا آهن جو اڃا تائين منهن جا پنا پيا سور ڪن.“ هو ٻئي سمونڊ جو نظارو ڏسي رهيا هئا. ڊن بار کي غصو اڃا به هو ۽

ڪنڌ ٻڌي ڪوليائين جنهن تي ريز جا خوف کان هٿ ٻڌي رکيا ۽ ڊن بار چوڌاري اهو ٻڌي ڏٺو ته ڪير هنن کي ڏسي نه رهيو ٿو.

”ڊن بارا تو کي هڪڙي مزي جهڙي ڳالهه ٿو ٻڌايان. مون وٽ هڪڙي شراب جي بوتل ٻڌي آهي- مان ڪٿي ٿو اهان ۽ ٻڌي چڱا ٻڌنداسين. هاڻ مونکي ٻڌمن تي وٺو آهي ته تون چريو نه ٿيو آهين. شايد ٻين وانگر تو شراب جو ڍڪ به نه پيتو آهي. ڇا مون سان گڏ ٻيڪ ٻالي پيئندين؟ ڇا تو چئين؟“ ڊن بار چيس ”ٺيڪ آهي.“ چاقو هن جي هٿ ۾ هو جيڪو هن ريز جي مٿي وٿان هيڏانهن هوڏانهن ٻڌي ڦيرايو ۽ اوچتو نڪا ڪياٽينس گلي ۾. ريز هيٺ لوڏو کاڌو. ٿورو کنگهيو ۽ هن جي گلي مان ڪو آواز ڪونه نڪتو. هن جون ٽنگون ست ڇڏي ويون ۽ هو آهستي آهستي اتيئي ويهي رهيو ۽ ڊن بار کي ڏسڻ لڳو ۽ پوءِ اکيون بند ٿي ويس ۽ هو ڪري پيو.

”وحشي، وحشي جانورا“ ڊن بار چيو ۽ ريز کي پيرن کان جهلي اهڙي طرح ٻالي ۾ اڇلي ڇڏيو جو ڪو به آواز ڪونه ٿيو ۽ نڪي ٿي چندا جهاز کي لڳا. ڊن بار چوڌاري نظر ڦيرائي ڏٺو ته ڪيس ڪنهن به نه ڏٺو هو. هن جي دل ڪجهه تيز لڳي ۽ جلدي جلدي وڃي پنهنجي بستري تي ليٽي پيو.

صبوح جو ريز جي ڳالهه هلي وئي ته ريز غائب آهي، مگر ڊن بار ڏي ڪنهن جو به خيال ڪونه هو. ڇاڪاڻ ته جهاز مان اڪثر ماڻهو غائب ٿي ويندا هئا. ڪن خلاصين

ڏن بار ڪي شڪي نگاهن سان ڏٺو ٿي، پر ڪنهن به مٿس اهڙو الزام ڪونه هنيو. آخر مسٽر ڪاٽن ”ريز جا لپڙ سامان ڪڍائي جدا ڪري ڇڏيا. سامان ڪهڙو هو؟ فقط ٻه چار ميرا ۽ ڦاٽل ڪپڙا هئا.

ريز جي ڳالهه ٻه ان وقت سيني ڪان صما وسري وئي جڏهن وري ٻيا ٽي غلام انڌا ٿي پيا ۽ چارهن مرض ۾ جهلجي چڪا هئا. سيني کي جدا ڪرائي هاربنبي ٻيهر حڪم ڏنو ته غلامن جي وري چڪاس ڪريو ۽ پاڻ واپس ڪئبن ۾ وڃي لاگ بڪ ۾ داخلا ڪيائين ته ”ٽي غلام انڌا ٿي پيا آهن. چار ٻيا مرض ۾ جهلجي چڪا آهن. هي رپورٽ اڄ صبوح جو ڪئي وئي آهي.“

هاڻ هنن وري تپاس ڪئي ته ڪل ڏهه غلام انڌا ٿي پيا هئا ۽ ٻين ڪيترن جون اکيون خراب ٿيڻ واريون هيون. ڪپتان کي انهي ڳالهه جو ڏاڍو فڪر ٿيڻ لڳو. جڏهن ڪان ڪپتان هاربنبي جهازن تي نوڪري ڪئي هئي تڏهن ڪان هن هي ليون پيرو هي مرض پکڙجندي ڏٺو هو. هڪ پيري ته هي مرض ايتري قدر زور وٺي ويو هو جو سؤ تي اهي غلام انڌا ٿي پيا هئا ۽ عمليمان ٻه اڏواڏ ماڻهو انڌا ٿي پيا هئا.

لاگ بڪ بند ڪري هن سائلاس کي ڏنو جيڪا پڪين کي ڇپي تي ويهڻ سيڪاري رهي هئي.

ٻئي ڏينهن مسٽر مرڊس جيڪا رپورٽ هاربنبي ڪسي موڪلي تنهن هن جا حوصلا خطا ڪري ڇڏيا ۽ سمجهه ۾ ئي ڪجهه نه پيو اچيس. وري به دل ڏاڍي ڪري بنا ڪنهن خوف ۽ فڪر جي، ڇروٽ دڪائي بستري تي ليٽي خوب ڪش هڻڻ لڳو ۽ دونهان ڪيڻ لڳو.

سائلاس کي ڏسندي هن کي پنهنجي هڪڙي سؤٽ جي ڳالهه ياد اچي وئي جيڪو ليورپول کان ٻاهر ڪوٽ ۾ رهندو هو ۽ بلڪل مستانو هو. پنجن سالن جي عمر تائين هن کي ڪو عقل ڪونہ هو. هن ۾ هڪڙي پياڻڪ ڳالهه اها هئي ته هن جي ٻيءَ هن کي هڪڙو پيرو ٺهرائي ڏنو هو جنهن ۾ جيستائين اندر ويٺو هوندو هو ته بلڪل خوش هوندو هو ۽ کلندو پيو هو پر جي پيري کان ٻاهر ڪڍبو هوس ته ڏاڍو روئيندو هو. آخر هو بيمار ٿي پيو ۽ ڇهن مهينن ۾ مري ويو. هارينبي سوچيو ته هن سان بہ ساڳيو حشر آهي. جيترو وقت هن ڪئبن ۾ آهيان اوترو وقت باڪل خوش آهيان؛ پر جي ٻاهر ٿو نڪران ته سڪون نٿو اچي. وري سوچيائين ته هي جهاز بہ مون لاءِ پيرو آهي. جتي مان جهڙو ڪر سڄي جهاز جو مالڪ آهيان ۽ هر ڳالهه جي لاگ بڪ ۾ داخلا ٿو رکان. حقيقت ڪري هي سڄي دنيا هڪڙو پيرو آهي فقط سائيز جو فرق آهي.

سائلاس پکين کان واندي ٿي هن ڏي ڏٺو ۽ پوءِ هڪڙي گلاس ۾ وسڪي وجهي هن جي اڳيان اچي بيٺي. هارينبي هن کان گلاس ورتو ۽ سائلاس هڪڙي پاسي ڪنڌ ۾ وهي رهي. ڪپتان گلاس وٺي وسڪي کي سونگهيو. هن کي ان وقت وسڪي جي ضرورت ڪانہ هئي جنهن ڪري گلاس ۾ آڱر وجهي وسڪي کي گهمائڻ لڳو. هارينبي سائلاس جي هر ڪم کان مطمئن هو. سائلاس هن جي ٻولي سمجهي ڪانہ سگهندي هئي تہ بہ سمجهڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. هوءَ هارينبي جي عادتن کان بہ آهستي آهستي واقف ٿي

وٺي هئي ۽ هاڻ هن جي هر ڪا خدمت هن جي مرضي مطابق ڪندي هئي. هارينبي به هن کي هر ڪم سمجهائيندو ۽ سيکاريندو هو ۽ هو سکندي پئي وئي. هارينبي اهو به ڏٺو پئي ته سائلاس سواءِ هارينبي جي ٻي ڪنهن به ڳالهه ڏي ڌيان نه ڏيندي هئي. باقي هارينبي کي اها خبر نه پئجي سگهندي هئي ته سائلاس جي دل ۾ ڪهڙا جذبا ۽ حسرتون اڀرن ٿيون ۽ فوت ٿي وڃن ٿيون.

غلامن ۾ اڪين جو مرض زور وٺي ويو هو ۽ ڪئين غلام انڌا ٿي ويا هئا. گورا هن بيماري کان ڊڄندا هئا جنهن ڪري هاڻ اندر بلڪل نٿي آيا. هنن کي پنهنجو خوف هو.

آڊوڪي کي ڪابه انهي ڳالهه جي ڳڻتي ڪانه هئي ته غلام انڌا ٿيندا وڃن يا هن کي ٻاهر ڇو نٿو ڪڍيو وڃي. هن ڏٺو پئي ته هو هنن وٽ قيد هو. سندس گهر جا سڀ ڀاتي مري کپي ويا هئا تنهنڪري هاڻ فڪر ڇاجو. ٻاهر ڪڍن نه ڪڍن سندن مرضي. جڏهن مٿي ويندو هو ته ٿوري دير ڪسرت ڪري وري به وڃي هڪڙي هنڌ ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهندو هو. سڀ رنگ پيو ڏسندو ۽ ٻڌندو هو پر ماٺ ڪريو گوڏن تي ڪنڌ رکيو ويٺو هوندو هو. جيڪڏهن سندس جسم کي به ڪا تڪليف رسندي هئي ته به ڪو خيال ڪونه ڪندو هو.

هڪ ڀيرو جيئن هو ڪنڌ گوڏن تي رکيو ويٺو هو ته ڪنهن سندس ڪلهي تي اچي هٿ رکيو. هن منهن مٿي

ڪري نہ ڏنو تہ ڪمر آهي ۽ دل ۾ خيال ڪيائين تہ ڪير بہ هجي تنهن ۾ منهنجو ڇا؟ آخر هٿ لاهي هليو ويندو. ڏسي ڇا ڪندس. هٿ هن جي ڪلهن تان لٿو تہ ڪوند ٻـر التو هن کي ڪلهن ۾ سنهڙيون ڇهنڊيون هڻڻ لڳو. ”بـابـا!“ بابا جو اکر ٻڌي هن يڪدم منهن مٿي ڪيو ۽ ڏٺائين تـہ سندس پـٽ تولو هـو. ”اوهو! تولا تـون!“ آدوڪي منهن تي مصنوعي مسڪراهٽ پيدا ڪئي. تولو سندس هٿ کـي جهلي هن جي سامهون تي ويٺو. سندس منهن ۾ شـور هـو. آدوڪي هن کـي ڪجهہ چوڻ تي چاهيو پـر پوءِ هن کي ڏسي وري بہ نراڙ گوڏن تي رکي ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهيو. تولو آهستي آهستي هن جي مٿي تي هٿ ڦيرائڻ لڳو ۽ آدوڪي ڏڪيو پئي. جهڙوڪر آدوڪو پٽ هـو ۽ تولو هن جو پيءُ هو ۽ پيءُ پٽ جي دلجوئي ڪري رهيو هو.

”بابا! مونکي ٻڌاءِ. ٻڌاءِ بابا تہ هنن گورن جـي ڪهڻن پاڙ پٽجي.“ تولي جي آواز ۾ لهر هئي. چند گهڙيون خاموشي ۾ گذري ويون. آدوڪي هڪڙو ڊگهو ساهہ پري تولي جي مٿي تي هٿ گهمايو. هن جا چپ پئي ڏڪيا ۽ ڏڪي ڏڪي پٽ کي چيائين ”پاڻ .... ڪڏهن.... تولا پاڻ .... گهر ....پاڻ گورن کي ....“ هو وڌيڪ ڳالهائي نہ سگهيو. تولي جـي اکين مان لڙڪ قطارون ڪري وهـڻ لڳا جيڪي آدوڪي جـي ٻانهن تي پئي ڪريا. آدوڪي يڪدم هن کي ڀاڪر ڪئي وڌو. ”جيڪي ٿيو سو سـڀ ٺيڪ ٿيو پٽ! سڀ ٺيڪ ٿي ويندو.“ ڇا ٺيڪ تي ويندو، اها خبر تولي کي بہ هئي ۽

آڳوڪي ڪي ٻه پڪ هئي ته ڪجهه نه ٿيندو. اڳوڪي روئي وڌو ۽ هاڻ روئڻ جهل نه پيو ڏئيس. روئندي روئندي پٽ کي دلاسا ٻئي ڏنائين.

وبا جهاز ۾ زور وٺي وئي هئي. لئين ڏينهن تي ستاويهه غلام اندا ٿي پيا جن کي ڊار ڪيو ويو ۽ مردس پنهنجي رپورٽ ۾ وڌيڪ لکيو ته ٻارنهن غلام ٻيا به جهليا پيا آهن. هڪڙي خلاصي ۽ جون ٻه اکيون خراب ٿي پيون آهن. هاڻ بيماري ڪنٽرول کان نڪري چڪي هئي. هارينبي حڪم ڪيو ته مٿي سؤ ماڻهن جي جڳهه آهي تنهنڪري جيڪي به غلام مرض ۾ جهلجن تن کي ٻاهر ڪڍي اڇو. هارينبي انهي وبا کان واقف هو جنهن جا ڪئين قسم هئا. ڪڏهن ڪڏهن فقط نظر جهڪي ٿي ويندي هئي پر ڪجهه ڪجهه ڏسڻ ۾ ايندو هو. ڪڏهن هي بيماري ايترو زور وٺي ويندي هئي جو صفا نظر ختم ٿي ويندي هئي؛ پر هن بيماري جو علاج موجود هو ۽ علاج ڪرڻ سان وري اکيون اکين جهڙيون ٿي ويندڙيون هيون. هن وقت سندن جهاز آئيسلئنڊ کان ٽن ڏينهن جي پنڌ تي هو.

رئنڊال به انڌو ٿي پيو هو. ٻئي ڏينهن ٻه ٻيا خلاصي به اندا ٿي پيا. ٽن ڏينهن کان پوءِ غلامن جو تعداد پنجاهه کي پهچي ويو. ٻن ٻار ليانا کي ڏٺو. مگر هاڻ هُن نه هن کي ڏسي ڏانهون ڪيون نڪو رانيوڙا ڪڍي لاءِ اڪتي وڌيو. ٻن ٻار اتيئي ويهي رهيو. ٻن ٻار ٻتي ٻاري هن جي اکين ۾

ڏنو تہ اهي چمڪي رهيون هيون. بتي مٿي ڪرڻ سان ليانا ٻہ منهن مٿي ڪيو. وري بتي کي ساڄي کاٻي ڦيرايائين تہ هن ٻہ ساڳي طرح منهن کي ڦيرايو. پوءِ ٻن بار بتي کي هيٺڙي ڪيلي ۽ ۾ تنگي هن ڏي ويو تہ ليانا فقط روشني جي طرف اکيون جهلي بيهي رهي. ٻن بار ويجهو وڃي هن جي اکين جي اڳيان هٿ کي لوڏيو ۽ ڏٺائين تہ هن جي نظر ڪانہ ٿي پوي. "افسوس، ليانا!" هن اهي اکر ڪيا تہ ليانا يڪدم دانهن ڪئي ۽ وحشتناڪ انداز ۾ لوهہ ڪمائين. ٻن بار پوئتي هٽي ويو ۽ ليانا هن کي ڇهي نہ سگهي ۽ هٿوراڙيون ڏئي هن کي ڳولڻ لڳي. ٻن بار يڪدم ڊيڪ مان ٻاهر نڪري در تي بيٺل پهريدار سان ڳالهائڻ ٻنا هليو ويو. پڻي ڏينهن ٻن بار ليانا کي پڻ انڌن غلامن سان گڏ مٿي ڏنو.

هارينبي جڏهن پنهنجي اصلي بندرگاهہ کان پنڌرنهن ڏينهن جي پنڌ تي هو تہ لاڳ بوڪ ۾ داخلا رکيائين: وچڙندڙ بيماري ضابطي کان نڪري چڪي آهي جيترا بہ ماڻهو جهاز ۾ سوار آهن تن ۾ اڌ کان وڌيڪ انڌا ٿي پيا آهن. هر ڪلاڪ ۾ هنن جو نمبر وڌندو ٿو وڃي. هنن جي ڪٽب رکڻ مشڪل ٿي پئي آهي. ملازمن سان هن وقت تائين ارڙنهن ڄڻا انڌا ٿي چڪا آهن. جهاز جي رفتار گهٽجي ٽئي حصي جيتري وڃي ٿي آهي.

انڌن خلاصين مان هيڪڙو ڄڻو هٿوراڙيون ڏئي غلامن

جي وچ مان لنگهي هڪڙي خلاصي کي گلي مان جهلي چوڻ لڳو "هيءُ اسان کي سزا ملي آهي ۽ اها سزا خدا تعاليٰ جي طرف کان ملي آهي. انجيل ۾ لکيل آهي جيڪو به انسان ڪنهن ٻئي انسان کي ڇورائيندو يا وڪڻندو. خدا ان کي سخت سزا ڏيندو." پوءِ ته سڀ خلاصي هن سان گڏ ها ها ڪرڻ لڳا، هن وري چيو "خدا جي اڳيان سجدي ۾ ڪري معافي گهرو" هڪڙي جواب ڏنس "برابر سچ ٿا چئو، اسان کي خدا کان معافي وٺڻ گهرجي." هن وري چيو خدا تعاليٰ چئي ٿو "مان انهن ماڻهن کي ڪيڙن ۽ ماڪوڙن جو کاڄ بنائيندس ۽ گندو پاڻي پيئڻ لاءِ ڏيندس." اتي خلاصي بيزار ٿيڻ لڳا ۽ هڪڙي چيس "اسان کي ڇڏي ڏي، تون پنهنجي ڪر." وري به هن اندي خلاصي ماٺ نه ڪئي ۽ چوڻ لڳو "اسين هرگز خدا کان لڪي نٿا سگهون. هن جي نظر سڄي روءِ زمين تي هوندي آهي. يا خدا! منهنجي نظر وٺي! يا خدا مونکي نور ڏي. مونکي واپس اکيون ڏي" ڪجهه دير ماٺ ڪري وري چيائين "انجيل ۾ آيو آهي ته جيڪي خدا کان مدد طلب ٿا ڪن خدا انهن جي مدد ڪري ٿو، هو انڌن کي اکيون ڏئي ٿو ۽ ٻوڙن کي ڪن ڏئي ٿو." هڪڙي خلاصي چيس "چڱو هاڻ ٻڌوسين، تقرير بند ڪر." مگر هن ماٺ نه ڪئي ۽ لڳاتار ڳالهائيندو رهيو "اسين تباهه ٿي وياسين، اسين برباد ٿي وياسين. موت اسان کي سڏي رهيو آهي. اسان کي دوزخ سڏي رهي آهي...." ٻوڙهو ٻن ٽن خلاصين هن کي ڌڪا ڏئي

پڇائي ڪئي تہ وري وچي غلامن کي ٻيهر لڳو ۽ چوڻ لڳو "اوهين سڀ خدا جي اڳيان ڪنڌ جهڪائي معافي گهرو، توبهہ ڪريو." نيٺ غلامين وچي هڪڙي ڪمبن ۾ بند ڪيو. هي اهوئي صحافي هو جيڪو ٻيو "ڏن بار" تي آيو هو. اڄ تائين جيڪي غلامي اندا ٿيا هئا انهن ۾ ڏن بار جو نمبر اولتيهون هو. فقط ٽيهہ ساٺهو اهڙا هئا جن جون اکيون هيون. ڏن بار انڌي ٿيڻ تي صبر ڪيو ۽ دل ۾ فيصلو ڪيو تہ هي سزا مون لاءِ مناسب ۽ واجبي آهي. اهو سندس اخلاق هو جنهن کيس تسليم تي ڪرايو تہ تون بہ سزا جو مستحق آهين. جنهن مهل کان هن ليانا کي انڌو ڏٺو هو، تنهن مهل کان هن جي ذهن تي تمام خراب اثر ويهي ويو هو ۽ تباهي جي ڪناري ڏي وڃي رهيو هو. هن کي اها خبر نہ هئي تہ آخر هي سزا کيس ڪهڙي ڏوهہ جي ڪري ملي آهي، مگر کيس ايترو يقين هو تہ هو تباهہ ٿي ويو. هن جي بربادي انهي ڏينهن جنم ورتو هو جنهن ڏينهن هن کي ائباليشن سوسائٽيءَ کان ليٽر مليو هو ۽ پوءِ اها تباهي وڌندي وئي. يا تہ اها تباهي شايد هن کي انهي ڏينهن کان ملي هئي جنهن ڏينهن کان هن پنهنجو بهترين ليک لکيو هو. يا تہ ان کان بہ اڳي تباهي شروع ٿي هيس جڏهن ماءُ جي پيٽ مان نڪتو هو ۽ اڇا سندس بت آلو هو. بهرحال تباهي جي ابتدا جي هن کي ڪا خبر ڪانہ هئي باقي انتها جي خبر هيس تہ اها تمام ويجهي اچي چڪي آهي. چرخي جو ڦيٿو ملي چڪو هو سو بند ٿيڻ وارو ڪونہ هو. آخر هن صبر جو سهارو ورتو

۽ پاڻ کي قدرت واري جي حوالي ڪري ڇڏيو هو. هن کي باقي هڪڙو اهو ڏک پئي ٿيو ته هن انڌن جي حالت ۾ به جيڪر اوبرين ۽ ڪرافورڊ منهنجي هٿان مرن ته ڏاڍو چڱو ڪم ٿي پوي. هن خدا کان فقط انهي لاءِ واپس اکيون پئي گهريون.

هن جي دل کي سڪون هو. البت پهريان ٻه ٽي ڏينهن هن کي مونجهه پئي ٿي. پهرين ٻن ڇهن ڪلاڪن اندر هن ڪافي ڏک ڪاڍا، آخر هن ٻارن وانگر هٿن ۽ پيرن تي ٻانبڙا ڏئي هلڻ اختيار ڪيو. ٻه، چار ڏينهن ايئن هلي هلي هو ٻُت سنڀالي ويو ۽ پيرن سان هلڻ لڳو. هن کي اهو يقين نه پئي آيو ته ڪي پيا انڌا به سڄڻ وانگر ٻن پيرن تي هلندا هوندا. ڪاڌو به هاڻ ڇرين ۽ ڪانٽن سان کائڻ هن جي لاءِ ناممڪن هو جنهن ڪري هاڻ هٿ جي آڱر سان کائيندو هو. هاڻ هو ڪاڌو به بلڪل گهٽ کائڻ لڳو، ڇاڪاڻ ته جڏهن ٻين سان گڏجي ڪاڌي تي ويهندو هو ۽ هنن جي وات جا چپڪا ٻڌندو هو ته دل ڪچي ٿيندي هيس ۽ يڪدم ڪاڌي مان هٿ ڪڍي ڇڏيندو هو. هو مٿي تي ۽ ڪلهن تي اڪثر هٿ ڦيرائيندو هو. کيس ايئن محسوس ٿيندو هو جهڙو ڪا سخت ڪاري شيءِ هن جي اکيان پٽ وانگر ٻڌل هجي جنهن ڪري هوا ۾ اکيان هٿ ڦيرائيندو هو. هو ڪم ڪرڻ چاهيندو هو پر جيئن ته ڪجهه به ڏسي نه سگهندو هو تنهن ڪري ڪم ڪرڻ به مشڪل محسوس ٿيندو هوس.

انڌا خلاصي هاڻ بنا ڏسڻ جي فقط هڪ ٻئي جو آواز سڃاڻي پوءِ پاڻ ۾ ڳالهائيندا هئا.

هاڻي عملي جا چڱا ڀلا ماڻهو بلڪل ٿورا وڃي بچيا هئا جنهن ڪري ڊيڪن مان اندن کي چوندي مٿي آڻڻ جو ڪم بند ڪري ڇڏيائون. ڪاٺو به ڊورن وانگر اندر اڇلي ڇڏيندا هئا ۽ پوءِ ڪا سنڀال نه ڪندا هئا ته ڪنهن ڪاٺو ڪنهن نه ڪاٺو. صفائي ڪي به ڪئين ڏينهن لنگهي ويا هئا جنهن ڪري سڄي جهاز ۾ ڌپ ۽ بدبوءِ مچي وئي. هارينبي لاگ بڪ ۾ داخلا رکي: مردس جي رپورٽ مطابق، ذري گهٽ سڀ ملازم اندا ٿي چڪا آهن. مردس، ڪائن ۽ مون سميت اسين فقط اٺ ماڻهو اهڙا آهيون جيڪي ڏسي سگهون ٿا. خلاصي رڙيون ڪري هڪ ٻئي کي سڏ ڪن ٿا. هي حالت اڄ صبوح کان چالو ٿي آهي. ڪپتان ۽ ٻيا جيڪي ڏسي سگهن ٿا سي سڙهه. سنڀالڻ، ونجهون هڻڻ ۽ ٻيو ڪم ڪار ڪرڻ ۾ سخت مشغول آهن. ٻه اندا ملازم پاڻيءَ ۾ ڪري ٻڏي مري ويا آهن. جهاز جي رفتار صفا نه هجڻ جي برابر وڃي رهي آهي. جيڪڏهن هيءَ حالت رهي ته ڏهن ڏينهن کان اڳي ڪناري تي پهچي ڪو نه سگهنداسين، نه ته ٽي هفتا به لڳي سگهن ٿا. بيماري جي نوعيت اها آهي جو پهرين اکين ۾ خارش ٿي ٿئي ان کان پوءِ مهٽڻ سان پيلا چلا ظاهر ٿي ٿا پون ۽ پوءِ نظر غائب ٿيو وڃي. سڙهن جا چيڙا اکليا پيا آهن ۽ هوا ۾ زور سان ڦڙ ڦڙ پيا ڪن. ڪو به سنڀالڻ وارو ڪونهي. ٻه جهاز ٻري کان ڏسڻ ۾ آيا مگر هليا ويا.

هولسٽر تمام سخت غضبناڪ ماڻهو هو هُو روزانو

ٽيڏيمر کي پيرن پوارائيندو هو ۽ جڏهن هو نراڙ سند...
پيرن تي رکندو هو ته هولسٽر مٿان لت هڻي ڪڍيندو هوس
۽ گهٽ وڌ ڳالهائيندو هوس. هو ڪيس اٿين به به چرندڙهو ...
...سان جيڪر ٽوڪي ماري ڇڏيان ته بهتر آهي. ٽيڪومو ...
ڪان سچو ڪينهوڙي وانگر ڪول تي ويندو هو ۽ ٽڏن ڪان
بچڻ خاطر مٿو ۽ منهن هٿن ۾ لڪائي ڇڏيندو هو.

ليڪومو کي به هولسٽر ڪان سخت نفرت هئي. هولسٽر
کيس ڪنهن ڪنهن مهل ٻن ٽن ڪلاڪن لاءِ ڪوليندو هو
۽ وري به ٻڌي ڇڏيندو هوس. گذريل رات جيئن شام جو
...قت ٿيو ته ليڪومو خود بخود زنجيرن جي پرپٽڌجڻ لاءِ وڃي
ويٺو. هولسٽر چيس "تون هاڻ سڀ ڪجهه سمجهي ويو
آهين ۽ ...اڻ کي پڪو وفادار ثابت ڪري ڇڏيو اٿئي،
تنهن ڪري ...ان توکي ٻڌڻ مناسب ڪونهي. هاڻ تون
ڪابه حرڪت نه ڪندين، ها نه؟" ٽيڪومو هولسٽر کي
پيرن تي چمي ڏني۽ هولسٽر مٿو ڪنهيندي، ڏاڍو فخر پئي
محسوس ڪيو. هولسٽر بستري تي ليٽي پيو ۽ ٽيڪومو
عيٺ ليٽيو ته هولسٽر چيس "نه، اتي نه منهنجي پيرانديءَ
ڪان وڃي سمهه." ليڪومو هيٺ سرڪي هن جي پيرن وٽ
تي ستو. پوءِ هولسٽر بتي وسائي ڇڏي ۽ اونداهي سبب هن
کي وري به ... ۾ شڪ پوڻ لڳا ته مٿان ماري نه...
هٿيار هن ... ڪان ٻئي پاسي قابو بند ٿيل هئا جتي
ليڪومو پهچ... سگهيو. هولسٽر کي ننڊ نه پئي آئي ۽
هو انتظار ... ڏسان ته ليڪومو ڪا حرڪت ته

لتو ڪري. ٽيڪومو هاڻ بلڪل ڪمزور ٿي چڪو هو. [illegible] اندري طاقت اڃا به هئس جو چاهي ها ته هولسٽر کي آسانيءَ سان گلو دٻائي ماري سگهي ها. هتي هن کي [illegible] وارو ڪوبه ڪونه هو. ٽيڪومو ٿورو چنگهي پاسو ورايو ته هولسٽر وري به هوشيار ٿيو. جاڳان ته هاڻ هن جي خوف ۾ اضافو ٿيندو پئي ويو. پاسو ورائي ٽيڪومو کونگهرا هڻڻ شروع ڪيا. هن جا کونگهرا ٻڌي هولسٽر جو [illegible]لهي ويو ۽ پوءِ پاڻ به وهاڻي ۾ منهن هڻي سمهي رهيو.

صبوح جو هولسٽر کي جيڪي ڪپڙا پائڻ لاءِ مليا هئا سي سٺا ڪونه هئا، جنهن تي هولسٽر کي هارينبي تي ڪاوڙ اچڻ لڳي ۽ دل ۾ چيائين رکو ڪناري تي پهچان ته بابا کي چئي هن ڪپتان جي چڱي طرح مرمت ڪرائيندس. وري سوچيائين ته بابا منهنجي ڪا ڳالهه ڪونه ٻڌندو ۽ هارينبي کي ڪجهه به نه چوندو. تنهن ڪري مان اها دانهن پيٽر کي ڏيندس. هو ضرور منهنجي شڪايت ٻڌي هارينبي کي تنبيهه ڪندو. هولسٽر جي پيءُ جو نالو ميسيو هو. هولسٽر کي هارينبي تي غصو انهي ڪري به هو جو هن کيس ڪم ڪار ڪرڻ لاءِ "حڪم" ڪيو هو ته صبح کان شام تائين ڪم ڪر. هولسٽر کي ڪوبه فڪر ڪونه هو ته ڪو هيترا سارا ملازم انڌا ٿي پيا آهن ۽ ضروري حالت ۾ ڪم ڪرڻ لازمي آهي. هي جهاز هولسٽر جو ڪونه هو. غلام هن جي ملڪيت ڪونه هئا ۽ عملي جي ماڻهن سان هن جو ڪو واسطو ڪونه هو. اڃا هو بيماري ۾ ڪونه ڦاٿو هو ۽

ڪيس يقين هو، ته هو بيمار ڪونه ٿيندو. جيڪڏهن غلام ٻا خلاصي انڊا ٿي پيا آهن ته اها سندن قسمت، جي ڳالهه آهي، جنهن ۾ هولسٽر جو ڪجهه نه وڃي. جمويمليشن جهاز ساڻ هن جو ڪوبه تعلق ڪونه هو. هن جي اهائي مرضي ۽ منشا هئي ته بندرگاهه تي پهچي ليڪومو کي خريد ڪندس، جهاز تان لهي هليو ويندس ۽ بس. اتفاق سان جڏهن جهاز ۾ وبا ڦهلجي وئي هئي، مزدور ۽ خلاصي انڊا ٿي پيا هئا ته ان حالت ۾ ڪم ڪرڻ هن پنهنجي لاءِ مناسب نه سمجهيو ٿي مگر هن کي چڙ فقط انهي ڳالهه تان لڳي هئي ته هاريني هن کي منت ڪرڻ جي بجاءِ حڪم ڇو ڪيو ته اٿي ڪم ڪر. جنهن تان ڪلوڙجي ڪپتان کي ڪوبه جواب نه ڏنائين ۽ مات ڪري ڪئبن ۾ هليو ويو. ڪپتان به هن تي وڌيڪ زور نه پريو. جيتوڻيڪ هولسٽر خيال ئي ڪيو ته جيڪر ڪو هن کان پڇي ته ڪم ڇو نٿو ڪرين پر ڪنهن به هن کان اهو ڪونه پڇيو جنهن ڪري هاڻ هولسٽر فقط ليڪومو ۾ دلچسپي وٺڻ لڳو ۽ سوچيندو رهندو هو ته ٻيا هن کي ڏينهن رات بدل رکان يا فقط رات جو بدلانس يا رات ڏينهن ڪليل ڇڏيانس. آخر انهي سوال جو فيصلو هن خود ئي اهو ڪيو ته هن کي بدڻ نه گهرجي. هڪڙي ڏينهن جيئن ئي هو ڪئبن ۾ آيو ته ڏٺائين ته ليڪومو انڊو تي ڇڪو هو. هولسٽر ليڪومو تي گرم ٿي ويو ۽ سامهون پيل شيشي جي الشتري کڻي ڪرايائينس متي ۾. ليڪومو سڄي رت ۾ ... روئڻ لڳو. "نالائق، گڏهه،

سگهندا. تون اڻڄو ٿي ونءِ! هاڻ تہ. تون منهنجي ڪنهن بہ ڪم جو ڪونہ رهيو آهين، هاڻ مان تو کي ڇا ڪندس.“

آبوڪو بيڪن ۾ اندر ڀڄو پيو هو. هو بہ انڌو ٿي ويو هو. هاڻ آبوڪو اهو آبوڪو ڪونہ هو. اڳي زندگي کي زندگي ڪري ڀانئيندو هو پر هاڻ هن لاءِ حياتي ۽ موت ٻئي برابر هئا. هڪ نہ انڌو هو پيو تہ رات ڏينهن ٻڌل ۽ ٿيون تہ هر وقت ٻانهي غلامن جيئن رهون ۽ ڪوڪون پيو ٻڌندو هو جنهن ڪري هاڻ هو بلڪل خاموش ٿي ويو هو ۽ دل جو دل ۾ پيو سڙندو ۽ سور کائيندو هو. هاڻ اهي ڳالهيون هن لاءِ خواب کان وڌيڪ نہ هيون تہ آبوڪو لٺ سردار هو، هن کي هڪڙو پٽ هو ۽ هو پنهنجي قوم جو اڳواڻ هو. هاڻ ڳالهين کان سواءِ پيو ڪجهہ بہ نہ رهيو هو.

آبوڪي کي اها خبر هئي تہ گورا ڊيڪن ۾ ڪونہ ... اهن. فقط ڪاڏي ڏينهن مهل ايڪڙ ٻيڪڙ اچن ٿا ۽ هڪ ... جي آڌر ڪاڏو ٻيڏي هليا ٿا وڃن ۽ وري ڪا سارسنڀال ... ٿا لهن. ڪاڏو بہ انهن پهر هڪ دفعو ڏين ٿا. ڪنهن ... ڪاڏي ٿسي جهجهڙو ٿي بوندو هو، ڪنهن وقت ڪي ... ڪاڏو کائيندا ٿي ڪونہ هئا ٻيو جو ڏسي نہ سگهندا ... سڙيل لاشا ... جي پر ۾ ٻيا هوندا هئا جن ۾ ... وڃا ... ڳورن ... لاشن کي هٽائڻ جو ... ت نہ ... ڪير غلامن جيئن ڏاڍهون بہ گهٽ ... ني ... هون ... را غلام ... اڏي ... ساز ... لڏگلي جي

بيماري ۾ ٻــ جهلجي پيا هئا. پيا حياتي تــان آسرو لاهــي آبوڪي وانگر ماٺ ۾ اچي ويا هئا.
بيماري هاڻ بلڪل زور وٺي وئــي هئي. خلاصين جي زبان وات کان ٻاهر نڪرندي هئي مگر اکر وات مان ڪونه نڪرندو هو. ڪلاڪ ڪلاڪ ۾ مرض زور وٺندو پئي ويو. ڪپتان خود ٻــ اندو تي پيو هــو ۽ هاڻ ته لاڳــ ٻڪ ۾ نوٽ لکڻ کان به بيڪار ٿي ويو. هن هڪڙي خلاصي کي لاڳ ٻڪ لکڻ لاءِ چيو جيڪو بلڪل تورو پڙهيل هو ۽ صحيح اکر لکڻ به ڪين ايندا هئس. آخر ڪپتان پيو ڪو وسيلو نه ڏسي هي نوٽ لکرايو:- هــاڻ اسين سڀ اندا ٿي چڪا آهيون- صرف ٻــ ماڻهو وڃي بچيا آهــن يعني ڪورنش ۽ سامرس جيڪي ڏسي سگهن ٿــا. هيڏي ســاري جهاز جــو ڪم ڪار، سار سنڀال ۽ غلامن جي نظرداري ٻن ماڻهن جي وس کان ٻاهر آهي. ٻه جهاز پرسان مٽي ويا آهن. اسان هنن کي خطري جــو سگنل به ڏنو مگر هنن ڪو ڌيان ڪونه ڏنو ۽ هليا ويا. سڀ ڪم ڪار بند آهي. ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي. جيڪڏهن ڪورنش ۽ سامرس به اندا ٿــي پيا ته پوءِ اسان جو ڇا حال ٿيندو. خوش قسمتي سان جيڪڏهن ڪناري کي وڃهو پهچي وياسين تــه پري کان اسان کي ڏسي ڪونه ڪو جهاز ضرور اسان جي مدد لاءِ ايندو. فقط لکندڙ سامرس ٻاران ڪپتان هاربنبي جي.
هاڻ هاربنبي تــي خوف طاري ٿي ويــو. هن کي ائين پئي محسوس ٿيو جهڙوڪر ڪنهن مضبوط طاقت جي چنبي

۽ قابو ئي ويو آهي. منجهن ۽ هر وقت خارش ٿيڻ لڳس. هن کي لنڪن ۽ رفلي وٺي وئي، مگر همت جهلي اهڙي نموني سان پنهنجي ڳالهايائين. بولهايائين جهڙوڪر هن کي ڪا پرواهه ڪانهي. هن جو سينئر مزدورن ۽ خلاصين کي ايترو چوڻ هو ته جيئن به ڪري ڪنهن به طريقي سان ڪناري تي پهچڻ جي ڪوشش ڪريو ۽ پوءِ پلي اهو ڪنارو ڪهڙي به سرزمين جو هجي. هن کي سچي جهاز ۽ عملي کان وڌيڪ فڪر سائلاس جو هو جاڪاڻ ته اها به الڏي ٿي پئي هئي.

اوبرين ۽ ڪرافورڊ ٻئي ساڳي حالت ۾ هڪ هنڌ ويٺا هئا. ٻن بار چاهيو پئي ته. فقط چند گهڙين لاءِ هن کي روشني ملي وڃي ته جيئن هو انهن کي ماري سگهي پوءِ پاڻ پلي مري وڃي. هن پڌو ته اوبرين ۽ ڪرافورڊ ٻئي الٽا ٿي پيا آهي تنهنڪري هاڻ انهن جي ڳولا شروع ڪئي. اوبرين جي لنڊ ۾ ڪونگهرن هٿڻ جي عادت هئي جنهنڪري هو ليڪي ٿي سگهيو مگر بدقسمتي سان پيا ٻئي کي اهڙا ملازم هئا جيڪي ڪونگهرا هئندا هئا. ٻن بار ڪئين راتيون اهڙن ڪونگهرن هٿڻ وارن جي مٿان وڃي پيو هو ۽ ڪڏهن ته بهانو ڪري انهن جي مٿان ٻه ڪري پوندو هو ته جيئن هنن جي قد بت جي به خبر پوي ۽ ڳالهائين ته. ٻن بار سمجهي سگهي ته ڪير آهي. ڪيترا پيرا ته هن اهڙن سائين کي بڪلم نرگهولي ۽ هٿ وجهي گهڻا به ڏٺا هئا ۽ هنن جي ڪرڙي پئي لڳندي هئي ۽ پوءِ جڏهن محسوس ڪندو هو ته هي اوبرين ڪونهي ته وري انهن کان معافي وٺندو هو.

هيءَ ڏسي هو اوٻرين ڏانهن ڀڄي ويو ۽ ڪيس منهن ٽي هٿ هڻي سجالڻ جي ڪوشش ڪيائين. ستل ماڻهو هٿ لڳڻ شرط اٿي پيو ۽ ٻن بار کي ٻانهن کان جهلي پڇڻ لڳو "ڪير آهين؟ هي ڇا پيو ڪرين؟" دراصل اهو اوٻرين ڪونه هو تنهن ڪري ٻن بار هن کي چيو "ڪجهه ڪونهي. ڪجهه ڪونهي. مان ٻوڪ ٿو ڪرايائين." ستل ملازم چيس "ميان اسان سان ٻوڪ مذاق نه ڪر، پيو ڪو وڃي ناڙ، اسان جي ٻچڙ ڇڏ." ٻن بار واپس ڀڄي ويو ته هن اوچتو اوٻرين جو آواز ٻڌو "ٻن بار! ٻن بار، جيڪڏهن تون مونکي ٽوکولين ته هيڏانهن اچ مان هن پاسي ويٺو آهيان." ٻن بار هن جو آواز ٻڌي چاقو کولي هٿ ۾ ڪري هن ڏي وڌڻ لڳو. اوٻرين به ڇرو هٿ ۾ ڪري جهاز جي پٽ ڪي ٻٽ ڏئي تيار ٿي بيٺو. ٻن بار جيئن ئي اڳتي وڌيو ته سندس پير ترڪي ويو ۽ هو ڪري پيو. وري اٿڻ ڏئي ٻڌائين ته اوٻرين ڪنهن سان ڳالهائيندو اڳتي وڌندو پيو وڃي. ٻن بار جانورن وانگر رڙيون ڪري هن جي مٿان وڃي ڪڙڪيو ۽ سڄو خنجر جسم ۾ وهاري ڇڏيائينس.

آٻوڪي کي يقين ٿي ويو ته هن وقت سڀ ملازم انڌا ٿي پيا آهن. جنهنڪري ڪوبه اندر نٿو اچي ۽ نه ئي اسان جون چئنون ٿيون ڪلن. ٻڪ هو سڀ انڌا ٿي پيا آهن. "مان ڇوان ٿو هو انڌا نه ٿيا آهن. جيڪڏهن خبر پئجي وڃن ته اسين سندن خلاف سازش سٽي رهيا آهيون ته پاڻ سيني کي

ماري ڇڏيندا." گياسي چيو. "بيوقوف گياسي، هاڻي هن پر ايتري ... وير ڪانهي." آبوڪي سندس ڪلهي تي هٿ رکي چيو، "گياسي هاڻ وقت پرجي آيو آهي. هاڻ سونکي تهن جي مدد جي ضرورت آهي." گياسي چيو "آبوڪا، ان ۾ باقي رهيو ڇا آهي. هاڻ وڏيڪ نه ماراڻ." آبوڪي ... آهستي ڪِ ڪشي وري چيو "ڇا تون منهنجو سوٽ نه آهين؟ ڇا تون اشانٽي نه آهين جيڪڏهن ... اشانٽي آهين ته پوءِ هيف آهي تنهن جي هن بزدلي تي. تون زن‌سربد ... گياسي ا هوشيار ٿي، ڪٿي آهين؟" "مان هاڻ وڏيڪ ... ريزي نٿو چاهيان" گياسي جواب ڏنو. "ٺيڪ آهي ... مجهندس ته اڄ تون پنهن جي نيات کان ڦرين ٿو."

"نيات وٺي ختم ٿي." "نه، ڪتنب ختم نه ٿيو آهي. ڪتنب کي نند اڇي وٺي آهي. ڪتنب کي آزادي جي ... آهي." "پر هاڻ نه ڪجهه به نٿو ٿي سگهي." "سڀ ڪجهه ٿي ٿو سگهي ۽ ٿيندو. ڇا توکي بيسو جي موت‌جي ... نٿي اچي؟" آبوڪي گياسي کي شرمايو ۽ وڏيڪ چيو "ڇا تون ڪيوهڪي جو خون ڀاڻ تي هڻندين؟ گياسي فيصلو سولو آهي. يا ته چئون ته تون اهو ساڳيو گياسي نه آهين ۽ سڀ ڳالهه تان هٿ تو ڪڍين، يا ته ها ڪر ۽ همت ڪندين ۽ منهن جي مدد ڪندين!" "ڇڏاءِ، ڇڏاءِ ڪتنب کي هن وقت تنهنجو انتظار آهي." گياسي منهن ۾ ڪهڻ وجهي چيو "مان گياسي آهيان آبوڪا!" آبوڪي يڪدم ڪلي ياڪر وڌس "ها، تون گياسي آهين. اٿي، اٿي ۽ ڪتنب

جو نالو ملهاءِ." "يارو! ٻڌو، مان اهوئي گياسي آهيان.
اشانتي مٿا ڪمهن، اڃا زنده آهن. هاڻ پنهنجي اوسائي جي
ڳالهه ٻڌو. آزادي اسان جو انتظار پئي ڪري. وقت اچي
ويو آهي. آزادي اسان کي عاشقن وانگر سڏي رهي آهي.
اسان جا ابا ڏاڏا اسان جي هٿڪڙين ۽ زنجيرن کي پيا ڏسن.
اسان جا شهيد انتقام جو انتظار پيا ڪن. اوسائي جو حڪم
ٻڌو ۽ هن جو سات ڏيو. هن جي صدا ٻڌو ۽ همت ڪريو."
پوءِ آدوڪي چيو "دوستو! هاڻ اهي سڀ هٿيار ۽ اوزار ڪڍي
اچو جيڪي اوهان لڪائي رکيا آهن. هاڻ اسين زنجيرن
ٽوڙڻ ۾ ڪا دير نه ڪنداسين. جيڪي پنهنجي ٻولي نٿا
سمجهن تن کي به آگاهه ڪريو. مگر خبردار هي راز ظاهر
ٿيڻ نه کپي. اسين هنن گورن کي جاڳائڻ نٿا چاهيون."

"آدوڪا! اسين سڀ مارجي وينداسين."

"نه، اسين نه مارباسين. هو سڀ انڌا آهن. هنن جي لاءِ
به دنيا اهڙي اونداهي آهي جهڙي اسان لاءِ. اسين هنن کان
گهڻا آهيون ۽ هڪڙي هڪڙي جي مقابلي ۾ ڇهه ڇهه ڄڻا
آهيون. هاڻ اسين هنن جي خون سان سڄو جهاز اُڳاڙهو
ڪري ڇڏينداسين."

سيدي کي يقين اچي ويو ته اشانتي جوش ۾ اچي ويا
آهن ۽ هاڻ سجاڳ ٿيا آهن. سڄي ٻيڙي ۾ پانت پانت جي
ٻولين ۾ اها ڳالهه پکڙي وئي. آدوڪي ۽ گياسي انهن
زنجيرن ۾ هٿ وڌا جيڪي سيدي جي ٽنگن ۾ ٻڪيون ٻڌل
هيون. هڪڙي لوهه گسائڻ جي ريتي سان زنجيرن کي

ڪساڻن لڳا پيا ته جيڪي اشانتين سان شامل هئا تن کي به خبر هئي. اشانتين جي فوجي ڪارنامن جي سڀني کي خبر هئي ته هو هميشه تاريخ ۾ لکڻ جهڙا ڪارناما سرانجام ڏيندا آهن، تنهن ڪري سڀ هنن سان شامل ٿي ويا ۽ ساڻن ٿي پيا جيڪي پاڻ به، ڪيئين وحشيانا ڪم ڪندا هئا ۽ وڏا بهادر هئا مگر هنن ۾ رڳو اها ڪمزوري هئي جو هنن جي پاڻ ۾ ٻڌي ۽ ايڪو ڪونه هو. اوچتو هڪڙو آواز ٿيو جنهن سڄي ٻيڪ ۾ ٿرٿلو وجهي ڇڏيو. آبوڪي کي پنهنجي ٻولي ۾ سڏ ٿيو "آبوڪا! هتي هڪڙو اهڙو به ماڻهو آهي جيڪو ٻين کي اسان سان شامل ٿيڻ کان منع ڪندو وتي. هو ماڻهن کي ٻيچاري ٿو ته جيڪڏهن آبوڪي جي پٺيان لڳندا ته اسان سان به بيسو وارو ساڳيو حال ٿيندو. هو ماڻهن کي ڀرغلائي رهيو آهي ته مٿان دير ٿي وڃي تنهنڪري انگريزن ڪورن کي اطلاع ڪيو وڃي.

"ميليو! ڇا اهو تون پيو ڳالهائين؟"

"ها، آبوڪا، مان آهيان."

"تو وٽ ڪو هٿيار آهي؟"

"ها. مون وٽ چاقو آهي."

"ته پوءِ انهي غدار کي ختم ڪري ڇڏ ۽ اهڙي طرح ساري ڇڏينس جو ڪنهن کي به پتو نه پوي."

آبوڪي ريتي همٿ رکي ڇڏي ۽ ميليو جي انتظار ڪرڻ لڳو. هڪڙي رڙ ٿي ۽ پوءِ آواز بند ٿي ويو. وري دانهن ٿي ۽ ٻي دانهن ٿي ان کان پوءِ مڪمل خاموشي

ٿي وئي.

”آڊوڪا! غدار مري ويو“ ميليو آڊوڪي کي ٻڌايو.

”ڏاڍو سٺو ٿيو. هاڻ ٻين کي پلي ٻڌاءِ تہ تو غدار سان ڇا ڪيو. ماڻهن کي ٻڌائي ڇڏ تہ جيڪو بہ غداري ڪندو تنهن لاءِ اسين سمجهنداسين تہ اهو اسان جو دشمن آهي ۽ دشمن کي گورن سان گڏ ختم ڪيو ويندو.“ ميليو اهو اعلان سيني ٻولين ۾ ڪري غلامن کي ٻڌايو.

”هاڻ هنن کان پڇ تہ اوهان ۾ ڪير آهي جيڪو اسان سان ساٿ نہ ڏيندو؟“ ميليو سيني کان پڇيو ۽ ڪنهن بہ ڪو جواب نہ ڏنو. پوءِ آڊوڪي ۽ ڪيامي وري ڇنين کي ڇڪي وڃڻ شروع ڪيو. جتان ڇنين ڳنڍي ٿي اتان گرم ٿي ٿي وئي ۽ بت کي ساڙيائين ٿي تہ هنن ڇنين تي پيشاب ڪري ٿڌو ٿي ڪيو. ڪلاڪ ۾ هڪڙو پاسو وڃي ويو. پوءِ هنن ڇنين کي زور سان موڙيو تہ ڇنين ٻي ڪڙي مان نڪري وئي. هاڻ ڇهہ ماڻهو آزاد ٿي ويا. آڊوڪي هنن کي چيو ”جتي آهيو اتي ويهي رهو ڪوبہ نہ چري.“ پوءِ هنن ساڳي طرح ٻہ ٻيون ڇنون بہ ٽوڙي ورتيون ۽ ڪئين ماڻهو آزاد ڪري ڇڏيا. پوءِ سيني ڪِي ڇهن ٽولن ۾ ڦانڊي هرهڪ ٽولي جو اڳواڻ هڪڙي اشانتي کي مقرر ڪيو. آڊوڪو پهرئين ٽولي جو اڳواڻ ٿيو جنهن جو ڪم اهو هو تہ جهاز جي مٿهين واري توب تي ڪنٽرول ڪري. ٻي ٽولي تي اهو ڪم رکيو ويو تہ اهو عورتن واري ٻيڪ جو دروازو ڀڃي.

"ڇالون ڇـو؟ اهي تـہ ڪونہ وڙهنديون؟" هـي آواز آبوڪي جي ڪنهن ٻولي ياڻي جو هو. "عورتن ۾ بہ اشانتي عورتون آهن. اهي ضرور وڙهنديون. هو ڏيڪن ۾ ڪليل حالت ۾ آهن. جنهن وقت در پکو تـہ هو يڪدم اسـان سان اچي ملنديون ۽ اسان جي وڏي مـدد ڪنديون" آبوڪي چيو. ليون لولو ٻئي نمبر ڏيڪ جو در پيچي انـدر داخل ٿيندو. چوٿون لولو هٿيارن ۽ اوزارن واري ڪوٺي تي حملو ڪندو ۽ جيڪي بہ هٿوڙا، رنبيون، ڪرٽ وغيره اتي موجود آهن سي کڻي وڏيڪ لـوڙ ڦـوڙ شـروع ڪندو ۽ باقي غـلام آزاد ڪندو."

آبوڪي زنجيرن جا بہ وڏا ٽڪر هٿ ۾ ڪنيا ۽ هـاڻ بلڪل تيار هئا. انهي ڪم ۾ ڪافي رات گذري وئي. هنن سوچيو تہ رات باقي ٿوري آهي. مگر هي رات نہ ختم ٿيڻ واري رات آهي. فجر ٿيو هوندو تہ ڪنهن ٻـي دنيا ۾ ٿيڻ هوندو هتي تہ هميشہ رات آهـي. آبوڪي زنجير جـا ڏگها ٽڪرا کڻي ڪلهن تي رکيا. هن سان گڏ گياسي ۽ ٻيا سائي هئا جن جي اکوالي هن پاڻ ٻئي ڪئي.

آبوڪو ٻين تي زور ڏئي ڏاڪڻ جـي در ڏي وڌو ۽ نهايت هوشياري سان مٿي چڙهيو. گيامـي ۽ ٻيا چئين جي پچڙين کي هٿن ۾ جهليو ٻئي آيا تہ متان فرش تـي ڪري آواز نہ ڪن. گيامي بہ هن جي پٺيان ڏاڪڻ تي چڙهي آيو. آبوڪي ٻئي ٻانهون مٿي کڻي هوا جو رخ ڏٺـو. وري مٿي ٿيو تہ هٿ جهنگلي ۾ وجـي لڳس جيڪو نهايت آلـو ۽

ٽڏو پئي لڳو. ٿوري دير ترسيو. دل ۾ وهم ٿيس ته اسين ڇرڪيا ته نه ٿي پيا آهيون! ڇهنگلي جي سامهون ڪٿين گورا ويٺا هوندا جي اگر انڌا نه هوندا ته اسان جون وٺيون ٻوليون ڪري ڇڏيندا. هنن جي بندوقن جا منهن سدا اسان ڏي هوندا. وري دل مان اهو وهم ڪڍي ڇڏيائين. هن ڇهنگلي جي سيخن ۾ پئي هٿ وجهي کولڻ جي ڪوشش ڪئي ته سيخون کلنديون ويون. هن ان وقت ٿورو گهٻرايو جنهن مهل ڇئين هن جي ڪلهي تان ڪري پئي ۽ هيٺ ڪري ڇلڪاڪ ڪيائين. هن وري ڇئين ڪڍي ورتي ۽ گوڏن ڀر سرڪي جهاز جي ڪناري تان مٿي چڙهي آيو. هن محسوس ڪيو ته ڪاٺ جي هڪ ڏکي ڪم اڙي پئي جيڪا اپي ڪٽل هئي. انهي کي پڄڻ ضروري هو. پوءِ هن زنجير انهن ۾ ڦيرائي پئي پاسا هٽن ۾ جهلي وٺي جو جڪيو ته ويهن فوٽن جي ڪام اوڙي وڌائين. وچ مان جهڪو سوراخ ٿيو تنهن ۾ تختا وجهي ٻين تختن کي اکيڙڻ لڳا. هاڻ هن پنهنجن ساٿين کي چيو ته بلڪل هوشياري سان آهستي آهستي زور ڏيندا تختا اکيڙيندا وڃو. تختا ڪوڪن مان ڍرا ڪري ٽن ٻين ساٿين جي مدد سان اتان رستو ٻاهر نڪرڻ لاءِ ڪري ورتائين. آڳوڪي جڏهن محسوس ڪيو ته پنڌرنهن ويهه ماڻهو مٿي اچي چڪا آهن تڏهن حڪم ڪيائون ته هاڻ توب تي قبضو ڪريو. آڳوڪو به ٻنا ڪجهه ڏسڻ جي توب ڏي ڀڄو. آڳوڪي محسوس ڪيو ته ڪو ماڻهو پيرن اگهاڙو هن جي پر مان مٿي توب ڏي ڀڄندو وڃي، جنهن تي هن هيٺ

ڪيري بولاڻيون پائي پاڻهن هن جي ڏنڪن جي اڳيان ڏني.

مسٽر لشي ۽ الوٽ ٽيو سڪان جهلو جهاز جو رخ ڪناري ڏانهن ڪرڻو ويٺو هو. ڪورنش ۽ هن جي مدد ٻئي ڪئي. هي ٻئي ڄڻا هفتي کان وٺي هتي ويٺا هئا. جهاز اجهان ڪوهيڙي مان نڪري ڪليل هوا ۾ نڪري آيو هو. ڪورنش سرجن ولڪس جي ڪئبن مان هڪڙي ڪرسي ڪڍي آيو هو ۽ انهي تي آرام سان سُتو پيو هو.

اوچتو آواز ٿيو جنهن تي هن جي ننڊ ڦٽي وئي. ڪنڌ ڦيرائي هيڏانهن هوڏانهن نهاريو. هن وري آواز ٻڌو ته ڪو ڪلڪ پيو پچي. هن ڪوهيڙي ۽ اونداهي ۾ گهڻو ئي جاچيو مگر ڪجهه ڏسڻ ۾ ڪونه آيس. جيتوڻيڪ زوردار آواز ڪونه ٿيو هو تنهنڪري خيال لاهي ڇڏيائين. هن سڪان جي ويل کي ٿورو ڦيرائي جهاز جو رخ ڪناري ڏانهن ڪيو. هن وري بلڪل چٽيءَ طرح آواز ٻڌو. هو ڪرسي تان اٿي جهاز جي ڪناري تي آيو ۽ وچواري ٻيڙي ڏي ڏٺائين. هن ڏٺو ته ڪا نيري رنگ جي شيءِ اڀري نڪري وئي. هن چپ مروڙيا ۽ سوچڻ لڳو ته رنڊبال ۽ مردس کي جاڳايان يا نه. متان ڪوهيڙي جو دونهون هجي، وري ڏٺائين ته حيران ٿي ويو. شيدين جا ٽولا ڇوٽين ٻيڙي ڏي پيهندا وڃن. پوءِ هن يڪدم هٿوراڙيون ڏئي خطري جي گهنڊ وٽ پهچي زور سان گهنڊ وڄائڻ شروع ڪيو ۽ دانهون ڪرڻ لڳو "شيدي ڪلي ويا، شيدي ڪلي ويا." نالي ماتر لي پهريدار

ٻي ٻيڪ وٽ ڀري ٽي هئا ۽ اهي ٻه ستا پيا هئا. سامرس ڪدم پڳو ۽ لتون هڻي انهن کي اٿاريائين. ٻوه هڪڙي کان بندوق کسي ڊيڪ جي ڏاڪڻ کي مٿين ڇولي کان پڇي ڇڏيائين. هڪڙو شيدي هٿ ۾ نوڪدار سيخ کڻيو اڳيان وڌي آيو ۽ ٻيا هن جي پٺيان وڌي آيا. ڀريدار هڪبڪي کي ڌڪا ڏيندا ڪيرائيندا پڇندا وڌي آيا. تهنستائين سامرس انهي سيخ واري غلام کي فائر ڪري ڍاهي وڌو. ڀريدار انڌا هئا جنهن ڪري هڪ ٻئي سان ٽڪرائجي رهيا هئا. سامرس انهن مان هڪڙي کان بندوق کسي ورتي. "ڇرا ڪيو" هن دانهن ڪري چيو "جيڪا به شيءِ اوهان مان لڳي تنهن کي ڌڪ هڻو." پوءِ هن تمام جلد جلد فائرنگ شروع ڪري ڏني. جنهن بندوق جون گوليون خلاص ٿي ٿيون سا اڇلائي وري ٻئي کان لوڊٿيل بندوق ٿي کسيائين. رڙ ڪري هڪڙي شيدي کي گولي هنيائين جيڪو هن کي ٻن قدمن تي اچي رسيو هو. "ننڍي توب کولهو. هي ڪتا ڊيڪ مان اجهان پيا نڪرن" ٻن ڄڻن کي اڳيان موڪليائين ته اتان فائرنگ شروع ڪن. هن وري هڪڙي خلاصي کان بندوق کسي جيڪو چرو هٿ ۾ جهليو ڏڪيو پئي.

آڊوڪي کي اڳيان هڪڙي پٽ اچي وئي ۽ هن جا هٿ انهي جي مٿان پهچي ويا. هن پٽ ۾ هٿ وجهي ٽپ ڏنو ۽ مٿي چڙهي آيا ته مٿين ڏاڪڻ وٽ پهچي ويو. گهنڊ وڳو پئي. هي هڪڙي ماڻهوءَ سان وهي ٽڪريو ۽ هن کي

ڏڪو ڏئي اڳتي ويو ته توپ واري جڳهه تي پهچڻ واري ڏاڪڻ لهي ويس. هڪڙي گولي هن جي پاسي کان مٿي وئي. هو مٿي چڙهي ويو. وري ٻي گولي آئي لين آئي پر گسي ويون. هڪڙو لاش هن جي راهه ۾ پيو هو. هن يڪدم انهي تي حملو ڪيو. اوچتو ڪنهن پٺن ۾ ڏک هنيس. هو يڪدم هن کي چنبڙي ويو. ٽنگن کي هٿ لاتائينس ته هڪڙا پيل هئس جنهن مان سمجهي ورتائين ته گورو آهي. آڊوڪو زخمي ٿي پيو. گوري رڙ ڪئي. اها رڙ هن ڏک کان نه بلڪ ڪاوڙ کان ڪئي. آڊوڪي گوري جي هٿن مان ڇڏائي توپ تائين پهچي ويو. گياسي اهو خيال نه ڪيو ته توپ وٽ ڪيترا گورا آهن. هن توپ وٽ پهچڻ ٿي چاهيو. هن کي ڪٻي پاسي کان مختلف آواز ٻڌڻ ۾ آيا. هي ٻه توپ وٽ پهچي ويو ٻه ٽي ٻيا به پهچي ويا. ”ٽمور ڪوليو. پڙون ڏسوا ويل هٿ ڪريو“ هن پنهنجي ساٿين کي آواز ڏنو. ”ڪڏي وٺو- ڦيرا ڏيو نڪري ايندا.“ آڊوڪي چيو. ”توب کي هٽايو.“ توب بالڪل مضبوطي سان فٽ ٿيل هئي. گياسي ٻه هٿ ڦيرائي توپ جو منهن ڪولي ورتو ۽ ڪلهي جي زور سان انهي کي ڦيرائڻ جي ڪوشش ڪيائين، مگر ڦيرائي نه سگهيو. ”جلدي ڪريو- همت ڪريو“ سڀ ڄڻا توپ کي لڳي ويا. هر گهڙي ڪامياب ٿيندا ويا ۽ توپ کي اکيڙيندا رهيا. هڪڙي شيدي خوشيءَ ۾ دانهن ڪئي- گياسي رڙيون ٻه پئي ڪيون ۽ زور ٻه پئي لڳايا مگر سندس زور ڪارآمد ثابت نه پئي ٿيا. ڪڙڪو ٿيو. هڪڙي شيدي

داڻهن ڪري زور ڏنو تہ توب پنهنجي جڳهہ تان کسڪڻ لڳي. ”هاڻ ڪاي وٺي“ گياسي چيو ”منهن جي مدد ڪريو.“ آهستي آهستي توب جي نالي نڪرندي وئي. گياسي جون نڙيءَ واريون نسون ڦونڊجي ويون جو هن تمام گهڻو زور لاتو هو. هاڻ نالي مزي سان ڦرندي وئي. اوچتو توب مان ڌماڪي سان گولو نڪتو جنهن ڪري گياسي کي اهڙو ڌڪ لڳو جو هن جو مٿو ۽ ڪلهو اڌامي ويا ۽ هو ڪري پيو. ٻين هن کي [illegible] ٻالي حوالي ڪري ڇڏيو. سپ ٺي جهاز کي تباهہ ڪر[illegible] ڳي ويا. هاڻ آڊوڪو پنهنجن ماڻهن کي ٻڌائڻ وارو هو تہ گورا سپ انڌا اٿو تہ ابتري ۾ هڪڙي توب جر [illegible] ڌماڪي سان هنن جون دليون ڏڙڪي ويون. آڊوڪو ڪري[illegible] جهاز جي ڪناري ۾ هٿ پنهنجي وس ۾ ڪرڻ ڪان ٻچي ويو. آخرڪار هنن انهي توب کي بلڪل بيڪار ڪري ڇڏيو. هاڻ هنن ٻئي نمبر ڊيڪ ڏي موٽ ڪاڏي.

آڊوڪي کي آواز ٻڌڻ ۾ آيا ”هو.... هو.... هو....هو“ اهي شيدين جا آواز هئا جيڪي ڏاڍا خوش پئي ٿيا ۽ گوڙ مچائي ڇڏيو هئائون. ”ميليو“ ”آڊوڪا! سان هن ٻاهي آهيان.“ ”اوزار ڪٿي آهن؟“ ”اسان وٽ ڪو بہ ڪم جهڙو اوزار ڪونهي. ڪجهہ ڪاٺ جا ڪلا آهن. ٻہ لي ننڍڙا پانا آهن. اسين انهن سان ڊيڪ جو تالو پيچي نٿا سگهون“ ميليو جواب ڏنو.

ٻئي گيٽ کان رڙين جا ڪڙڪا ٿي ويا. ” گورا

جهاز جي اڳيان وچي گڏ ٿيا آهن- هو تمام گهڻا آهن" گوڙ
مان ڪنهن اشانتي ٻولي ۾ چيو. ميايو آواز ڪڍيو "حملو ڪريون ڪوبه سلامت نه ڇڏيون."

آڊوڪو پنهنجي ٽولي سان اڳتي ويو. ماڻهو هن جي هر طرف کان گڏ هئا. هو اڳيان هوا ۾ هٿ ڦيرائيندو پئي ويو ته جي ڪنهن جي بت تي ڪپڙو هٿ لڳي ته سمجهيو ته گورو آهي ۽ اتي جو اتي ختم ڪيو. هي هيڏانهن هوڏانهن گهوليندو پئي ويو اچانڪ هن کي ڪو هڪڙو ٿونشو اهڙو لڳو جو هن جو هڪڙو ڏند پٽجي پيو. هن رت ۽ ڏند ٿوڪاري ڪڍي ڇڏيو. هڪڙي چاقوءَ جي وار هن جي ٻانهن به زخمي ڪري وڌي هئي. هن کي اجا به اهو خوف ٿي رهيو هو ته متان پل ۾ ڪٿي پنهنجا ماڻهو به سندس هٿان نه وڍجي پون. ٿوري دير ماٺ ڪري پوءِ هن ڇا ڪيو جو جنهن جو به جسم هن کي لڳو پئي تنهن کي هلائيندو ويو.

گورا آخر پوئتي هٽندا ويا. شيدي تعداد ۾ هنن کان ته ٻر گهڻا هئا. آڊوڪي خيال ڪيو ته گورا اوچتي گهنڊ وڃڻ سبب بندوبست نه ڪري سگهيا آهن جنهن ڪري هار کائي رهيا آهن. جتي آڊوڪي سمجهو پئي ته گورا موجود هوندا، اتان عورتن جي دانهن ۽ ٻوڪن جا آواز ٻڌڻ ۾ اچي رهيا هئا. پوءِ هنن انهن عورتن کي آزاد ڪرايو. اهو ته ڏاڍو سٺو ٿيو مگر هنن عورتن کي مردن کان ڌار ڪرڻ جي لاءِ ڪجهه به بندوبست نه ڪيو هو عورتن کي اجا منظم نه ڪيو ويو هو ۽ پيو ته هوُ اجا ڪمزور هيون. جي گورن جي

ور چڙهي ويون ته اهي هن کي ڳيا ڳيا ڪري ڇڏيندا.
"ميليو"! آبوڪي هن کي سڏ ڪيو- "ڇا توکي ڪو زخم نه نه رسيو آهي؟"

"نه آبوڪا"

"ته پوءِ هڪڙو ٽولو اهڙو تيار ڪرجيڪو عورتن جي سنڀال ڪري. هن کي اسان سان گڏ هجڻ کپي."

آبوڪي ٻڌو ته ميليو هن ڪرلاهه ماڻهو کي سڏي ۽ گڏ ڀيو ڪري. پوءِ آبوڪو واپس پوئتي هٽيو ۽ ٻئي ديڪ ڏي آيو. تالا ۽ درن جا انجڻس تمام مضبوط هئا. "تالاڪٽي آهن؟" "اسان وٽ لوهه جون ڀاريون آهن." ڳالهائڻ واري کي آبوڪي چيو پوءِ اهي استعمال ڪريو ۽ تالا ڀڃو."
آخر دروازي کي پڇي کولي وڌائون. هڪڙي اعلان ڪيو ته دروازو کلي ويو. پوءِ سڀ ڄڻا اوزار هٿن ۾ ڪري اندر ڪاهي پيا جتان ٻڌل قيدين ... رنپ پئي، پئي.

هارينبي اٿيو ۽ اکيون مهٽڻ لڳو مگر ڪيس ڪجهه به ڏسڻ ۾ نه آيو. "بندوق"! ڪو جواب ڪونه مليو. ڇا مي خواب ڏسي رهيو هو؟ننڊي توبجو ڌماڪو ٿيو. هو يڪدم سمجهي رهيو ۽ پستول هٿ ۾ ڪري نڪو نڪو در ڏي سرڻ لڳو ته ساسهون پٽ سان لڪرائجي ويو. افسوس اکيون به بيڪار ٿي چڪيون آهن. آخر هن در ڳولي ورتو. مردس چڇهري جي هيٺيان بيٺو هو جتان سڏ تي پئي ڪيائين. ڪيس اڇا ڪا خبر ڪانه پئي هئي ته ڇا ٿيو آهي. "مردس آواز ٻڌڻ پيو؟" هارينبي پڇيس. "ڇا آهي- ڇاڄي واويلا

آهي؟" مردس اکين وچڻ ڪان پوء هيڪاري چتو ٿي پيو هو ۽ تمام چيڙاڪ طبيعت ٿي پئي هيس. "شيدين ده-وار پڇي چـڏي آهي. هٿيارن ڌائين ڀهچي ويـا آهـن. مردس! ڪٿي جا پٽ، چاهيون ڪٿي آ ته ڪجهه هٿيار ڪڍي وٺون."
ڪپتان چيس "ڪپتان هارينبي!" هولسٽر چيو "هـن جو ڇا مقصد آهي." هولسٽر انـڌو هو مگر هن پاڻ کي انـڌو نٿي سمجهو. هو ٽيڪومو جي انڌي ٿيڻ تي ڪاوڙيل هو. هـن کان ٽيڪومو جـو آڪڙ ۽ هٺ سٺو نه ٿي ٿيو. هن ڪنهن بـه نموني هن کي ختم ڪرڻ ٿي چاهيو. هن اهـو ڪونه ٿي سمجهو ته ڪو مان آنڌو آهيان.
هارينبي هن جو آواز ٻڌي هن کي ڳولي وجـي! هٺ ڪيو. هن جو هٺ هولسٽر جي قميص کي لڳي ويو جنهن تي هن هولسٽر کي جهلي چيو "هولسٽر! شيدي جهاز ڪٿي وچڻ ٿا چاهين. هو ايئن به ڪري ٿا سگهن." هولسٽر چيو "پوءِ خـدا جي واسطي انهي جـو ڪو بندوبست ڪر."
"اسين ڪوشش ڪريون پيا. مردس هٿيار ختم ڪري رهيو آهي. ڪٿري ۽ پيا هٿيار ڪٿي مٿي وٺا آهن. تون بـه وڃ."
"مان ته جهاز جو مسافر آهيان. مان اوهان جي عملي جـو ماڻهو نـه آهيان. اوهان جو فرض آهي مونکي بچائڻ. هـي ڪم منهنجو ڪونهي." "۽ جڏهن شيدي ڇـرا ڪٿي ڦري اينده پوءِ اهو ڪم تنهنجو ٿـي پوندو. هاڻ منهنجي اکيان ٽري وڃ، نه ته مان هٺ سان ماري ڇڏيندو سانءِ."
هولسٽر کي ڇڙ ڏاڍي لڳي پر ڏناٿين ته هارينبي مارينه

دير نہ ڪندو تنهن ڪري ماٺ ڪري هليو هو.

هارينبي پنهنجي ڪئبن ۾ ويو ۽ ٻہ شلوارون ڪڍي آيو. اڱهاڙو هلڻ هن کي ڏکيو پئي محسوس ٿيو. پوءِ هولسٽر ۽ چند ٻين سان گڏجي هن بندوقون، تلوارون، بارود جون ڳوٿريون ۽ ڪارتوسن جا کوکا گڏ ڪيا. پوءِ ڊيڪ تي مٿي چڙهيا. هڪڙي بندوق هيٺ ڪري پئي ۽ ڪڙڪو ٿيو تہ مرڊس کي چڙ وٺي وئي. جڏهن ڊيڪ وٽ پهتا تہ رنڊبال چيو ”آواز اهڙو ٿيو ٿو ڄڻ ۾ اچي جهڙو ڪوس گهر.“ هارينبي هن جي وات تي هٿ رکندي چيو ”اهڙيون ڳالهيون نہ ڪر ٻچا! اسان وٽ هٿيار آهن، ڪو خيال نہ ڪر.“ هولسٽر وچ ۾ ڳالهائيندي چيو ”ها. پاڻ وٽ هٿيار آهن جن سان اسين ڪنهن تي بہ نشانو ٻڌي نٿا سگهون.“ مرڊس چيو ”جيڪڏهن هٿيار نٿا وٺڻي تہ توهان نہ کڻ. توهان احمق ماڻهو آهيو. مان تہ سمجهان ٿو توهان شارڪ مڇين کي کائڻ ۾ ڏاڍو پسند ايندين.“ ”سامرس!“ هارينبي سڏ ڪيو. ”سامرس، ڪورنش ڪٿي آهيو؟ ڪورنش؟“

”ڪپتان! هيڏانهن هن پاسي، مان آهيان ڪورنش“ هڪڙي پاسي کان ڪورنش آهستي سڏ ڏنو. ”ڪورنش، جهڙو نہ ڪجانءِ. پنهنجي جان بچاءِ، جهڙي ڪان پاسو ڪجانءِ، اسانکي تنهنجي اکين جي سخت ضرورت آهي.“ هارينبي آواز ڏنس.

ڪو ماڻهو ويجهو اچي رهيو هو. هارينبي پيرن جي ڪڙڪي تي پستول جو نشانو ٻڌو، ”ڪير آهين؟ پنهنجي

سچائپ ڪراءِ" هارينبي رعب سان چيو. "ڪپتان صاحب! مان ٿامسن آهيان." هارينبي پستول هيٺ ڪري هن ڏي وڌي ويو ۽ ٻانهن کان جهلي هن کي اندر وٺي آيو ۽ نائب ڪپتان کي حڪم ڏنائين "مرڊس، هن کي هڪڙي بندوق ڏي ۽ هڪڙو خنجر به ڏينس. ٿامسن! وچئين ڊيڪ تي مٿي چڙهي وڃ ننڍي توب کي تيار رک." "مگر ڪپتان صاحب هو اتي پهچي ويا آهن ۽ هنن توبن تي قبضو ڪريو ويٺا آهن." ٿامسن ڪپتان کي ٻڌايو. "تون توب تي پهچي وڃ. ڪورنش، جلدي ڪر، اسان کي توب سان انهن کي ختم ڪرڻو آهي" هارينبي ٿامسن ۽ ڪورنش کي حڪم ڏنو.

چند خلاصي هٿوراڙيون ڏيندا توب ڏي وڌندا ويا جن ۾ ڪي زخمي به ٿيا. هارينبي خلاصين مان ٻن کي هيٺ موڪليو ته وڌيڪ هٿيار ڪڍي اچن. ڪورنش ۽ ٻه ٻيا ڊيڪ تي مٿي پهتا. ڪورنش سڏ ڪري ڪپتان کي ٻڌايو "ڪپتان صاحب! سامرس هتي آهي- هي مئو پيو آهي!" هارينبي کي اڳ ئي شڪ هو، ڇاڪاڻ ته سامرس سڏ جو جواب نٿي ڏنو، شايد مارجي ويو آهي. ڪپتان وري زور سان سڏ ڪري ڪورنش کان پڇيو "باقي پنهنجا گهڻا ماڻهو جيئرا آهن؟" ڪورنش ٿوري دير ماڻهو ڳڻي چيو "اٽڪل ٽيهه پنجٽيهه ماڻهو آهن." "وچئين ڊيڪ تي مٿي گهڻا ڄڻا آهن؟" "اٽڪل ٽيهارو کن آهن." ڪپتان حڪم ڏنو "جيترو جلد ٿي سگهي اوترو ننڍي توب جو فائر ڪريو." ايتري ۾ ٻيا ٻه خلاصي هٿيارن سميت هنن وٽ پهچي ويا.

توب ڪولي وئي- ”ڏڙام“ آواز ٿيو. ڪورنش هاريني کي ٻڌايو ”جناب پنڊر ئهن شيدي مري ويا.“ هاريني حڪم ڪيس ته هاڻ بندوقن سان ماريو. ڪپتان رنڊال ۽ هولسٽر کي به مٿي موڪليو. رنڊال کي هدايت ڪيائين ته خلاصين کي چئو ته وچئين ڊيڪ جي اردگرد فائرنگ ڪن. جيڪڏهن ڪوبه شيدي موجود هوندو تہ ايترين سارين بندوقن جو مقابلو ڪري ڪونہ سگهندو.

غلامن جا ٽولا بين قاتل غلامن جي زنجيرن ٽوڙڻ ۾ لڳا پيا هئا ۽ ڪن ڊيڪ جون پليٽون وغيره پٽي پڪيون. اچانڪ توب جو ڌماڪو ٿيو. آڊوڪي غلامن جون دانهون ٻڌيون. ۽ غلام هيٺ اچي ڪريا.

”آڊوڪا“ ڪنهن هن کي سڏ ڪيو. ”آڊوڪا اسين سڀ مارجي وينداسين. گورا ڏسن ٿا.“ ”نہ هو ڏسي ڪونہ ٿا سگهن. اوهان فائرنگ مان اندازو لڳايو آهي- درحقيقت اها اتفاقي اوهان جي طرف لڳي آهي.“ آڊوڪي کي دل ۾ ڪٽڪو پئي ٿيو تہ متان واقعي بہ هو ڏسندا هجن. هن اها غلطي ڪئي هئي جو توب کي بيڪار ڪري ڇڏيو هئائين. هن جو ڪم هو تہ توب ڇوڙي سيني گورن کي اڏائي ڇڏي ها.

غلامن ڊيڪ ۾ هڪڙي چئين ٽوڙي ڇڏي هئي ۽ هاڻ فتح جا نعرا ٻڌڻ ۾ پئي آيا. ڇهہ غلام ٻيا بہ آزاد ٿي ويا. هڪ دفعو وري توب جو ڌماڪو ٿيو. چند منٽن تائين غلامن

کي گورا هٿ نه آيا. آبوڪي خيال ڪيو ته سڀ گورا ٻيڙيءَ جي مٿان ليٽي پيا آهن. گولين جي بارش وسي رهي هئي ۽ جهاز جا تختا چيرجي ڦاٽندا رهيا. اچانڪ ڪنهن آبوڪي کي ٽنگ ۾ اچي جهليو. اهو آبوڪي جو ننڍڙو پٽ تولو هو. ”تولا!“ آبوڪي آواز ڏيندي چيو. مگر ڇوڪري ڪوبه جواب نه ڏنو ۽ ڀري ستي رهيو. آبوڪي وري هڪڙو سڏ ڪيس. ڇوڪري جواب نه ڏنو. آبوڪي سيني غلامن کي چيو جيترو جلدي ٿي سگهي تولو مونکي هٿ ڪري ڏيو ۽ ڏسو ته هن جو ڇا حال آهي. وري هيو ڌماڪو ٿيو ۽ آبوڪي جي پير ۾ ماڻهن جو ستڪو ٿيو. ڪا سخت ۽ آلي شئي آبوڪي جي منهن ۾ اچي لڳي.

ڪورنش مستيءَ ۾ اچي ويو هو ۽ اندا ڌنڌ توب سان ڌماڪا ڪري غلامن کي ماري رهيو هو. جيستائين توب ۾ هيو گولو وڌو وڃي تيستائين هن بندوقن سان فائرنگ ڪئي ۽ ڪئين غلام ماري ڇڏيائين. غلام پنهنجن اکوائن وٽ جمع ٿيڻ شروع ٿي ويا. ڪورنش هنن کي هڪ هنڌ گڏ ٿيندو ڏسي خوش ٿيو ۽ پوءِ توب جو منهن هنن ڏي ڪري ڌماڪو ڪيائين ته ڪئين غلام مڪين وانگر مري ويا. هن ڏٺو ته ٻه غلام عورتن کي آزاد ڪرائي مردن ڏي وٺيو پيا وڃن. هن هڪڙي کي بندوق جو ڌڪ هنيو ۽ هو غلام عورتن جي وچ ۾ وڃي ڪريو. وري ٻئي کي ڌڪ هنيائين پر ڌڪ گسي ويو. ”فائرنگ بند ڪريو“ ڪورنش خلاصين

ڪي جهليو ۽ چيو "شايد غلام بہ هاڻ هٿيار منهالي رهيا آهن. ها هو هٿيار پيا ورهائين. هاڻ هو بہ فائرنگ ڪرڻ وارا آهن." ڪورنش ڏٺو تہ هو محفوظ ڪونہ هو ۽ ناڪام ٿيڻ جو بہ ڪو خاص انديشو ڪونہ هو. "هنن وٽ چاڪو، سيخون، تارون وغيره هٿن ۾ آهن."

"اسان کي فائرنگ جو حڪم ملي" خلاصين چيو.

"هو وچئين ڊيڪ جي پر ۾ آهن. وچ واري حصي تي فائرنگ ڪريو." وري غلامن ڏي ڏسي ڪورنش خلاصين کي چيو "جيسين مان وڌيڪ حڪم نہ ڏيان تيسين فائرنگ نہ ڪجو."

"ها هو اچن پيا هٿيار تيار رکو. فائر ڪريو." هنن فائرنگ ڪئي پر شيدي هنن کي وڪوڙي ويا. هاڻ ڪورنش کي گورا ڏسڻ ۾ نہ پئي آيا. هاڻ هني ڌماڪي جو موقعو ڪونہ هو. شيدي اڳتي وڌندا آيا. ڊورن ۾ راڙهو راڙهہ پئجي وئي. رت جا گهارا تي ويا. گورن بہ خوب ڌڪ پئي هنيا ۽ شيدين بہ هنن کي ٽڪر ٽڪر ڪري ٿي ڇڏيو. چار گورا مري ويا. هاڻ شيدي گورن کان هٿيار کسي رهيا هئا. هڪڙي گوري کي خنجر لڳو ۽ هو هيٺ وڃي ڪريو. ڪورنش خنجر هٿ ۾ ڪري شيدين ۾ ڪاهي پيو. هڪڙي شيدي جي ڪک ڦاڙي وڌائين. هڪڙي غلام عورت هڪڙي گوري کي ڀاڪر وجهي هيٺ پاڻي ۾ اڇلي ڇڏيو. ڪورنش انهي عورت جي سسي لاهي ڇڏي. گورن کي شيدي پوئتي ڌڪيندا ويا. آخر شيدي وچئين ڊيڪ تي مٿي چڙهڻ ۾ ڪامياب ٿي

وٽ هر طرف لاش پکڙيا پيا هئا جتان لنگهڻ جي به جاءِ ڪانه هئي.

اوچتو هڪڙو خنجر ڪورنش ڪي اکين جي مٿان سڌو لڳي ويو. هن کان رڙ نڪري وئي. هٿيار اڇلي منهن تي هٿ ڪٿي رکيائين. ”نه، نه، نه، نه“ هن دانهون ڪيون. مٿي کي لوڏا ڏنائين. سڄو رت سان وهنجي ويو. هٿ ڦاڙي اکيان آيا ڪري چوڻ لڳو ”چو، چو؟ هيٺر هن مهل! چو؟“ اوچتو هڪڙو هٿ هن جي بغل ۾ پهچي ويو ۽ ڪورنش هيٺ ڪريو هڪڙي ڪهڙيءَ کان پوءِ هن جي کوپري اڏامي وئي.

ٻن ٻار ڪافي مقابلو ڪيو هو. اوبرين ڪي ڏاڍا سڏ ڪيا هئائين پر ڪوبه جواب نه مليو هوس. هن جو نڪ ڦاٽي پيو هو. هڪڙو ڪن به وڍجي ويو هوس. ڇا اوبرين بچي ويو آهي؟ هن اوبرين کي تمام گهڻو ڳوليو هو مگر هو ڪٿي به هن کي هٿ نه آيو. جنهن وقت ڪپتان هارينبي سيني ملازمن کي حڪم ڏنو ته سڀڪو پنهنجو بچاءُ وڃي ڪري تنهن وقت هو هڪڙي ٻيڪ ۾ اندر هٿي ويو. وچ ۾ هن کي ٻه شيدي لڪريا جن کي هن چڙن سان ماري ڇڏيو. ٻن ٻار ٻيـ ٻهن وانگر وچئين ٻيڪ تي هٿيار کڻـي ٻيهي هـا ۽ مقابلو ڪندي مري ها پر هن کي اها پڪ ڪانه هئي ته اوبرين مري ويو يا اڃا جيئرو آهي. ڇاڪاڻ ته هن اوبرين کي مارڻ جو پڪو ارادو ڪري ڇڏيو هو.

ڊن بار تيستائين ٻاڻ کي غلامن جي حوالي ڪرڻ نٿي چاهيو.

جنهن وقت ڪرافورڊ گهنڊ وڃائي رهيو هو ته ڪيترن غلام انهي پاسي ويا هئا ۽ ڊن بار ڪرافورڊ جون دانهون ٻڌيون هيون جنهن مان هن کي پڪ ٿي وئي هئي ته ڪرافورڊ مارجي ويو. باقي اوبرين جي ڪا خبر ڪانه هئي. تنهن ڪري هاڻ ڊن بار اوبرين کي زور زور سان سڏ پئي ڪيا. هن جي دل ٻوليو پئي ته اوبرين اڃا جيئرو آهي. پوءِ ڊن بار پنهنجا ڪپڙا لاهي اڇلائي ڇڏيا ۽ صفا اگهاڙو ٿي ويو. هن سوچيو ته اگهاڙو ٿيڻ سان اندا غلام هن کي هٿ لائي ڏسي اهو سمجهندا ته هي به غلام آهي ۽ اهڙي طرح ڪجهه وقت هو بچي سگهندو. پوءِ هو ريڙهيون پائيندو جهاز ۾ ڦرندو رهيو. هٿيار هٿ ۾ هوس ۽ ڪن پئي ڏنائين ته من ڪٿان اوبرين جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي. اوچتو هن ڪنهن خلاصي ڪني مدد لاءِ پڪاريندي ٻڌو. ساڳي جڳهه تي ان هڪڙي عورت جون به دانهون ٻڌڻ ۾ اچي رهيون هيون. پوءِ خلاصي جو آواز بند ٿي ويو. ڊن بار اڳتي رڙهندو ويو ته هڪڙي سان وڃي ٽڪريو جيڪو پڻ اگهاڙو هو. ڪجهه منجهيل آواز ۾ ڳالهايائين. ڊن بار به پڻ ڪري هن سان ڳالهايو، جنهن تي هن غلام هن تي ڪو حملو نه ڪيو. وري ڊن بار اڳيرو وڌيو. ڊن بار ماڻهن جي ميڙ ۾ وڃي پيو پر محسوس ڪيائين ته هنن ۾ ڪوبه خلاصي ڪونهي. هن اهو به محسوس ڪيو ته خلاصي سڀ گهڻو ڪري مارجي ويا آهن. آخر هن کي عورتن واري ٻيڪ جي در تي

لوبرين ملي ويو. هن اوبرين جو آواز بلڪل چٽو ٻڌو. هو چئي رهيو هو "هڪڙي ٻيڙي هيٺ لاٿي وڃي ۽ پوءِ انهي ۾ چڙهي جهاز ڪان پري نڪري هلون." سندس ساٿي چيو "اوبرين! اهو ڪم هن حالت ۾ تمام ڏکيو آهي. سان نٿو سمجهي سگهان ته ڪو پاڻ ڪان اهو ٿي سگهندو." اوبرين چيو "شيدي پاڻ کي گولي گهرلي ٻيا مارين. بيوقوف جيڪڏهن ايئن نه ڪنداسين ته ڪنهن به صورت ۾ بچي ڪونه سگهنداسين."

ڊن بار يڪدم هن تي حملو ڪيو "هاڻ موت لاءِ تيار ٿي. سوئر جا پٽ هوشيار ٿي." هن زور سان ڪلات وهليو جيڪو اوبرين جو گوشت وڍي هڏ تي وڃي بيٺو ڊن بار ڪات ڇڪي وري ٻه ٽي ڌڪ هڻي ۽ اوبرين اتيئي ڍيري ٿي رهيو. پوءِ ڊن بار هن کي جنون جي حالت ۾ ايئن وڍيندو رهيو جيئن ڪاسائي گوشت وڍيندا آهن جڏهن سندس ٻانهون ٿڪيون تڏهن سا ڪ ڪهائين. جنهن جسم کي هن ٽڪرا ٽڪرا ڪيو هو سو اگهاڙو جسم هو. ڊن بار چيو "اگهاڙو ٿي سونڪان ڪيترو بڇڙو هو. تنهن جو مون سان ٻڌل انڪيل هو. هڪ ڇوڪري سان جيڪو تنهنجي نظرن ۾ هڪڙو معمولي بوبو هو." هن وري مئل جسم جي منهن تي هٿ ڦيرائي ڏٺو ته ڏاڙهي ڪانه هيس. هن کي عبرت وٺي ته ڇا هي اوبرين نه هوا هن وري مٿي تي هٿ ڦيرائي وارن کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪئي. وار بلڪل سنڌا ۽ ڊگها هئا. حقيقت ۾ هن اوبرين جي ڪنهن ساٿي کي ماري

وڌو هو. ٻن ٻار ڪاٺ ڪُلي وري اٿيو ۽ چيائين "اوبرين، رنڊيءَ جا پٽ! تون مونکان بچي نٿو سگهين. هوشيار ٿجانءِ. تو. اوبرين! ڇا تون منهنجو آواز ٻڌين پيو؟" هن سوچيو ته اوبرين ٻيڙين ڏانهن ڀڳو هوندو تنهن ڪري هو به اوڏانهن وڌيو.

اوچتو ٻن ٻار کي ڪلهي ۾ ڌڪ لڳو جنهن مان هن سمجهو ته اهو ئي اوبرين آهي جيڪو هن پاسي بيٺو آهي. اچانڪ ڪنهن هن کي ڀاڪر وجهي جهاز ۾ هيٺ اڇليو. هن سمجهو ته غلام آهن. ٻن ٻار مايوس ٿي ويو ۽ سوچڻ لڳو ته غلامن کي ڪيئن خبر پئي ته هو ڪورو آهي؟ هنن سندس وارن کي به هٿ نه لاتو هو. پوءِ ڪيئن محسوس ڪيائون؟ هيٺ ڪرڻ سان ٻانهن ۾ هڪڙي لوهي سيخ لڳي ويس ۽ هن دانهن ڪئي "نه اچا ترسو!" وري ٻي سيخ چيله ۾ لڳيس. "اوهين نٿا سمجهو! ترسو." ڇهنبدار سيخ هن جي ٻانهن مان ڇڪي وئي. "مان اوهان سان پيار ٿو ڪريان، مونکي نه ماريو. مان اوهان کي بچائڻ ٿو چاهيان. مان اوهان سان محبت ٿو رکان." وري هڪڙي سيخ ڳلي ۾ لڳيس. ٽي سيخ وري ڪُڪ ۾ لڳس وري ڇڪجي وئي وري ڌڪا ٿي وئي. ٻن ٻار هنن کي سمجهائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر هاڻ رتو ڇاڻ ٿي ويو. نوڪدار سيخن جو وسڪارو ٿي ويس. آخر هو ڦٿڪي ڦٿڪي مري ويو.

ليانا ٻيڙيءَ تي مٿي بيٺي هئي ۽ ٻن ٻار جون دانهون

ھڏي رھي ھئي تہ ھو مارجي پيو. ليانا ھن جون دانھون ھڏي خود بہ روني پئي ۽ ٻار ڪڏي پئي رني. ھن کي گوري جي موت جو ڏک پئي ٿيو ۽ ھن جي دل بيچين پئي ٿي. ليانا ٻين وانگر ٽپ انڌي ڪانہ ٿي ھئي. ھن جي ٿوري ٿوري نظر ھئي پئي. انڌيري ۽ سوجھري روشني جا ڪرڻا ڏسي ٿي سگھي. ھن جي کٻي اک صفا بيڪار ٿي وئي ھئي مگر سڄي اک ۾ اڃا ڪجھ نظر ھئي جنھن سان ھو ڏسي ٿي سگھي. ليانا ٻن ٻسار جي موت تي ڇاتي پٽي روئي رھي ھئي. اتري ۾ چند غلام ھن جي ويجھو ويا ۽ ھن کي ڪٺي آيا. ھنن کيس ٻڌايو تہ ھاڻ نہ رو گورن کي اسان ماري ڇڏيو آھي باقي جيڪي ٿورا گھڻا آھن تن کي بہ ختم ڪيو پيو وڃي، توکي ڪجھ ڏسڻ ۾ ايندو ھجي تہ اسان سان گڏ ھل ۽ اسان کي گورا ھلي ڏيکار.

جيڪي ماڻھو ڇا بہ ٻڌ، ھتا تن ۾ ليانا بہ مٿي ھڏي پئي ھئي. ھن دانھن ڪري چيو "ھا، مان ڏسي سگھان ٿي. مونکي کولھو. مان سان پئي. مان اوھان جي مدد ڪري ٿي سگھان." ٻہ غلام پٽ جو سھارو وٺندا ھن وٽ پھچي ويا ۽ ھن جو زنجير وڍڻ لڳا. ھو ھن سان ڳالھائي بہ رھيا ھتا ۽ شڪيا پئي تہ شايد ھن جي نظر ڪانہ ٿي ھوي. ليانا ھڪڙي کي چيو تون ھٿ مٿي ڪري آڱريون کول، مان توکي ٻڌايان ٿي تہ ڪھڙيون آڱريون آھن. پوءِ ھو ڏاڍا خوش ٿيا ۽ چيائون تہ ھن کي جلد کولي اشانٽين وٽ وٺي ھلون. ھيءَ اسان کي اھي ڇڙوڇڙ ٿيل گورا ھلي ڏيکاريندي.

پوءِ ليانا هنن جي مدد ڪندي وئي. هڪڙو هڪڙو گورو هنن کي ڏيکاريندي وئي ۽ هو انهن کي قتل ڪندا ويا. پوءِ ليانا جي نظر انهي ڏاڙهي واري (اوبرين) تي پئي جيڪو هن کي هڪ دفعو ٻيڪ مان ڪڍي آيو هو ۽ هن سان زنا ڪئي هئائين. هو بلڪل اگهاڙو هو ۽ هٿ ۾ ڪهاڙو هوس. هوءَ جهاز جي اڳئين پاسي ڪمان هنن ڏي ريڙهيون پائيندو پئي آيو. اوبرين جي حالت ڊانوان ڊول تي پئي هئي ۽ موت کي جهڙوڪر ڏسي رهيو هو. اوبرين غلامن کي بلڪل ويجهو ڳالهائيندي ٻڌو. هن کي ننڍن ٻارن جا به آواز ٻڌڻ ۾ پئي آيا. اوبرين ڪهاڙو هٿ ۾ جهلي اپو تي بيهي رهيو ۽ زور سان سڏ ڪرڻ لڳو ”هارينبي! هارينبي ڪٿي آهين ڪتي جا پٽ! ڪٿي آ تنهنجو ٻاور؟ ڪٿي آ ٻاور، ڪٿي آهي؟“ اوچتو هڪڙي ٻار جو هن کي پاسو لڳي ويو جنهن کي هن ڏڪ هڻي ماري وڌو ۽ وري سڏ ڪرڻ لڳو ”هارينبي! تو ڪوڙ تي ڳالهايو، تون ڪوڙو هئين. ڪوڙو هئين!“ اوچتو ڪي ننڍا ٻار هن کي چهٽي ويا. اوچتو هڪڙو ٻار ٻولڙي وانگر هن جي پٺن تي چڙهي ويو ۽ سندس هٿ اوبرين جي نرگهٽ ۾ پهچي ويو ۽ گهٽو ڏيڻ لڳو. اوبرين جون ٽنگون ڪيريون تي ويون. هن مٿي لپ ڏنو ۽ اڌ درجن کن ٻارن جي مٿان اچي ڪريو. هن کي لتون به پئي لڳيون ۽ چڪ پڻ لڳا. ڪنهن ٻار تيز اوزار سان هن جون ٽنگون پڻ وڍيون ۽ هڪڙي اکين ۾ آڱريون وجهي اکيون پڻ ڪڍيون. هڪڙي آڱر هن جي

نڪ ۾ گهڙي وئي ۽ هن جي ناس چيري ڇڏي. هڪڙي ٻانهن ۾ چڪ هڻي لڪر پٽي ورتس. ”هاريني!“ هن وري دانهن ڪئي. هاڻ ٻه ڇرا هن جي پيٽ ۽ ڪکن ۾ آيا ۽ ويا هئي. ”ها – ر – ني – بي“ هن مرندي مرندي آخري دانهن ڪئي. آخر هن جو گلو وڍجي ويو.

ٻن غلامن ٻانهون هڪ ٻئي ۾ ملائي ليانا کي ڪرسي تي ويهڻ وانگر ڪري کنيو ۽ اڳتي وڌندا ويا. ليانا پنهنجون ٻانهون هنن جي ڪلهن تي رکيون. آڏوڪو ۽ ٻيا ڪيئن هن کي گول ڦري ويا. هوءَ هنن کي گورا ڏسيندي وئي جيڪي ڪنڊن ڪوڇن ۾ لڪا پيا هئا ۽ پوءِ شيدي هنن کي ختم ڪندا ويا. آڏوڪي هڪڙي گوري کي جهٽ گرفتار ڪيو باقي ٻيا سڀ ماري ڇڏيائون.

آڏوڪي هڪڙي اهڙي غلام سان ڳالهايو جيڪو اشانتي ٻولي به ڄاڻندو هو ۽ گوريءَ جي ٻولي به ڄاڻندو هو. ”ڇوڪري کي چئو ته اچا ۽ جيڪو هن کي ڳاڙهن وارن وارو ماڻهو ڏسڻ ۾ ايندو هجي ته هلي ڏيکار.“ غلام ڇوڪري سان ڳالهائي وري آڏوڪي کي چيو ”هتي اهڙو ماڻهو ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي پر هوءَ چئي ٿي ته جتي به ڏسڻ ۾ آيو ته هوءَ اسان کي ٻڌائيندي.“

پوءِ هو ڇوڪريءَ کي ٻيڙي ۾ هيٺ وٺي ويا ۽ هن ڀڏايو ته هتي فقط اهي لاشا آهن جيڪي ڇتن ۾ ٻڏي ٻڏي مري چڪا هئا. پر پوءِ به گورا ڏسڻ ۾ آيس جيڪي لاشن جي ٻليان لڪي رهيا هئا. شيدي رڙهندا انهن ڏي ويا.

گورن کي پڪ ٿي وئي تہ هاڻ سير ويو، تن رڙيون ڪرڻ شروع ڪيون پر پوءِ جلد ئي سندن دانهون هميشہ لاءِ بند ٿي ويون. هڪڙو خلاصي بورچيخاني ۾ لڪل هو. جنهن هڪڙي غلام کي ماري وڌو ۽ ٻئي کي ڦٽي وڌو هو پر آخر اهو بہ ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو. اتان وڏي جهاز جي منهن ويا جتي مردن مئو پيو هو. ليانا هنن کي ٻڌايو تہ گهاڙهن وارن وارو هتي مئو پيو آهي ۽ پيسٽ ڦاٽو پيو اٿس. غلام آبدوڪي کي اطلاع ڏنو. آبدوڪو اکتي وڌي آيو ”ڪٿي آهي؟“ ليانا هن کي هٿ کان جهلي هن جي مٿان وجهي بيهاريو. پوءِ آبدوڪي دانهن ڪري ڪات هن جي ڇاتي ۾ هڻي سوراخ ڪري وڌو. آبدوڪي هن جي پانڊي ۾ هٿ وجهي هن جي دل ٻاهر ڪڍي ورتي ۽ چيائين ”بيسوا! اڄ مان توسان ڪيل واعدو پورو پيو ڪريان.“

هارينبي آفيسرن واري ميس ۾ پستول هٿ ۾ ڪريو ويٺو هو. هن جي جسم تي ڪوبہ ڌڪ جو نشان ڪونہ هو. هن گوميز کي فرينچ ٻولي ۾ ڪجهہ چوندي ٻڌو. وري هڪڙي ٻئي آفيسر ويبسٽر جو آواز ٻڌڻ ۾ آيس. هتي غلام نہ پهتا هئا. هارينبي عبادت ڪرڻ واري ڪوٺي ۾ گهڙي ويو ۽ چوڻ لڳو ”اسان کي ڪا خبر نہ هئي تہ غلام ڪيئن ڪلي ويا. هنن جو ڪلو ڏاڍو مشڪل هو. مان سمجهان ٿو هو ڏسي نہ سگهن.“
گوميز ڪئبن مان دانهن ڪئي ”ڪپتان! هيڏانهن اچ.

ڪپتان.“ ڪپتان ڪئبن جي در تي پهتو ته گوميز هن کي اندر ڏکي اندران در بند ڪري ڇڏيو.

”ڪپتان صاحب! هو هاڻ ڏي وڃڻدا پيا اچن. خدا جي واسطي مونکي اڪيلو ڇڏي نه وڃ. ڪپتان مون سان گڏ رهه.“ ڪپتان پستول هٿ ۾ ڪري وري ٻاهر نڪري ويو ته هن سائلاس جو آواز ٻڌو جيڪا ڪجهه چئي رهي هئي. ڪپتان هن کي ڌمڪي ڏني ”بڪواس بند ڪر ڪتي.“ اوچتو در کي ٻاهران زور سان گوليون لڳڻ شروع ٿيون. ڪپتان جون مٺيون منجهي ويون. گوميز روئڻ شروع ڪيو. سائلاس چاقو کولي هٿ ۾ ڪيو. گوليون لڳڻ ڪري دروازو هيٺ ڪري پيو. ڪپتان زور سان اڪيون ڦاڙيون پر ڪجهه به ڏسي نه سگهيو. ليانا بندوق سان فائر پئي ڪيا مگر ڪيص بندوق هلائڻ جي ڪا حبر ڪانه هئي جنهن ڪري هن جا ڌڪ گسندا ويا.

چار خلاصي رسين وسيلي سڙهن تي مٿي چڙهيا ويٺا هئا. ليانا اشانتين کي اطلاع ڪيو ته ”مونکان ڌڪ نٿو لڳي.“ غلام آڊوڪي کي سچي حقيقت ڪري ٻڌائي جنهن چيو ته هن جي پٺي ٺپڪي منهنجي ياران مبارڪ ڏي ۽ ٻڌائينس ته تو اسان جي ڪافي مدد ڪئي آهي هاڻي توتي ڪا معيار ڪانهي. جيڪي مٿي ويٺا آهن سي پاڻهي اچ ۽ بڪ وکهي مري ويندا ۽ جي هيٺ لهندا ته اسين انهن کي ماري ڇڏينداسين.

ائين برابر هو ته هو نيٺ مري ويندا پر ليانا هنن کي پنهنجي هٿن سان مارڻ ٿي چاهيو.

پوءِ هنن اول جهاز مان گورن ۽ ڪارن جا لاشا ميڙي سمونڊ ۾ اڇلي ڇڏيا. ترندڙ لاشن تي سوين شارڪ مڇيون اچي مڙيون ۽ لاشا ڏيندي ڏيندي لاشا کڻنديون ڪائينديون ويون. هنن کي جهاز مان سڪل گوشت، شراب جون بوتلون ۽ کوڪا بس لڌا جيڪي هنن هڪڙي هنڌ گڏ ڪري رکيا. هڪڙو غلام تولي ڪي ڪلهي تي کڻي آبوڪي وٽ آيو ۽ چيائين "آبوڪا! اجهو تنهنجو تولو." آبوڪي يڪدم هٿ اکتي وڌايا ۽ هن جي نراڙ تي هٿ رکيو ته نراڙ ٻکهڙ سان پسيو پيو هو. "تولا! تون ته نيڪ آهين؟ ڪو زخم ته نه رسيو اٿئي؟" "ها. ڪک ۾ ڌڪ لڳو اٿم. مگر نيڪ ٿي ويندو." آبوڪي هن جي پاسراتين تي هٿ ڦيرائي ڏٺو ته، هن جي ڪک، ڦاٽي پئي هئي جنهن مان آندا ٻاهر نڪري آيا هئا. "ها پٽ! جلد نيڪ ٿي ويندين." جيتوڻيڪ آبوڪي ڪي پڪ هئي ته بچندو ڪونه. پوءِ آبوڪي حڪم ڪيو ته کو صاف ڪپڙو کڻي اچو. هُن همت هاري ڇڏي.

"ٻابا!"

"جي بابا."

"مون هڪڙي گوري کي تنهنجي پاران ماري ڇڏيو."

"ها پٽ، تون بهادر آهين، دلير آهين."

"بابا، تو مونکي اڳي چيو هو نه، ته تون مڙس آهين؟"

"ها پٽ، تون واقعي جوان آهين."

"بابا، مان مري ويندس. ڇا، مان بچي ويندس؟"

"اڄ تون جوان ٿي وئين. منهنجي دل خوش ٿي آهي.
۽ تون نه مرندين. مان توکي پاڻ سان گڏ وطن وٺي پيو هلان."

"واعدو!"

"ها، واعدو."

"بابا وطن پهچڻ ۾ دير لڳندي؟"

"تمام جلد. سپاٽي ڪونه ٿيندو. اڄ ئي پهچي وينداسين."

"بابا مونکي پنهنجي گهر پهچڻ جي ڏاڍي اڪير آهي."

"ها، پٽ مونکي به تانگهه آهي. مونکي اها به خوشي ٿيندي جو تون ۽ مان گڏجي وطن پهچنداسين."

هڪڙو شهدي ڪپڙو کڻي آيو. آيوڪي پٺي ئاهي هن کسي پاسن ۾ وجهي ڇڏي "پٽ! توکي تڪليف ٿيندي هوندي، تون مور ڪان دانهون ڪرين نه پلي دانهون ڪر. انهي ۾ شرم جي ڪا ڳالهه ڪانهي." ڇوڪرو تورو تورو چنگهيو پر دانهن ڪانه ڪيائين. "هاڻ مان توکي هڪڙي بستري تي هلي سهاريان ٿو. اهو انگريزن مان ڪنهن جو آهي- اتي تون سمهي آرام ڪر." پوءِ هن کي کڻي نهايت آرام سان هڪڙي بستري تي ليٽائي ڇڏيائين. "پٽ! تون هتي آرام ڪر، جيسين مان ڪنهن عورت کي سڏي ٿو اچان جيڪا تنهنجي سنڀال ۽ خدمت ڪندي. مان به جنهن مهل موقعو ملندو ته توسان ملڻ پيو ايندس. ٺيڪ آ ؟"

"بابا ٿورو ترس. بابا، مونکي پڪ ڪانهي ته ڪو مون گوري کي ماري ڇڏيو آهي. مون هن تي چاڪوءَ جا تمام گهڻا وار ڪيا هئا ۽ پوءِ مونکي به ڌڪ لڳي ويو.

تنهن ڪري مان اها پڪ نٿو ڏئي سگهان ته ڪو مون ۾ ڪي صفا ماري ڇڏيو آهي. ”ڇا پوءِ به مان جوان آهيان؟“

”بابا، تو جهڙا جوان ٿيا مشڪل هوندا. تون بلڪل مرد آهين.“

”بابا، ڇا تون منهن جي همت، ۽ مردانگي تي فخر ڪري ٿو سگهين؟“ آبوڪي وڌيڪ ڳالهائي نه سگهيو ۽ ڇوڪري کي اتي ڇڏي هليو ويو. آبوڪي کي پٽ جو ڏاڍو ڏک هو. هن محسوس ڪيو ته اگر تولو وڏو ٿئي ها ته ڏاڍو دلير ۽ بهادر جوان ٿئي ها پر اڄ منهنجي هٿن مان موڪلايو پيو وڃي. گورا به الائي سڀ مئا آهن الائي اڃا ڪي جيئرا آهن- ڪا خبر نٿي پوي. آبوڪي سج جي گرمي نه هجڻ ۽ ٿڌڪار مان محسوس ڪيو ته رات پنجي وئي آهي- جيتوڻيڪ هاڻ هن لاءِ رات ۽ ڏينهن ۾ ڪو فرق ڪونه هو- تاهم هن جو خيال هو ته رات جو سمهي آرام ڪجي- ڇو جو هو ڏاڍو ٿڪل هو مگر هن کي اڃا گهڻو ڪجهه ڪرڻو هو. بهرحال هو مٿي چڙهي ويو ۽ هڪ هنڌ ليٽي پيو ۽ اکيون پوري ڇڏيائين.

جهاز جي سڪان وٽ آبوڪو، بونانٽ، ٽبڪومو ۽ گرفتار ٿيل گورو موجود هئا- ليانا اڃا به هنن خلاصين کي مارڻ لاءِ بندوق سان فائر ڪري رهي هئي. ٽن خلاصين مان هڪڙو رات جو ننڊ جي جهوٽي اچڻ سبب هيٺ ڪري پيو هو، باقي ٻن ڄڻن ٻانهن کي رسن سان ٻڌي ڇڏيو هو جنهن ڪري هو ننڊ ۾ هيٺ نه ڪريا هئا.

آبوڪي اهڪومو کي چيو هن گوري کي ٻڌاءِ تہ اسين هن کي تيستائين جيئدان ڏينداسين جيستائين هن جي حياتي هوندي مگر شرط اهي سان تہ جيئن اسين حڪم ڪريون تيئن ڪندو رهي. ٽيڪومو ڪافي دير ماٺ ڪري وري چيو "مان هن جو غلام آهيان. هي گورو آهي ۽ منهنجو آقا آهي."

"غلام ڪوبہ ڪونهي. ٽيڪومو، اسين بہ تو وانگر غلام تي چڪا هئاسين پر هاڻ مالڪن کي ختم ڪري ڇڏيوسين، هاڻي ٻئي سڀ آزاد آهيون. ڪوبہ ڪنهن جو آقا ڪونهي."

"مگر مون جهيڙو نہ ڪيو آهي. مان لڪي ويو هوس. مان هنن کان ڊنس پئي."

"هڪا وڏي ڳالهہ ڪانهي. اگر تون نہ وڙهيو آهين تہ بہ پرواهہ نہ ڪر. هن کان پڇ، هاڻ ايئن سمجهہ تہ هي تنهنجو غلام آهي."

"پر گورا وري بہ ايندا."

"بلڪل نہ. مان توسان واعدو ٿو ڪريان تہ هاڻ پيهر ڪوبہ تنهنجو آقا نہ بڻبو." آخر ٽيڪومو هن کان پڇيو. هولسٽر نهايت مغروري سان جواب ڏنو تہ جيئن اوهين چوندا تيئن ڪندس. ٽيڪومو آبوڪي کي ٻڌايو تہ هي چئي ٿو تہ مان اوهان جو حڪم مڃيندس. زمين هتان کان فقط ٻن ٽن ڏينهن جي پنڌ تي آهي مان اوهان کي ڪناري تي وٺي هلي ۽ مدد ڪري ٿو سگهان. آبوڪي چيو تہ

اهو ڪنارو نہ بلڪ هن کي چئو تہ اسان کي پنهنجي سرزمين تائين واپس وٺي هل. ليڪومو هن کان پڇي وري آبوڪي کي ٻڌايو تہ هي چوي ٿو تہ آفريڪا جو ڪنارو تمام پري آهي- واپس هلڻ ۾ ايترا ئي ڏينهن لڳي ويندا جيترا هتي پهچڻ ۾ لڳا آهن- اسان وٽ ايترو کاڌو خوراڪ بہ ڪونهي. ماڻهو بہ تمام گهٽا کپن جيڪي جهاز کي هلائين. جنهن وقت کاڌو کٽو تہ ماڻهو ڪم ڪري ڪونہ سگهندا ۽ نتيجو اهو نڪرندو جو جهاز غرق ٿي ويندو ۽ اسين سڀ ٻڏي مري وينداسين.

آبوڪي چيس تہ هن کي ٻڌاءِ تہ کاڌو جيترا ڏينهن هلمو اوترا ڏينهن کائينداسين- پوءِ سمونڊمان مڇي ماري کائينداسين-' اسان گند ڪچرو کائي هيترا ڏينهن ڪڍيا آهن- مڇي تہ ان کان بهتر آهي. تون فقط ايترو ڪر جو ٻڌاءِ تہ جهاز ڪيئن هلندو، پوءِ اسين وڏيڪ بندوبست پاڻ ڪنداسين. ليڪومو هن کان پڇي وري آبوڪي کي ٻڌايو تہ هي چئي ٿو جهاز اوهان کان هلي ڪونہ سگهندو- جيڪي ماڻهو جهاز هلائيندا آهن سي ڪيئن سالن کان پوءِ ڪم سکندا آهن- ڪيئن جهاز اڻ ڄاڻائي سبب ٻڏي ويندا آهن- تنهن ڪري پڪ ڄاڻجو تہ اسين ٻڏي مري وينداسين. آبوڪي چيو ائين نٿو ٿي سگهي، پر جي هنن جي سرزمين ٽي لهنداسين تہ پوءِ واقعي سڀ مري وينداسين- هن کي چئو تہ اسان جي مدد ڪري، پوءِ آبوڪي پنهنجي ماڻهن کي چيو ”دوستو! منهنجا اشانٽي ڀائرو! ٻڌو، اوسائي آبوڪي کي ٻڌو، خشڪي هتان

ٽن ڏينهن جي پنڌ تي آهي مگر اها زمين گورن جي زمين آهي. جڏهن پاڻ انهي زمين تي قدم رکيو ته سڀ سارجي وينداسين يا پيهر غلام ٿي وينداسين. مان اوسائي آبوڪو هرگز ڪنهن جو غلام نه ٿيندس. پر جي واپس وطن هلنداسين، ته پوءِ ٿي سگهي ٿو ته پاڻ سڀ رستي ۾ مري وڃون يا خوش قسمتي سان پنهنجي وطن پهچي وڃون. اوهان جي دل ۾ جيڪو خيال هجي سو مونکي کولي ٻڌايو.» "وطن-وطن." سڀني دانهون ڪيون ۽ ايڏو گوڙ ٿي ويو جو هن کي ڪجهه به سمجهه ۾ نه پيو اچي. پانت جي ٻولين ۾ وطن جو مطالبو ٿي رهيو هو. آبوڪي ٽيڪوموکي ٻڌايو ته مونکي ڪنهن جي واڻان ڪناري جو آواز ٻڌڻ ۾ ڪونه ٿو اچي. ٽيڪومو، تون ڇا ٿو چوين.

"مان به ايئن ٿي چوندس جيئن سڀ چئا تا چون."

آبوڪي ٽيڪومو کي زور سان چماٽ هڻي ڪڍي. "سڀ چئا نه، ٽيڪومو، صفا ڳالهه ڪر. تون غلام نه آهين. ٻڌاءِ تنهنجي ڪهڙي مرضي آهي؟" "گهر .... ها مان به وطن پهچڻ ٿو چاهيان، اوسائي آبوڪا مان به وطن ٿو چاهيان." "ته پوءِ هن اچي مرونءَ کي ٻڌاءِ ته اسين سڀ وطن وڃڻ ٿا چاهيون. اسان جي رهبري ڪر."

پوءِ ٿوري دير آبوڪي هولسٽر جي دليلن تي سوچي حقيقت معلوم ڪئي. هولسٽر سڪان وٽ زنجير ۾ ٻڌو پيو هو. آبوڪي کي ايتري خبر هئي ته جتان سج ابري ٿو

انهي طرف ڪيو ڪلهو ڪري ڏکڻ طرف منهن ڪيو ته اهو طرف آفريڪا جو آهي. سڙهن وغيره لاءِ پنهنجن ماڻهن کي حڪم ڪيائين ته سڌا ڪن ۽ هوا ۾ ڇولين جو خيال ڪن. ڪن غلامن ڪم ڪرڻ کان انڪار ڪيو مگر انهن کي ڪاٺ سزا وغيره نه ڏني وڃي چاڪاڻ ته راضي خوشي سان ڪم ڪرڻ وارا به تمام گهڻا هئا. خاص ڪري ننين ڇوڪرن ۾ شوق تمام گهڻو هو ۽ خوشي سان هرڪم ڪرڻ لاءِ تيار هئا. ليانا جي هڪڙي اک جي ٽنڊلي نظر سڄي جهاز لاءِ ڪم اچي ٿي سگهي ۽ جهاز کي واپس موڙي هلڻ شروع ڪيائون. ٿي گورا هڪ هنڌ لڪا ويٺا هئا سي به هنن کي ليپي ويا جن کي ماري خوشي ملهاياٿون.

هڪڙي هنڌ ليانا هنن کي هدايو ته ڪو جهاز پلسيءِ کان وهي پيو. آڊوڪي حڪم ڏنو ته سڀ سڙهن تان هيٺ لهي اچو. هي ڪو بچاءَ جو اصول ڪونه هو ۽ هيٺ لهڻ ضروري ڪونه هو. ليانا آڊوڪي کي هدايو ته جهاز تمام پري آهي ۽ اسان ڏي اچڻ جو ڪو ارادو ڪونهيس. جهاز جي مٿان تمام گهڻا ماڻهو جمع ٿي ويا هئا تنهن ڪري اٿي هلڻ ڦرڻ لاءِ به جڳهه ڪانه هئي سيئي هڪ ٻئي سان پئي لڳا. جيڪي غلام هيتري مدت کان پوءِ آزاد ٿيا هئا ۽ تازي هوا کائڻ لاءِ مٿي نڪري آيا هئا تن مان ڪو به واپس ڏبڪڻ ۾ وڃڻ لاءِ تيار ڪونه هو.

جيئن ته هنن تمام گهڻي بک برداشت ڪئي هئي تنهن ڪري آڊوڪي حڪم ڪيو ته جنهن کي جيتري گهرج

هجي اوترو ڪانئي. جيڪڏهن ڪاڏو ختم ٿـي وڃي ٿـو اهي شيدي جهڪي ساموئڊي ڪنارن تي يا درياءَ جي ڪنڌين جا رهاڪو هجن فقط اهـي مڇيون ڦاسائين. آڊوڪي کـي خبر هئي تـه موجوده ڪـاڏو ستن ڏينهن کـان متي ڪونه هلندو. شيدين هن کي ٻڌايو تـه مڇي ڦاسائڻ ڏکي ڳـالهه ڪانهي تمام گهڻي انداز ۾ ڦاسائي سگهجي ٿي. ٽي ڏينهن سخت جاکوڙ کان پوءِ هنن آخـر سڙهه چاڙهي ڇڏيا. ليانا ٻڌايو تـه هاڻ سڀ سڙهه سنوان ٿي ويا آهن تـه آڊوڪي پنهنجن جوانن کي شاباس ڏني.

آڊوڪو مٿان کان هيٺ لهي آيـو ۽ تولي کي ڏسڻ لاءِ ويو. تولي کي بخار هو ۽ آڊوڪي ڏٺو تـه هڪ ٻن ڏينهن کان متي ڪونـه جيئندو. پوءِ آڊوڪي هن کي پيرائتي ڳالهه ڪري ٻڌائي تـه هنن ڪيئن سڙهه متي چاڙهيا آهن. تولو هن ڳالهه ۾ دلچسپي وٺڻ لڳو. آڊوڪي تولي سان ڳالهه ٻولهه ڪئي تـه ٻونات ڪئبن ۾ آيو ۽ چيائين ”ليانا ٻڌائي ٿي تـه ڪو جهاز پنهنجي جهاز ڏي پيو اچـي.“ آڊوڪو يڪدم متي چڙهي ويو ”ليانا، ڇا خبر آهي؟“

”پنهنجي جهاز کـان ڪافي ننڍو جهاز آهي جنهن ۾ ٻـه سڙهه آهن. ساڳيو انهي جهاز جهڙو آهي جيڪو اڳ۾ ويجهو آيو هو.“ ٽيڪومو ليانا جا گفتا ترجمو ڪري ٻڌايا.

آڊوڪي ٽيڪومو سـان صلاح ڪئي جنهن چيس تـه پاڻي جا جهاز مختلف رنگن جي جهنڊن تـي هڪ ٻئي سان ڳالهائيندا آهن. مگر اسان جي طرفان هنن کي ڪو جواب

ڪونه مليو هوندو جنهن ڪري ويجها اچي رهيا آهن. هُو اهو به ڏسندا هوندا ته پنهنجو جهاز عام جهازن وانگر هلي نه رهيو هوندو تنهن ڪري به هنن کي شڪ پيو هوندو.

”هُو ڪيترو پري آهن؟“ آبوڪي پڇيو.

چوڪري چيو ته هو پري نه آهن پر ايترا ويجها به ڪينهن. ليڪومو چيو ”هنن وٽ دوربينون هونديون جنهن سان پاڻ کي ڏسي سگهندا هوندا.“ آبوڪي کي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي ”دوربيني ڇا؟“ ”شيشي جون به نليون اهڙي طرح ٺهيل آهن جو هو پاڻ کي چٽي طرح ڏسي سگهن ٿا ته پاڻ ۾ ڪوبه گورو ڪونهي. تنهن ڪري پاڻ کي جهلي حڪومت جي حوالي ڪندا ۽ هنن کي وڏو انعام ملندو.“

”ڇا اهي غلام خريد ڪندڙ واپاري ته ڪينهن؟“ ”جيڪڏهن ايئن نه هوندو ته به هو اسانکي جهلي وري به غلام بنائيندا. جي واپاري نه هوندا ته هيترن سارن گورن کي خون ڪرڻ جي عيوض پاڻ کي ماري ڇڏيندا.“ اچانڪ ٻر جو ڌماڪو ٿيو ۽ جيڪي ڊيڪن جي ڇتن ڏسي بيٺل هئا سي سڀ مٿ تي ويا. ليانا پڌايو تـه جهاز ٿان ٻر اچلايو ويو آهي جيڪو پنهنجي جهاز جي منهن واري پاسي کان پري پاڻي ۾ وڃي ڪريو آهي. ليڪومو چيو ”اهو هنن اسان کي اعلان ڏنو آهي ۽ هاڻ پاڻ تي گولا وسائيندا.“

”هلي آ. سان پنهنجي مائهن کي حقيقت پڌائيندس ۽ پوءِ هنن کي مقابلي لاءِ تيار ڪندس.“ ”آبوڪا! پاڻ هنن سان پهچي ڪونه سگهنداسين!“ ”مگر اسين پيهر غلام

۾ نه ڏينداسين.“ ”ها. اسين غلام نه ٿينداسين“ ٽيڪومو چيو. ”مان اوهان کي ٻڌائيندس ته اسين هنن کي ڪيئن ختم ڪنداسين.“ آبوڪي چيو.

هڪ ٻئي پٺيان ٻه ڌماڪا ٿيا جنهن جي نتيجي ۾ جهاز جو اڳيون حصو هيٺ هليو ويو. آبوڪي زور سان دانهون ڪرڻ لڳو. وري ڪجهه خاموشي ٿي ته ڪاٺ جي ڀڄڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو ۽ مالهن جون دانهون ٿيون. وري هڪڙو ڌماڪو ٿيو. ٽيڪومو چيو ”هو جڏهن ويجها ايندا پوءِ بندوقن سان فائرنگ ڪندا ۽ جڏهن اسان مان گهڻا جيترا مري ويندا پوءِ هو جهاز تي مٿي چڙهي ايندا ۽ باقي جيڪي بچيا هوندا تن کي گرفتار ڪري غلام بنائي ويندا.“ آبوڪو اها ڳالهه ٻڌي هولسٽر وٽ آيو جيڪو ڪئبن جي ڪنڊ وٽ ٻڌو ويٺو هو. اول ته آبوڪي خيال ڪيو ته هن کي ٻه چار هٿ ماري ڇڏيان. ڇاڪاڻ ته هاڻ ڇا ڪرڻ گهرجي سو هي هرگز نه ٻڌائيندو. بهرحال، ليڪن سو، آبوڪو ۽ چند ٻيا لهاڻا ڪي ساڻ وٺي هٿيارن واري اسٽور ۾ لنگهي ويا. جتان ڪافي بندوقون ۽ پستول ڪڍي آيا. پوءِ هڪ دفعو آبوڪو ڪئبن ۾ ويو، پٺ کي پاڪر پائي اهڙو پهار ڪيائين جيترو هن کان ٿي سگهيو. پوءِ وري ٻاهر نڪتو.

”ٽولا! اڄ ته پاڻ وطن هلون.“

”ڇا پاڻ اوڏانهن نه پيا هلون ڇا؟“

”ها هلون پيا. مگر اڄ ته هلون.“

”هلو.“

آڊوڪي ٽولي کي ڪلهي ڏاڪڻ تان چڙهي مٿي آيو ۽ حملي ٽيڻ واري پاسي کان ٻئي پاسي جهاز جي ڪنڌيءَ تي پهتو. آڊوڪي جو پير ترڪي ويو، ٽولي جي جسم کي لوڏو آيو ۽ هن کان رڙ نڪري وئي.

”ٽولا! پاڻ وطن پهچي ويا آهيون. فقط ڪجهڙي سيڪنڊ ۾ پهچي وينداسين.“ پوءِ هن ٽولي کي ڪناري تي چاڙهي ويهاريو ۽ پاڻ به چڙهيو. ”بابا! تون به مون سان گڏ هلندين نه؟“ ”ها پٽ مان به هلندس!“ پوءِ ٽولي کي ياڪر پائي ڳلي سان لڳائي هن پاڻ کي سمونڊ حوالي ڪري ڇڏيو.

”هو اسان وٽ پهچي چڪا آهن. اسان کي جهلڻ جي ڪوشش پيا ڪن. ماريو، ڌڪ هڻون. هو اسان کي قتل پيا ڪن!“ ٽيڪومو پستول ڪڍي ٻنهي جنهن پستول جو فائر ڪيو ۽ بارود کي دامن لڳي وئي. ڪارا ڪڪر آسمان ۾ ڇانئجي ويا.

آڊوڪو سمونڊ جي تري ۾ لهندو ويو. هن کي سڪون ملندو ويو. هن محسوس ڪيو ته سندس پير زمين سان وڃي لڳا آهن. هن کي خوشي محسوس ٿي. هو گهر پهچي رهيو هو. ٽولو هن سان ساڻ هو. هن جو ٻڪر ٻيءَ جي ڳلي ۾ هو. هن کي اطمينان محسوس ٿيو. اهي پهچي ويا جتي زنجيرن جو ڇڻڪاٽ ڪونه هو. ڪوڪ ۽ شور ڪونه هو. ڪو گهر ڪونه هو.

ٽورو اڪيرو جيوبيليشن ڪندو رهيو. ڇيڙي تي جنهن ۾ ٻه ڪارا جسم ڳول ڳوٽ ڪندا اڳتي هلندا ويا ۽ سمونڊ جي ظلمات ۾ غائب ٿي ويا. —

نيوفيلڊس جا تازا ڇپيل ڪتاب

يورپ جا ڏينهن، يورپ جون راتيون
(سفرنامو)
مصنف: الطاف شيخ

پڳوانن جي پوڻ
(نيپال جو سفرنامو)
مصنف: بدر ابڙو

گهاٽ مٿان گهنگهور گهٽا ۾
مصنف: شيخ اياز

خواب، خوشبو، ڇوڪري
(ناول)
ليکڪا: ماهتاب محبوب

ڪيئي ڪتاب
(جلد پهريون ۽ جلد ٻيو)
مصنف: رئيس ڪريم بخش خان نظاماڻي

رڻي آهي گهوٽ سان
مصنف: الطاف شيخ

ڪٿي نہ ٻيجبو ٿڪ مسافر
(آتم ڪهاڻي)
مصنف: شيخ اياز

پياسي ڌرتي رمندا بادل
(ناول)
مصنف: سراج

منهنجي سڀ کان پياري ڌيءُ
مصنف: ذوالفقار علي ڀٽو

پيار ڪهاڻي (ناول)
مصنف: نجم عباسي

اونداهي ڌرتي روشن هٿ
(ناول)
مصنف: سراج

آسيہ (ناول)
مصنف: هينري رائڊر هئگرڊ

بهترين سفرناما
مرتب ڪندڙ: الطاف شيخ

غلامن جو ٻيڙو (ناول)
مصنف: ايرڪ ڪارڊر

نيگرو عشق ۽ بغاوت (ناول)
مصنف: ڪرسٽو فرنڪول

آپٽي گهوٽ تہ نشا ٿيوٿي
(سفرنامو)
مصنف: لوڪرام ڏوڏيجا

ميهڙ کان ماسڪو (سفرنامو)

مصنف: ڊاڪٽر محبوب شيخ

اڻڄاتل شهر جو نقشو

(ڪهاڻيون)

مصنف: شبنم گل

چند ڳليون

(شاعري)

مصنف: شيخ اياز

سهسين ٿيا سارنگ

(سفرنامو)

مصنف: عنايت بلوچ

ڪراچيءَ کان ڪوپن هيگن
جت برف پئي ٿي جام
ملير کان مالمو

(سفرناما)

مصنف: الطاف شيخ

قيدي (ناول)

مصنف: فخرالزمان

اوڙاهه (ناول)

مصنف: غلام نبي مغل

سنڌيڪار: دوست محمد ٻگهي — غلامن جو ٻيڙو (ناول) — ٽيو فيلڊرس (27)

هي ڪتاب ايرڪ ڪاربر جي انگريزي ناول "SLAVE SHIP" جو سنڌي ترجمو آهي، جنهن ۾ 1843ع ڌاري ڏکڻ ڪئرولينا کان نڪتل غلامن جي ٻيڙي جي ويليشن ۾ وار ڪاندارنڊڙ جهيڙا ۽ مقابلا. غلامن سان ٿيندڙ لڱ ڪاندارنڊڙ واقعا ۽ حادثا، ۽ ٽن انسانن جو خاتمو جنهن ۾ غيور اشانٽي قوم جي جوڙي آڊوڪي جو انت. عياش هارينبي جو انجام ۽ دنيا جو مشهور مضمون نويس ۽ صحافي جيڪو غلامن جو واپار بند ڪرائڻ لاءِ زندگيءَ کي داءُ تي لائي ٿو ڇڏي سو به غلام خريد ٿو ڪري. معصوميت جو خون ٿيندو ڏسي پاڻ به ٽي خون ٿو ڪري. ناول جي شڪل ۾ بيان ڪيل آهن جيڪي هيٺين هينئين وارو پڙهي نه سگهندو ۽ ڏاڍي دل وارو هڪ دفعو ڪتاب هٿ ۾ کڻندو ته شايد بند نه ڪندو جيستائين سڄو ڪتاب پڙهي پورو نه ڪري. هن ناول ۾ طاقت ۽ پاور، ظلم ۽ رحم، عشق ۽ معصوميت، عيش ۽ نشاط، محبت ۽ نفرت، مبادي ۽ منتها جا ڪئين نفسياتي موڙ پڙهندڙ محسوس ڪندو ۽ چند منٽ ويهي ويچار ڪندو.

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڇوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اُهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجِيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجِيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي تي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران کَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ بنهي ۾ فَرقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪجي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)